لوڪ ادب سلسلي جو يارهون ڪتاب

سنڌي سينگار شاعري

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لوڪ ادب سلسلي جو يارهون ڪتاب

سنڌي سينگار شاعري

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2017ع

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

چاپو پهريون | سال 1986ع | تعداد 2000

چاپو ٻيو | آڪٽوبر 2017ع | تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

هي ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سؤ سالہ جشنِ ولادت جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

قيمت: ٽي سؤ رپيا
(Price: Rs. 300_00)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN_978_969_406_135_1

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022_2633679, Fax: 022_9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هي ڪتاب فلائنگ ٽريڊرز ۽ پرنٽرز حيدرآباد مان الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سال 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ آڏو سنڌي لوڪ ادب جي سهيڙڻ ۽ ترتيب ڏئي، منظرعام تي آڻڻ جي هڪ جامع رٿا پيش ڪئي ۽ لوڪ ادب جي نثر ۽ نظم جي صنفن ڪي چاليهن جلدن ۾ سهيڙڻ جو منصوبو جوڙيو. بورڊ اِها رٿا سال 1956ع ۾ منظور ڪئي ۽ سال 1957ع کان ڊاڪٽر صاحب تعلقي وار ڪارڪنن جي مقرري عمل ۾ آڻي، پنهنجي ڪارآمد راءِ ۽ گرانقدر رهبريءَ هيٺ نهايت ئي عرق ريزيءَ سان ”لوڪ ادب“ تي باقاعده ۽ باضابطا ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

جنهن ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاڻ بہ سموري سنڌ جا سير ۽ سفر ڪيا ۽ لوڪ ادب جو سمورو ذخيرو جيڪو سنڌ جو صدري خزانو آهي، تنهن جي ڳولا ڦولا ڪري، انهن ڪي سهيڙي ۽ هر هڪ صنف جو تعارف ۽ تعريف، هيئت ۽ سٽاءُ، پيش منظر ۽ پس منظر لکي، ان صنف جي فني ۽ ارتقائي اهميت ڪي اجاگر ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اهڙي مطالعي، مشاهدي ۽ ڄاڻ ڪي پارکن خوب ساراهيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ شاعريءَ جي جن صنفن کي سهيڙي، ترتيب ڏئي منظرعام تي آندو، تن مان ”سنڌي سينگار شاعري“ پڻ هڪ اهم صنف آهي، جيڪا سنڌ ۾ قديم عرصي کان مروج هئي. ڊاڪٽر صاحب تحقيق

دوران هٿ آيل مواد کي سهيڙي، پاڻ پنهنجي تحقيق ۽ مطالعي جي آڌار تي سنڌ جي هِن قديم صنف جي تعريف، هيئت، سٽاءُ ۽ ارتقائي پس منظر تي روشني وڌي آهي.

هيءُ ڪتاب ”سنڌي سينگار شاعري“ لوڪ ادب سلسلي جو يارهون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 1986ع ۾ شايع ڪيو ويو هو، جنهن جو ٻيو ڇاپو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سؤ سالہ جشنِ ولادت جي موقعي تي شايانِ شان طريقي سان شايع ڪيو پيو وڃي. لوڪ ادب سلسلي جو هيءُ ڪتاب آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪندي فخر پيو محسوس ڪريان. جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمن قبلہ مخدوم جميل الزمان صاحب جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

توقع آهي تہ، اسان جي هيءَ ڪاوش ادبي حلقن سان گڏوگڏ مانائتن سگهڙن وٽ مانُ ماڻيندي.

26- محرم الحرام 1439ھ
17- آڪٽوبر 2017ع

اللهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

عنوانن جي فهرست

انتساب 13

مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 15

ديباچو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 19

باب پهريون

هندي "سينگار رس" شاعري وارو پس منظر 25-51

’رس‘ جي حقيقت 27

سينگار رس.. 30

سينگار شاعريءَ جا عنوان.. 32

سورهن سينگار.. 34

سينگار رس شاعريءَ جو سنڌ تائين پهچڻ.. 38

سورهن ۽ ٻارهن سينگار.. 44

باب ٻيو

سنڌي سينگار شاعري 52-88

سنڌي سينگار شاعري جون خصوصيتون.. 56

لغت جي وسعت ۽ بيان جي ڳوڙهائي.. 56

1. ڏهسنامو.. 57

2. ڳوريءَ جا سورهن – ٻارهن سينگار.. 65

3. سنڌي سونهن ڀري پنهنجي فطري ماحول ۾.. 69

4. تشبيهات ۽ وسعت.. 75

5. محبوب جي جامع حسن بابت جلال جو هڪ عجيب خيال 78

6. محبوب جي لاثاني حسن جو تخيل 80
7. تصوف جو اثر ۽ حقيقي محبوب جو تخيل 86

باب ٽيون

جلال ڪتي: سنڌي سينگار شاعري جو سرواڻ 89-123
سوانح 89
اديب، سالڪ ۽ سگهڙن جو سرتاج شاعر 94
جلال جي شاعري جا موضوع 95
قافيون 95
بيت 95
عبدالله خان جي جنگ جا بيت 97
قصن جا بيت 97
سچڻ جي سڪ ۽ محبت 98
هنر جا بيت 99
نصيحت، هدايت ۽ دانائي جا بيت 100
نادان ۽ ڪلال جي سنگت مان نقصان 100
خرد مندن دانائن سان صحبت جي ترغيب 101
حق واري سچي واٽ وٺڻ ۽ حق سڃاڻڻ 103
حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم سان محبت ۽ سندن ساراهه 104
ڏور 106
جلال سنڌي سينگار شاعري جو سرواڻ 107
عام سنڌي شاعري وارو رنگ 109
هندي سينگار شاعري جي اثر هيٺ چيل شروعاتي بيت 111
سهڻي محبوب جي ٻين سونهن پرين سان ڀيٽ 112
ٻيا سپ سندس سلامي 114
ٻيا محبوب جو چا مت ٿيندا 116

جانب وڏ جلال چنڊي 118

تڪيا تليور تن نہ 120

باب چوٿون

جلال جي وقت جا ٻيا شاعر 135-124

خالو ڪتي 124

خدر (خضر) ڪتي 126

ڏاتو ڪتي 127

ملان (خوشحال) ڪتي 128

صدرالدين چارڻ 132

سليمان چارڻ 132

گلاب چارڻ 135

دينڻ 135

باب پنجون

جلال کان پوءِ وارو دور 160-136

ڪبير شاهہ 137

وڏو 139

لونگ 141

صابر موچي 143

يوسف 146

شير خان 149

هوندن 150

مراد فقير زنگيجو 150

مڱڻهار 151

ڪنيار 151

انڙ 154

کيچي.. 155

نوناري.. 156

پنجو.. 156

کوري.. 157

حليم.. 157

وسند.. 157

ملان.. 158

جمال.. 158

باب ڇهون

ٽالپور اميرن وارو دور 161-230

(الف) دادو- لاڙڪاڻي طرف جا شاعر 162

عالم خان لنڊ.. 163

چاڪر خان رستماڻي.. 165

غلام محمد ڪٽي.. 166

ڀيڙو چانڊيو.. 166

مانجهي ڏڪڻ.. 167

نواز.. 168

نور محمد.. 168

شاهہ محمد ديدڙ.. 169

فقير عبدالرحمان چانڊيو.. 171

صيفل ساڪاڻي.. 171

عارف شاهہ.. 172

سيد باقي شاهہ.. 173

حاجي عبدالقادر صديقي.. 173

مريد خان چانڊيو.. 174

موهن فقير 175
پنجڻ 176
شاعر غير معلوم 176
ب) اترءِ ناري طرف جا شاعر 178
ڏتو 180
سهايو (ڪلهوڙو) موچي 181
اگڻ فقير 181
وسائو 182
رمضان 182
ج) درياء جي اوپر طرف خيرپور کان هيٺ لاڙ تائين سگهڙ 183
محمد 184
محبوب شر 186
حمل خان لغاري 187
ٻڍو بالادي 190
حاجي طاهر گراٽو 191
دريا خان 191
الياس 192
مهدي 193
نصير 194
د) لس ٻيلي جا شاعر 195
شيخ حمر 196
شيخ ابراهيم 197
ولي محمد رونجهو 200
مگيو براديو 201
نمر مگٺهار 201

مينهن فقير مڱڻهار..................	203
شيخ سائينداد..................	204
(هه) ساڪري - ملير جا سگهڙ	206
ڄام مراد علي جوکيو..................	208
چڱو جت..................	209
راڄن شاه..................	210
غلام الله جوکيو..................	212
قيصر خان پنڊ..................	213
ملار لاشاري..................	214
الهداد ڪرمتي..................	215
بلوچ..................	216
موسو منڌير لاشاري..................	217
(و) ڪوهستان - ڪاڇي جا شاعر	219
قادر بخش..................	219
دوس محمد راڏو..................	220
مينهن وسايو مڱڻهار..................	227

باب ستون

موجوده دور: 1955ع - 1986ع	270-231
لاڙ جا سگهڙ ۽ سندن بيت..................	233
سگهڙ پيڙو فقير ڪنيار..................	233
سگهڙ محمد صادق ٿهيم..................	235
پير جان محمد..................	236
پنهون لغاري..................	237
امام بخش سنجراڻي..................	238
محمد شريف ڏاهري..................	239

محمد هاشم ڪنيار..	238
خيرپور ۾ اتر طرف جا شاعر	240
علي شير جاگيراڻي..	240
هدايت علي فقير رڌ..	241
عبدالرحمان مهيسر..	243
گل بهار سومرو..	245
وريام شيخ "فقير"..	247
محمد بخش ڪلهوڙو..	249
ملنگ محمد صفر..	249
ارباب علي ناريجو..	250
غلام محمد ہرڙو..	250
بهار ہرڙو..	250
حاجي منٺار علي شيخ..	251
لاڙڪاڻي طرف جا شاعر	252
سگهڙ حاجي الهہ بخش مگڻ..	253
سگهڙ محمد مريد جت..	253
موتڻ جوٽيجو..	254
فقير محمد ملوڪ عباسي..	254
محمد لقمان کوکر..	257
واڌل..	258
قائم الدين سهتو..	259
غلام حسين جهتيال..	260
ڪريم بخش بروهي..	261
فقير مدد علي گوپانگ..	261
عبدالعزيز چانديو..	262

شفيع محمد چنو................................ 262
ممتاز علي عباسي................................ 263
محمد خان جهتيال................................ 263
حاجي اقبال احمد جوڻيجو................................ 264
واحد بخش جوڻيجو................................ 264
حاجي نظام الدين عالماڻي................................ 265
حاجي محمد رحيم چانڊيو................................ 265
عبدالله جت................................ 266
طالب ماڇي................................ 266
رحيم بخش ڍهوٽ................................ 266
روشن علي کوري................................ 267
الله ڏنو دايو................................ 268
غلام سرور شيخ................................ 268
محمود خان شر................................ 268
محمد سومر سومرو................................ 269
عبدالعليم سومرو................................ 269
حافظ علي ’گل‘ ٻرڙو................................ 270
روشن علي کنيار................................ 270
ضميمو 1: اضافي مواد ۽ واڌارا................................ 271
ضميمو 2: سگهڙ راوين جا نالا................................ 279
ضميمو 3: ماڻهن، قومن ۽ ذاتين جي نالن جي پٽي................................ 287

انتساب

پياري سڄڻ
مرحوم محمد اسماعيل نون جي نالي

جيڪو راقم سان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ کي ووڙڻ ۽ سگهڙن کي ڳولڻ، ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۽ کانئن سينگار ۽ سگهڙپائي جي ذخيري کي سهيڙڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

مرحوم تر جي اسلام ڪوٽ واري علائقي ۾ پنهنجي راڄ ڀاڳ ۾ وڏي اثر رسوخ وارو هو. ڪيس سنڌ جي ريت رسم، رهاڻ ۽ ڪچهري جو وڏو قدر هو ۽ انهيءَ جذبي ئي ڪيس منهنجي جنون ڏانهن متوجه ڪيو. شڪارپور جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو جو ساڻس ڏيٺ ٿي. پوءِ نئين ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو. ويهن سالن کان جي نوڪري واري انهيءَ عرصي ۾ مرحوم مون کي اهو محسوس ٿيڻ نه ڏنو ته ڪو هو آفيسر آهي. يا ڪو هو فارغ ناهي جو مون سان گڏ هلي: هڪ طرف سسئي جي واٽ کي ووڙڻ لاءِ گڏاپ کان پبوٽي ۽ اتان لاهوت ۽ شاهه بلاول تائين. ته ٻئي طرف هاڙهي ۽ هنگلاج تائين مون سان پيڙو رهيو. بس چوڻ جي دير هئي ته فلاڻي پاسي فلاڻو سگهڙ سڃهي ٿو ۽ هلڻو آهي: مرحوم بنا دير جي سڀ انتظام ڪري ٻيا سڀ ڪم ڇڏي مون سان گڏجي هلي اتي پهچندو هو. دادو جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو جو ڪيس چيم ته گاجي شاهه (تعلقو جوهي) جو ميلو آهي جتي 'ڪاڇي' جا ڪي نه ڪي سياڻا سگهڙ ايندا. اتي ڪا ڪچهري رکون. چيائين ته واهه جا صلاح آهي: بس انتظام ٿيا. طنبو لڳي ويا ۽ ميلي واري رات وڏي ڪچهري ٿي جيڪا ڪاڇي ۾ پوءِ يادگار رهي. هڪ ڀيري محراب پور جمالي (تعلقو اوستا محمد. بلوچستان) ۾ وڃي پهتاسون جتي مير شاهنواز خان شاهلياڻي وڏي ڪچهري جو انتظام ڪيو. اتي مون چيو ته: هتان موٽندي سڌو واپس هلڻ بدران شهدادڪوٽ هلون. اتان قنبر ۽ پوءِ اتان وڳڻ ۾ هلون ۽ اهڙي طرح ڪچهريون ڪندا هلي دادو پهچون.

مرحوم چيو تہ: سهڻي صلاح آهي ۽ واهہ جي ڪچهريون ٿينديون! پوءِ اهوئي پاسو ورتوسون، وڏيون پچائون ڪيونسون. سگهڙن سان ملياسون ۽ گهڻيون ڪي ڳالهيون هٿ ڪيونسون. تاريخ 29ـ ڊسمبر 1959ع هئي ۽ دادو پهچڻ وارا هئاسون، جو اسان جي انهن ارادن ۽ رٿائن، سعين سنبتن، ڪشالن، ڪوشش ۽ ڪامياب ڪچهرين کان متاثر ٿي مون جيپ هلندي هيئيان بيت وندر ورونهہ خاطر چيا. سندس محبت ۽ سنگت جا يادگار اهي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

سامي سفر هليا، توڪل توهہ ڪٽي
وندر ۽ ورونهہ جي تن ڪا جا ڳالهہ ڳٽي
کهہ ڪٿوريان اڳري تن پٽن جي پٽي
پني پنج ڪٽي، گنج وڏائون گودڙيين[1]

—

’نونن‘ ڏٺيو نينهن کي، ’ميم‘ رکي منجهہ من[2]
مصلحت ڪا موٽڻ جي ڪانہ ڪيائون ڪن[3]
تسيا ڏيئي تن، من مرادون ماٽيون.
ڳُني پرين ڳڏ ٿيا، الفت اورپائون
سڪ صحبت ساءُ سندا سڳا سورپائون
ورن جي وقوف جا تسو توريائون
چوندي چورپائون، گوهر گفتا گن جا.
(29ـ12ـ1959ع)

---

[1] ڪچهرين ۾ ڪو بيت ڪٿان تہ ڪا ڳالهہ ڪٿان هٿ ڪري زخيرو گڏ ڪيوسون.

[2] نونن = ٻن نونن، يعني نون محمد اسماعيل ۽ نون نبي بخش. ميم = محبت.

[3] ارادو ڪنداهئاسون تہ اهو اڄ تہ هوندو هو. ڏکيون واٽون ڏوري، آڌي مانجهي وچي منزل تي پهچندا هئاسون.

مهاڳ

سنڌ جي ”لوڪ ادب“ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سنہ 1955ع ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي سامهون رکي ويئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ”سنڌي لغت آفيس“ سان گڏ ”لوڪ ادب“ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيئي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

ٻهريان ٻہ سال 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلو کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻہ ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

ٻهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻولي جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي ”لوڪ ادب“ جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون ٻڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهہ اکريون، قافيون وغيره. مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهي

ڪري انهن کي پڻ "لوڪ ادب" جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهي لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل "لوڪ ادب" کي "فوڪ لور" (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها عام ملڪي تمدن جو يا "معياري ادب" جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي، ۽ سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جيڪو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻولي جي "لوڪ ادب" ۽ "معياري ادب" جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

بيو ته هن تجويز ذريعي "لوڪ ادب" جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي ڪشالي ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ٿوري وقت اندر ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

"لوڪ ادب" تجويز جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سنه 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد مواد ڳولي هٿ ڪرڻ، سهيڙيل مواد کي صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، ۽ خاص طور انهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

هي ڪتاب "لوڪ ادب" سلسلي جو يارهون ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مواد جا بيت راقم کي پهريون ڀيرو سنه 1946ع ۾ لس ٻيلي جي سگهڙن کان مليا ۽ ان بعد 1950ع کان ونئي وڏيڪ مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو ويندي هن ڪتاب جي ڇپائي تائين هلندو آيو آهي.

هيءَ ڪتاب هن کان گهڻو اڳ تيار ٿي ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب جي تجويز جي تڪميل ۾ وقت بوقت ڪي نہ ڪي رنڊڪون پئي پيون آهن، جن جو ذڪر هن کان اڳ ڇپيل مهاڳن ۾ اچي چڪو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۽ خاص طرح محترم عبدالحميد آخوند (سنڌ حڪومت جي ثقافتي شعبي جي ڊائريڪٽر) جي همت ۽ ڪوشش سان بورڊ جي ڪم ۾ جيڪا تيزي ۽ توانائي آئي آهي تنهن سان هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ پڻ سيگهہ ٿي آهي. هن وقت تائين لوڪ ادب تجويز هيٺ رٿيل ڪتابن مان اٺتيهہ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي اوڻيتاليهون ڪتاب آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي تہ باقي رهيل ڪتاب پورا ڪري ڪم از ڪم چاليهن جلدن جي تحقيقي ڪارنامي کي توڙ تائين پهچايو ويندو.

هن ڪتاب جو مواد وڏا پنڌ ڪري، واهڻ وسيون ووڙي، سگهڙن کي ڳولي ساڻن ڪچهريون ڪري وڏي ڪرب ۽ ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو آهي. سڀ کان اول انهن سڄاڻ سگهڙن کي جس ۽ آفرين آهي جن سنڌي سينگار شاعري جا سهڻا پر سمجهڻ ۾ ڏکيا بيت ڪانئن وڏن سگهڙن کان سکي ياد ڪيا ۽ انهن کي سيني بہ سيني ساندي سنڌي شعر ۽ ادب جو هي خزانو محفوظ ڪيو. راقم کي جن سڄاڻن کان هي مواد مليو تن جا نالا پويان ضميمي ۾ سندن يادگار طور ڏنا ويا آهن.

پڙهيل طبقي، لوڪ ادب جي قيمتي ذخيري ڏانهن عموما گهٽ توجهہ ڪيو. سينگار شاعري جي صنف کي سمجهڻ ۽ سهيڙڻ ۾ پهريون فقط محترم عبدالڪريم سنديلو (هاڻي 'ڊاڪٽر') هو جنهن ان سانگي وقت ۾ پاڻ پتوڙيو جڏهن راقم ان ڪشالي ۾ رڌل هو. سنہ 1955ع ۾، راقم جو تحقيقي مضمون رسالي مهراڻ ۾ ڇپيو ۽ 1956ع ۾ سڄڻ سنديلي جو ڪتاب "سنڌ جو سينگار" شايع ٿيو. جيئن تہ جستجو جي لحاظ سان فقط ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ئي هن وات کان واقف آهي انهيءَ ڪري منهنجي سڏ تي ڇپيل ڪتاب کان سواءِ باقي جيڪو ڪجهہ مواد وٽس هو سو ڏياري موڪليائين. هن ڪتاب ۾، ڊاڪٽر سنديلي جي موڪليل مواد توڙي ڪتاب "سنڌ جو سينگار" واري لکيت ۾ آيل مواد (= س) کي پيش ڪيو ويو آهي.

'سنڌي سينگار شاعري' جا اهي شاعر جيڪي اڳ ٿي گذريا تن بابت

جيڪو ٿورو گهڻو ڏس مليو تنهن جي آڌار تي هر انهيءَ ڳوٺ ۾ واهڻ تائين اسان پاڻ پنهنجي سر پهچي وڃي پڇا ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح گهڻن شاعرن جي ڪنهن حد تائين سڃاڻپ ٿي. باوجود انهيءَ جي، سواءِ زباني خبرن جي ٻيو ڪو حيلو نہ هلي سگهيو. هن ڪتاب لکندي بہ جتان ڪي وڌيڪ اعتبار جهڙيون خبرون مليون انهن تي پروسو ڪيو ويو. پڇا جو اهو سلسلو جاري آهي ۽ هلندو رهندو. صفحي 143 تي شاعر يوسف ڪتي جو ذڪر آهي جنهن بابت گمان هو تہ هو شڪارپور جو هو. تازو راقم کي پنهنجي ٽيهہ سال کن اڳ جي لکيل يادداشتن مان پتو پيو تہ: يوسف ڪتي ڳوٺ جهونگل تعلقي ٺل جو ويٺل هو ۽ وڏيري ايوب خان ٻرڙي جو ساٿياري هو جيڪو پاڻ وڏو سگهڙ هو.

هن ڪتاب جي مواد کي سهيڙڻ ۾ ڪيترن ئي مهربان دوستن پنهنجي هڙان وڙان راقم جي مدد ڪئي ۽ ڪچهرين جا منڊل مچايا. ڪيترن ئي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي سيني بہ سيني سانديل روايتن جو ذخيرو مهيا ڪيو. سندن نالا ڪتاب جي پويان ضميمي ۾ يادگار طور قلمبند ڪيا ويا آهن تہ جيئن سندن مدد جو حق ادا ٿي سگهي. جن سڄڻن گهڻي ۾ گهڻي مدد ڪئي تن مان مرحوم محمد اسماعيل خان نون جو نالو اڳاهون آهي. سندس محبت ۽ مدد شامل حال نہ رهي ها تہ سينگار شاعري جو هيترو سارو قيمتي مواد گڏ ٿي نہ سگهي ها. سندس احسانن جي مدنظر هيءَ ڪتاب سندس نالي منسوب ڪيو ويو آهي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد اسماعيل شيخ ۽ محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجا ڪيو جو پريس ڪاپي تيار ٿي سگهي. محترم محمد اسماعيل شيخ پريس تائين مواد پهچائڻ ۾ ڪم سنڀالڻ جو بار کنيو. سنڌي ادبي بورڊ پريس جي مئنيجر محترم الله بچائي يوسف زئي هن ڪتاب جي ڇپائي جي پوري نگراني ڪئي. ڪتاب جي رڻا ۽ آخري سڻاء توڙي ترتيب ۽ تصنيف لاءِ بندہ راقم خود ذميوار آهي.

خادم العلم
نبي بخش

اسلام آباد
8 - جولاءِ 1986ع

لمر لِلانسان ما تمنّيٰ، فللّٰه آلاخرة والاوليٰ

ديباچو

اندر ڪتاب جا پهريان ٻـ باب، هـن ڪتاب جي موضوع جو ڄـڻ تفصيلي مقدمو آهـن. انهيءَ ڪري ٻئي هـڪ 'مقدمي' لکڻ بدران هـيءَ مختصر 'ديباچو' قلمبند ڪيو ويو آهي تـہ جيئن ڪي ضروري وضاحتون ڪري سگهجن. هن ڪتاب جو خاص موضوع 'سنڌي سينگار شاعري' آهي جنهن کي سمجهڻ خاطر باب پهرئين هيٺ 'هندي سنگار رس' شاعري واري پس منظر کي بيان ڪيو ويـو آهي. ان بعد بـاب ٻئي هيٺ، ڪافي تفصيل سان اها وضاحت ڪئي وئي آهي تـہ ڪيئن 'هـندي سينگار رس' واري پـس منظـر، تـوڙي سـنڌي شـاعري ۾ 'مجـازي حسـن ۽ سـينگار' جـي تعريـف واري مقامي روايت جي اثر هيٺ، 'سنڌي سينگار شـاعري' هـڪ مستقل فـن طـور اسري ۽ وڏي سڄاڻ سگهڙ ۽ سالڪ جلال رنگريز (جـلال ڪتي) جـي اڳـواڻي هيٺ اها اوج کي پهتي.

مجازي حسن جي موضوع بابت سنڌ جي پنهنجي شعري روايت جـو مختصر ذڪر باب ٻئي هيٺ [1] تعارف طور آنـدو ويـو آهـي، پـر اهـو پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو وسيع موضوع آهي جنهن تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهي سگهجي ٿي. هڪ تـہ هن موضوع وارا گهڻا بيت عام قصـن جي 'سونهن پرين' (ليليٰ، بديعل، هوتل، مارئي، مومل وغيره) بابت چيل آهن. جن مان اهي جيڪي لکيت ۾ اچي چڪا آهن تن جو سلسلو ٻـ ٻارهين صدي هجري کـان شروع ٿئي ٿو جڏهن ميين شاه عنات رضوي، مومـل تـوڙي مـارئي جـي سـونهن سينگار ۽ سهڻي لباس کي پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو. شـاه عنـات 1133هـ ۾ وفات ڪئي. ان بعد شاه عبداللطيف (وفات 1165هـ) حضرت نبـي صـلي الله عليه وآله وسلم جي حقيقي صفت بيان ڪئي. ٻئي طرف هـن مومـل جـي

مجازي سونهن جو ذڪر آندو. سنہ 1166ھ ۾ ڪڇ جي شاعر فاضل شاھہ ليليٰ مجنون جو قصو جوڙيو جنھن ۾ 'ليليٰ' جي حسن کي ھن طرح واکاڻيائين تہ ※:

چئي: آه مصر شام ۾، ھھڙي ليليٰ لال ڪنوار
سونہ سمانگر سندري، عاقل عقلدار
ھرڻ اکيون، ھنج ھلڻي، ڪٺ ڪوول جي ڪار
نڪ نيزي ـــ ڦر جھڙو پِروءَ پنياڻي وار
جاءِ ڦلن جھڙا ڏنس ڏند ڏاتار
پاٻوھيندي پڌرا، ڪر ڪڙيا ڪنٺھار
ڪنگوءَ ورن ڪرائيون، بازو بند بھار
ميناڪاري منڊيون آڱرين اپار

——

پڪي ورن پدمڻي، سانولي سرنگ
سربَ ڪنان سونھڻي، اپر مڙوئي انگ

——

ڪبوتر جئن ڪسئي، سيني سنھاري
چيلھہ چِيٺائين سونھڻي، ڍرئي ڪر ڍاري

——

نٿ، نموري، منڙو حمال ھرائي
ماڻڪ موتي تن ۾ جوھر جڙائي
ڳھڻا سيئي ڳچيءَ ۾ پوٻون تي پائي
ماٿو پسي منڌ کي، سائين ساراھي

——

ڪنين سونھنس سون جا پونرا بھاري
لڏي لال ڦلن سين ڪر ڏاڙھونءَ تاري

※ لوڪ ادب سلسلي جو چوٿيھون ڪتاب "مشھور سنڌي قصا: ٻاھريان قصا ۽ عشقيہ داستان". سنڌي ادبي بورڊ. 1964ع. ص ص 401 - 402.

لکيت ۾ آيل اهڙي مواد کان سواءِ، سگهڙن جي زباني روايتن ذريعي جيڪي بيت هلندا آيا آهن ۽ انهن مان ٿورا جيڪي باقي بچيا آهن تن جي مطالعي مان 'حسن ۽ سينگار' جي موضوع تي اجان بہ وڏيڪ روشني پوي ٿي. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي شاعري جي روايت ۾، محبوب جي سونهن کي خصوصا ميناج، سرهاڻ، سهڻي رنگ ۽ ڪنٽراڻ واريـن نـزاڪتن جي حوالي سان، ۽ پڻ 'الٹ پيد' واري عجيب صنعت سان (جن ۾ مٿين نزاڪتن جي ابتڙ ضدن مان سهڻي سبتڙ معنيٰ نڪري) آندو ويو آهي جنهن جو بيان وڏيڪ تفصيل طلب آهي. 'الٹ پيد' صنعت سان تعريف جو هڪ مثال تہ:

ڌر هورائي سچٽا، جر تانگهي جا سير
ڪوڙا جهڙا ڪيوڙي، آنڪا جئن عنبير
سچڻ ميرا سج کان، کارا جهڙا کير
هنيون ڪري اڪير، منهنجا انهين اجاهين سچٽا*.

[يعني سهٽا سجڻ ڌرتي وانگر هلڪا آهن، تانگهي جر جا اونها سير آهن، ميناج ۾ ڪيوڙي کان وڏيڪ ڪوڙا، ۽ سرهاڻ ۾ عنبر کان وڏيڪ انڪا آهن، سجڻ سج کان وڏيڪ ميرا، ۽ کير کان وڏيڪ کارا آهن. اجاهين = اهجاٹين.]

'سينگار شاعري' جي عام موضوع تي ۽ سگهڙن سنڌي توڙي سرائڪي ۾ سهٽا بيت چيا آهن، ۽ اسان پڻ ڪن ٿورن شاعرن جي بيان هيٺ سندن ڪي سرائڪي بيت آندا آهن. پر هن ڪتاب ۾ شامل مواد گهڻو ڪري 'سنڌي سينگار شاعري' بابت آهي. 'حسن ۽ سينگار' جي موضوع تي چيل سرائڪي بيتن جو مطالعو هڪ خاص موضوع آهي جنهن تي جدا طور تفصيلي بحث ٿي سگهي ٿو.

مجموعي طور سان، هيءُ ڪتاب محض 'تاليف' ناهي پر هڪ خاص 'تصنيف' آهي جنهن ۾ نہ فقط 'سنڌي سينگار شاعري' جي موضوع ۽ فن تي تحقيقي بحث ٿيل آهي پر هن خاص الخاص شاعري جي گذريل اڍائي سؤ سالن جي دور— وار تاريخ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

* سگهڙ بگٽي شر جي زباني قلمبند ڪيل.

آهي. آخري باب ستون تاريخي لحاظ سان خاص اهميت رکي ٿو جوان ۾ ’سنڌي سينگار شاعري‘ جي ذوق کي نئين سر جيارڻ جو ذڪر آهي. ٽالپور اميرن جي دور تائين ’سنڌي سينگار شاعري‘ اوج تي رهي، پر انگريزن جي سنڌ تي غاصبانه قبضي واري دور ۾ سنڌ جي پنهنجي تاريخي ۽ تخليقي ذوق شوق جا سرچشما خشڪ ٿيڻ لڳا. انهيءَ ڪري جيئن پوءِ تيئن ’سنڌي سينگار شاعري‘ جي روايت سگهڙن جي ڪچهرين ۾ رسمي طور به باقي نه رهي، ايتري قدر جو 1945ع – 1955ع وارن سالن ۾ جڏهن راقم کي ڪي ’سينگار جا بيت‘ دستياب ٿيا تڏهن اڪثر سگهڙن کي نه ته سينگار شاعري جي موضوع جي صحيح ڄاڻ هئي ته نه وري انهن بيتن جي معنيٰ ۽ ماهيت جي کين پوري پروڙ هئي. البت ايترو انهن کي معلوم هو ته اڳئين وقت ۾ ڪي وڏا سگهڙ هئا جن کي سڄي خبر هئي. اسان ڪوشش ڪري سينگار شاعري جي موضوع کي پهريائين پاڻ سمجهيو ۽ پوءِ ڪن سڄاڻ سگهڙن کي سمجهايو ۽ پڻ کين همٿايو ته هو سينگار شاعري جي ڪچهري ڪن ۽ سينگار جا بيت چون. انهي سعيي ۽ ڪوشش سان سگهڙن جو ذوق شوق نئين سر جاڳيو ۽ کين آفرين هجي جو هن مشڪل موضوع تي هنن چڱا چڱا بيت چوڻ شروع ڪيا. هن وقت ’سينگار جا بيت‘ سگهڙن جي ڪچهرين جو هڪ خاص موضوع آهن ۽ ڪيترن ئي نوجوان سگهڙن پڻ سينگار جا بيت چوڻ شروع ڪيا آهن جن مان ڪن جو ذڪر ’باب ستين‘ هيٺ ڪيو ويو آهي. موجوده دور ۾ سينگار جي بيتن سان ’سگهڙن جي ڪچهري‘ وڏي آهي، ۽ اميد ته هن ڪتاب جي اشاعت سان سڄاڻ سگهڙن کي سينگار رجي بيتن جو هڪ وڏو ذخيرو ملي ويندو جنهن سان هو پنهنجي شاعري جي ذوق کي وڌائيندا ۽ پڻ ڪچهرين جا وڏا مچ مچائيندا.

اسلام آباد

3 ذوالقعد 1406هه

(11 جولاءِ 1986ع)

ن ـ ب

سنڌي سينگار شاعري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

باب پهريون

هندي "سينگار رس" شاعري وارو پس منظر

مغلن جي دؤر ۾ هندوستان کي هڪ پايدار نظام حڪومت نصيب ٿيو. اڪبر جي دؤر حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ قريب تر تمدني لاڳاپو ٿيو. ملڪ جو اقتصادي نظام سڌريو. علم ۽ فضل، حڪمت ۽ هنر جي قدر داني ٿي. حسن جي تلاش ۽ تعريف هڪ محبوب ترين مشغلو بنجي ويو: جيئن مصوري، موسيقي ۽ عمارت سازي حسن جي تلاش جا مظهر بنيا. تيئن شاعري به محبوب جي حسن کي پنهنجو خاص عنوان بنايو هندي ٻوليءَ ۾ جيتوڻيڪ اڳ "ڀڳتي شاعري" جو دؤر دؤرو هو مگر هاڻي ان سان گڏ نئين حسن نواز عشقيه شاعري، "سينگار رس" جي دلچسپ نالي سان نعرو هڻي نروار ٿي. مغليه دؤر کان اڳ جي هندي شاعرن پڻ پنهنجي ڪلام ۾ گاهي به گاهي محبوب جي حسن ۽ سينگار جي مضمونن کي نهايت موثر نموني ۾ نباهيو هو مگر اڪبر بادشاهه جي دؤر حڪومت کان "سينگار رس" يا عشقيه شاعري، هندي شاعرن جي ذوق ۽ تخيل جو خاص عنوان بني، ۽ "ڀڳتي شاعريءَ" جي بجاءِ عام توڙي خاص جو ان ڏانهن زياده توجهه ٿيو.

عشق ۽ محبت جو عنوان ۽ محبوب جي حسن ۽ سينگار جو بيان، ٻئي هن نئين شاعريءَ لاءِ نهايت ئي موافق زمين ۽ ميدان بنيا. جن ۾ حسن نواز شاعرن دل کولي پنهنجا ڪؤنتل ڪڏايا. ڪرپا رام پهريائين ان ڏس ۾ قدم وڌايو مگر مڙني جو مهندار ۽ هن ميدان جو شهسوار مهاڪوي بهاري لال هو. هو سنبت 1660 (1603ع) ۾ گوبند پور ضلعي گواليار ۾ ڄائو ۽ سنبت 1720 (1663ع) ۾ گذاري ويو. جيپور جي راجا جئسنگ کيس جيپور ۾ گهرائي پنهنجي درٻار جي خاص شاعرن جي صف ۾ جڳهه ڏني، ۽ جڏهن بهاري لال پنهنجي مشهور شاعرانه شاهڪار "ست سئي" کي پورو ڪيو ته راجا جئسنگ کيس ست سؤ اشرفيون انعام ڏنيون. بهاري لال جو عاشقانه

ڪلام هندي شاعريءَ ۾ اتم مجيو ويو آهي، ۽ "سينگار رس" ۾ سندس درجو مڙني شاعرن ۾ مٿاهون تسليم ڪيو ويو آهي. سندس شعر جا مثال ملاحظہ هجن:

بھوشن بھار سنبھار ہے کیوں یہ تن سکمار
سود ھے پاکانہ دھر پرین سو بھائیں کے بھار

(اي نازنين! تون پنهنجي نازڪ بدن تي ڳهن جو بار ڪيئن سنڀاليندينءَ، جو تنهنجا تہ پير بہ جوانيءَ جي بار ڪان زمين تي سڌا نہ ٿا پون)

نینا نیک نہ ملن ہے کتوکھو سمجھای
تن من مارے ہو ھنیں تن سون کیا بسای

(مون انهن اکين کي ڪيترو ئي سمجهايو آهي، پر مجين ئي نٿيون، جي تن من هارائڻ بعد بہ پيون ڪلن، تن سان ڪهڙو وس هلي سگهي ٿو!)

اڪبر جي عهد جا ٻيا شاعر جن عشقيہ شاعريءَ ۾ شهرت حاصل ڪئي، سي هي هئا: (1) نواب عبدالرحيم خان خانان جنهن پنهنجي شاعريءَ جي ٻين تصنيفن سان گڏ "سينگار سورٺا" نالي پڻ ڪتاب لکيو. (2) فيضي، (3) گنگ، (4) تان سين، (5) سيناپتي، (6) مبارڪ جنهن جا ڪي دوها بهاري لال جي دوهن سان مناسبت رکن ٿا، (7) بليدر مشر جنهن جي تصنيفن مان هڪ "سينگار گوبرڌن" آهي. انهن کان سواءِ سنہ 1631ع ۾ سندر نالي هڪ شخص کي "ڪوي راءِ" جو خطاب ڏنو ويو ۽ هن شاعريءَ جي فن تي "سندر سنگار" نالي ڪتاب لکيو جنهن جو ترجمو برج ڀاشا ۾ ٿيو. عالم، سنبت 1735 ڌاري، "سينگار رس" (عشقيہ شاعري) جو نالي وارو شاعر ٿيو. هو پهريائين برهمڻ هو پر پوءِ هڪ رنگريزڻ جي عشق ۾ مسلمان ٿيو "عالم ڪيلي" نالي سندس ڪتاب مشهور ٿيو. 1784 - 1800 سنبت ڌاري "ديوڪي نندن" نالي مشهور شاعر ٿيو جنهن جو ڪتاب "سر نگار چرتر" نهايت مقبول پيو. سنبت 1796 وڪرميءَ ڌاري، اعظم خان نالي شاعر مشهور ٿيو جنهن جو ڪتاب "سنگار درپن" مقبول پيو. سيد عبدالجليل بلگراميءَ جي پاٽيجي سيد غلام نبي بلگرامي جيڪو "رس

لين" جي لقب سان مشهور ٿيو. تنهن سنه 1701ع ۾ "انگ درپن" ۽ سنه 1731ع ۾ "رس پربوڌ" نالي ڪتاب تصنيف ڪيا.

رس جي حقيقت:

"رس" سنسڪرت زبان جو هڪ جامع لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "انتهائي لطف، لذت، خوشي يا مسرت". اصطلاحي معنيٰ موجب "رس" سنسڪرت ۾ جماليات (Aesthetics) جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو جنهن جو تعلق خاص طرح شاعريءَ ۽ ناٽڪ جي اسباب، اثرات ۽ علامات سان آهي. "سنسڪرت ادب جي تاريخ" جي مصنف 'بيرائيڊيل ڪيٿ' ان کي "قلبي واردات ۾ ڪيفيات جي نظريه" سان تعبير ڪيو آهي[1]. محقق پنڊت حبيب الرحمان صاحب "رس" کي "فلسفہ انبساط" قرار ڏنو آهي. جيئن ته هن صاحب مستند سنسڪرت ماخذن جي تصديق سان رس تي "رس يعني فلسفہ انبساط" جي نالي سان هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي[2]، انهيءَ ڪري اسان رس جي معنيٰ ۽ ماهيت کي واضح ڪرڻ لاءِ هيٺ سندس تحقيقي نتيجا پيش ڪريون ٿا:

1 - مثلاً: بهار جي موسم آهي، جهڙ بادل ڇانيل آهي ۽ هڪ حسينه نهايت ئي مٺي آواز سان ڳائي ٿي. ٻڌندڙ جيڪو هن نظاري ۾ محو آهي، تنهن جي دل ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي. مڙيئي ظاهري اسباب سندس محبت کي ويتر پڙڪائين ٿا. ان جذبي جي اثر هيٺ ڪيس لڙڪ لڙي پون ٿا ۽ پريشاني پيدا ٿئي ٿي. ان بعد سندس اها نفسياتي ڪيفيت اميد، مايوسي، جنون

---

[1] Discussion on Poetics occurs for the first time "as a subordinate element in chapter XVI of the Bharatiya Natyacastra ...... It develops the doctrine of sentiment Rasa, with its eight subdivisions as erotic, comic, pathetic and those of horror, heroism, fear, disgust and wonder. Sentiment is a condition of a spectator of a drama, or we may add, the hearer or reader of a poem ...." A History of Sanskrit Literature by Keith, Oxford University Press, London, 1953, page 272.

[2] محترم مولوي حبيب الرحمان صاحب شاستري .B.A (بعد ۾ پنڊت .M.A) سنسڪرت ليڪچرر، مسلم يونيورسٽي ڪاليج علي ڳڙهه جو هي ڪتاب، مسلم يونيورسٽي پريس مان 1349هه 1930ع ۾ شايع ٿيو.

۽ شڪسته دليءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي. هاڻي هن منظر ۾ محبت "جذبه مستقل" آهي، بهار، بادل، حسينه ۽ راڳ ان جذبي جا "محرڪات" آهن. اشڪبازي ۽ سراسيمگي (واردات قلبيه کي ظاهر ڪرڻ واريون ڪيفيات) ان جذبي جا "اثرات" آهن، ۽ اميد، مايوسي، جنون ۽ شڪسته دلي "منقلبات" يعني عارضي جذبات آهن. ناٽڪ ۽ شاعريءَ ۾ محرڪات، اثرات ۽ منقلبات جي منظر (Scene) پيدا ڪرڻ سان جذبهء مستقل ۾ هڪ غير محدود لذت، وجداني لطافت ۽ پاڪيزه روشني پيدا ٿئي ٿي، ۽ ان وقت انهيءَ جذبهء مستقل کي "رس" چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح نو 9 مستقل جذبات، پنهنجي ارتقائي منزلن مان گذري علي الترتيب (1) عشق (2) کل (هنسي) (3) رحم (4) غضب (5) بهادري (6) دهشت (7) نفرت (8) حيرت ۽ (9) سڪون جا "رس" بنجن ٿا، جن کي سنسڪرت ۾ (1) شرنگار رس (2) هاس رس (3) ڪرڻ رس (4) رودر رس (5) وير رس (6) ڀيانڪ رس (7) ويڀتس رس (8) اوڀت رس ۽ (9) شانت رس چيو وڃي ٿو. مطلب ته 9 مستقل جذبن جي سببان 'رس' جا به 9 قسم بنيا. (ص ص 4 – 5)

2۔ مگر هن فن جي استادن "رس" جي جا حقيقت سمجهائي آهي ان مان، ۽ پڻ تجربي مان، معلوم ٿئي ٿو ته رس واري لذت هر حال ۾ ساڳي آهي: يعني ته نون رسن مان ڪنهن به هڪ جي لذت ساڳي اهڙي آهي جهڙي باقي بين اٺن ۾ آهي. پنڊت وشوناٿ "ساهتيه درپن" ۾، معتبر عالمن جي سند سان هي نظريو پيش ڪيو آهي ته "تجربو ٻڌائي ٿو ته هر هڪ 'رس' جو اصلي جوهر 'تحير' آهي، ۽ انهيءَ ڪري هر جاءِ 'حيرت' جوئي رس هئڻ گهرجي" (ص ص 60 - 61).

3۔ ويد جي قولن يعني "شرتين" ۾ آتما (خدا) کي رس چيو ويو آهي جيئن ته "تيتريه اپنشد" ۾. عقلي دليلن موجب پڻ اهو نظريو صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته "رس" ۾ به انتهائي مسرت (آنند) آهي ۽ پڻ خدا ۾. انهيءَ ڪري "شرتيءَ" ۾ خدا کي "رس" چوڻ بالڪل صحيح آهي. ساهتي شاستر (فن شاعري) جي ڪتابن "ڪاوي پرڪاش" "رس گنگا ڌر"، "ساهتيه درپن" وغيره مان پڻ هن نظريي جي تائيد ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ

تہ انهن مڙني ۾ ”رس“ ۾ انتهائي مسرت جو هجڻ تسليم ڪيو ويو آهي. پڻ ”برهم سوتر“ (ويدانت فلسفي جي پهرئين باب جو ٻارهون سوتر). جيڪو ”شرتين“ تي ٻڌل آهي، ان جو مطلب بہ اهو آهي تہ خدا ۾ انتهائي مسرت آهي، ڇاڪاڻ تہ ويدن ۾ خدا لاءِ ”مسرت“ جو لفظ ڪثرت سان استعمال ڪيو ويو آهي (ص ص 38 - 39). ”رس“ جي هن تشريح مطابق سنسڪرت جو هيءَ مقولو بالڪل درست آهي تہ ”مطالب شاعريءَ ۾، محويت ذريعي خدائي مسرت جي لطف اندوزي“ ”رس“ آهي“ (ص 48). جذهن (محبت، بهادري وغيره جا) عملي واقعات شاعري يا ڊراما ۾، مصنوعي محرڪات، اثرات ۽ منقلبات ذريعي، ڏسندڙ (يا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ) جي آڏو پيش ڪجن ٿا، تہ اهي سندس وحدت نما احساس کي جاڳائي هڪ قسم جو عالم محويت ۽ تحير پيدا ڪن ٿا. ان محويت جي عالم ۾ شاعرانہ لٽريچر پڙهندڙن ۽ ڊرامہ جي ڏسندڙن جو وجدان جنهن ”مسرت رباني“ مان لطف اندازو ٿئي ٿو اهو ئي ”رس“ آهي (ص 161).

”رس“ جي معنيٰ ۽ ماهيت بابت مٿيان ٽي نظريا اصولي حيثيت رکن ٿا. (1) پهرئين ۾، سنسڪرت جي جمالياتي فڪر جي دائري ۾ ”فن شاعري“ جي ماتحت ”رس“ جي علمي نظريي جي تشريح ٿيل آهي، ۽ ”رس“ جي معنيٰ ٽوڙي قسمن کي واضح ڪيو ويو آهي. قدري انهي ساڳي معنيٰ ۾ سنڌي زبان ۾ پڻ ”رس“ جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. حقيقت ۾ ”رس“ جو پيد اٿيڻ، ”رس“ جي لذت جو پيدا ٿيڻ آهي، انهيءَ ڪري مجازا چئي سگهجي ٿو تہ ”رس پيدا ٿيو“. سنڌيءَ ۾ چوندا تہ ”رس لڳو“. سنڌيءَ ۾ اهو اصطلاح ’راڳ جي رس‘ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. چوندا تہ ”فلاڻي ڳايو ۽ واهہ جو رس لڳو“. يا چوندا تہ ”فلاڻي (ڳائيندڙ) جو رس لڳو“. ساڳيءَ طرح ڪنهن بہ محفل جي ميناج ۽ سرور کان متاثر ٿي ان کي مجازا ”رس ڀري محفل“ يا ”رس ڀري رهاڻ“ چوندا. ”رس رهاڻيون“ ۽ ”رس راوٽا“ ساڳي معنيٰ ۾ سنڌي جا عام مروج اصطلاح آهن. انهن اصطلاحن مان ظاهر آهي تہ سنڌيءَ ۾ لفظ ”رس“ جي اصل معنيٰ ۽ ماهيت وارو تخيل موجود آهي. (2) ٻئي نظريي ۾ ”رس“ جي سمجهاڻي نفسياتي نقطہ نظر کان

ذهني ويڃاءُ آهي (Psychological Interpretation)، جنهن جو مقصد آهي ته جيتوڻيڪ مختلف جذبات (Emotions) جي بناءَ تي ”رس“ کي جدا جدا نالن سان سڏيو ويو آهي، مگر حقيقت ۾ ”رس“ اهو لطف ۽ لذت وارو اصولي احساس (Sentiment) آهي، جيڪو هر جذبي جي اثر ۽ ڪيفيت جو ماحصل آهي. (3) ٽئين نظريي جو تعلق ”رس“ جي حقيقي معنيٰ سان آهي، جنهن کي ويدانت توڙي اسلامي تصوف جي روشنيءَ ۾ ”ذات اِلاهي“ سان تعبير ڪيو ويو آهي، ڇو ته ”ذات اِلاهي“ ئي لا محدود مسرت ۽ وجداني تجليءَ جو واحد سرچشمو آهي – ”و الله نور السموات والارض“ ۽ ”ان الله جميل يحب الجمال.“

سينگار رس:

مٿين وضاحت مان معلوم ٿيو ته انسان جا 9 مستقل جذبات، جن جي بناءَ تي آسانيءَ خاطر ’رس‘ جا به 9 قسم تجويز ڪيا ويا آهن. انهن مان هڪ ”شرنگار رس“ آهي. ”شرنگار رس“ هڪ نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن جي ارتقائي درجي کي عشق ۽ محبت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اصل سنسڪرت نظريي موجب ”شرنگ“ محبت جي ديوتا ’ڪامديو‘ جي اڀرڻ کي چئجي ٿو. هن جي اڀرڻ سبب ۽ اعليٰ ترين هيرو (Hero) جي رس کي عشق جو رس چئجي ٿو.[1]

انهيءَ مناسبت سان، هندي زبان جي ٽئين عشقيه شاعريءَ تي ”سينگار رس“ جو اصطلاحي نالو پيو. مگر انهيءَ اصطلاحي نالي ۽ اصل ”شرنگار رس“ ۾ جو فرق آهي، تنهن کي سمجهڻ ضروري آهي. ”شرنگار رس“، ”رس“ جي فلسفي جي دائري ۾ اچي ٿو ۽ ”رس“ جي 9 قسمن مان هڪ قسم جو نالو آهي، مگر ’سنگهار رس‘ پوءِ جو اصطلاحي نالو آهي، جنهن جو تعلق هندي عشقيه شاعريءَ سان آهي. ”شرنگار رس“ اها بي انتها سرور ۽ لطف واري نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن کي شاعري يا ڊراما ذريعي. محبت جي مستقل جذبي جي محرڪات، اثرات ۽ عارضي علامات جي عملي يا بياني مناظر پيش ڪرڻ سان پيدا ڪيو وڃي، مگر ”سنگار

[1] مولوي پنڊت حبيب الرحمان صاحب جو مذڪوره ڪتاب ”رس، يعني فلسفه انبساط“، ص 127

رس" هندي زبان ۾ هڪ شاعريءَ جو قسم آهي، جنهن جو عنوان اڪثر عشق و محبت آهي. اها عشقيہ شاعري (يعني سنگار رس) بذات خود "شرنگار رس" ناهي، مگر ان جي ذريعي "شرنگار رس" پيدا ڪري سگهجي ٿو.

هاڻي سوال آهي تہ "سنگار رس" ذريعي، خود هندي شاعر ڪيتري قدر "شرنگار رس" پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا؟ هن مسئلي تي هندي شاعريءَ جي عالمن شايد ڪا روشني وڌي هجي، مگر هن سوال جو ڪو فيصلہ ڪن جواب بہ تي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ ان جواب لاءِ ضروري آهي تہ ڪو اهل ذوق محقق، هندي شاعرن مان هر هڪ جي ڪلام جو اطمينان سان مطالعو ڪري، ۽ هر شاعر جي ڪلام پڙهڻ سان جيڪي جذبات، احساسات ۽ قلبي واردات خود سندس اندر پيدا ٿين، تن جو جائزو وٺي تہ واقعي اهي "شرنگار رس" واري لذت ۽ سرور جا متحامل آهن يا نہ؟ مگر اهڙي متلاشيءَ جو اهڙو نظريو بہ بهرحال سندس شخصي نظريو ٿيندو ڇاڪاڻ تہ هر شخص جي جذبات ۽ احساسات جي ذاتي دنيا نرالي آهي ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي نموني ۾ متاثر ٿيندو. البتہ جيڪڏهن ڪنهن شاعر جو ڪلام، سندس اڪثر پڙهندڙن ۾ "شرنگار رس" وارو انتهائي سرور پيدا ڪري ٿو تہ پوءِ چئبو تہ واقعي سندس شاعري صحيح معنيٰ ۾ "سنگار رس" آهي.

"رس" جي اصلي نظريہ موجب، مرد (هيرو) توڙي عورت (هيروئن)، "رس" جي بنيادي محرڪات (اپاريندڙن) ۾ شمار ٿيل آهن، ۽ "شرنگار رس" جو بنيادي محرڪ خصوصا عورت آهي[1]. انهيءَ لحاظ سان عورت ۽ سندس حسن ۽ سينگار، هندي عشقيہ شاعريءَ جا مرڪزي پهلو بنجي ويا، اهڙيءَ طرح "مقصد" (قلبي سرور) جي بجاءِ سمورو توجهہ "اسباب" (عورت جي حسن ۽ سينگار) تائين محدود رهجي ويو ۽ "معنيٰ" جي بدران سڄو خيال "صورت" ۾ سمائجي ويو. "سينگار رس" يا عشقيہ شاعريءَ جي علمبردارن "حسن خوبان" جي بيان ۾ حسن خيالي پيدا ڪئي، مگر نفس مضمون جي معنيٰ ۽ بلند خياليءَ ۾ ڪو خاص اضافو

---

[1] مولوي پنڊت حبيب الرحمان صاحب جو مذڪوره ڪتاب "رس، يعني فلسفہ انبساط"، ص 127.

ڪونہ ڪيائون. خود "سينگار رس" جي بلند شاعر بهاري لال متعلق هڪ مضمون نگار لکي ٿو تہ "بهاريءَ جي ڪلام ۾ شاعرانہ حسن حد درجي آهي، مگر بلند خياليءَ جو پتو ئي ڪونهي. پر رڳو بهاري لال ڇا، "سينگار رس" جي سيني شاعرن جو اهو حال آهي"[1].

هي نظريو پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي، مگر ان جو وڏو سبب اهو ئي آهي جو شروع کان ئي "شرنگار رس" ۽ "سينگار رس شاعري" ۾ چڻ "حقيقت" ۽ "مجاز" وارو فرق آهي، ۽ چئي سگهجي ٿو تہ "سينگار رس" جا اڪثر شعراء پنهنجي نئين فن جي مجازي دلچسپين ۾ ئي محو ٿي ويا. سندن شاعريءَ جي اڪثر تصنيفن جي نالن ۾ "رس" جو لفظ داخل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ نظرياتي طور هو "رس" جي حقيقت کان واقف هئا، مگر عملي طور سندن شاعرانہ احساسات ۽ جذبات "شرنگار رس" جي محرڪ (عورت) ۾ محو ٿي ويا، ۽ سندن معجز نما اشعار پڻ عورت جي ظاهري حسن ۽ سينگار جو نذر بنجي ويا.

"سينگار رس" شاعريءَ جا عنوان:

شروع کان ئي هندي عقشيہ شاعريءَ جا رجحانات "نايڪا ڀيد" ۽ "سينگار" جي عنوان سان نمودار ٿيا. انهن ٻن مضمونن جي علاوه ٽيو موضوع وري "پدمڻي" عورت جي مخصوص ۽ معياري سونهن سوڀيا ۽ عادات اطوار جي خيالي نظريي جي صورت ۾ نروار ٿيو.

نايڪا ڀيد: "نايڪ" يا "نائڪ" جي معنيٰ قافلي جو سالار، سردار، مربي يا سرتاج. "نايڪا" يا "نائڪا" معنيٰ نايڪ جي زال. عشقيہ يا ڊرامائي شاعري جي خاص اصطلاح ۾ "نايڪا" معنيٰ سورمي (هيروئن). انهيءَ لحاظ سان "نايڪا ڀيد" معنيٰ سورمي يا هيروئن جي دل جو راز يا محبت جي مام، جنهن کي هوءَ پنهنجي لفظن ۾ ڪناين ۽ اشارن سان ظاهر ڪري. عشقيہ شاعري جي استاد شاعرن، هيروئن جي زباني، محبت جي مام کي نهايت نازڪ خيالي ۽ حسن بياني سان پنهنجي اشعار ذريعي نروار ڪرڻ جي

---

[1] سريواستو: "هندي شاعري مين روحانيت کا دؤر". رسالہ "اردو". ماه اپريل 1942ع. ص ص 240 - 241.

ڪوشش ڪئي، ۽ شاعري جي انهيءَ موضوع کي "نايڪا ڀيد" نالو ڏنو. هن فن جي شروعات ڪرپا رام ڪئي، نواب عبدالرحيم خان خانان هن فن ۾ "بر دي نائڪ ڀيد" نالي ڪتاب لکيو ۽ ديوڪي نندن "نايڪا ڀيد" ۾ "سر نگار چتر" نالي ڪتاب لکيو جو نهايت مقبول پيو.

عورت جو سات سينگار: "شرنگار رس" جي بنيادي اپاريندڙ (عورت) جي سهڻي ۽ سينگاريل تصوير کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ، نڪته دانن هيٺيان اٺاويهه زيور، جوان عورت جي حسن کي چمڪائڻ لاءِ، ڪارگر قرار ڏنا آهن:

(1) ڪيف شوق (2) وجد محبت (3) جوش محبت (4) رنگ ۽ روپ يعني جسماني حسن (5) رعنائي (6) جمال (7) محبوبيت (8) پختہ ڪاري (9) نرمائي (10) ثابت قدمي (11) مماثلت يعني تہ اندام، لباس، زيورات ۽ محبت ڀرين ڳالهين ذريعي محبوب سان مشابهت پيدا ڪرڻ (12) ادا (13) سينگار يعني فطري حسن کي چمڪائڻ خاطر ٿورو ظاهري سينگار ڪرڻ: مثلاً شفاف پاڻيءَ سان غسل ۽ بدن جي صفائي، پان سان لب ڳاڙها ڪرڻ ۽ نرم، نازڪ ۽ صاف ڪپڙا پائڻ (14) غرور حسن (15) رنگين ڪرشما يعني تہ انتهائي مرغوب شيءِ جي حاصل ٿيڻ واري خوشي سبب ذرا مرڪ، ذرا گريہ خشڪ، ذرا ڪل، ذرا خوف، ذرا ڪاوڙ ۽ ذرا انوکي ٽڪ جو اظهار ڪرڻ (16) محويت جي ادا (17) جهجهڪ (18) گهبراهٽ (19) نزاڪت (20) ناز (21) شرميلائي (22) ونجهل (23) چاٽي اڻ چاٽائي (24) آس (25) اشتياق (26) ٺهڪ (27) چرڪڻ ۽ (28) چلولائي[1].

ظاهر آهي تہ هن اصلي ۽ اصولي نظريي موجب، جوانيءَ ۾ حسن جا مٿيان چمڪائيندڙ اسباب زياده تر محبوب جي جذبات ۽ احساسات، ناز و ادا جي نفسيات، مخصوص رد عمل ۽ حرڪات، حسن اطوار ۽ عادات سان تعلق رکن ٿا. محبوب جو جسماني ۽ ظاهري سينگار انهن اٺاويهن ذريعن مان فقط ہہ ذريعا آهن. "سينگار رس" جي استاد شاعرن، پنهنجي شعرن ۾ مجموعي طور انهن سيني حسين ادائن ۽ دلفريبين کي بيان ڪيو مگر

---

[1] "رس يا فلسفہ انبساط" مذڪور، ص 82

سندن خاص توجهہ ۽ن مخصوص خوبين يعني حسن جسماني ۽ ظاهري سينگار ڏانهن ئي مائل رهيو.

محبوب جي جسماني حسن جو موضوع بذات خود ڪافي ڪشادو هو: قد قامت، شڪل شبيهہ، چهري جي رونق، رفتار ۽ گفتار جي مختلف نمونن ۾ ڪيترائي مضمون مخفي هئا، اکين جي اشارن ۽ زلفن جي پيچن ۾ ڪيترائي بيان بيتاب هئا، ازانسواءِ ڏندن، چپن، نڪ، پيشاني، آڱرين ۽ ٻين اندامن ۾ تشبيهات جا دفتر سمايل هئا. مطلب تہ شاعرن لاءِ محض محبوب جي فطري حسن جي تعريف جو مضمون ڪافي وسيع هو. ان سان گڏ محبوب جي ظاهري هار سينگار جي شامل موضوع ويتر هن ميدان کي ڪشادو ڪيو. فطري حسن جي گوناگون رعنائين جي تہ انتهائي ڪانہ هئي، مگر ظاهري هار سينگار جي قسمن کي شمار ڪرڻ نسبتا آسان هو انهيءَ ڪري هن فن جي ماهرن عورت جا جملي "سورنهن سينگار" قرار ڏنا: ان بعد "سورنهن سينگار" بذات خود هن فن جو هڪ خاص مضمون بنجي ويا.

سورهن سينگار:

چئي نٿو سگهجي تہ "سورنهن سينگارن" جي حد بندي ڪڏهن ٿي. بقول پياري لال، "اسان جي ديس ۾ استرين جا سورهن سينگار پراچين زماني کان هلندا اچن ٿا" (شرنگار شاستر)، مگر "شرنگار رس" جي محرڪات جي اصولي نظريي موجب، جو مٿي بيان ٿي چڪو آهي، عالم شباب ۾ جي زيور عورت جي حسن کي چمڪائين ٿا، سي جملي 28 قرار ڏنل آهن ۽ نہ 16. ازانسواءِ انهن اناويهن وصفن ۾ "ظاهري سات سينگار" محض هڪ زيور طور شمار ٿيل آهي. ظاهر آهي تہ "سورهن سينگار" جو اصطلاح پوءِ جي ايجاد آهي ۽ ان جو تعلق "ظاهري سات سينگار" جي سورهن قسمن سان آهي. ياتئجي ٿو تہ هندي شاعري، پنهنجي اوائلي آزاد تخيل وارا دؤر طيء ڪري، جڏهن "سينگار رس" جي نسبتا تصنع ۽ تڪلف واري دؤر ۾ قدم رکيو، تڏهن هن فن جي سگهڙن ۽ شاعرن محبوب جي ظاهري سينگارن متعلق اهي اشارا ۽ ڪنايا، جي ڪلاسيڪل شاعرن جي شعر ۾ اچي چڪا هئا ۽ جن سان ذهن مانوس ٿي چڪا هئا، تن جو اندازو لڳائي مجموعي طور جملي سورهن قسمن جا سينگار تسليم

ڪيا. پيو تہ ”سورهن سينگارن“ جي نظريي جي رائج ٿيڻ سان محض سينگارن جي قسمن جي مجموعي عدد جي تخصيص ٿي تہ سينگار جا قسم مجموعي طور 16 آهن: مگر اهي ڪهڙا ڪهڙا آهن ان بابت ڪا لازمي حد بندي مقرر ڪانہ ٿي، جيئن تہ هيٺين مثالن مان ظاهر آهي.

هندي شاعري مان مثال: هنديءَ جو استاد شاعر ملڪ محمد جائسي (وفات 1049هہ /1639ع)، پنهنجي مشهور نظم ”پدماوت“ ۾، سلطان علاؤالدين جي آڏو پدماوت راڻيءَ جي حسن جو بيان، راگهو پنڊت جي زباني هن طرح ڪري ٿو تہ

ديرگهہ چار، چار لگهہ سوئي
سبهر چار، چهون کهيني سوئي

(سندس بدن ۾ چار شيون ڊگهيون، چار ڇوٽيون، چار ٿلهيون (نرم) ۽ چار سنهيون آهن)

پرتهم کيس ديرگهہ سر مونهين
اور ديرگهہ اونگرين کر سونهين
ديرگهہ نين تيکهہ تيتهہ ديکها
ديرگهہ گبون کنٺهہ تر ريکها

(يعني تہ: چئن ڊگهين شين ۾ پهريان سر جا وار، ٻيون آڱريون، ٽيون اکيون، چوٿين ڳچي ۽ ان جي هيٺان خط)

پنهہ لگهہ دسن هونهہ جن هيرا
او لگهہ کچ او تنگ جن بهيرا
لگهہ للات دويج پر گاسو
اونا ہے لگهہ چندن باسو

(چوٿين شين ۾، هڪ سندس هيرن جهرا ڏند، ٻيو نارنگيءَ جهڙا پستان، ٽيو پهرينءَ جي چنڊ جهڙي پيشاني ۽ چوٿون چندن بوءِ دن.)

ناسک کھین کھرک کی دھارا
کھین لنگ جن کیھر بارا
کھین پیٹ جانو نہ آنتا
کھین ادھر بہ رم رنگ لاتا

(باريڪ شين ۾ هڪ تلوار جي ڌار مثل سندس نڪ، پيو چيتي کي شهه ڏيندر چيلهه، تيو لڪدار پيٽ جنهن ۾ چڙ آنڊائي ڪين آهن، چوٿان چپ جي مرجان مثل آهن.)

سوبهر ڪپول ديکهه ديکهه سوبها
سبهر تنب ديکهه من لوبها
سبهر ڪلائين ات بني، سبهر جنگهه گج پال
سوره سنگار برن ڪي ڪرنهه ديوتا مال

(پريل ۽ نرم شين ۾ پهريائين سندس پريل ڳل، ٻيو پريل ٻنڊڻ، ٽيو پريل ڪرايون، ۽ چوٿون پريل رانون: بدن جي **سورهن سينگارن** جي ديوتا به تعريف ۽ پوڄا ڪن ٿا.)

مٿئين مثال مان ظاهر آهي ته شاعر "پدماوت" جي سورهن سهڻن عضون ۽ اندامن جي تعريف ڪئي آهي ۽ انهن کي سورهن سينگار سڏيو آهي. هت "سورهن سينگار" جي اصطلاح جو استعمال "پدماوت" جي فطري حسن سان تعلق رکي ٿو چو ته هت سندس "ظاهري هار سينگار" سان شاعر جي وصف بيانيءَ جو ڪوبه واسطو ڪونهي.

اديبن جا نظريا: هنديءَ جي ڪن اديبن ۽ لغت نويسن جن "سورهن سينگارن" جي تشريح ڪئي آهي، تن فقط سورهن "ظاهري هار سينگار" ڳڻيا آهن، ۽ ان ۾ به هر هڪ اديب جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي، يعني ته سورهن ظاهري سينگارن جي قسمن بابت سندن مختلف رايا آهن. مثلاً ڪن جي خيال ۾ عورت جا "سورهن سينگار" هي آهن: (1) بدن جي صفائي ڪرڻ، (2) ڏندڻ ڪرڻ، (3) صاف ڪپڙا پهرڻ، (4) ڪجل لڳائڻ (5) لاک وغيره سان هٿن پيرن تي لالائي لائڻ، (6) وار سنوارڻ، (7) سينڌ ۾ سيندر لڳائڻ، (8) پرن جي وچ ۾ ڳاڙهو تلڪ لڳائڻ، (9) کاڏيءَ ۾ تل بنائڻ، (10) ميندي لائڻ، (11) خوشبوءِ لڳائڻ، (12) پان چبارڻ، (13) گلن جا هار پائڻ، (14) ڏندن کي ڳاڙهيرو ڪرڻ، (15) لبن کي لال ڪرڻ، ۽ (16) زيور (ڳچيءَ جا هار) پائڻ.

پليٽس (Platts) جي "هندوستاني لغت" ۾ "سولهه سينگار" اصطلاح جي تشريح طور عورت جا هيٺيان سورهن ظاهري سينگار شمار ڪيل آهن:

1. ڏندڻ 2. منجن (ڏندن صاف ڪرڻ جو ڪوبہ خوشبوءِ دار پورو) 3. اپٽڻ (يعني "ٻاٽڻ": ڪٽڪ جي اٽي کي سرهي تيل ۾ پين خوشبوءِ دار شين ۾ ڳوهي، صابڻ طور بدن تي صفائي خاطر مهٽڻ) 4. سينڌر (سينڌ ۾ وجهڻ لاءِ) 5. ڪيسر (پيشاني تي زعفران ملي وچ ۾ سينڌر جي تلوڪڙي بنائڻ، يا ستارن سان چمڪندڙ نشان بنائڻ) 6. انجن (يعني سرمون يا ڪجل)

7. بِندي (يعني سنهڙي "الي" وارو ڳهہ جو پيشاني تي لٽڪي بيهي) 8. سرهو تيل (وارن لاءِ) 9. ڪنگي (ڦڻي وارن سنوارڻ لاءِ)

10. ارگجا (پيلي رنگ جو خوشبوءِ دار مرڪب جو چندن، ڪافور، مشڪ، عنبر، مکڻ ۽ عرق گلاب ۾ تيار ڪجي ۽ ڪنوار جي ڪپڙن تي نشانن لڳائڻ خاطر استعمال ڪجي) 11. پان (وات جي صفائي ۽ خوشبوءِ لاءِ) 12. مسي (لوهہ جي ٻوري، ڦٽڪي، ۽ مازو ڦل جو مرڪب) ڏندن ۽ چپن جي صفائيءَ ۽ سونهن (هلڪي ڳاڙهيري رنگ لاءِ) 13. نير (سونهن خاطر تلڪوڙين ۽ ترن بنائڻ لاءِ) 14. ميندي (هٿن پيرن جي لالائيءَ لاءِ) 15. گل (گلن جي ڪنڊي گلي يا وارن ۾ سونهن خاطر) 16. التا (لاک جي رنگ ۾ ٻڏل لال ڪپهہ پيرن کي لالائيءَ لائڻ واسطي).

هاڻي اديبن ۽ لغت نويسن جي مٿين تحقيق، توڙي خود هنديءَ جي استاد شاعر ملڪ محمد جائسي جي شعر مان پدماوت راڻيءَ جي سونهن جي تعريف وارو مثال، ثابت ڪن ٿا تہ هندي شاعريءَ ۾ "سورهن سينگارن" جي قسمن بابت ڪو متفقہ طور فيصلو ڏنل نہ آهي تہ اهي فلاڻا فلاڻا آهن. محض سورهن جي عدد بابت ئي اتفاق آهي. ٻيو تہ آيا "سورهن سينگارن" جو تعلق محض "جسماني حسن" سان آهي، يا فقط عورت جي ظاهري ۽ مصنوعي "هارن سينگارن" سان آهي، ان بابت بہ ڪو متفقہ نظريو موجود ناهي. بلڪ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ باري ۾ بہ مختلف نظريا آهن: (1) پهرئين نظريي جو اندازو "شرنگار رس" جي محرڪ اساسي يعني "هيروئن" جي فطري حسن کي جي 28 وڏيڪ اسباب چمڪائين ٿا، تن مان ۽ خود "پدماوت" جي حسن جي تعريف بابت ڏنل شعرن مان لڳائي سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ هيروئن جي انهن ڇاڻايل اٺاويهن اسبابن ۾ جسماني حسن توڙي ظاهري هار سينگار شامل آهن. "پدماوت" واري بيان

جو تعلق پڻ فطري حسن سان آهي. ان مان هيءُ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ ”سنگار رس“ شاعري جي اصلي سرچشمي توڙي ان جي هڪ استاد شاعر جي تخيل موجب ”سورهن سينگارن“ ۾ فطري حسن توڙي ظاهري هار سينگار جون وصفون اچي وڃن ٿيون. (2) هنئي نظريي جو مدار اديبن ۽ لغت نويسن جي ڪيل تحقيق تي آهي ۽ ان تحقيق جو مدار غالباً هندي شاعريءَ جي پوئين تڪلف ۽ تصنع واري دؤر تي آهي، جڏهن عام شاعرن ”سورهن سينگارن“ جي بيانن کي محض عورت جي ظاهري هارن سينگارن تائين محدود ڪري ڇڏيو.

هندي عشقيہ شاعري جي شروعات واري تاريخي دؤر جي واقفيت، ۽ ”سنگار رس“ نالي جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ”رس“، ”سنگار“ ۽ ”سورهن سينگارن“ جي ايتري اصولي وضاحت بعد، اسان هن ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون، تہ هندي عشقيہ شاعريءَ جي هن مخصوص تخيل ۽ ان جي مختلف مضمونن ۽ عنوانن جو سنڌ ۾ ڪيئن ۽ ڪيتري قدر چرچو پيدا ٿيو ۽ انهن ۾ هندي ۽ سنڌي تخيل جي آميزش ڪهڙي صورت اختيار ڪئي.

”سينگار رس“ شاعري جو سنڌ تائين پهچڻ:

سنڌ ۾ جوڳ واري شاعريءَ جو تخيل ۽ هٺ يوگي فقيرن جا نظريا ان طبقي جي سيلاني جوڳين فقيرن جي ذريعي پهتا. ”ڀڳتي شاعري“ وارا نظريا صوفي تارڪن ۽ درويشن جي ذريعي رائج ٿيا. ۽ هندي ”سينگار رس“ يا عشقيہ شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سگهڙن ذريعي پهتا. اسان جي خيال ۾ حسن ۽ عشق جا اهي مضمون غالباً اول اول راجستان جي سگهڙ ياتن ۽ چارڻن اتي جي راجائن، سردارن ۽ عوام جي وندر ۽ وروندهہ خاطر ياد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرحدي ۽ پاڙيسري رياستن، بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ انهن جو چرچو پيدا ٿيو. ان بعد ”سينگار رس“ شاعريءَ جا اهي دلچسپ عنوان ۽ اشعار سنڌ جي سگهڙ ياتن ۽ چارڻن، منچلن مڱڻهارن ۽ ٻين سجاڳ سگهڙن سنڌ ۾ رائج ڪيا. مغلن جي دؤر حڪومت ۾ ”سنگار رس“ شاعري عروج کي پهتي ۽ پانئجي ٿو تہ انهيءَ دؤر جي آخر ڌاري مغل سلطنت جي ٻين صوبن ۾ بہ ان جو عام چرچو ٿي ويو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي

(ميان نور محمد) دؤر ۾ ان جو نئون ۽ نرالو سنڌي تخيل پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌ ۽ ان جي مذڪور پاڙيسري رياستن، يعني بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير جي درميان نسبتا گهاٽا سياسي ۽ تمدني تعلقات پيدا ٿيا ۽ انهي ڪري غالبا سنڌ ۽ انهن رياستن جي سگهڙن جون باهمي محفلون متيون، ذهن کليا، ۽ نہ فقط هن نئين شاعرانہ فن ترقي ڪئي پر ان ۾ نوان نوان نقطا پيدا ٿيا.

اسان جي خيال ۾ پهريائين پهريائين هندي "سينگار رس" شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سنڌ جي ٿرپارڪر واري حصي ۾ رائج ٿيا. چاڪاڻ تہ اهو ياڱو جيسلمير، جوڌپور رياستن جي علائقن سان مليل هو ۽ انهيءَ ياڱي جي ڀٽن، چارڻن ۽ سگهڙن جو راجستان جي سگهڙن سان زياده گهاٽو تعلق هو. ٻيو تہ انهي ياڱي جا سگهڙ جي سنڌي ٻوليءَ جي "ٿري – ڍاٽڪي" محاوري سان آشنا هئا تن لاءِ هندي اشعار سمجهڻ نسبتا آسان هئا. انهن سگهڙن جي پنهنجي طبعي شگفتگي خواه سندن مجلسن جي مخصوص رنگ رهاڻ سبب، اهي اشعار جي حسن ۽ مجاز متعلق هئا سي انهن خاص طور ازبر ڪيا. انهي لحاظ سان پدمڻيءَ جي وصفن ۽ "سورهن سينگارن" جهڙن رنگين عنوانن سان سندن خاص دلچسپي رهي ۽ انهن بابت جوڙيل افسانن ۽ بيتن کي پنهنجي سگهڙپائيءَ جي محفلن ۽ مجلسن ذريعي عام رائج ڪيائون.

اهوئي سبب آهي جو اهي عنوان اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي سگهڙن جي مارڪن جا خاص موضوع آهن. ٻيو تہ انهن عنوانن بابت جي اشعار ملن ٿا تن کي جي گهريءَ نگاه سان ڏسجي ٿو تہ انهن ۾ سنڌي ۽ سنڌيءَ جي "ٿري – ڍاٽڪي" محاورن جا الفاظ ۽ اصطلاح ملن ٿا. جن مان اسان جي متئين نظريي جي تائيد ٿئي ٿي تہ غالبا انهن شعرن جي روايت سنڌي ٻوليءَ جي "ٿري ڍاٽڪي" محاوري ذريعي ئي سنڌ ۾ عام رائج ٿي: يعني تہ اول اول سنڌ ۾ اهي عنوان ۽ اشعار ٿرپارڪر جي ڀٽن، چارڻن ۽ مڱڻهارن جي زباني عام رائج ٿيا. ان جي مزيد تصديق هيٺ "ڍول مارو" جي عنوان هيٺ ڏنل بيتن مان ٿئي ٿي، جو تہ "ڍول – مارو" جو افسانو جينوٽيڪ راجستان جي ڪن ياڱن، ڪڇ، گجرات توڙي ڪانياواڙ ۾ عام مشهور آهي، مگر سنڌ ۾ ان

جي شهرت ۽ مقبوليت جو تعلق خاص طرح ٿرپارڪر جي پاڳي سان آهي.

پدمڻي جون وصفون: "پدم" سنسڪرت جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي پيڻ جو "ڪنول گل" يا گل نيلوفر. هن گل جي نزاڪت ۽ سونهن جي لحاظ سان سنسڪرت ۾ نازڪ ۽ حسين عورت کي "پدمني" جو صفاتي نالو مليو ۽ جنسيات جي لحاظ سان عورت جي چئني قسمن (1. پدمني 2. چترني 3. سنکني 4. هستِني) ۾ "پدمني" قسم جي عورت کي سڀني جو سرتاج ڪري ميچيو ويو. سنڌيءَ ۾ "پدمني" جو تلفظ ڦري "پدمڻي" ٿيو. جئن جنسياتي نظريي جي موجدن "پدمڻي" قسم جي عورت جا اوصاف لکيا، تيئن سگهڙ شاعرن به پنهنجي تخيل جو گهوڙو ڊوڙايو ۽ "پدمڻي" عورت جي حسن جون خاص خوبيون بيان ڪيون.

سنڌ ۾ "پدمڻي" جي وصفن بابت جي اشعار مشهور آهن، تن جي ابتدا اسان جا سگهڙ اڪثر هڪ خيالي قصي سان ڪندا آهن، جنهن جو حاصل مطلب هي آهي ته اڪبر بادشاهه بيربل کي پنهنجي حرمسراءِ ۾ وٺي ويو انهيءَ لاءِ ته هو فيصلو ڪري ته حرمسراءِ جي بيگمات مان ڪا پدمڻي به آهي يا نه؟ اڪبر ڇهه چونڊ زالون هڪ ٻئي پويان بيربل کي ڏيکاريون ۽ هن هر هڪ بابت نظم جي هڪ مصرع ۾ جواب ٿي ڏنو ته انهن مان ڪابه پدمڻي ڪانهي.

(کھے بیر بل نے شاہ اکبر، ای گھر نہیں نار پدمڻي)

در حقيقت نظم جون اهي مصراعون ڪنهن سگهڙ شاعر جي تخيل جو نتيجو آهن، جنهن ۾ هن نشست برخواست جي ڪن خاص سنجيده اوصاف کي مدنظر رکي "پدمڻي" ۽ ٻين عام رواجي عورتن جو فرق بيان ڪيو آهي. انهن مصراعن جو مٿئين قصي سان ڪوبه تعلق ڪونهي. اهي مصراعون هي آهن:

1- پدمڻي تو پلک نیندر، پھر نیندر کامڻي
اده رات جاگے استری، اور سورج جاگے سنکڻي

[يعني ته پدمڻي اهڙي ته نازڪ ۽ بيدار آهي جو ان جي ننڊ هڪ پلڪ کن مس آهي، جيڪا عورت هڪ پهر ننڊ ڪري سا پدمڻي نه چئبي مگر اها "ڪامڻي" يا هڪ چڱي معياري عورت آهي، ۽ جيڪا عورت به پهر ننڊ

ڪري ۽ اڌ رات جو جاڳي سا چڻ استري يا عام رواجي زال آهي، ۽ جيڪا سڄي رات سمهي ۽ سج اڀريي اک پٽي، سا "سنکٽي" يعني خالي نالي زال آهي.]

2- پدمڻي تو پَون جاگے، پاؤں جاگے کامڻي
سده جاگے استری، اور سٹ جاگے سنکٽي۔

[يعني تہ پدمڻي ايڏي حساس آهي جو ذرا هوا هلڻ سان سجاڳ ٿيو پوي، جيڪا پير جي اشاري سان سجاڳ ٿئي اها چڻ "ڪامڻي" آهي، جيڪا سڏ سان جاڳي اها عام رواجي استري آهي، باقي جنهن کي سٽ ڏيئي پٽي سجاڳ ڪجي سا تہ خالي نالي زال آهي.]

3- پدمڻي تو پانچ تولا، دَس جھیے کامڻي
پاء جھیے استری، ادہ سیر جھیے سنکٽي۔

[پدمڻي جو قوت پنج تولا، جيڪا ڏهہ تولا يا اڌ پاءُ کن کاڌو کائي سا ڪامڻي چئبي، جيڪا پاءُ ويلي تي کائي، سا چڻ عام رواجي استري آهي، باقي اها جا اڌ سير ويلي تي چٽ ڪري سا چڻ ٺلهي نالي زال آهي.]

4- پدمڻي تو سات برسے، پانچ برسے کامڻي
تین برسے استری، اور بارھس ماسے سنکٽي

[پدمڻي ستن ورهين بعد ٻار ڄڻي، جيڪا پنجن ورهين بعد ٻار ڄڻي سا ڪامڻي چئبي، جيڪا ٽن ورهين جي وٿي بعد ٻار ڄڻي سا چڻ عام رواجي زال آهي، باقي جيڪا ٻارهين مهيني وِيامي سا چڻ خالي نالي زال آهي.]

5- پدمڻي تو هنس چالے، گج چالے کامڻي
مور چالے استری، اور ڈور چالے سنکٽي۔

[پدمڻي هلي تہ چڻ هنج وانگر تلي، جنهن جي هاٿي (گج) جهڙي سهڻي چال آهي سا ڪامڻي، جا مور وانگر هلي سا بہ استري چئبي، باقي جا ڍورن وانگر هلي سا تہ خالي نالي زال آهي.]

6- پدمڻي تو گڑیان کیسی، کڑیان کیسی کامڻي
اُرھ ڈھکے استری، اور کنان کیسی سنکٽي۔

[پدمڻي عورت اها آهي جنهن جا ڏگها (ڪيس) وار پويان ڪڙين تي پيا پون، جنهن جا وار چيلهه تائين بيهن سا ڪامڻي چئبي، جنهن جا وار ارڌ ڍڪي بيهن سا جڻ عام رواجي استري آهي، باقي جنهن جا وار ايترو ڇوٽا هجن جو ڪنن تائين پهچن، سا تہ خالي نالي زال آهي.]

مٿئين مصراعن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ اهي سگهڙ شاعرن جي تخيل جو نتيجو آهن. صرف مصرع -- 5 ۾ 'پدمڻي تو هنس چالے' وارو فقرو اصلي آهي، ۽ غالباً ان کان متاثر ٿي سگهڙن مٿيون مصراعون بنايون آهن. هنن مصراعن جي زبان بہ هندي ڪانهي، بلڪ سنڌي ۽ ان جي "ٿري -- ڍاٽڪي" محاوري جو مٿن رنگ چڙهيل آهي. اڌ رات، سڌ، سٽ، اڌ سير، ڍور، ڪڙيان، ۽ ڍڪي الفاظ سنڌي آهن ۽ "ڌس جهيمي"، "ڪڙيان ڪيسي"، "ڪڙيان ڪيسي"، ۽ "ڪنان ڪيسي"، جا اصطلاح زياده تر "ٿري -- ڍاٽڪي" محاوري ۽ لهجي جي ساک ڀرين ٿا. انهن اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي مصراعون غالباً سنڌ جي سگهڙن جون ئي بنايل آهن.

ڍول -- مارو بابت اشعار: اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ جيتوڻيڪ ڍول -- مارو جو افسانو سنڌ کان ٻاهر بہ مشهور آهي، مگر سنڌ ۾ ٿرپارڪر وارو پاڱوئي ان جي عام مقبوليت جي خاص ايراضي آهي. "ڍول -- مارو" افساني جا هينيان اشعار سنڌي ٻوليءَ جي "ٿري -- ڍاٽڪي" محاوري ۾ رچيل آهن ۽ انهن جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي تہ اتي جي سگهڙن ساڳي "سنگار رس" واري زمين ۽ اسلوب بيان ۾ پنهنجي مڪاني افساني کي نظم ڪيو آهي. مطلب تہ تخيل ۽ اسلوب بيان هندي آهن تہ افسانو ۽ زبان سنڌي آهن، جن جو سنبنڌ هنن اشعارن ۾ بالڪل نمايان آهي.[1]

1- اڇر، گڇر، ڪُسمڇر، انگڇر اڌڪار

سو سندر نہ بسرے، جس ڪا سورهن ڪے سينگار-

[جنهن دلبر جو حسن سيني جاندارن جي سهڻين صفتن جو جامع آهي

---

[1] هي اشعار اسان کي مٺي، ضلعي ٿرپارڪر جي سگهڙ عارب فقير مڱڻهار جي زباني مليا، ۽ انهيءَ اڪيلي روايت جي بناء تي هي اشعار قلمبند ڪيا ويا آهن. بي ڪا روايت ملي ها تہ شايد انهن جي صحت کي بهتر بنائي سگهجي ها ۽ پڻ ڪن لفظن جي معنيٰ وڌيڪ واضح ٿئي ها

— مثلاً سندس ڪارا وار واسينگ نانگ مثل (اڇڇر) آهن. سندس سهڻي هلڻي هاٿي جهڙي (گڇر) آهي وغيره[1] سو سهڻو سڄڻ ڪٿان ٿو وسري جنهن جا ويتر سورهن سينگار آهن.]

2- سُت رپ ڪي چال ہے، آڪارپ ڪا نيڻ
سِو واهن ڪي لڪ ہے، جيون آنبارپ ڪا ويڻ-

[هنج (ست رپ = موتين جي آفت = يعني هنج. جو موتي چڳي) جهڙي سندس ٽور آهي. هرڻ (آڪارپ = اڪن جي آفت = هرڻ. جو اڪن کي کائي) جهڙا سندس نيڻ آهن. چيتي (سو واهڻ = شو ديوتا جي ويهڻ يعني سواري = شينهن. جنهن تي شو ديوتا سواري ڪئي) جهڙي سندس چيلهه آهي، ۽ ڪوئل (انبا رپ = انبن جي آفت) جهڙي سندس ٻولي آهي.]

3- هيم برن، ٻالڪ بدن، جهيڻ لڪ، مرگهه چڪ
سو سندر ڪب بسرے، جهرو ايڪ جيو گن لڪ-

[سندس سون جهڙو لال رنگ، ٻار جهڙو نرم نازڪ بدن. سنهي چيلهه، ۽ هرڻ جهڙيون اکيون آهن: اهڙو سهڻو سڄڻ ڪئن وسري، جنهن جي جان هڪ ۽ گڻ لک آهن.]

4. ڪٽ ڪيهر، ٻال ٻوينگ، ڪونج بدن ڪنٺ لنڪ
هيرا دسن، ٻودرڪ جوبهن (؟)، مارو منگهٽ مهنڪ.

[سندس چيلهه چيتي جي چيلهه وانگر سنهي، وار واسينگ وانگر ڪارا، ۽ ڳچي ڪونج جهڙي ڊگهي ۽ سنهي، ۽ ڏند هيرن جهڙا آهن (ٻود رڪ جوبهن، جو معنيٰ ٿڻن جو اوبار آهي)، ۽ پڻ ان مارو (محبوب) جو موڙ منگهٽ مٽيادار آهي.]

5. اک ڪاجل، نڪ سل، خنجر نين ختنگ
مارو ترانوڙے مرگهه جيون اوپي موڙے انگ

---

[1] عارب فقير جي زباني موجب 'ڪسمچر' معنيٰ شينهن آهي ۽ انگچر معنيٰ هرڻ آهي (۽ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي تہ سندس چيلهه چيتي جي مثل سنهي آهي ۽ اکيون هرڻ مثل ...ن.) 'اڇڇر' ۾ 'اڇ' معنيٰ نانگ. 'گڇڇر' ۾ 'گڇ' معنيٰ هاٿي: 'ڇر' جي پڇاڙي چال چلت ۾ مشابهت ڏيکاري ٿي. مثلاً 'سهڇر' معنيٰ ساٿي.

[سندس اکيون ڪجليون، نڪ سنهي سوراخ وارو ۽ اکيون تلوار مثل آهن. منهنجي مارو (محبوب) ڄڻ ٿهنڊڙ هرڻ وانگر. ڪر موڙي ناز سان پئي نهاري.]

6. پاتر پينڊي، پينگهه ڏن(؟)، ونءِ واسينگان جيون وٽ
ڍولا! تميٽي مارو، جيون پلي گهوڙي ڪا نٽ.

[سنهي پنڊي، پينگهه جي لوڏ ۽ رفتار ۾ انتظار يا نازن سبب واسينگن وارا وٽ ۽ پيچ. اي ڍوليا! تنهنجي مارو ڪي ڄڻ پلي گهوڙي وارا گهنڊ ۽ ناز آهن!]

7. پاتر پهرڻ، پل چڙهڻ، پوم تريان اتم ڪل
لالچ ڪيٽي نہ ليٽا، ڍولا! لکيا لاپيا ول.

[نازڪ نفيس ڪپڙا پهرڻ ۽ اهڙين پلين گهوڙين تي چڙهڻ جن جو ٻڻ روءِ زمين جي ٻٽن ۾ اتم آهي، ڍوليا! اهو بخت لالچ ڪندي نہ ملي، البت لکيي سان نصيب ٿئي.]

سورهن ۽ ٻارهن سينگار:

مٿي سينگار جي اصولي نظريي توڙي هندي شاعريءَ ۾ "سورهن سينگارن" جي اصطلاحي معنيٰ تي روشني وڌي وئي آهي. "شرنگار رس" جي محرڪات جي اصولي نظريي موجب عورت جي فطري حسن جا اوصاف توڙي ظاهري ساٿ، "سينگارن" ۾ شامل آهن. ملڪ محمد جائسي پڻ پد ماوت جي فطري حسن جا اوصاف بيان ڪندي سورهن سينگار جو نالو ڪنيو آهي. مگر هندي شاعريءَ جي پوئين تڪلف ۽ تصنع واري دؤر ۾ غالباً هندي شاعرن محض عورت جي ظاهري سينگارن ڪي ڳايو ۽ انهيءَ ڪري اديبن ۽ لغت نويسن "سورهن سينگارن" جي تشريح ڪندي انهن جو تعلق محض عورت جي ظاهري سينگارن سان ئي ڄاڻايو. البتہ پليٽس (Platts) پنهنجي "هندستاني لغت" ۾ لفظ "سنگار" هيٺ "سولهہ سنگار ٻاره ابرن (يا ابرن)" جو اصطلاح بنا تشريح جي ڏنو آهي، ۽ لفظ "ابرن" يا "ابرن" جي معنيٰ لفظ "آبرن" هيٺ هن طرح ڄاڻائي آهي: "جواهرات زيور، زيب و زينت" ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ "آبرن" يا "ابرن" جو لفظ هندي ٻوليءَ ۾ ٻارهن قسمن جي ڳهن ۽ زيورن جي

معنيٰ ۾ آيل آهي. آيا اهو لفظ هندي شاعرن بہ استعمال ڪيو ۽ محبوب جي سينگارن کي واڪاڻيندي انهن ٻارهن قسمن جي ڳهڻ ۽ زيورن جو بہ ذڪر ڪيو. اهو اسان کي معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ممڪن آهي تہ هندي شاعرن محبوب جي ٻارهن قسمن جي زيورات جو ذڪر پنهنجي اشعار ۾ ڪيو هجي، مگر غالباً سنڌن اهو مضمون مشهور ڪونہ ٿيو.

بعد ۾ جڏهن هندي عشقيہ شاعريءَ جا عنوان سگهڙن جي رس رهاڻ جا موضوع بنيا، تڏهن سنڌن سگهڙپائي انهن کي سموهي سنواري نوان معنوي نقطا ايجاد ڪيا. اسان جي خيال ۾ اهو سنڌ ۽ ٿرپارڪر جي سگهڙن جو انوکو تخيل هو جن انهن عنوانن کي نئون رنگ ڏنو بلڪ منجهن نئين جان پيدا ڪئي. هنن "سينگار رس" جي اصلي نظريہ توڙي "سورهن سينگارن" جي پوءِ واري اصطلاحي معنيٰ، يعني "فطري حسن" ۽ "ظاهري سينگار" جي ٻنهي عنوانن کي پنهنجي نئين تخيل ۾ سموهي "سورهن ۽ ٻارهن سينگارن" جو هڪ نئون نظريو قائم ڪيو جنهن موجب "سورهن سينگار" عورت جي فطري حسن سان مخصوص ڪيائون، ۽ باقي "ٻارهن سينگار" عورت جي جڙتو جنسارن سان مخصوص ڪيائون. جيتوڻيڪ انهن ٻارهن بناوتي سينگارن لاءِ هندي لفظ "ابرن" مان صفت "ابرنوي" استعمال ڪيائون، مگر سنڌن هن تقسيم جو بنياد غالبا "شرنگار رس" جي نظريي تي ٻڌل هو جنهن موجب "شرنگار رس" جي اساسي محرڪ (عورت) جي جوانيءَ کي چمڪائڻ لاءِ جملي 28 اوصاف مقرر ڪيا ويا هئا جن ۾ ناز و ادا، فطري حسن، توڙي ظاهري سينگار شامل هئا. هنن سگهڙن جڻ انهن اناويهن وصفن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري، 16 اوصاف فطري حسن لاءِ مخصوص ڪيا ۽ 12 اوصاف عورت جي پنهنجي سينگارن لاءِ مقرر ڪيا. انهيءَ تقسيم جي علاوه هنن سگهڙن انهن ٻنهي قسمن جي تشريح ڪري سورهن ۽ ٻارهن سينگارن مان هر هڪ جي سڃاڻپ جا اصول مقرر ڪيا. اسان جو هيءُ خيال تہ غالباً اهو نئون نظريو سنڌ جي سگهڙن پيدا ڪيو هن حقيقت تي مبني آهي تہ انهيءَ نظريہ جي وضاحت ۾ جي اشعار ملن ٿا تن جي ٻولي ۽ اسلوب بيان ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تخيل جو دخل آهي، جيئن تہ هيٺين تشريح مان واضح ٿيندو.

سورهن فطري سينگار: هن نئين تخيل موجب، ”سورهن سينگارن“ جو اصطلاح خاص طرح حسن جي سورهن فطري وصفن لاءِ مخصوص ٿيو ۽ انهن سورهن فطري وصفن جي تقسيم هن طرح ڪئي وئي ته:

”چار چلنت، چار اڏنت، چار ڦول، ڦل چار
اهي سورهن ئي سينگار، ابر نوي اٺ چار“.

يعني ته محبوب حسن جي سورهن فطري وصفن سان سينگاريل هجي، جن مان چار وصفون زمين تي هلندڙ جاندارن (چلنت) واريون سهڻيون هجن، چار وصفون اڏامندڙن (اڏنت = پکي وغيره) واريون هجن، چار وصفون گلن (ڦول) واريون هجن، ۽ چار وصفون ڦلن (ڦل) واريون هجن: حسن جا فطري سينگار اهي ئي آهن. باقي ابرنوي يعني بناوتي سينگار ٻيا جدا ٻارهن (اٺ + چار) آهن.

سورهن سينگارن جي مٿين اصولي تشريح نهايت ئي شاندار آهي: اول ته سورهن وصفن کي چئن مقرر قسمن ۾ وراهي انهن جي سڃاڻپ کي زياده واضح ڪيو ويو آهي، ٻيو ته انهيءَ سڃاڻپ جون فقط وسيع حدون مقرر ڪيون ويون آهن. هنديءَ ۾ ”سورهن سينگار“ جي وضاحت وانگر هر هڪ وصف جو نالو وٺي هر وصف کي محدود ڪونه ڪيو ويو آهي. هندي اديبن ۽ لغت نويسن جي تشريح موجب سورهن سينگارن جا نالا جيتوڻيڪ مختلف نظرين موجب مختلف آهن ته به هر حالت ۾ مقرر ٿيل آهن. جنهن جي معنيٰ ته هر شاعر محض اهي ئي مقرر ڪيل سينگار پنهنجي شعر ۾ بيان ڪري سگهي ٿو. مگر هن نئين نظريه موجب سندس آزاد تخيل لاءِ ڪافي ڪشادو ميدان ڇڏيو ويو آهي: شاعر ڪهڙن به جانورن، پکين، گلن يا ميون جون ڪهڙيون به چار سهڻيون وصفون تشبيهه طور آڻي سگهي ٿو. مثلاً هڪ سگهڙ اهي سورهن وصفون هن طرح بيان ڪيون آهن:

مرگهه جون ماٿي نين ڪي، ڪٽ چيتي بنراج
گهنگهٽ وان ڪو ٽُريءَ ڪو، درگهه چالي گجراج

[مرگهه = هرڻ. ڪٽ = چيلهه. بنراج = شينهن. وان = ان جو. تري = گهوڙي. درگهه چالي = آهسته ڊيگهه وارا قدم کڻي هلڻ. گجراج = هاٿي. هن

مصرع ۾ سگهڙ، محبوب جي حسن جون چار جانورن واريون فطري وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ: پيشانيءَ ۾ هرڻ واريون اکيون اٿس ۽ چيلهہ چيتي شينهن جهڙي سنهي اٿس، سندس گهنڊ ۽ ناز يليءَ گهوڙي جهڙو آهي، ۽ سندس خرامان خرامان ٿور هاٿي جي سهڻي هلڻي وانگر آهي.]

ناس ڪيل، ڪوڪيل ٻولي، ڪنٺ گلي سر مور
پرون سجن کے سيام هين، جون چمپا تي ڀونر.

[ڪيل = چتون. ڪوڪيل = ڪوئل. ڪنٺ = ڳچي. سيام = ڪارا. چمپا =چنبيلي گل. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جون پکين واريون چار وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ: سندس نڪ طوطي جهڙو ٻولي ڪوئل جهڙي مٺي، ۽ ڳچي مور جي ڪنڌ جهڙي ڊگهي ۽ سنهي آهي، سجڻ جا ڀرون اهڙا ڪارا آهن جئن چڻ چنبيلي جي سفيد گل تي ڀؤنر ويٺا آهن.]

اڌر ڪپول گلاب هين، ڪيس سوسن ڪي ريهہ
ڪيسر روپ، مکهہ ڪنول، اٹهہ ساجن وصل ليہ.

[اڌر = چپ. ڪپول = ڳل. ڪيس = وار. سوسن = ڪارو گل. ريهہ = ليڪون (ڪاريون). ڪيسر = گل زعفران. ڪنول = گل نيلوفر. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جون گلن واريون چار وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ: لب ۽ رخسار گلاب جي گل وانگر لعل آهن، ۽ وار سوسن گل وانگر ڪارا آهن، بدن جو رنگ ڪيسر مثل ڳاڙهو ۽ منهن ڪنول جي گل وانگر سهڻو ۽ ٻهڪندڙ آهي. اهڙي حسن وارا سهڻا سجڻ! اٿي ڪو وصل جو لطف وٺ.]

ڪر ڪيلے، دڇن انار هيں، اري سوپاري تال
اِستن ڪامن ناريل هيں، انگيا سوپيا مال.

[ڪر = ڪرايون. دڇن = ڏند. اري = ڪڙي تال = وانگر. استن =پستان. انگيا = چولي، سوپيا = سونهن. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جون چار ڦلن واريون سهڻيون وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ: سندس ڪارايون ڪيلي جي ڦريءَ جهڙيون آهن. ڏند ڏاڙهون جي داڻن جهڙا آهن، ۽ پير جي ڪڙي سوپاري جهڙي گول ۽ ننڍي آهي، ڪامڻيءَ جا پستان سندس سهڻي چولي اندران چڻ ناريل آهن.]

مٿين مصراعن جي پڙهڻيءَ جو مدار لس ٻيلي جي سگهڙن جي روايت

تي آهي. مرحوم آخوند عبدالرحيم وفا پڻ پنهنجي هڪ قلمي بياض ۾ اهي اشعار قلمبند ڪيا آهن ۽ سندس روايت ۾ بي مصرع (جنهن ۾ پکين واريون وصفون شمار ڪيل آهن) جي ٻي سٽ هن طرح آهي تہ "تريهر چيها ڪَ شام هين جيئن چنپاتے پؤنر". مگر انهيءَ پڙهڻيءَ مان ڪو صاف مطلب ڪونہ ٿو نڪري. سنڌ جي ٻين موجوده سگهڙن کي اهي مصراعون بالڪل ناقص نموني ۾ ياد آهن. ٻي مصرع جي ٻيءَ سٽ ۾ سنڌن متفقہ روايت موجب "چرن چيهي جهڙا" واري مشابهت هئڻ گهرجي، يعني تہ محبوب جا پير اهڙا لعل رتل هجن جهڙا چيهي گاهہ جي رنگ سان رتل يا چيهي پکيءَ. مجموعي طور مٿيون مصراعون هندي ٻوليءَ جي اسلوب بيان ۾ چيل آهن ۽ انهيءَ ڪري يا تہ سنڌ – ترپارڪر جي ڪنهن وڏي سجاڳ سگهڙ جون چيل آهن يا تہ ٻاهرئين ڪنهن سگهڙ جون آهن. البت "گهنگهٽ وان ڪو تريءَ ڪو" واري جملي ۾ "تري- ڊاتڪي" محاوري جو ذرا عڪس نظر اچي ٿو ۽ "اٿهہ ساجن وصل لے" واري فقره ۾ "سجن" جي بدلي "ساجن" ۽ خاص طرح عربي لفظ "وصل" جو استعمال خالص هندي بيان جي برعڪس آهي. ازانسواءِ ٻي مصرع جي ٻي سٽ جي ڏنل پڙهڻي جيڪڏهن صحيح آهي تہ پوءِ ان ۾ "پِرون" (ف. ابرو) جو لفظ جڻ سنڌي ٻولي جو لفظ آهي ۽ پڻ پرون جي پؤنر سان تشبيهہ خاص طرح سنڌي تخيل مطابق آهي: "پؤنر پرون ڪارا" جو فقره تہ سنڌ ۾ زبان زد عام آهي، مگر سنڌي شاعرن جي شعر مان پڻ هن تشبيهہ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، جيئن تہ:

- "لڪ ليثي، اهر ڪپور، پر وان پؤنر پونگ" (جلال)
- "الدہ انگ عجيب جا، پؤنر پرون بنسئا" (دوست محمد)
- "پرون تنهن جا پؤنر جان، اکيون ميگهہ ملار" (خضر)
- "ڪنگو ورن ڪرائيون، پرون پؤنر پونگ" (سليمان)

مگر هندي شاعريءَ ۾ پرن جي پؤنر سان تشبيهہ عام مروج ناهي. خصوصا ڪنول يا چنبيلي گل تي ويٺل پؤنر کي هندي شاعرن محبوب جي اکين سان تشبيهہ ڏني آهي. جيئن تہ هنديءَ جو استاد شاعر ملڪ محمد جائسي، پدماوت راڻي جي حسن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

نين چتر دي روپ چتيرے،
ڪنول پتر پر مدهڪر پهيرے.

(محبوب جون هوشيار تيز نظر اکيون ۽ حسين چهرو ائين پيو معلوم ٿئي جو ڄڻ تہ ڪنول گل جي پن تي ڀؤنر ويٺو آهي.)

فطري حسن جي 16 وصفن کي ڪن سگهڙن وري هن طرح شمار ڪيو آهي تہ:

مرگهہ نين، ڪيهر لڪ، اسپ گهونگهٽ، گج گام
ڪوئل ٻولي، طوطي نڪ، مور ڳچي، پاريور قدام
سوسن بال، مک ڪنول، ڏند چنبيلي، اڌر گل لالا فام
اونڌ سوپاري، نيپو پپيهل، مڱ قر انگلي، ندي آم.

يعني تہ هرڻ جهڙيون اکيون، شينهن (چيتي) جهڙي سنهي چيلهہ، گهوڙي وارو گهنڊ ۽ ناز، هاٿي واري سهڻي ٽور، ڪوئل جهڙي مني ٻولي، چٽون جهڙو ڪنڊو نڪ، مور جهڙي سهڻي ڳچي ۽ ڪبوتر جهڙا گلابي پير، سوسن گل جهڙا نرم ڪارا وار، ڪنول گل جهڙو سهڻو منهن، چنبيلي گل جهڙا سفيد ڏند ۽ لالہ جي گل جهڙا لعل لب، سوپاريءَ جهڙي گول نندي ڪڙي، ليمي جهڙا پستان، مڱ جي ڦريءَ جهڙيون سنهيون آڱريون، ۽ انب جي هيٺين چوٽي جهڙي سهڻي ڪاڏي.

(ب) ابرنوي يا ٻارهن بناوتي سينگار:

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ پليٽس جي "هندستاني لغت" ۾ "سولهہ سينگار ٻارهن ايرن (يا ابرن)" جو اصطلاح ملي ٿو ۽ "ايرن" جي معنيٰ "جواهرات زيور، زيب و زينت" ڏنل آهي. سنڌ جي سگهڙن "ابرن" مان "ابرنوي" (يعني "ابرن" سان تعلق رکندڙ) صفت بنائي اهو نالو عورت جي ٻارهن بناوتي سينگارن کي ڏنو. ڪنهن سگهڙ هيٺين نظم ۾ اهڙن ٻارهن سينگارن جا مثال ڏنا آهن:

1 ـ ٻوڪن، ڪنگڻ قسم ڪے، سٽ پاٽر نئے نار
2 ـ ڪاڻ سنوارت، ٻيني رپ، ٻن چوڏو بازار
3 ـ درپن شاهي سجو ڪي، سيندر سيند سينگار
4 ـ چوٽا، چندن، ميندي، تيل، اے سب ڪامن ڪي ڪار

5_ سنت کي سچ بوليا، هي اب٘رنوي اٺ چار.[*]

يعني 1. ڪپڙا (بوکن =بوڇن) 2. زيور (ڪَئنچن = ڪنچن =سون)_ اهي ٻئي قسم قسم جا، 3. سرمون (ست پاتر = پٽر جو پٽ = سرمون جو ڪاٺين مان نڪري ۽ هڪ قسم جو پٽر آهي) جو عورت جي اکين ۾ سونهي، 4. ڦٽي (ڪاٺ جي ڦٽي جا وار سنواري) 5. ڏوري يا سينڌ (بيني رپ = نڪ جي آفت — ڏوري به نڪ جي مٿان بيهي، ۽ جي سينڌ ڪڍجي ته به نڪ مٿان سڌي آگر مٿي ڏيئي ان جو نشان ڪجي) 6. مساڳ (بن چوڏو = وڻ جو چوڏو) لبن جي لالائي لاءِ 7. وڏي آرسي (درپن) جا جواني ڪي چمڪائڻ ۾ يا سينگار جي تياري ۾ مدد ڪري (سجوون = جواني ماٽيندڙ جواني وارو. سجوانا = تيار ڪرڻ، تياري ڪري رکڻ) 8. سيندر، جو سينڌ جو سينگار آهي 9. خوشبوءِ دار چوئو 10. چندن يا سر کنڊ جو پيشاني تي ملجي 11. ميندي جا هٿن پيرن ڪي لائجي، ۽ 12. تيل هر قسم جو جو وارن ۾ وجهجي يا خوشبوءِ ۽ چمڪ خاطر منهن تي مکجي — اهي جملي شيون ڪامڻ (ڪامڻي) جي ڪم جون آهن. درويش چوي ٿو ته، مون سچ چيو آهي ته "ابرنوي" يا بناوتي سينگار بارهن (اٺ + چار) ٿي آهن.

مٿين مصراعن ۾ "ڪاٺ سنوارت"، "بن چوڏو"، "سينڌ" ۽ "اٺ چار" جا الفاظ سنڌي آهن ۽ ازانسواءِ قسم، بيني ۽ شاهي جهڙا عربي ۽ فارسي الفاظ به ڏيکارين ٿا ته هي نظم سنڌ جي ڪنهن مسلمان سگهڙ جي شگفته طبع جو نتيجو آهي.

---

[*] هن نظم جون به ٽي روايتون آهن. 1 ۽ 2 مصرع سيني روايتن ۾ متفقه طور آيل آهن. باقي پوين ٽن مصراعن جي روايتن ۾ اختلاف آهي. انهن مصراعن جون به مکيه روايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

(الف) ڏريت شاهي سجر ڪي، سنڌر سينڌ سينگار
عطر، ميندي تيل، اي سب ڪامن ڪي ڪار.
سچ ديکيا جو ڪچ ڪها، ابرنوي اٺ چار.

(ب) سياهي، سرخي سپ رنگ قد ڪامن ڪي ڪار
چوئا، چندن، ميندي، سينڌو سينڌ سنوار
سنت ڪهي، سچ بولي، هي ابر (ن) يي اٺ چار.

مٿي ڏنل ٽن عنوانن، يعني 1. پدمڻي جي وصفن، 2. ”ڍول – مارو“ جي افساني وارن شعرن، ۽ 3. سورهن ۽ ٻارهن سينگارن، جي وضاحت مان معلوم ٿيو تہ هندي عشقيہ شاعري جا مضامين ۽ عنوان سجاڳ سگهڙن ذريعي سنڌ تائين پهتا. سنڌ جي سگهڙن پنهنجي هڪ مڪاني افساني ”ڍول – مارو“ توڙي هندي ادب جي عنوانن ذريعي پنهنجي انوکن خيالن کي هندي اسلوب بيان ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ خاص طرح عورت جي سينگارن جي ”سورهن ۽ ٻارهن“ واري تقسيم کي پنهنجي انوکي تخيل ذريعي نئين تشڪيل ڏني. اهو وچ وارو دؤر هو جڏهن هندي مضمونن ۽ عنوانن ۾ سنڌي تخيل جي آميزش سان نوان نقطا پيدا ٿيا. تاريخي لحاظ سان غالبا اهو ڪلهوڙن کان اڳ ۽ ڪلهوڙن جو اوائلي دؤر هو. انهيءَ دور ۾ سنڌي سگهڙن، اجا پنهنجي خيالن کي هندي اسلوب بيان ۾ اظهار ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اندازا ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ايامڪاريءَ کان سنڌ جي پختہ مشق شاعرن هنن عنوانن تي خاص سنڌي زبان ۾ پنهنجا شاعرانہ جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا، ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ مستقل طور فن ”سينگار“ جو بنياد رکيائون.

باب ٻيو

سنڌي "سينگار" شاعري

ڪلهوڙن کان اڳ ۽ ڪلهوڙن جي اوائلي دؤر ۾ سنڌ جي سگهڙ شاعرن هندي شاعريءَ "سينگار رس" وارن مضمونن ۽ عنوانن جي پنهنجي سنڌي تخيل جي آميزش سان نوان نڪات پيدا ڪيا. البت انهيءَ اوائلي دؤر ۾ هنن پنهنجن خيالن کي هندي زبان جي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ايامڪاريءَ کان سنڌ جي پختہ مشق شاعرن، حسن ۽ سينگار جي مضمونن کي نئين سنڌي اسلوب بيان ۾ نباهيو ۽ مستقل طور "سنڌي سينگار شاعري" جو بنياد رکيائون.

سنڌي سينگار شاعريءَ جو اوج ۽ ڪمال اسان کي سڀ کان پهريائين سگهڙن جي سرتاج جلال ڪتي جي ٻي بها بيتن ۾ نظر اچي ٿو. جلال غالبا پهريون استاد شاعر هو جنهن پنهنجي انوکي تخيل ۽ جادو بيانيءَ سان "سنڌي سينگار شاعري" کي اوج تي پهچايو. جلال، ميان نور محمد جي عهد جو شاعر هو ۽ غالباً ٻتائي صاحب جو وڏو معاصر يا هم عمر هو. ان وقت جي عام سنڌي شاعري تصوف جي رنگ ۾ رڱيل هئي ۽ مجاز کان زياده حقيقت ڏي مائل هئي: جنهن ته ان جو خاص مقصد اصلاح نفس هو ۽ ان جو خطاب عام ماڻهن کي هو. انهيءَ ڪري ان کي نهايت مؤثر مگر عام فهم زبان ۾ ادا ڪرڻ ضروري هو. ان جي ڀيٽ ۾ 'سنڌي سينگار' شاعري پنهنجي پس منظر جي لحاظ سان هڪ خاص 'فن' هو جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جي موضوع کي هڪ خاص انوکي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ لازمي هو. سينگار شاعريءَ جي هن 'فني حيثيت' سبب، ان کي نباهڻ لاءِ شاعرانہ طبع سان گڏ هنرمندي ۽ سگهڙپائيءَ جي بہ ضرورت هئي. انهيءَ لحاظ سان 'سينگار شاعريءَ' جا استاد شاعر ساڳئي وقت هنرمند شاعر بہ هئا: البتہ هن سلسلي جا ڪافي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن جن جي شاعرانہ طبع سندن 'هنرمنديءَ' تي غالب هئي، وري ٻيا ڪي اهڙا آهن جن جي ڪلام ۾ 'هنر مندي' يا سگهڙپائي زياده نمايان آهي.

بحيثيت هڪ "فن" جي، سينگار شاعري نسبتا هڪ مشڪل موضوع آهي، انهيءَ ڪري هن ميدان ۾ هر شاعر يا هر هنرمند جو ڪڏي پوڻ مشڪل هو. اهوئي شايد هڪ مکيہ سبب آهي جو هن سلسلي جي سجاڻ شاعرن جو تعداد محدود نظر اچي ٿو. حالانڪہ هي سلسلو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر جي شروعات کان وٺي ويندي اڄ تائين، يعني تہ تقريبا پوڻا بہ سؤ ورهيہ، لاڳيتو نظر اچي ٿو. مگر هن تعداد جي ڪمي جا ٻيا ڪي خاص سبب پڻ نظر اچن ٿا. پهريون تہ سينگار شاعريءَ جو خاص الخاص موضوع "مجاز" هو يعني تہ محبوب جي ظاهري حسن ۽ سينگار جي تعريف. مگر سنڌ جي سر زمين عالمن، درويشن ۽ صوفين جي اصلاح نفس واري مسلسل تبليغ سبب هميشہ "حقيقت" کي "مجاز" تي ترجيح ڏني، ۽ "صورت" جي بدلي "سيرت" جي قائل رهي، انهيءَ ڪري سينگار شاعري عالمن ۽ صوفي درويشن جي خاص طبقي ۾ عام رائج نہ ٿي. جيئن تہ ان وقت لکيل پڙهيل طبقو بہ اهوئي هو انهيءَ ڪري اهو شعر جنهن جو تعلق فن "سينگار" سان هو قلمبند ڪونہ ٿيو، ۽ محض سگهڙن جي سينن ۾ ئي محفوظ رهيو. ٻيو تہ، ڀٽائي صاحب يا ٻين صوفي شاعرن جا بيت عام فهم زبان ۾ چيل هئا ۽ انهيءَ ڪري زبان زد عام ٿي ويا، مگر "سينگار شاعري" بحيثيت هڪ فن جي، ڳوڙهي زبان ۽ انوکي اسلوب بيان ۾ ادا ڪيل هئي، انهيءَ ڪري ان جو ذوق خاص طرح ان فن جي ماهرن جي مجلسن جو ورد وظيفو بنيو. جيتوڻيڪ ان کي ڪافي مقبوليت حاصل ٿي مگر اها مقبوليت خاص طرح عوام جي سجاڻ سگهڙن ذريعي پيدا ٿي ۽ انهيءَ فن جي روات بہ گهڻو ڪري سگهڙن جي سيني تائين محدود رهي.

سگهڙن جو سرواڻ ۽ سرتاج سگهڙ جلال ڪتي سنڌي زبان ۾ "فن سگهڙپائي" جو باني مباني هو: فن "هنر" بہ کائنس هليو تہ "ڏهسنامي" جي ڏاهپ بہ وٽانئس شروع ٿي، جنهن جي پوءِ هر ڏس ۾ ڏاهہ پئجي ويا. "ڏهسنامي" جي ڏاهپ سان جلال سنڌي شاعريءَ جي فن "سينگار" کي ويتر وڌيڪ سينگاري اوڄ ۽ ڪمال تي پهچايو. ٻين شاعرن جن حضرت جلال واري واٽ ورتي، ۽ خاص طرح سنڌي شاعريءَ جي فن "سينگار" ۾ پاڻ موکيو. تن مان پهريون گروهہ خود جلال جي همعصر شاعرن جو هو. ذاتو

خضر ۽ خانو تيئي ڪتي هئا ۽ غالباً جلال جا عزيز ۽ همعصر هئا. صابر موچي پڻ جلال جو دوست ۽ همعصر هو. انهن کان سواءِ نـ معلوم ٻيا بـ ڪيترائي وڏا سگهڙ شاعر ان وقت هئا جن جا نالا اسان تائين نـ پهتا آهن.

بهرحال حضرت جلال ڪني واري دؤر ۾ "سينگار" شاعري اهڙي تـ اوج کي پهتي جو وڏا درويش صوفي شاعر پڻ ان کان متاثر ٿيا. سيد ميون شاهـ عنات رضوي ۽ شاهـ عبداللطيف ان وقت اعليٰ شاعريءَ جا امام ۽ اڳواڻ هئا ۽ سنڌن ٻنهي رسالن ۾ اسان کي پهريون دفعو حقيقت سان گڏ مجازي شاعريءَ جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي، جنهن ۾ محبوب جي ناز ۽ انداز ۽ پڻ ظاهري حسن ۽ سينگار کي سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي: اهو رنگ ڪائنن اڳين بزرگن جي ڪلام ۾ اڪثر ناپيد آهي، ۽ جي آهي تـ بـ نسبتا بالڪل گهٽ آهي. اسان جي خيال ۾ اهو سنڌن همعصر شاعرن (جلال ۽ ٻيا جن فن "سينگار" ذريعي محبوب جي ظاهري حسن کي چمڪايو) جو اثر هو جنهن هنن سرتاج سالڪن جي ڪلام ۾ بـ محبوب جي مجازي حسن ۽ سينگار جي جهلڪ پيدا ڪئي. شاهـ عبداللطيف محبوب جي حسن ۽ ناز کي پنهنجي هيٺئين بيت ۾ نهايت ئي پاڪيزه ۽ بلند مقام کان حقيقي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي تـ:

ناز منجهارا نڪري، جڏهه پرين ڪري ٿو پنڌ
پوءِ پڻ 'بسم الله' چئي، راهه چمي ٿي رند
اپيون گهڻي ادب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ
سائينءَ جو سوڳنڌ، منهنجو ساجن سينئان سوهڻو!
(سر برو و سنڌي)

سيد ميين شاهه عنايت رضوي غالبا پهريون دفعو سر مومل راڻي ۾ مومل ۽ سندس سهيلين جي حسن جي مجازي تعريف زياده ڪليل الفاظ ۾ ڪئي تـ:

گلبدن جوون گجريون، إرم اوڊيائون
چوٽا تيل ڦليل مان واسينگ ويڙهيائون
انهيءَ پر، عنات چئي، راڻو رانبائون
سو مرٽي ڪيئن پاهون، جن گل گجر کي گڏئو!

ڀٽائي صاحب انهيءَ مضمون ۾ اڃان ٻه اڳتي قدم وڌايو ۽ "سر مومل راڻي" ۾ هن رنگ جا ٽي بيت چيائين جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن:

1. جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿن ويس
چوٽا تيل چنبيلئا، ها ها، هو هيس
پسئو سونهن، سيد چئي، نينهن اچن ٿا نيس
لالڻ جي لبيس، آتڻ اکر نه اڄهي.

2. جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون
عطر ۽ عنبير سان، تازا ڪئائون تن
مڙهيائون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن
سونهن ربي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن
منجهه مرڪئس من، "سوڍي سين سڱ ٿئو".

3. سون ورنيون سوڍيون، ربي رانديون ڪن
اگر اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪتن
اوتيائون عنبير جا، مٿي طاق ٽڙن
ٻاٽن ٻيلون ٻڌيون، پسئو سونهن سڙن
ٿيا لاهوتي، لطيف چئي، پسڻ لئه پرين
اڄهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪڪورئا ڪاپڙي.

انهن ظاهري ساٿن سينگارن کان سواءِ مجازي حسن جي جملي ڪي پڻ ڀٽائي صاحب واضح لفظن ۾ بيان ڪيو ته "مومل ڪي مجاز جا اکين ۾ الماس" ۽ پڻ "مومل ڪي مجاز جون تارن ۾ تبرون". مجموعي طور "سينگار" شاعريءَ جي انهيءَ جلڪ کان سواءِ، خصوصا "فن سينگار" جي مضمون توڙي اسلوب بيان جو اثر پڻ سيد ميين شاه عنايت توڙي ڀٽائي صاحب جي ڪن بيتن ۾ چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

جلال ۽ سندس همعصر گروه کان پوءِ، سنڌي "سينگار" شاعريءَ جي نامور شاعرن ۾ هڪ طرف جلال جا پاڙيسري ۽ جمن چارڻ جا عزيز، جان محمد، صدرالدين ۽ گلاب چارڻ هئا ته ٻئي طرف وري سيد ڪبير شاه،

شيخ ابراهيم ۽ سنڌن ساٿي هئا. جن لس ٻيلي ۽ ملير طرف هن شاعرانه فن جو چرچو پيدا ڪيو. سليمان نالي "فن سينگار" جو استاد شاعر به غالباً هن ٻئي گروه منجهان هو. ان بعد هن طبقي جي ٽئين گروه ۾ هڪ طرف دادو طرف جا سگهڙ شاعر ڪنيار (نالو نامعلوم)، لونگ، وڏو مانجهي ڏکڻ، ڪمڻ چارڻ ۽ چاڪر خان رستماڻي هئا. ته ٻئي طرف لس ٻيلي ۽ ملير ۾ جام مراد علي، غلام الله جوکيو قيصر خان پنب، دوس محمد، راڄن شاه ۽ شيخ سائينداد جهڙا اعليٰ هنرمند استاد شاعر هئا. انهن ٽن گروهن کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي شاعر هن ميدان جا شهسوار هئا. جن جي محض نالن ۽ چند بيتن کان سواءِ هن وقت تائين ٻي ڪا به معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي. البت پوئين ويجهي دور ۾ جن "سينگار شاعري" ڪئي تن بابت وڌيڪ معلومات ملن ٿا. اندازا گذريل ٽيهن سالن کان وٺي اسان هن فن کي ڪچهرين ۾ ٻئي بيان ڪيو آهي. جنهن ڪري ڪافي سگهڙن 'سينگار' جا بيت چيا آهن[1] ۽ 'سنڌي سينگار شاعري' جو هيءُ فن وري جيئرو ٿيو آهي.

سنڌي سينگار شاعريءَ جون خصوصيتون:

سنڌي سينگار شاعريءَ جي مٿئين تاريخي پس منظر ۽ هن فن جي سجاڻ شاعرن جي مختصر بيان بعد، اسان "سنڌي سينگار شاعريءَ" جي انهن خاص خصوصيات جو ذڪر ڪنداسون جيڪي ان کي هندي "سينگار رس" کان اسلوب بيان خواه عنوانن ۾ بي نياز ڪري، سنڌي شاعريءَ جي دائري ۾ بطور هڪ فن جي جداگانه ۽ مستقل حيثيت ڏين ٿيون.

لغت جي وسعت ۽ بيان جي ڳوڙهائي:

"سينگار رس" شاعريءَ جا عنوان ۽ مضمون هندي ٻوليءَ يا ان جي ڀين ويجهن محاورن ۾ رچيل هئا. سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن لاءِ اهي ٻوليون غير سنڌي ۽ نيون هيون. انهيءَ ڪري غالباً هيءُ خيال پيدا ٿيو ته عورت جي حسن ۽ سينگار جي مضمونن کي انوکي لغت ۾ ادا ڪرڻ ضروري آهي. جڏهين سنڌ جي استاد شاعرن، پنهنجي نئين "سنڌي سينگار" جي فن کي هندي ٻولي ۽ ان جي محاورن جي بدلي سنڌي ٻوليءَ جي قالب ۾ سموهيو

---

[1] انهن جو ذڪر ٻين بابن هيٺ ايندو.

تڏهين اهو لازمي ڄاتائون تہ ان ۾ اهڙا انوکا الفاظ استعمال ڪن جو سندن زبان جي ڳوڙهائي، "سينگار رس" جي هندي ٻوليءَ واري انوکائيءَ جو مقابلو ڪري ان جي مٽ ۽ برابر ٿئي، بلڪ ان کان اتم ۽ اعليٰ بنجي.

'سينگار رس' لاءِ استعمال ٿيل هندي ٻوليءَ جي لغت محض سنسڪرت ۽ هندي محاورن تائين محدود هئي. سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي "سنڌي سينگار" فن لاءِ هڪ طرف پنهنجا انوکا سنڌي الفاظ اختيار ڪيا، ٻئي طرف 'سينگار رس' شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل سنسڪرت ۽ هندي اسمن کي پنهنجو ڪيو ۽ ٽئين طرف وري عربي، فارسي ۽ بلوچي وغيره ٻولين مان انوکن اسمن جو هڪ وڏو سرمايو هٿ ڪيو. اهڙيءَ طرح 'سنڌي سينگار' شاعريءَ کي انوکي ۽ ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي لغت ۾ هڪ وڏي وسعت پيدا ڪيائون. بلڪ ائين چئجي تہ خاص 'سنڌي سينگار' فن لاءِ جڙ هڪ نئين لغت تيار ڪيائون، جنهن ۾ سنڌي، سنسڪرت، عربي، فارسي، بلوچي، براهوئي، سرائڪي، ٿري ۽ ڍاٽڪي ٻولين جي انوکن اسمن جو سرمايو شامل هو. مختلف ٻولين جي مطلوب اسمن جي واقفيت ۽ ڄاڻ کي سنڌ جي سگهڙن هڪ خاص 'سگهڙپائيءَ جو فن' قرار ڏنو جنهن کي 'ڏهسنامو' ڪري سڏيائون.

ڏهسنامو:

سنڌ جي موجوده سڄاڻ سگهڙن جي متفقہ نظريي موجب 'ڏهسنامو' سنڌي سگهڙپائي جو آڳاٽو فن آهي، جنهن جو مطلب آهي: لفظن جي اها ڄاڻ ۽ بيان جو اهو نمونو جنهن ۾ "ڏهہ ٻوليون ۽ ڏهہ معنائون هجن." سندن متواتر روايت موجب "ڪتي ڏهسنامي جا پهريان استاد هئا"۔ يعني تہ جلال ڪتي ۽ سندس قريب ساٿي ڏهسنامي جي فن جا پهريان ڄاڻو ۽ ماهر هئا. سنڌ جي هن سيني – بہ – سيني هلندڙ روايت مان ظاهر آهي تہ ڏهسنامي جي فن جي شهرت جلال جي ڏينهن کان ٿي، ۽ سنڌي سينگار شاعريءَ جو فن بہ ان وقت اوج تي پهتو انهيءَ ڪري سمجهجي ٿو تہ ڏهسنامي جو فن، جنهن جي ذريعي مختلف ٻولين جي انوکن اسمن جي ڄاڻ پيدا ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ جي عروج لاءِ بنيادي ڏاڪو هو.

غالبا سنڌ جي سگهڙن ”ڏهسنامي“ جو نالو ان وقت جي فارسي تعليم جي اصطلاحن کان متاثر ٿي اختيار ڪيو. فارسي سکڻ لاءِ ’دووايو‘، ’ترايو‘ ۽ ’آمد نامو‘ مشهور اصطلاحي نالا هئا. سنڌ جي سگهڙن جو معياري نظريو هو گهٽي ۾ گهٽين ٻولين جا انوکا الفاظ سکڻ. انهيءَ ڪري ’ٻن‘ يا ’ٽن‘ جي بدلي ’ڏهن‘ جو عدد نظر ۾ رکيائون، ۽ ’آمدنامي‘ جي لحاظ سان پنهنجو نئون اصطلاح ”ڏهسنامو“ ايجاد ڪيائون.

سگهڙن جي ذريعي ’ڏهسنامي‘ جا جيڪي مثال اسان تائين پهتا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ’ڏهسنامي‘ جي چاڻ خصوصا ’سنڌي سينگار‘ شاعريءَ جي خدمت واسطي پيدا ٿي. سنڌ جي سگهڙن خاص طرح انهن اسمن جا هم معنيٰ الفاظ ٻين ٻولين مان ڳولي هٿ ڪيا، جن جو تعلق محبوب جي سهڻن عضون ۽ اندامن سان يا انهن جي مشابهات سان هو. مثلاً محبوب جا وار، اکيون، ڏند، چپ، نڪ، چيلهه ۽ پير خاص طرح تعريف جي لائق هوندا آهن، انهيءَ ڪري انهن اسمن جا هم معنيٰ الفاظ ٻين ٻولين مان هٿ ڪيائون. تشبيهات جي دنيا ۾ محبوب جي حسن، چهري جي رونق ۽ بدن جي صفائيءَ جي ڀيٽ سج، چنڊ، ڪنوڻ، سون وغيره سان ٿي سگهي ٿي، وارن جي ڀيٽ ڪاري رات ۽ ڪارن نانگن سان ٿي سگهي ٿي، اکين جي ڀيٽ هرڻ جي اکين سان ٿي سگهي ٿي، ڏندن جي ڀيٽ موتين سان ٿي سگهي ٿي، لبن جي لالائي جي ڀيٽ ’مينهن وساڙي‘ جيت ۽ لعلن وغيره سان ٿي سگهي ٿي، سندس سهڻي هلڻي جي ڀيٽ هاٿي، هنجهه ۽ مور وغيره سان ٿي سگهي ٿي، سندس سنهي چيلهه جي ڀيٽ شينهن جي سنهي چيلهه سان ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لحاظ سان سج، چنڊ، ڪنوڻ، سون، مينهن وساڙي جيت، رات، نانگ، موتي، هرڻ، هاٿي، هنج، مور ۽ شينهن جي اسمن جا هم معنيٰ الفاظ مختلف ٻولين مان ڳولي هٿ ڪيائون، انهيءَ لاءِ ته انهن انوکن لفظن جي موثر ۽ موزون استعمال سان سنڌي سينگار شاعريءَ جي اسلوب بيان ۾ اها ساڳي انوکائي ۽ ڳوڙهائي پيدا ڪري سگهن، جا ڪين هنديءَ جهڙي ڏاري ٻوليءَ ۾ نظر ٿي آئي.

اسان هت ’ڏهسنامي‘ جا ڪي مثال قلمبند ڪريون ٿا، انهيءَ لاءِ ته لغت جو هي مخصوص فن، جنهن تي سنڌي سينگار شاعريءَ جي اسلوب

بيان جو دارومدار آهي، ان جي ماهيت قدري معلوم ٿئي. 'ڏهسنامي' جي چاڻ ۽ رهاڻ جا عملي مثال اسان جا سگهڙ سيني بہ سيني سانديندا پئي آيا آهن. آڳاٽي ۾ آڳاٽا سگهڙ جن جي ذريعي هي مثال اسان تائين پهتا آهن، سي هي آهن: (1) لس بيلي جي سجاڻ سگهڙ ۽ شاعر نمر فقير مگڻهار (1700/1750 _ 1893/96) جي روايت. جا سندس عزيز صالح محمد کان معلوم ٿي. (2) لس بيلي ۾ ڪراچي طرف جا گذريل صديءَ جي نصف جا سگهڙ جن جي زباني ڪي چند مثال آخوند عبدالرحيم "وفا" سنہ 1273هہ ۾ سندس هڪ هٿ لکيل قلمي ڪتاب ۾ ڏنا آهن. ۽ (3) حمل فقير لغاري جنهن پنهنجي عرصہ حيات 1225 — 1296) ۾ ڏهسنامي جا مثال مختلف سگهڙن وٽان ٻڌا. جن کي هن پنهنجي شعر جي قلمي بياض جي ڇئن پنجن صفحن ۾ تفصيل سان قلمبند ڪيو آهي. غالباً اوائلي روايتن ۾ هر هڪ اسم جي هم معنيٰ لفظن کي هڪ منظوم مصرع ۾ پوتو ويو انهيءَ لاءِ تہ اهي نالا آسانيءَ سان ياد ڪري سگهجن _ البتہ زماني جي گذرڻ سبب ڪن اسمن جون منظوم مصراعون سلامت نہ رهيون آهن. هيٺيان مثال عضون جي هم نام نالن جا آهن:

وار = اڳ، رڏان، ڪيس، ڪچ، ترنگ، چِڪر، وار[1]
شعر، موءِ، قٽ، زلف، ساجن سر سينگار.
اکيون = آنک، اکيان، نيڪ ڪنول، چاه، چشم، بن، رين
پِيہ، ڪنجن، چپ، ڪن، اک، پِي لوچت دونين.

يا

انک، اکيان، نيڪ، ڪنول، نيتر، چاه، چشم
چِتر، چڪس (؟)، پِي، درگ، لوچن(؟)، ڪنجن، چم.
نڪ = نڪ، بيني، ڦونر، پامس، انف
چپ = هونٽ، لب، شفت، چپ
هيٺيان مثال تشبيهات وارن اسمن جي هم نام نالن جا آهن:

---

[1] ٻيءَ روايت ۾ 'رڏان' جي بدران 'ريڏا' آهي. حمل جي روايت ۾ 'چِڪر' جي بدران لکيل لفظ صاف ناهي. مگر اندازا 'جين' (؟) معلوم ٿئي ٿو.

(الف) ڪاري رات ۽ ڪارا نانگ جن سان محبوب جي ڪارن وارن کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي.

رات = تڳي، تهاري، تامني، تمهر، تام، تمس
رات، رجني، رين، ليل، پهپ، چنيهر، نس
شب، شام، شف، تامسر، تاڳي، پهنب، انس
نانگ = ڦن، پِنيگ، پونگ، ازگر
ڪرشن، بدويس، نانگ، وسيهر
مار، ثعبان، اليهر، تليهر.

(ب) سج، چنڊ، سون ۽ کنوڻ جن سان محبوب جي حسين منهن جي رونق کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي:

سج = شارق، شمس، وجون، ويذا، سجبَرن،
دي سرخي، ديتاب
آڏت، ورن، سج، رين، خورشيد، بانا، بانر
(يا بانسر؟)، ارن، آفتاب.
چنڊ = پونو پنرو پونم، چاند، چندورو چند
درڳ، سسوئو دڄراج، پورب، سس، مڪرند[1]
نوخ، قمر، ماهتاب، بَدر، ماهه، هلال، هسند.
سون = ذهب، سوسن(؟)، سهرو(؟)، ڪنچن، سون، ڪندن
فيم، وتافر، ٿهنگو رڇي، طلا، رتن.
کنوڻ = برق، دامني، ٻج، سمٺ(؟)، جهانڪ(؟) چي، ڪنگور
کنوڻ، وڄ، ٻجلي، ڪروخ، ملار گهنه، ڇڇور.

(ج) هرڻ، جنهن جي اکين سان محبوب جي اکين کي مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي:

ادگر، آهو ڪرڊبدن(؟)، هرن، ڪرنگهان، ڇيل[2]
جهوڪا(؟)، مرگهه، غزال، الڪ، آسها، اسهول، نيل.

---

[1] ٻي روايت ۾ 'درڳ' جي بدران 'برگ' ۽ 'مڪرند' جي بدران 'ڪرنت' آهي.

[2] ڏهسنامي جي هن روايت موجب لفظ 'ڇيل' آهي. مگر عام طرح سينگار شاعريءَ ۾ 'ڇيهل' استعمال ٿيو آهي.

(د) طوطو جنهن جي ڪنڌي ڇهنب سان محبوب جي ڪنڌي نڪ کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي:

ڪيل، اننگ، تيمر، بُدر، سوندل.

(هـ) موتي جن سان سهڻن ڏندن کي پيٽي سگهجي ٿو:

تنگن، پدماوت، مرواريد، دوڏر[1]
تاهل، سندر، در، موتي، احمر.

(و) هاٿي، جنهن جي سهڻي رفتار سان محبوب جي سهڻي هلڻي ۽ لوڏ کي پيٽ ڏيئي سگهجي ٿي:

ڪنجل، ڪنجن، هنوت، هاٿي، گج، سنکر، غيدان
هستي، چنچل، هرنو فيل، گنير گت گيان.

(ز) شينهن، جنهن جي سنهي چيلهه سان محبوب جي باريڪ ڪمر کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي:

سنگ، ڪنير، ڪارڏو، قيصر، ليث، مزار[2]
اسد، چيتا، شير، شينهن، اينٽر نانءُ نروار.

هن وقت انتڪل ٻن سون ورهين کان پوءِ به ڏهسنامي جي لغت جي انهن مثالن ۽ مصراعن جو باقي رهڻ ثابت ڪري ٿو ته جلال ۽ سندس ساٿين جي وقت ۾ هن فن جو ڪافي چرچو هوندو. لغت جي هن ذوق ۽ ڄاڻ ذريعي سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن ۽ شاعرن اهي انوکا الفاظ چڱ پنهنجا ڪري ڇڏيا، ۽ انهن جي موزون ۽ مؤثر استعمال سان پنهنجي سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ اها ڳوڙهائي پيدا ڪيائون جو ان جي پيٽ ۾ سندن اهل وطن واسطي "سينگار رس جي هندي ٻوليءَ واري انوکائي هيچ بنجي وئي، ۽ هو هندي "سينگار رس" جي بدران، هاڻي ڪلي طور "سنڌي سينگار" ڏانهن متوجهه ٿيا.

هن ڪاميابيءَ جو سهرو يقيني طور حضرت جلال جي سر تي سونهي، جنهن ٻهريون دفعو "فن سينگار" کي نهايت مؤثر ۽ ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ بهترين نموني سان نباهيو جنهن ڪري انوکو ۽ ڳوڙهو اسلوب بيان سنڌي سينگار شاعريءَ جي هڪ خاص خصوصيت بنجي ويو. اها حقيقت اڳتي

---

[1] حمل فقير 'دوڏر' لکيو آهي. مگر عام طرح سينگار شاعريءَ ۾ 'ڏوڏر' استعمال ٿيل آهي.

[2] ڪن ٻين روايتن ۾ 'ڪارڏو' جي بدران 'سارڏو' ۽ 'قيصر' جي بدران 'ڪنٺر' يا 'ڪنٺل' آهن.

آندل بيتن مان پوريءَ طرح واضح ٿينديون، مگر اسلوب بيان جي ڳوڙهائيءَ کي هت ابتدائي طور سمجهڻ لاءِ، جلال جو هڪ بيت مثال طور ڏجي ٿو:

1. تمهر روپ ترنگ، آهن ڪنول ڪيس قريب جا
2. سهه ڳچي، قد سرو سنئون، ڪنونتر نيف نسنگ
3. ڦوگر ڦوڳ پِريانہ جا، مزگان ڪيس خَدنگ*
4. لڪ ليٿِي، ڏهر ڪپور، پِروان پؤنر پونگ
5. تنهن سسايا سارنگ، جلوي ساڻ جلال چئي.

ظاهر آهي تہ لغت جي وسيع ڄاڻ کان سواءِ هن بيت جي ڳوڙهائيءَ کي سمجهڻ مشڪل آهي. قابل هنرمند شاعر محبوب جي حسن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

1ـ ڪاري اونداهي رات (تمهر) مثل، محض محبوب جا ڪارا ڊگها وار (ترنگ) ڪنول گل جهڙا نرم وار (ڪيس) آهن. 2ـ سندس سهڻي ڳچي ڪونج (سهہ) جهڙي، قد سنئون سرو جهڙو ۽ نڪ (نيف = ع. انف) طوطي (ڪئونتر) جي چهنب مثل نروار ڪنديو آهي. 3ـ پرينءَ جا ڳل (ڦوڳر) مينهن وساڙي جيت (ڦوڳ) جهڙا ڳاڙها لال، ۽ سندس پنبڻين (مزگان) جا وار (ڪيس) تيرن (خدنگ) مثل آهن. 4ـ سندس ڪمر (لڪ) شينهن (ليٿ) جي چيلهہ جهڙي سنهي، ڏند (ڏهر) اڇا ڪافور (ڪپور) جهڙا، ۽ پرون اهڙا ڪارا آهن جهڙا پونئر ۽ نانگ 5ـ بقول جلال، (هن سيني صفتين سهڻي سڄڻ) سندس حسن جي جلوه ساڻ سانوڻ (سارنگ) جي سهسين رنگ سونهن کي بہ جهڪو ڪري ڇڏيو آهي!

جلال جي هن بيت ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، هندي ۽ سنڌي زبانن جي لغت سمايل آهي، ۽ غالباً سندس ئي هن سٽاء ذريعي سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ انوکن لفظن جو استعمال هڪ مڃيل معيار بنجي ويو. نہ فقط ايترو مگر هن انوکي اسلوب بيان کان همعصر صوفي شاعر پڻ متاثر ٿيا. يڻائي صاحب، جو جلال ۽ سندس ساٿين جو همعصر هو ۽ جنهن پنهنجي ذاتي فڪر ۽ طبع زاد بيان جي علاوه، ضرورت آهر هر گل مان واس وٺي پنهنجي فڪر کي عالمگير ۽ بيان کي جامع البيان بنايو تنهن پڻ پنهنجي

---

* محترم سنديلي کي مليل روايت موجب: ڦونگر سِر ڦِراء جي مزگان ڪِش خدنگ
ٻي روايت: .... ڪيس خدنگ

همعصر شاعرن جي هن نئين شاعرانہ فن ۾ انوکي اسلوب بيان کي قدري پنهنجي زباني ڳايو ۽ چمڪايو.

مثلا سر ڪوهياري جا هيٺيان ٻہ بيت جن ۾ عمدا انوکن عربي لفظن کي استعمال ڪيو اٿس، سي هن معاصرانہ سينگار شاعريءَ جي ڳوڙهي اسلوب بيان جو عڪس ڏيکارين ٿا:

1. 'ليل' نہ جاڳئين لڪ سين، ڪلي 'نوم' ڪياءِ
'قمر' ٿي پهچ قريب کي، 'اجلس' تو نہ جڳاءِ
مني! مهمانن سين ويهي رات وهاءِ
جيلانہ ننڊ ڪياءِ، تيلانہ روز رئين ٿي راه ۾.

2. 'اجلس' ڪري اٿيا، تنواريو توڏن
'نوم' نوازي ان کي، مرحبا موڏن
رڙهي رس روڏن، 'اليوم سيروا' سسئي!

نہ فقط ايترو پر خود معاصرانہ سينگار شاعريءَ جي دلچسپ مضمونن کان متاثر ٿي، ڀٽائي صاحب هيٺيون بيت بالڪل انهيءَ رنگ ۾ چيو تہ:

گنير گت سکن، چلڻ جي چاهہ پئي
هنڊوا حيرت ۾ پيا، لالي کي لبَن
چمڪن چوڏس چنڊ جئن وجڙيون وهسن
لوچن ٿيون لطيف چئي، پسڻ لئي پرين
ڪيسر قريبن، سنباهي ساڻ ڪيا.
(سر سارنگ: د_3)

هن بيت ۾ 'گنير گت' (هاٿيءَ جي چال)، هنڊوا (ڳاڙها مينهن وساڙا جيت) ۽ ڪيسر (زعفران جنهن جي ڳاڙهي رنگ ۽ خوشبوءِ سان محبوب جي بدن جي لال ڀهڪندڙ رنگ ۽ هٻڪار کي مشابهت ڏجي ٿي) خاص طرح ڏهسنامي جي لغت جا الفاظ آهن جي سينگار شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل آهن. ساڳيءَ طرح مبين شاهہ عنايت رضويءَ پڻ معاصرانہ سينگار شاعريءَ کان متاثر ٿي ان جي هڪ خاص عنوان تي بيت چيو آهي جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

مطلب تہ انوکي لغت ذريعي ڳوڙهو اسلوب بيان 'سينگار شاعريءَ' جي

هڪ امتيازي خصوصيت بنجي ويو ۽ ان جو اثر هن فن جي علمبردارن کان سواءِ ٻين شاعرن تائين پڻ پهتو. ازانسواءِ عام اسلوب بيان ۾ مجازي حسن جي تعريف پڻ ’سينگار شاعريءَ‘ جي زير اثر شروع ٿي، جيئن تہ هن کان اڳ بيان ڪيو ويو آهي. ميون شاهہ عنايت رضوي ۽ ڀٽائي صاحب غالباً پهريان بلند پايہ صوفي شاعر هئا، جن مجازي حسن کي ابتدائي طور صاف سنڌي زبان ۾ ڳايو. انهيءَ عام فهم اسلوب بيان ۾ محبوب جي مجازي حسن جي موضوع کي ان وقت کان وٺي ويندي موجوده دور تائين مختلف شاعرن مسلسل طور پنهنجي بيتن ۽ ڪلامن ۾ ڳايو آهي، مگر اهو مجازي حسن جي تعريف جو موضوع عام فهم اسلوب بيان سبب ’سينگار شاعريءَ‘ جي مخصوص فن جو جز بنجي نہ سگهيو. بيشڪ ڪبير شاهہ، حمل راڄڻ شاهہ جهڙا استاد شاعر، جي ’سينگار شاعريءَ‘ جي فن ۾ پڻ ممتاز هئا، تن عام فهم اسلوب بيان ۾ مجازي حسن جي موضوع کي واه جو نباهيو مگر عموما مجازي حسن جي موضوع تي چيل شعر خاص امتيازي صورت وٺي سنڌي شاعريءَ جي جمهوري ذخيري ۾ ڪا جداگانہ حيثيت پيدا نہ ڪري سگهيو. اسان هن مسئلي تي ڪافي جستجو ڪئي تہ آيا ’سينگار شاعريءَ‘ جي فن کي ڪن شاعرن عام فهم اسلوب بيان ۾ پڻ نباهيو يا نہ؟ مگر اهڙا خاص مثال معلوم ٿي نہ سگهيا. البتہ ميين شاهہ عنايت رضوي، مومل ۽ سندس مجيجاڻين جي مجازي حسن جي بيان ۾ هڪ دلچسپ عنوان ”گلبدن جون گجريون۔ الخ“ قائم ڪري بيت چيا، جن جي پيران ڀٽائي صاحب بہ پنهنجي فصيح ۽ عام فهم اسلوب بيان ۾ بي نظير بيت چيا. انهيءَ عنوان کان متاثر ٿي پوئين دور جي هڪ شاعر مير دوست نالي، هينيون بيت چيو جنهن جو اسلوب بيان پڻ عام فهم آهي، مگر ان جون تشبيهون خاص طرح ”سينگار شاعريءَ“ واريون آهن:

گل بدن جون گجريون، کهڙي روش رون!
ڏند اڇا، سينڌ سنئين، وار ڪتوريءَ ون
ڏاڍين چوڙي چڏيا منهن تي معشوقن
ڪنڌو نڪ نراڙ ۾، ڀهہ ڀهہ نيڻ ڀرن
منهن پويٺ ڪؤن پڌرو لاتي لاس لڱن

اره الي چنڊ جان، توتر ناه ٽٽن[1]
سينو ڪشادو سانول جو آ سنهي ڪمر قريبن
پاسريون پرين جون، ڪانجهي جان ڪر ڪن
پسو پسو تنهن نار تي مٽئون آگرين
چلا منڊيون مان جي يار جا، تا ڳوليا ڳوٺ لهن
مڻڙا، موريون، منگليون، جهومڪ جهالر جن
هلڻ جن جو هستيءَ جو آ ڳچي ڪونج ڪرن[2]
ڪرڪن ڪيل پکيءَ جان، لات لطيف لنون[3]
آهيني ڪان اجرا، وچن جهڙي ون
هرڻ ڏسي حيران ٿيا، ماٺ لڳي مرگهن
انهيءَ ارين پارين سپرين، چني نہ چڏجن
من وجهي ويا مامري، ڏيئي اوجاڳا بہ اکين
مان جو پنڌ نہ اجهي، بنا دلبرن
لهي منجهہ لکن، من محب ملي مير دوست چئي[4].

سنڌي سينگار شاعريءَ جي ٻن بنيادي ۽ امتيازي خصوصيتن يعني تہ لغت جي وسعت ۽ اسلوب بيان جي ڳوڙهائيءَ جي مٿين مختصر وضاحت بعد، اسين هن فن جي مخصوص عنوانن ۽ مضمونن، خيال جي جدت ۽ تشبيهات جي وسعت وغيره خوبين تي قدري روشني وجهنداسون، جي 'سنڌي سينگار' کي هندي 'سينگار رس' جي ڀيٽ ۾ نہ فقط هڪ مستقل امتيازي حيثيت ڏين ٿيون بلڪ ان کي هر نقطہ نظر کان امتيازي فوقيت ڏين ٿيون.

ڳوريءَ جا سورهن - ٻارهن سينگار:

هن کان اڳ تفصيل سان بيان ٿي چڪو آهي تہ هندي ۾

---

[1] ر: اره ڪڙي ٿو چنڊ جان — الخ.

[2] هستي = هاٿي.

[3] ڪيل = طوطو.

[4] ر: لهي منجهہ لکن. محب گڏيو مير دوست چئي.

جيتوڻيڪ ”سوله سينگار باره ابرن“ (يعني سورهن سينگار ۽ ٻارهن زيور) جو تصور موجود هو مگر ان جي وڌيڪ تشريح يا تعريف ناپيد هئي. سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن انهيءَ نظريي کي پنهنجي انوکي تخيل جي قالب ۾ سموهي ”سورهن ۽ ٻارهن سينگارن“ جو هڪ نئون نظريو قائم ڪيو جنهن موجب ”سورهن سينگار“ عورت جي فطري حسن سان مخصوص ڪيائون ۽ باقي ”ٻارهن سينگار“ عورت جي جڙتو جنسارن سان لاڳو ڪيائون. ۽ پڻ ٻنهي قسمن جي وڌيڪ تشريح ڪري سورهن ۽ ٻارهن سينگارن مان هر هڪ جي سڃاڻپ جا اصول مقرر ڪيائون ته:

چار چلنت، چار اڏنت، چار قول، قل چار

اهي سورهن ٿي سينگار: ابرنوي، اٺ چار.

يعني ته سهڻو محبوب جن سورهن فطري وصفن سان سينگاريل هجي، تن مان چار وصفون گهمندڙ جاندارن (چلنت) واريون هجن، چار اڏامندڙن (اڏنت) واريون، چار گلن (قول) واريون، ۽ چار ميون (قل) واريون هجن. ساڳيءَ طرح ”ابرنوي“ يعني عورتن جي ٻارهن بناوتي سينگارن جي پڻ سڃاڻپ مقرر ڪيائون. سندن انهيءَ تحقيق ذريعي ”سورهن ۽ ٻارهن“ سينگارن جو چرچو عام ٿي ويو ۽ انهن جي معنيٰ ۽ ماهيت مڙني کي معلوم ٿي وئي. انهيءَ ڪري سنڌ جا هنرمند شاعر انهيءَ ڳالهه جا محتاج نه رهيا ته هو پنهنجي ”سينگار شاعريءَ“ ۾ ويهي ”سورهن ۽ ٻارهن سينگارن“ جو تفصيل سان بيان ڪن. جهڙيءَ طرح صوفي شاعرن، مثلا ميين شاه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب سمجهيو ته سندن مخاطب سنڌ جي ڪهنن قصن (عمر مارئي، سسئي پنهون وغيره) جي تفصيل کان اڳئي واقف آهن، اهڙيءَ طرح ”سينگار شاعريءَ“ جي استاد شاعرن کي به خاطري هئي ته سندن سامعين ”سورهن ۽ ٻارهن سينگارن“ جي معنيٰ ۽ ماهيت کان اڳيئي واقف آهن. هندي شاعر پنهنجي ”سينگار رس“ شاعريءَ ۾ اڃا محض ابتدائي منزل طيءِ ڪري رهيا هئا ۽ انهيءَ ڪري محبوب جي حسن بابت سندن تخيل تورڙي بيان محض مختلف تشبيهن تائين محدود هئا. مگر سنڌي شاعرن جي تخيل جو پرواز هاڻي پري وڃي پهتو. هنن هي نقطو واضح ڪيو ته جو سڄڻ سيني پرين سهڻو آهي سو سورهن ۽ ٻارهن سينگارن جو ته

يقيني طور حامل آهي: يعني تہ جاندارن، اڏامندڙن، گلن تـوڙي ميـون واريـون فطري سهڻيون وصفون توڙي لباس ۽ ڳهن جا جملي جنسار سندس حسن ۽ سينگار جا ادنيٰ ڪرشما آهن. انهيءَ ڪري انهن کي ڪهڙو شمار ۾ آڻبو! سهڻو محبوب جنهن جي حسن جو معيار گهڻو بلند ۽ بالا آهي سو انهن ڳاڻ ڳڻين وصفن کان اڳيا ڪي افضل ۽ اعليٰ آهي. بقول هن بيت جي هڪ شاعر جي:

وڏي وڏي وڙاهہ، آءُ ڪوڙين قلم جوڙيان
ڌرتي ڌر ڪاغذ ڪري لکان لعلڻ لاءِ
مس جو مراد علي چئي، سمنڊ پاڻي پاءِ
تہ بہ ساجن ڳڻ سنداءِ، آءُ قلم چاڙهيان ڪيترا!

دراصل سنڌ جي سچاڻ شاعرن جي فڪر تي تصوف جو رنگ چڙهيل هو ۽ جيتوڻيڪ هنن مجازي شاعريءَ جي ميدان ۾ پئي ڪؤنتل ڪڏايا، تہ بہ سندن ذهن، فڪر ۽ طبع حقيقت ڏانهن مائل هئا. انهيءَ ڪري جڏهن پنهنجي سينگار شاعريءَ ۾ سورهن ۽ ٻارهن سينگارن جي مضمون کي پيش ڪيائون تڏهن مجموعي طور "سورهن ۽ ٻارهن" سينگارن جو اهڃاڻ ڏيئي، نموني طور چند تشبيهون بيان ڪري، آخر ۾ نتيجي طور هن حقيقت کي واضح ڪيائون تہ حقيقي محبوب جو حسن جملي ظاهري وصفن کان بالاتر آهي. درويش جلال رنگريز پهريون دفعو سورهن ۽ ٻارهن سينگارن جي مجازي رنگ ۾ حقيقي حسن جو اهو بلند تخيل پيش ڪين ۽ انهيءَ معنيٰ ۾ سندس هيٺيون بيت پوين شاعرن لاءِ پڻ مشعل راه بنيو.

1. جب گوري گهنا ڪري 'اٺ ڏوٽا' اغماز
2. 'ده دو' دائم درس رکي ڪل ڪامڻ ويس قواز
3. ان جي چرنن طير چريا ڪيا، پس وتن پرواز
4. آهو مين مشاهدي، ڪن طائوس تواض
5. ترنگن طرح تپاسيا، ڪن نيون نانگ نياز
6. سرو صنوبر سرزمين، ڪم ڪنچن ماه ڪماز
7. اِنهان دور دراز منهنجا جانب وڏ، جلال چئي.

يعني۔ 1. جڏهن اها ڳوري حسين عورت فطري حسن جي سورهن (اٺ

ڏوٿا) غمزن کي پنهنجو ڳهه ۽ زيور بنائي ٿي. 2. ٻارهن (ده + دو) قسمن جي ويس وڳن ۽ سينگارن کي پڻ اها ڪامڻ عجب هنر (قواز = قواعد) سان هميشه قائم رکي ٿي. 3. (تڏهن سندس حسن ۽ سينگار، ناز ۽ انداز اهو اثر رکي ٿو جو:) سندس قدمن (چرنن) جي سهٽي تور (هنجهه، مور، پاريهر ۽ ڪبوتر وغيره) پکي (طير) چريا ڪري ڇڏيا، جي ڏس ته (انهيءَ ديوانگيءَ ۾ سرگردان ٿيا) اڏامندا وتن. 4. هرڻ (آهو) توڙي مچي (ٻهريون سندس سهٽين اکين ۽ ٻي سندس ننڍڙي سهٽي گول وات جي) مشاهدي ۾ (حيران) آهن، ۽ (سندس سهٽي رفتار سبحان) مور (طائوس) پڻ تواضع ڪري رهيا آهن. 5. ڊگهن ڪارن وارن (ترنگن) کين تعجب ۾ حيران ڪيو (تپاسيا) جو ڪارا واسينگ نانگ پڻ نياز ۾ نمي رهيا آهن. 6. (سندس سنئين قد جي پيٺ ۾) روءِ زمين جي سرو ۽ صنوبر وڻن جي سڏائي گهٽ آهي، ۽ (سندس چهري جي سهٽي رنگ ۽ رونق جي آڏو) سون (ڪنچن) توڙي چنڊ جو جلوو ڪم آهي. 7. پر ان (ايڏي حسن ۽ ناز واري سهٽي عورت) ڪان ٻه، جلال ٿو چوي ته، منهنجا پرين اچا ڪي گهٽو وڏيڪ آهن.

جلال جي هن بيت ۾ اسلوب بيان جي لحاظ سان هيءُ نقطو قابل غور آهي، ته جلال غالباً پهريون بلند پايي جو شاعر هو جنهن هندي "سينگار رس" شاعريءَ جي بدران سنڌي "سينگار شاعريءَ" کي فروغ ڏنو. جيئن ته "سورهن يا ٻارهن سينگار" جي مضمون جي ابتدا هندي "سينگار رس" کان ٿي، جلال پڻ ان تاريخي تسلسل جي لحاظ سان پنهنجي بيت جو پهريون فقره، "جب گوري گهنا ڪري"، هندي ٻوليءَ جي اسلوب بيان جي مناسبت سان قائم ڪيو. سندس اهو دلچسپ عنوان ايترو ته مقبول پيو جو ٻين ڪيترن ئي شاعرن سندس بيت جو اهو ساڳيو عنوان يا مضمون سامهون رکي طبع آزمائي ڪئي. اسان انهن مڙني وڏن خواهه ننڍن شاعرن جا انهيءَ رنگ ۾ چيل بيت، جي اسان کي ايستائين معلوم ٿي چڪا آهن، هيٺ ڏيون ٿا انهيءَ لاءِ ته سنڌي سينگار شاعريءَ جي عام مقبوليت ۽ هن خاص عنوان جي جابجا چرچي جو اندازو لڳائي سگهجي. سندس ٻيا بيت ساڳئي عنوان تي، مگر زياده مجازي رنگ ۾ چيل آهن.

جلال واري وات وٺي پوءِ ٻين سڄاڻ شاعرن هن ساڳئي موضوع تي

سهڻا بيت چيا. خاص طرح ڪبير شاهه، يوسف، هوندن، شير خان ۽ راڄن شاهه جا چيل بيت توجهه طلب آهن، جيڪي اڳتي هين بابن هيٺ ڏنا ويا آهن.

سنڌي سونهن – پري پنهنجي فطري ماحول ۾:

هندي "سينگار رس" شاعريءَ ۾ عورت جي سورهن سينگارن توڙي ٻارهن ڳهن ۽ زيورن وارو نظريو تڪلف کان خالي نه آهي. هندي شاعرن جي آڏواها محبوبه آهي جيڪا پنهنجي فطري حسن جي علاوه "فيشن" ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ۽ ظاهر آهي ته هو شهري تمدن جي پيداوار آهي ۽ سماج جي رنگينيءَ جي رازدار آهي. هوءَ بدن جي اڊمڪ، ارگجا عطر، سينڌ سرمي، مسي مساڳ، ويس وڳن ۽ زيورن جي هار سينگار سان پنهنجي حسن کي چمڪائي ٿي، ۽ اکين جي الحاظ، ناز ۽ انداز سهڻي گفتار ۽ ڪبڪ رفتار سان ويتر دليون گهائي ٿي. مطلب ته هي محبوبه حريف ۽ هوشيار آهي ۽ سرتاپا تڪلف آهي.

سنڌ جي سڄاڻ شاعرن هن روايتي مضمون کي بطور هڪ فني عنوان ۽ فرضي تخيل جي سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ پڻ سمايو: بلڪ ان کي ويتر وڌيڪ وڌايو ۽ ويجهايو. ان جي هر پهلو کي ورجايو ان جي هر نقطه ۽ معنيٰ کي نباهيو ۽ مجموعي طور سان ان کي نهايت سهڻي نموني ۾ ڳايو- ۽ واه جو ڳايو!

مگر سنڌن سليم طبع محسوس ڪيو ته هندي "سينگار رس" واري محبوبه جو تخيل بهرحال هڪ هوشيار ۽ حريف شهري عورت جو آهي، ۽ سنڌ جي سادي زندگيءَ ۽ ٻهراڙيءَ جي عام فطري ماحول ۾ اهڙو تخيل محض هڪ فرضي تخيل ٿيندو. سنڌ جي حقيقي محبوبه ٻهراڙيءَ جي عورت آهي جنهن جي فطري حسن کي ٻهراڙيءَ جو فطري ماحول چمڪائي ٿو. هوءَ عموما هڪ ڪم ڪندڙ عورت آهي جنهن کي سندس روزاني مشغول زندگيءَ ۾ هارن ۽ سينگارن جي تصنع ۽ تڪلف لاءِ نه وقت آهي ۽ نه ضرورت. انهيءَ ڪري سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ عوام جي انهيءَ حقيقي 'محبوبه کي سندس ٻهراڙي واري فطري ماحول ۾ پيش ڪجي: ناهجي ته اهو مضمون ناهجي ۽ ڳائجي ته انهيءَ کي ڳائجي.

جلال: جلال غالباً پهريون بلند شاعر هو جنهن انهيءَ نئين عنوان جي ابتدا ڪئي. مجموعي طرح سان، ٻهراڙيءَ جي سوپياوان زال ۽ سندس فطري ماحول جو تخيل جو جلال پيش ڪيو سو هيءُ هو تہ: مينهن جي منڊ آهي ۽ مال وارن سانگي ماڻهن جا گهر آهن. ٻيو مال پهري ويل آهي باقي ڪير ٻياڪ ننڍڙا ڦر واڙي جي آسپاس پيا گهمن. اوچتو ڪڪر پرجي اچن ٿا ۽ مينهن جي ڦڙڦڙ پوڻ شروع ٿئي ٿي. گهر واري نوجوان حسين زال کي ننڍڙن ڦرن جو خيال ٿئي ٿو ۽ ٻاهر نڪري اچي انهن ڦرن کي واڙي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. انهيءَ تڙ تڪڙ ۾ سندس وار ڪلهن تي وکري پون ٿا ۽ منهن تي مينهن جا ذرا ذرا ظاهر بنجي بيهن ٿا. انهيءَ فطري ماحول ۾ سندس چهرو ٻهڪي ٿو ۽ حسن چمڪي ٿو: سندس انهيءَ بي مثال پاڪيزه سونهن جي تعريف بيان کان ٻاهر آهي.

جلال اهو انوکو تخيل پنهنجي هيٺين بي نظير بيت ۾ پيش ڪيو تہ:

1. گورب وجهندي گوند، ڪريا ڪيس ڪلاه تان
2. ال اليهر انسرا، نين تہ نرگس نوند
3. تي ڦڙ ڦڙ پوهارن، جئن دڌست صاف سموند
4. ميگهہ پسي مستان ٿيو برسي بادل بوند
5. چا خوبي خورشيد جي، مک آڌو محمود
6. چئين چڳين چڳ چوند، ڪنهنجي ناهي جوت جلال چئي.

يعني تہ – 1. انين جا گورڙا (گورب) ننڍڙي واڙي يا گوندي ۾ واڙيندي، سندس وار (ڪيس) ڪلهن تي وکري پيا، 2. (۽ مٿان مينهن جي بوند سببان اهي آلا ٿي ڪلهن تي ائين چپڪي بيٺا جو چڻ تہ) ڪارن نانگن (الهير) جا اڻ سرندڙ (انسرا) ننڍڙا ٻچا (ال) آهن. (ان سوپياوان جون) اکيون (نين) اهڙيون تہ سهڻيون ۽ نيم خوابي آهن جهڙو نرگس گل، جو اڃا پورو کليو ناهي (نوند) 3. (سندس حسين چهري تي) مينهن جي ڦڙين جا پاڻي جا قطرا ائين چمڪي رهيا آهن جهڙا سمنڊ جا سچا موتي (دڌ = درياء + ست = پٽ، سمنڊ يعني درياء جو پٽ = موتي). 4. خود مينهن جو بادشاهہ ميگهہ پڻ سندس سهڻي صورت ڏسي مدهوش ٿي ويتر وڏيڪ بوندون وسائڻ لڳو. 5. انهيءَ فطري ماحول ۾ سندس سهڻي منهن (مک محمود) جي جلوه جي پيٽ ۾

خود سج (خورشيد) جي تجلي ۾ سهڻائي بہ هيچ آهي، ۾ 6. بقول جلال، سندس اهڙي سهڻي صورت سان، ہي ڪنهن بہ چئن چڳن واري چوندڙ زال جي سونهن پيت ۾ ئي نٿي اچي سگهي.

جلال جو هيءُ نئون مضمون ٻين شاعرن لاءِ مشعل راه بنيو۔ نہ معلوم الائجي ٻين ڪهڙن ۾ ڪيترن سجاڻ شاعرن هن مضمون کي نباهيو هوندو جن جا نالا، زماني جي لٽ سبب، اسان تائين نہ پهتا آهن. اسان جي موجوده تلاش ۾ تحقيق سان هن عنوان تي ٽن چئن ٻين شاعرن جا بيت هٿ آيا آهن، جنهن مان ظاهر آهي تہ هي نئون مضمون ڪافي مقبول پيو ۾ "سنڌي سينگار شاعريءَ" جو هڪ مخصوص عنوان بنيو.

ميون شاهہ عنايت:

ميون شاهہ عنايت، جلال جو همعصر هو ۽ هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ صوفي شاعرن مان ميون شاهہ عنايت غالباً پهريون شاعر هو جيڪو سنڌي سينگار شاعريءَ جي مضمونن کان متاثر ٿيو ۽ انهيءَ رنگ ۾ بيت چيائين. هيٺين بيت ۾ ميين شاهہ عنايت ساڳئي جلال واري فطري ماحول جا اهڃاڻ ڏيندي چيو آهي تہ:

1. لار لئيندي وچڙا، چيهي پير ر تاس
2. ڪڙيون ڪنهبي ورنيون، موتي منهن ڳُتاس
3. پسوا مينگهہ، ميون چوي، جوهر جال جڙياس
4. جهومڪ ٻئنسرياس، وسي مينهن پسائيا.

يعني تہ 1. مينهن جا ننڍڙا (لار) وچڙا ٻڌندي (لئيندي)، پهرئين وسڪاري تي موريل چيهي گاهہ تي هلڻ سان ان گاهہ جي رس سببان سندس پير ڳاڙها ٿي پيا آهن. 2. ۽ انهيءَ ڪري قدم کڻڻ وقت سندس ڪڙيون ڳاڙهيون ڪنهبي ورنيون نظر اچن ٿيون. (مينهن جي ڦڙين) سندس حسين چهري تي جڻ موتي مڙهي ڇڏيا آهن. 3. ميون ٿو چوي، تہ ڏسو تہ سارنگ جي وس ڪيترا نہ اهڙا جواهر سندس بدن تونڙي ڳهن تي جڙي ڇڏيا آهن. 4. ۽ مينهن جي بوند سندس جهومڪن ۾ نٿ کي پڻ آلوده ڪيو آهي.

ڏاتو ڪني: ڏاتو ڪني جو غالبا جلال جي عزازت مان هو. تنهن ميين شاهہ عنايت جي بيت جي آخري فقره کي مدنظر رکي، پنهنجي هيٺين بيت ۾ هن

حسين محبوبہ جي حسن جي تعريف کي وڏيڪ تفصيل سان بيان ڪيو تہ:

1. وسي مينهن پسائيا، ان جا منهن ۾ مرگهہ تہ مين
2. سبزه لتاڙڻ هليون، ڪري بجليون برسڻ ٻين
3. منهن تہ مرگهين سهڻو ہي چيلهہ چيلاتي چِين
4. عين عجب، پڳ پالتو، ٻيا گمر گام بروبر ڪين
5. ان جي گن گهرائيءَ سين، اچن ڪئيسر ڪين
6. سيني گڏيا شير دو رنگي گل رشين
7. سي ڏسڻ سين، ڏاتو چٽي، ٿا ڏک کسيو سک ڏين
8. جي اهڙي حسن حسين، تن ماه مشابهت ناهہ ڪا.

يعني تہ 1. مينهن جي بوندن، ان محبوبہ جي منهن ۾ جي "مرگهہ" (= هرڻ = اکيون) ۽ "مين" (= مڇي يعني ننڍڙو وات مڇيءَ جهڙو) آهن، تن کي آلو ڪيو. 2. (جڏهن اها صورتمند ٻاهر نڪتي تہ سندس حسن جي سلامي خاطر بي انتها خوشيءَ مان) کنوڻيون بہ ساڻ سينگار سان چؤطرف ساون ميدانن مٿان تجلا ڪري هلڻ لڳيون. 3. ان سهڻي سڄڻ جو رخ، سهڻين اکين جي لحاظ سان، هرڻن (مرگهن) جو همسر آهي ۽ سندس سنهي چيلهہ چيلاتي جي چيلهہ (چين) جهڙي سنهي آهي. 4. سندس اکيون عجب سهڻيون، ۽ پير اهڙا تہ پوشيدا آهن جو ٻيو ڪوبہ سندس نازڪ خرامي (گمر = هلڻ، گام = قدم يا وک) سان برابري ڪري نٿو سگهي. 5. سندس گهري گلابي رنگ (گن = گون = رنگ) سان ڪئيسر جي ڇا مجال آهي جو مقابلو ڪري سگهي. 6. سندس سيني ۾ کير جا بہ سرچشما (يعني پستان) ڄڻ بہ گونتا گل آهن. 7. اهي سهڻا محبوب، ڏاتو ٿو چوي تہ، پنهنجي هڪ نظر سان سيئي ڏک ميٽي سکن سان بدلائي ٿا ڇڏين. 8. اهڙن سونهن ڀرين سڄڻن سان چنڊ جي ڇا مجال جو مشابهت جي ميدان ۾ بيهي سگهي.

چام مراد علي: ملير جي چامن مان چام مراد علي جوکيي، ميين شاهہ عنايت جي بيت واري ساڳي زمين ۾ هيٺيون بيت چيو تہ:

1. سارنگ نين سج جئن، وه جي اگمياس
2. انگ قمر، ڪيس ڪکر، اوڍڻ ڪئسرياس
3. سبزه لتاڙڻ هليون، بوندون برسياس
4. ڦڙيون فيروزن جئن لڳن لال لڳياس

5. منهن ۾ ميگهه، مراد علي چئي، جوهر جال جڙياس
6. ٻينا ٻيئُون ٻجليون، هيرن هار هياس
7. واڙي وچ وڏياس، ڪچوئل ڪؤنر پچائيا*.

يعني تہ 1. سندس سهڻيون اکيون (سارنگ نين) جن ۾ سج واري تجلي ۽ تاب آهي، سي عجيب نموني ۾ آگمجي يعني خمارجي ڳاڙهيون ٿي بيٺيون آهن. 2. سندس (انگ = عضوا ۽ اندام) جي رونق چنڊ جهڙي، وار (ڪيس) ڪڪرن جهڙا ڪارا، ۽ لباس ڪئيسر جهڙو رنگين ۽ مهڪندڙ آهي. 3. مينهن جون بوندون سندس استقبال ۾ ساوا ميدان سر ڪري هليون ۽ مٿس گهور ٿي وسڻ لڳيون. 4. سنهيون سنهيون ڦڙيون سندس سهڻي لال بدن تي پنهنجي پاڻيءَ جا قطرا جڻ فيروزن وانگي بنائي بيٺيون. 5. مراد علي ٿو چوي تہ مينگهہ ملار پنهنجي بوندن سان سندس وارن ۽ منهن تي جڻ اکيچار جواهر جڙي ڇڏيا آهن. 6. سندس سهڻي نڪ جي ڪنار جا تجلا بجلي جهڙا آهن، جن (وس ڪري پنهنجي ڦڙين ذريعي) سندس ڳچيءَ ۾ جڻ هيرن جا هار وجهي ڇڏيا آهن.

7. (انهيءَ مينگهہ ملار واري ماحول ۾ هن صورتوند) پنهنجي مينهن جي وچ کي ورائي واڙي ۾ پوريو آهي، جنهنڪري سندس وار (ڪچوئل = ڪچ = وار) ۽ نازڪ ٻانهون (ڪونئر = اصطلاحا بمعنيٰ ٻهڻ جي ڪوٽي جهڙيون سنهيون لسيون يا ڪنول گل جهڙيون سنهيون نازڪ ٻانهون) پسي پيا آهن.

بلوچ: هن ساڳيءَ زمين ۾ ڪنهن بلوچ شاعر، جنهن جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، بيت چيو تہ:

1. سرس سدا سارنگ جان، ڪنڊن ڪؤنر ڪياس
2. عشق پيچ اٽين تي، ڪنٺهار ڪڙياس
3. سنها موتي منهن ۾، لبن لال ڳُتاس
4. هلڪو هار هڪيءَ تي، ٻئنسر واه بنياس
5. برمي بوند، بلوچ چئي، پرون پؤنر پِناس

---

* سنہ 1350ھ ڌاري لکيل هڪ پني تي روايت موجب قافيا:

آگيانِ، ڪيسريانِ، برسيانِ، جڙيانِ

هن روايت ۾ نمبر 6 سٽ ڪانهي.

6. گڏي ڪامڻ ڪانڌ ڪي، ڪئيسريا ڪيڊياس
7. جيلانہ واڙي وچ وڏياس، تيلانہ ڪچوٽا ڪوئنر پسائيا.

يعني تہ 1. سدا سائي ۽ سرهي سارنگ وانگر، سنڌس ڪرايون (ڪوئنر = اصطلاحا يعني ڪرايون) "سر ڪنڍي" جي گلن (جن ڪي پوئي ڪراين ۾ ٻڌو اٿس) سينگاري سرهيون ڪيون آهن. 2. اکين جي اٽين مٿان سنڌس سهڻا پرون "عشق پيچ" گلن وانگر تڙي بيٺا آهن، ۽ ڪلڻ وقت سنڌس سهڻا ڏند اها سهڻائي ۽ ستاءَ ڏيکارين ٿا جو ڄڻ "ڪنٺهار" گل ڪڙي پيا آهن. 3. مينهن جي بوندن جا ذرا سنڌس منهن تي ڄڻ سنهڙا موتي بنجي بيٺا آهن، ۽ سنڌس لال لب بوند ۾ پسي ويتر اهڙا لال ٿيا آهن جو ڄڻ مٿانئن لعلون مڙهيل آهن. 4. (سنڌس ڳهہ مختصر ۽ سادا آهن پر سنڌس فطري حسن سببان اهي ڪي ٿهن ٿا!) هڪ ننڍو هلڪو هار ڳچيءَ ۾، ۽ سهاڳ جي نٿ نڪ ۾ پئي واهہ جا سهڻا لڳن ٿا! 6. ڪيس پنهنجي ٻاهران موتندڙ مڙس ڪي گڏجڻو آهي، انهيءَ ڪري هن زعفران مثل رنگين ۽ مهڪندڙ لباس ڪيڊي پاتو آهي. 7. هن ميگهہ ملار ۾ جٺن جو وچ ڪي ورائي واڙي ۾ پوريو اٿس، تہ سنڌس نرم وار (ڪچوٽا) ۽ نازڪ ٻانهون (ڪونئر) بوندن ۾ پسي پيا آهن.

جلال، ميين شاهہ عنايت، ڏاتي، ڄام مراد علي ۽ "بلوچ" مٿين بيتن ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سوپياوان عورت کي ميگهہ ملار جي فطري ماحول ۾ پنهنجو گهرو ڪم ڪار ڪندي پيش ڪيو آهي. بلوچ پنهنجي بيت ۾ هي نڪتو پڻ صاف ڪيو آهي تہ هن پاڪيزه اخلاق عورت جيڪي ٿورا گهڻا ڳهہ ۽ خاص رنگين ڪپڙا پاتا آهن سي محض پنهنجي خاوند جي خوشنوديءَ خاطر.

ڪبير شاهہ پنهنجي هيٺين بيت ۾ مضمون توڙي ماحول کي ذرا تڪلف سان پيش ڪيو آهي: هڪ حسين معشوقہ آهي جنهن کي زندگيءَ جون سڀ نعمتون نصيب آهن. اها موسم بهار جي بوندن ۾ هڪ باغ ۾ سير جي بهاني سان پنهنجي محبوب کي ملڻ لاءِ مشتاق آهي. سيئي ساٿ سينگار ڪري آئي آهي ۽ لبمي جي لام ۾ ٻڌل پينگهہ تي اچي لڏي ٿي. بالاخر محبوب سان ملي ٿي ۽ ان سان ويهي ورونهہ ڪري ٿي. ساغر ۽ صراحي پڻ موجود آهن. ٻن وڇڙيلن جي انهيءَ وصال واري موقعي تي مٿان

بادل بوندون وسائين ٿا ۽ ٻنهي جا ڪپڙا پيچي پون ٿا:

سرس سدا رنگ سارنگ جا، گل ڦل ’جايون‘ جام
’ستبرگ‘، ’چمپا‘، ’ڪيوڙو‘، ’ڪيتڪي‘،
’دائودي‘ دل مدام
’ارزن بار‘ گـُلاب‘ ’ڪرنا‘ ’سيوتي‘، ٿا
’سورج‘ ڪن سلام
’بيل‘ ’چنبيلي‘ ’سرڪنبي‘، ’زرد اپمان‘ عام
’دوپهري‘ ’دل پيچ‘ هئا، تنهن سان ’تڪمان‘
طرح تمام
انهيءَ باغ بنئي، ۾ بره سين، هڪ هئي ڪامڻ اهو گام[1]
تنهن ’توني‘ ’تامر‘ نيڪ ڪئي، متي مک مدام[2]
سا ڪنوڻ جان کهنبا ڪريو، تي لڏي ليمي لام
تان مليس چنڊ چمن ۾، جنهن هئي جوليندي جام[3]
تڏ دست ٻتي ڏي پيالو پر ڪي، ائين گڏيا گل اندام[4]
تتهين ڪوئل، ڪبير شاهه چئي، تي ٻولي ٻولي، مام
وسي بادل متان بام، بوند پڇاين ڪپڙا.

4. تشبيهات ۾ وسعت:

سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن ۽ شاعرن، هندي شاعريءَ جي ’سورهن سينگارن ۽ ٻارهن زيورن‘ واري ابتدائي نظريي جي نئين سر تقسيم ۽ تعريف ڪري، ان ۾ معنوي لحاظ سان وڏي وسعت پيدا ڪئي. مثلاً سورهن فطري سينگارن کي هڪ هڪ ڪري ڳائڻ بدران، انهن کي چئن جنسن ۾ تقسيم ڪيائون ته چار وصفون زمين تي هلندڙن واريون، چار اڏامندڙن واريون، چار گلن واريون ۽ چار ميون واريون هجن. ٻارهن بناوتي سينگارن

[1] اهو گام = هرڻ رفتار يعني جواني سبب هلڻ ۾ ڪڏ ۽ ناز هجڻ.

[2] تنهن توني تامر - الخ = غالبا معنيٰ ته تنهن محبوبه جي منهن تي بولو ۽ ڦلي (يا نٿ ۽ بولو) ائين پيا سونهن جو جڻ ”تاسر“ گل جي متان ”تولي“ جو گل بيٺو آهي.

[3] جنهن هئي جوليندي جام = جنهن جام (محب) کي جوليندي هئي، يعني ڳوليندي هئي.

[4] دست ٻتي = هٿ ۾ صراحي.

مان بہ ڪم از ڪم ٻن کي ڪپڙن ۽ ڳهڻ جي جنسن ۾ شمار ڪيائون. هن نظريي موجب انهن ڇهن جنسن، يعني تہ زمين تي هلندڙ جاندارن، اڏامندڙن جاندارن، گلن، ميون، ڪپڙن ۽ ڳهڻ، جا جملي مختلف قسم اچي ويا ۽ انهيءَ ڪري تشبيهات جي دائري ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي. انهيءَ نئين تقسيم ۽ تشريح ۾ زمين توڙي هوا جون مکيہ شيون، جن سان حسن جي مختلف خوبين جي ڀيٽ ممڪن هئي اچي ٿي ويون. مگر سنڌ جي سجاڻ شاعرن جي خيال جي گهرائي هڪ طرف زمين کان هيٺ وارين سهڻين شين — سون، چاندي، هيرن جواهرن، فيروزن، لعلن، مرجانن وغيره، توڙي سمنڊ اندر موتين ۽ ماڻڪن تائين پهتي، تہ ٻئي طرف سندن تخيل جو پرواز پکين جي پرواز کان متين فضا ۾ بادلن، کنوڻين ۽ قوس قزح جي رنگينين کي طيء ڪري اجا بہ آسمان طرف اڏامڻو ۽ سج، چنڊ، نکتن ۽ تارن جي بلندين کي وڃي سميٽيائين.

هيرن ۽ جواهرن، ماڻڪن ۽ موتين، سج ۽ چنڊ، تارن ۽ نکتن سان محبوب جي حسن جي مختلف رعنائين ۽ خوبين جي تشبيهن جا ڪي مثال هن کان اڳ آندل بيتن ۾ موجود آهن. البتہ سارنگ جي سونهن ۽ سٺاء، جهڙ بادلن جي بهار ۽ ميگهہ ملار جي رنگين فضا جي ماحول سان محبوب جي حسن جي مجموعي تمثيل، يا ان ماحول جي مختلف جزن سان محبوب جي حسن جي مختلف وصفن جون تشبيهون، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ هڪ خاص انداز رکن ٿيون، جن جو بيان دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو.

جلال: حضرت جلال پنهنجي هيٺين بيت ۾ غالباً پهريون دفعو "ابر بهار" جو عنوان ٻڌو ۽ محبوب جي مد پرين ڪڪوريل اکين کي ميگهہ ملار سان، ۽ اگمن جي اوسر ۽ نظاري کي، سهڻي سرت پريي (عارف) محبوب جي آمد سان ڀيٽ ڏيئي (مصرع – 10)، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ تشبيهہ ۽ تمثيل جو هڪ نئون ورق ورايو:

1. جڻن سي ابر بهار، تئن ڪنول ڪيس قريب جا
2. اليهر وانگي التيا، اچي ڍريا بدن ڍار
3. سرو ڪنان سوڏا پرين، مک موتين ڪڻن موچار
4. هنجهہ ڏسي لوڏ لڪي ويا، بس گنير ڪي گفتار

5. ٻڏي ٻولي ٻاجهه ٻري، ڪي ڪوئل نا ڪوڪار
6. چڙي شمس شعاء ويو گڏجي منجهه غبار
7. آهن چين چڪور جان، پي پپيهل پار
8. ٻنيا ٻِرون ٻونئر جان، اکيون ميگهه ملار
9. سينو موڪرو سڄڻين، گلبدن گلزار
10. عارف جي اچڻ جا، آگم ٿيا اِظهار
11. ساجن ۾ سنسار، جانب وڏ، جلال چئي.

هيٺين بيت ۾ جلال قوس قزح يا اندلٺ جي تشبيهه جو عنوان قائم ڪيو آهي، ۽ ٻي مصرع ۾ محبوب جي حسن جي تجليءَ جي سلسلي ۾ ڪوٺين جي تجليءَ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. جلال جو هيءُ انوکو بيت نهايت ئي ٻُوڙهن لفظن ۾ ادا ڪيل آهي جن جي معنيٰ غور طلب آهي.

1. اهرين لهرين عين، قوس قزح کهڪار ۾
2. ڪنبَ، وتافر، ڪورخؤن، مان چورائي ويا چين
3. ڪنتر ڪوٺ، ڪپول موٺ، گن تہ غزالي غين
4. مان مندر منهن موج ۾، جوت جمن ۾ جين
5. سر نايو سپ سين، ڪن جهار جلال چئي.

يعني تہ 1. محبوب جي منهن جي چوڏاري ڏگهن لهردار ڪارن وارن (اهر = اهہ =وار) وچ ۾ مد ٻريل ڪڪوريل اکين جي رنگيني ۽ روشنائي ائين آهي، جيئن جبلن جي ڪاراڻ (کهڪار = ڪوه + ڪار = پڻ اصطلاحا، ڪڪرن جي ڪاراڻ) جي پس منظر ۾ گول اندلٺ (قوس قزح) جو سهڻو رنگين نظارو 2. انهن سهڻن سڄڻن پنهنجي ٻوري لعل چهري سببان چڻ تہ (مان) ٻاڙهي کهنبي (ڪنب = ڪسنب) سون (وتافر) توڙي تجليدار ڪنوٺين کان (ڪورخ = ڪروخ = ڪنوڻ ڪؤرخؤن = ڪنوٺين کان) آرام (چين) کسي ڇڏيو آهي. 3. سندن ڪنڊو نڪ طوطي (ڪنتر = ڪؤنتر) جهڙو. ڳل (ڪپول) موٺ (مينهن وساڙو جيت) مثل ٻاڙها، ۽ سندس سهٽيون اکيون توڙي لاڏ ۽ ڪوڏ هوبهو هرڻ (غزالي غين = "غزال" جو هرڻ جو نالو آهي تنهن نالي جو بالڪل پهريون حرف "غ") وارا آهن.

4. سندس منهن پاڪيزگيءَ ۽ ڏيا (موج ۾) سببان چڻ تہ مندر آهي، جنهن ۾ سندس اکين جي گول دائرن ۾ روشن تارا چڻ تہ (جين = جيئن تہ "جمن" = نڪر جو ڪپو) روشن ڏيئا پيا ٻرن، ۽ 6. بقول جلال، (ان مندر

جا مشتاق عاشق) سر جهڪايو صدائون (سين) ۽ بندگيون (جهار) پيا ڪن.

جلال جي هنن بيتن بعد سارنگ جي سونهن، ميگهه ملار بادل ۽ ڪنوڻيون "سينگار شاعريءَ" جي تشبيهات جا عام موضوع ۽ استاد شاعرن جي بيتن جا خاص عنوان بنيا. جئن تہ وڏي ملان خوشحال، سليمان ۽ ڄام مراد علي وغيره جي بيتن مان ظاهر آهي.

محبوب جي جامع حسن بابت جلال جو هڪ عجيب خيال:

"سورهن سينگار" جي تخيل مطابق، زمين تي هلندڙ جاندارن جي سهڻين وصفن مان محبوب جي فطري حسن لاءِ ڪم از ڪم چار وصفون لازمي سمجهيون ويون. سنڌ جي شاعرن ۽ سڄاڻ سگهڙن اڳتي قدم وڌائي هي نڪتو واضح ڪيو تہ محبوب جي معياري حسن ۾ جملي شين، جاندارن خواه غير جاندارن جون سهڻيون وصفون سمايل آهن. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي حسن ۾ سهڻو محبوب جامع صفات آهي. انهيءَ تخيل موجب، جلال هڪ نئون نقطو نروار ڪيو تہ جيتوڻيڪ ڪي جانور توڙي ڪي غير جاندار شيون هڪ ٻئي جو ضد آهن ۽ ساڳئي وقت يڪجاءِ جمع نٿا ٿي سگهن. مگر هيءُ محبوب جي جامع صفات حسن جو معجزو آهي، جنهن هڪ ٻئي جي ضد ۽ مخالف شين جي وصفن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڻ تہ انهن کي يڪجاءِ جمع ڪيو آهي.

انهيءَ انوکي تخيل کي جلال پهريائين پنهنجي هڪ بيت ۾ راز ۽ معما طور پيش ڪيو. افسوس جو سندس هن بيت جي مڪمل ۽ صحيح روايت نہ ملي سگهي آهي، مگر اسان ٻن ناقص روايتن جي ڀيٽ سان، هن بيت جي هيٺين صورت کي ترجيح ڏيئي قلمبند ڪريون ٿا. ۽ سگهڙن وٽان ان جي ٻڌل معنيٰ (جا ڪن حالتن ۾ اڃا تحقيق طلب آهي) لکون ٿا:

1. ٽانگر ڍڍن پارڌي لاس ٽٽيڦن ڏار
2. ڪنيل، ڪنجل، ارن ايڍگ، سمجهہ سالڪ سار
3. اهي سڀ اظهار، آهن جانب منجهہ جلال چئي*.

يعني تہ 1. هڪ طرف هرڻ (ٽانگر؟)، ڀيلو (ڍڍن؟) ۽ شڪاري (پارڌي؟) ۽

---

* روايت منشي صالح محمد ٻرو (سندس هٿ لکيل بندي ڍ) ڏريجي. سگهڙ گابر خان چانڊيي (ڪڇهري محمدپور ضلعي جيڪب آباد. تاريخ 25- ڊسمبر 1959ع) کي معنائون هن طرح ٻڌايون: اد يڳ = سوئر، ڪنجل = هاٿي، ڊٽيڻ=نر هرڻ، ارن=ڏاند، ڪَيُل=ڏاند.

ٻئي طرف مور (لاس) ۽ نانگ (ٽٽيفن) يڪجاءِ رهي نٿا سگهن. (بلڪ اهي ڏريون ئي ڏار آهن. چاڪاڻ تہ نہ هرڻ ٻيلي ۾ رهي ۽ نڪي شڪاري جي سامهون ٻيهي سگهي، ۽ نڪي نانگ مور سان گڏ جالي سگهي، چاڪاڻ تہ مور نانگ جو ماري آهي). 2. پڻ ساڳيءَ طرح اي سمجهدار سالڪ! تون ويچار ڪري ڏس تہ نڪي شينهن (ڪنيل) ۽ هاٿي (ڪنجل) گڏ جالي سگهن (چاڪاڻ تہ عام روايت موجب هو هڪ ٻئي جا دشمن آهن) تہ نڪي وري سج (ارڻ) پنهنجي اصل روشنائيءَ سان ان وقت چمڪي سگهندو جڏهن ڪارا ڪڪر (ايڊيگ؟) چانيل هوندا. 3. مگر جلال ٿو چوي تہ محبوب (جي حسن) ۾ اهي جملي شيون (پنهنجن حقيقي وصفن سان) صاف طور نظر اچن ٿيون.

هاڻي سوال آهي تہ ڪيئن انهن مخالف شين کي سهڻي محبوب پنهنجي حسن جي معجزي سان يڪجاءِ جمع ڪيو آهي؟ غالباً جلال جي هن ڳجهارت کي ٻيو ڪو سالڪ ڳولي نہ سگهيو انهيءَ ڪري هن پنهنجي هيٺين بيت* ۾ انهيءَ راز کي ذرا وڌيڪ واضح ڪيو تہ:

1. اهو جتهين آه، ماري ٻيي ان ماڳ تي
2. سپ سري ۾ مور جي، سو ٻيي سرس سوا
3. هاٿي شرطان شير جي لوڏئون ڪين لڪاءِ
4. سج ڪناري، جهڙ جي، بيٺو پاڻ پساءِ
5. سي نس دن دائم دوست سين، رچي رنگ رتاءِ
6. اهي جنگ مڙيئي هڪ جاءِ، آهن جانب ساڻ
جلال چئي.

يعني تہ 1. جتي هرڻ (محبوب جون سهڻيون اکيون) آهي، ماري (پنبڻين جا تير) بہ بالڪل انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي موجود آهي. 2. نانگ (محبوب جا ڪارا وار) مور (محبوب جي ڳچي) سان لاڳيتو بنا ڊپ جي سرس ۽ سوايو ٿي پيو سري. 3. هاٿي (محبوب جي سهڻي رفتار) شينهن (محبوب جي سنهي چيلهہ) سان شرط هڻڻ سببان پنهنجي سهڻي لوڏ ۾ ذري جيترو بہ ڪونہ ٿو لڪائي (يعني تہ شينهن کان ڊڄي پڇي ڪونہ ٿو). 4. سج (محبوب جو سهڻو منهن) ڪارن ڪڪرن

---

* ڪتاب 'يوسف زليخا' (قلمي. سنڌ صوبائي ميوزيم) جي حاشيي تي پڻ لکيل. جتي ٻيون پڙهڻيون: 5. نس دن دائم درس سين رُسا رنگ رچاءِ (). هي جُنگ هيڪانڌي جاءِ، جانب منجهہ جلال چئي.

(محبوب جا ڪارا وار جي منهن جي ٻنهي طرفان لتڪيل) جي ڪناري سان لڳيتو پيو چمڪي، 5. اهي جملي شيون رات ڏينهن (نس دن)، بلڪ هر هميشہ سهڻي سڄڻ سان گڏ هجڻ ڪري سندس رنگ ۾ رچي لال ٿيون آهن، 6. جلال تہ چوي تہ اهي سڀيئي زورا ور (جي هڪ ٻئي جا مخالف آهن)، سهڻي محبوب (جي حسن جي معجزي) سان يڪجاءِ جمع ٿي گڏ گذاري رهيا آهن.

6. محبوب جي لاثاني حسن جو تخيل:

هندي "سينگار رس" شاعريءَ ۾ محبوب جي حسن جو تخيل اڃا ابتدائي منزل تي هو ۽ حسن جي تعريف ۽ تشريح تشبيهات جي دائري ۾ بند هئي. ٻيو تہ اهو تشبيهات جو دائرو پڻ انهيءَ ابتدائي منزل تي نسبتا محدود هو. سنڌي سينگار شاعريءَ جي استادن نہ صرف تشبيهن ۽ تمثيلن جي دنيا ۾ هڪ وڏي وسعت پيدا ڪئي، مگر محبوب جي معياري حسن کي اصولا لاثاني تسليم ڪري تشبيهات ۽ تمثيلات واري روايتي مضمون کان قدم اڳتي وڌايائون، ۽ هي نقطو نروار ڪيائون، تہ سهڻي محبوب جي معياري حسن جي بي بها وصفن جي ڀيٽ ۾ جاندار ۽ پکي، گل ۽ ميوا، سج ۽ چنڊ، تارا ۽ ڪتيون، بادل ۽ بجليون ڪابہ حيثيت ئي نٿا رکن: جيئن تہ لاثاني محبوب جو حسن بي مثال آهي، انهيءَ ڪري محبوب جي سهڻين وصفن کي انهن شين سان ڪهڙي تشبيهہ ڏبي! بقول پٺائي صاحب "سپيريان جي سونهن جو نڪو قد نہ مد". جو حسن بي مثال آهي تنهن جو ڪهڙو مثال ٿيندو! جا سونهن بينظير آهي تنهن جو ڪهڙو نظير ٿيندو! جا صورت لاجواب آهي تنهن جو ڪهڙو جواب ٿيندو! دنيا جون جملي شيون محبوب جي معياري حسن کان نہ صرف متاثر آهن بلڪ ان جون سلامي آهن.

جلال: حضرت جلال پنهنجي بيتن ۾ غالباً پهريون دفعو محبوب جي بي مثال حسن جو تخيل پيش ڪيو ۽ ان جي ڀيٽ ۾ ٻين جملي شين کي سهڻي سڄڻ جي غلاميءَ ۽ سلاميءَ جي لائق ڄاڻايو. سندس اڪثر بيتن ۾ هيءُ خيال عام طور سمايل آهي. هت نموني طور سندس ٻہ بيت ڏجن ٿا، جن مان پهريون بيت جلال جي انوکي ۽ ڳوڙهي اسلوب بيان جو هڪ بهترين مثال آهي[*]:

[*] ميان نبي بخش خان لُنڊ (جوهي)، محمد يعقوب ٻرڙي (ميرپور ٻرڙو تعلقو ٺل، 11 - جنوري 1959ع) لعل بخش موچي (ڳوٺ ڪاڪيپوٽا، تعلقو ڳڙهي ياسين، 11 - اپريل 1955ع) ۽ ڪتابڙي مرزا گل حسن جي روايتن سان ڀيٽيل.

1. پھہ رپ پاڄي پر جو نس – رپ راس نہ روءِ
2. ال – رپ ادب ۾ ايا، ان – رپ آب نہ اوءِ
3. ڦن – رپ ڦور ڦٽي ڪئي، ست – رپ سانگ نہ هوءِ
4. ڪنجل جو رپ ڪارڏو، مئنڊڪ جو رپ موءِ
5. آگم – رپ نہ آگمي، ڪنڪن اڇي نہ ڪوءِ
6. هڪ تنهنجو جلوو جوءِ، ٻيو جلوو ناهہ جلال چٽي.[1]

يعني تہ: 1. (پھہ =ماڪ. رپ = آفت. پھہ – رپ = ماڪ جي آفت = سج. جو پنهنجي گرمي سان ماڪ کي سڪائي ڇڏي، نس = ڪاري رات. رپ = آفت. نس – رپ = ڪاري رات جي آفت = چنڊ. جو رات جي اونداهيءَ جو خاتمو ڪري ڇڏي) سج باوجود سندس تيز روشني جي محبوب جي حسن جي تجلي جي ڀيٽ ۾ گھٽو گهٽ آهي، ۽ انهيءَ ڪري پرينءَ جو پازي ۽ خدمتگار آهي، ۽ چنڊ تہ محبوب جي حسين منهن (روءِ) جي برابريءَ ۾ ئي ناهي. 2. محبوب جي سهڻي نازڪ ۽ مهڪندڙ چهري کي ڏسي ڪنول گل (ال – رپ = پونئر جي آفت = ڪنول گل، جنهن ۾ پونئر ويهي تہ مٿان ٻوٽجي وڃي) ادب ۾ بيٺل آهن، ۽ سندس ڳوري ڀهڪندڙ رنگ جي ڀيٽ ۾ باهہ (ان – رپ = ان جي آفت، جا ان کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏي) کي اهو پنهنجو آب ۽ تاب نہ رهيو آهي، يا باهہ کي محبوب جي حسن وارو آب ۽ تاب نہ آهي. 3. ان نازڪ خرام دلبر جي سهڻي ٽور کي ڏسي هڪ طرف مور (ڦن – رپ = نانگ جي آفت = مور، جو نانگ کي ماري) پنهنجو ناز ڀريو ناچ ڪيو تہ ٻئي طرف هنجھ (ست – رپ = موتي جي آفت = هنجھ، جو موتي چڳي) محبوب سامهون (سوءِ) هلي اچڻ (سانگ سانگي اچڻ) يا عجب ناز انداز ۽ ويس ورن سان ٻنجي نڪرڻ (سانگ ڪرڻ) ڇڏي ڏنو. 4. (محبوب جي سنهي باريڪ ڪمر سان) هاٿي (ڪنجل) جي مارينڊڙ (رپ) يعني شينهن (ڪارڏو) جي سنهي چيلھہ ڇا لڳي! ۽ محبوب جي ڪارن وارن (موءِ) سان ڏيڏر (مئنڊڪ)

---

[1] عام روايتن ۾ مصرع 2 ۽ 3 جا ڇيريان اڌ هڪ ٻئي سان مٽيل آهن. مصرع 6 جون ٻيون روايتون هن طرح آهن: 1. 'هڪ تنهنجو جلوو جوءِ، ٻئي جو جلوو ڇاهي جلال چٽي' 2. جلوو هڪ تنهنجوءِ، ٻئي جو جلوو ڇاهي جلال چٽي'.

جي مارينڌڙ (رپ) يعني ڪاري نانگ جي ڇا مجال آهي جو برابري ڪري! 5. سهڻي سڄڻ جي گوناگون سينگارن يا حسن جي رنگينين ڪي ڏسي اندلٺ (آگم - رپ = جهڙ جي آفت = يعني اندلٺ جا اڪثر مينهن جي پڇاڙيءَ ۾ جهڙ ڇڄڻ ۽ سج نڪرڻ وقت ظاهر ٿئي) بہ نڪري نروار نہ ٿئي (نہ اگمي = نہ ايري، نہ اسري). ۽ محبوب جي منهن ۽ بدن جي لالائي ڪي ڏسي سون (ڪنڪن) سندس گهتيءَ (ڪوءِ) يا عام بازار ۾ ئي نہ اچي. 6. جلال ٿو چوي تہ محض تنهن سهڻي محبوب جي (يا اي محبوب! محض تنهنجو) حسن جو جلوو ئي دنيا (جوءِ = اصطلاحا، سر زمين، دنيا) ۾ ڪارفرما آهي ۽ ٻيو ڪو حسن آهي ئي ڪونہ.

ٻين سگهڙ شاعرن جن جو ذڪر اينڌڙ بابن ۾ ايندو جلال جي نقش قدم تي هلي، سهڻي لاثاني محبوب جي حسن کي ٻين مڙني شين جي سهڻين وصفن کان مٿاهون ڪري ميڃيو ۽ انهيءَ مرڪزي خيال کي ئي پنهنجي بيتن ۾ پيش ڪيو. ان بعد ٻين شاعرن جهڙوڪ نواز سليمان، انڙ، ڪنيار ۽ دوست محمد وغيره جا نالا خاص طرح قابل ذڪر آهن جو انهن جلال جي نقش قدم تي هلي، لاثاني محبوب جي حسن کي عام مروج تشبيهن کان اعليٰ ۽ اڳرو ثابت ڪيو. ”سينگار شاعريءَ“ جي روايتي مضمون ۾ خصوصا جاندارن (هرڻ، هاٿي، شينهن، نانگ، پونئر، مينهن وساڙو جيت وغيره)، پکين (مور، هنجهہ، چيهو ڪونج، ڪوئل، چٽون، پاريهل وغيره)، ميون (ڏاڙهون، ڪيلو)، گلن ۽ ڪائنات جي ڪن ٻين عام شين جي سهڻين وصفن جون محبوب جي حسن جي مختلف سهڻين وصفن سان تشبيهون عام مروج هيون. هنن شاعرن انهن مڙني عام مروج تشبيهن کان محبوب جي حسن کي مٿاهون ڪري پيش ڪيو جيئن هيٺ ڏنل بابن ۾ بيان ٿيندو.

اسان بيان ڪري آيا آهيون تہ محبوب جي حسن ۽ سينگار جي بيان لاءِ موزون تشبيهن جي تلاش کي سنڌ جي سڄاڻ شاعرن نہ صرف زمين ۽ هوا جي جاندارن وغيره شين تائين محدود رکيو. مگر سنڌن تخيل جي پرواز جهڙ بادلن، ميگهن ۽ کنوڻين واري فضا کي بہ هيٺ ڇڏي مٿي آسمان جي جنسارن — يعني تہ سج ۽ چنڊ، نکٽن ۽ ستارن تائين پهتي. ”سينگار“ جي روايتي مضمون موجب سنڌ جي استاد شاعرن سڄڻ جي سونهن کي سج، چنڊ، تارن ۽ ستارن جي تشبيهن ذريعي نهايت سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو

مگر محبوب جي ”لاثاني حسن“ واري تخيل هيٺ هنن هي نقطو پڻ نروار ڪيو تہ محبوب جو حسن انهن مڙني کان مهند ۾ متاهون آهي. جلال پنهنجي هڪ بيت ۾ محبوب جي حسن جي جلوي جي ڀيٽ ۾ چنڊ جو حال هن طرح بيان ڪيو تہ: ”ات قمر ڪين ڪمائيو ويو گڏجي منجهہ غبار“. مگر هن سلسلي ۾ ڀٽائي صاحب جا هيٺيان بيت (سر ڪنيات) جي سينگار شاعريءَ جي اسلوب بيان ۾ ادا ڪيل آهن. غالباً پهريان سڄا سارا بيت آهن، جن ۾ انهن چمڪندڙ آسماني جسمن کي محبوب جي بي مثال حسن جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ قرار ڏنو ويو آهي:

1. ڪٹي نيڻ خمار مان، جان ڪيئائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماٽو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا ديکيندي دلبر
جهڪو ٿيون جوهر، جانب جي جمال سين.
2. چوڏهينءَ چنڊ تون ايرين، سهسين ڪرين سينگار
پلڪ پريان جي نہ پڙين جي حيلا ڪرين هزار
تون جهڙو سڀ جمار، تهڙو هڪ دم دوست جو.
(سر ڪنيات)

ان بعد ”سينگار شاعريءَ“ جي استاد شاعرن مان ڪبير شاهہ پنهنجي هڪ بيت ۾ اهڃاڻ ڏنو تہ صبح وارو چمڪندڙ تارو (= نواڙو) پڻ محبوب جو معتقد ۽ بندگي ڪندڙ آهي: ”نواڙو تنهن نرمل کي پوڄي ٿو پريات“. ٻين استاد شاعرن بہ پنهنجي بيتن جي ڪن مصراعن ۾ انهيءَ تصور جي تائيد ڪئي. مگر هن گروه جي شاعرن مان خاص طرح ڏتي ڪنيءَ ۾ مينهن وسايي مگٽهار محبوب جي حسن جي جلوي کي آسماني جسمن جي چمڪي کان اتم ۽ اعليٰ ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجا سڄا سارا بيت وقف ڪيا - مثلاً:

ڏتو ڪني

ماهہ! متان محبوب جي، تون ادب سان ٿي آءُ
تو چنڊ! ڪئي چانڊوٹي، پر هٿ ڪيو سائينءَ شم شعاع
متان لٽجي وڃين لڙ ۾، ڏسي تابش تاءُ
اڇي پؤ پيش پرينءَ جي، تون چٽڪي وانگي واءُ
ساجن جو سهاءَ، اٿئي اهڙيءَ ڏس ڏتو چوي.

مينهن وسايو

مت نہ آهين محبوب جو جي چوڏهينءَ اڀرين چنڊ!
تنهنجي اوجر کي اف ڪيو محب پريان جي منڊ
لاٿو ڪس قلب تان، عجيباڻي اڪنڊ
ورچ پريان جي ونڊ، تو "قمر" آ ڪوناڻيو.

سهڻي محبوب جي لاثاني حسن واري ساڳئي تخيل هيٺ، سينگار شاعريءَ جي استادن محبوب جي نازڪ بدن، سهڻائيءَ ۽ هبڪار جي ڀيٽ ۾ گلن جي نزاڪت، رونق ۽ خوشبوءِ کي گهٽ قرار ڏنو. مختلف شاعرن پنهنجي بيتن جي ڪن مصراعن ۾ هڪ ٻن گل جو مثال ڏيئي هي نقطو واضح ڪيو. مگر جانو چارڻ ۽ شيخ سائينداد جا هيٺيان بيت هن معنيٰ ۾ هڪ جامع حيثيت رکن ٿا، جن ۾ هنن شاعرن ڄڻ جملي گلن جي جنس کي سهڻي نازڪ محبوب جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڪري ڄاڻايو آهي. وضاحت خاطر گلن جي نالن مٿان (واڪ جون) نشانيون ڏنيون ويون آهن.

جانو چارڻ

1. ٿيا گلزار 'گلاب'، 'جنگي' جوڙ وڏا ڪيا
'هر هر' حسن ڏسي ڪري ٿيو 'هيمون' حيرت هاب
جيءَ ۾ چوٽ 'چنبيل' کي، ٿيو 'شاهو' شوق شتاب
تان 'خيالي' ڇڏيو خواب، پسڻ ساڻ پرينءَ جي.
2. آهي 'ڪلنگو' ڪير، جو ڪندو بحث برابرو
'نا فرمان' نہ ڪو ڪري، ٿيو 'فرمانيءَ' ۾ قير
'دوسر' سيلو ٿو ڏري پرين جڏهن ني، پير
اٺ ڏهہ دفعا عطر ڪٿون سرهو سرهو سير
تان 'بخمل' ڇڏيو پير، لالائي 'لالا' ڏسي.
3. 'بَدهر' باسي باس، 'سورج' 'گوشا' سير جا
سوڀي ساجن کي سڪي پاڻ اتيئي 'پاس'
'ڪرنائي' پيو 'ڪيتڪي' وهي وساري واس
'ارنا' 'آسا' 'آڙما' عاجز 'املداس'
ناز ڏياري 'نازبو' 'نانگ' 'ناسو ناس'
انهيءَ جي اخلاص، ڪٺي من تن متوالو ڪيو.

4. ڪليا باغ "بهار"، پسي بوند 'بسنت' جي
'شونقي' ۾ شاخان ٽيون 'ڪجوري' ڪلهار
بيٺا 'لال' گلال ٽي 'ارنائي' ٻـ 'انار'
'چوگردي' ۾ 'چاندنن' ڪيا گل 'گوني' گلزار
جڏهن ساجن هليو سير تي پير وجهي پيزار
تڏهن سيڪو بيٺو سهمجي، عاجز ۾ اختيار
هوءَ جا عينن منجهه عجيب جي لالائيءَ جي لار
تنهن ڏورئون ٽي ڍڪاريا، 'سورج' جا سينگار
تان 'هرنو' پيي هيڪار، اچي محب اڱيئون پيو موءِ ٽي.
5. صورت منهن محبوب جي 'جامو جم' ڪياس
تارا جي 'تورام' جي پل نيائين پاس
چا هوندو گل 'ڪيتڪي'، چا هي 'چندن' چاس
چا هي 'جنگي' جوت ۾، چا هي گل 'گلاس'
چا گل 'سورج' 'سورتي' چا 'مهتاب' 'مجاس'
چا هي گل 'گلاب' جو چا هي 'بخمل' باس
چا 'موهن' چا 'موتيو' چا 'رابيلو' راس
چا گل 'خيالي' خيال ۾، چا هي 'ظهر' تپاس
لک واري گل 'لال' کي، جوڙيون جوڙ اتاس
'جليلي'، جانو چوي، 'انوپر' ان راس
'تاب' نـ تاب جهلي سگهي، ڏيون 'تور' تپاس
توڙي اڏامي آڪاس، تان بي ڪندو ڪونـ برابرو.

شيخ سائينداد پنهنجي هيٺين بيت جي شروع ۾ اهڃاڻ ڏنو آهي تـ جو محبوب سيني وصفين سهڻو آهي تنهن جي حسن جي بهار ۾ گل گل جي ذات واري وصف سمايل آهي، آخر ۾ اها گواهي ڏني اٿس تـ توڙي ڪٽي هزار گلن جا هجن تـ بـ سهڻي سجڻ جي سونهن سان اهي هڪ وار جي ويهين ڀاڱي جيتري برابري بـ نٿا ڪري سگهن. هن بيت ۾ نالو پنهنجي پٽ 'غلام حسين' جو آندائين.

چست گُنِي چنچل پرين، تنهن وٽ گُنَ جا باغ بهار ميان
گل ’قل‘ گل ’ڪيتڪي‘، ٻيا ڪڙن ’ڪنٽهار‘ ميان
گل ’ايلاچا‘، گل ’سورتي‘ ٻهوت چڱا بسيار ميان
گل ’ڪوپ‘، ’گل ڪيوڙا‘، رنگ ’چمن‘ رنگدار ميان
گل ’لالا‘، گل ’گلابي‘، گل ’دائودي‘ دلدار ميان
گل ’جاءِ‘، گل ’جافر‘، ٻيا گل وڏا گلزار ميان
گل ’ڪيسر‘، گل ’قيمتي‘، گل ’عشق پيچ‘ ’انار‘ ميان
گل ’ريحاني‘، گل ’سورجا‘، گل چڱا ’چنار‘ ميان
گل ’سبزي‘ گل ’ارزن‘، گل ’چوگردا‘ چوڏار ميان
گل ’چندن‘، گل ’جاوتي‘، گل ’ابيض‘ ئي اپار ميان
گل ’ڪرني‘، گل ’ڪچنار‘، گل ’زيتون‘ زينتدار ميان
پر چا گل قل، غلام حسين چئي، جيتوڻي هون هزار ميان
تان ڪونهي مٺ محبوب جو ان مان ويهون ڀاڱو وار ميان
شمس قمر شرمائيا، پسي دلبر جا ديدار ميان
حورون پريون پيمال ٿيون، ڏسي ساجن جا سينگار ميان
ڪڏهين وسرنم ڪينڪي، سي ڪامل ڪنڪن ـهار ميان
جهڙس ڪونهي جڳ ۾، ايهو قسم ڪريان ڪلتار ميان
اي محب پرين منٺار ميان! تنهنجي سڀ جلوي جهڙپ جهپائيا.

7. تصوف جو اثر ۽ حقيقي محبوب جو تخيل:

جهڙيءَ طرح سڄي هندوستان لاءِ سنڌ اسلام جو پهريون دروازو بڻي، اهڙيءَ طرح اڳتي هلي سنڌ جي سرزمين اسلامي تصوف جو پڻ مکيه مرڪز بڻي. سڀ کان اول ”سهروردي“ طريقو سنڌ مان ئي هندوستان طرف پکڙيو ۽ ان بعد ”قادري“ توڙي ”نقشبندي“ طريقي جا وڏا درويش ۽ روحاني رهبر سنڌ ۾ پيدا ٿيا. جن ملڪ کي پنهنجي فيض سان مالا مال ڪيو. سنڌ جي انهن خدا شناس بزرگن پنهنجي علمي توڙي عملي تبليغ ذريعي هتي جي رهاڪن کي توحيد ۽ حق پرستيءَ جو سبق ڏيئي سندن دلين کي مولا ڏانهن متوجهه ڪيو. تان جو هر ننڍو توڙي وڏو سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح توحيد جو طالب بڻجي ويو ۽ هر هڪ کي الاهي عشق جي تُوري ڪي گهٽي ورچ

نصيب ٿي. انهيءَ فيض جوئي اثر هو جو سنڌ ۾ ”شاعري“ شروع کان ئي محض انهيءَ الاهي عشق ۽ محبت جي تبليغ جو هڪ ذريعو بني، ۽ ”شاعري“ ۽ ”درويشي“ ٻئي لازم ملزم جز بنجي ويا. جيڪڏهن ڪو شاعر هو تہ ساڳئي وقت درويش بہ هو: هر صوفي درويش. تصوف جو اصولي نظريي موجب ’مجاز‘ کي ’حقيقت‘ جي پل تسليم ڪري، انسان جي محبت واري فطري جذبي کي بالاخر هڪ موليٰ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول هو.

جڏهن سنڌ ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي تڏهن اهو اعتقاد عام ٿي چڪو هو تہ حقيقي محبوب اهو خدا آهي جنهن انسان کي حسين بنائي خلقيو ۽ انسانن ۾ انسان ڪامل ۽ موليٰ جو سهڻي ۾ سهڻو محبوب نبي صلي الله عليه وآله وسلم آهي جنهن جي نور ۽ جمال جي ورچ ڪائنات جي هر شيءِ کي ملي. سنڌ جي سليم الطبع شاعرن نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي معياري حسن واري عقيدي ۽ تخيل کان متاثر ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ مجازي حسن جي تعريف جو رخ انهيءَ حقيقي ۽ معياري حسن ڏانهن موڙيو. هندي ”سينگار رس“ شاعري محض مجازي دائري ۾ محدود هئي، مگر ”سنڌي سينگار شاعري“ مجازي منزل طيءِ ڪري حقيقت ڏانهن مائل ٿي. ”سنڌي سينگار“ جي اڪثر شاعرن، بطور آخري مقصد جي، نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي پنهنجو حقيقي محبوب ڪري ڄاتو ۽ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سونهن کي ئي معياري حسن ڪري مڃيائون. انهيءَ نظريي ۽ خيال جي زير اثر ”فن سينگار“ کي عام طور ”نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو سينگار“ ڪري تسليم ڪيو ويو. اڄ تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ’سينگار‘ جي تعريف ”نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو سينگار“ آهي، يعني اهي بيت جن ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي معياري حسن کي مجازي رنگ ۾ ڳائجي.

سنڌي سينگار شاعريءَ جي هنرمند شاعرن ۽ سجاڳ سگهڙن جو اهو نظريو مجموعي طور صحيح آهي. ڪن شاعرن جا بيت بيشڪ خالص مجازي رنگ ۾ چيل آهن. مگر سنڌي سينگار شاعريءَ جي هر نامور شاعر مجازي حسن جي تعريف جو رخ بالاخر انهيءَ حقيقي محبوب ڏانهن موڙيو

آهي. محبوب جي بي مثال ۽ لاثاني حسن وارو نظريو جنهن کي متي بيان ڪيوويو آهي، سو حقيقي محبوب جي حسن جي تخيل جي پيداوار آهي. سنڌي سينگار شاعريءَ جو پهريون بلند شاعر جلال ڪتي نبي صلي الله عليه وآله وسلم تي عاشق هو ۽ انهيءَ ڪري هن پنهنجي بيتن ۾ اهڃاڻ ڏنو تہ سندس محبوب جو حسن مڙني ڪان مٿاهون آهي:

"انهان دور دراز منهنجا جانب وڏ جلال چئي"

پٽائي صاحب بہ انهيءَ حقيقي محبوب جي حسن کي واکاڻيندي چيو تہ:

"سپريان جي سونهن جو نڪو قد نہ مد".

غور ڪبو تہ مجموعي طور سان سينگار جي اڪثر بيتن ۾ مجازي حسن جي تعريف جي ماتحت انهيءَ نظريي جا اهڃاڻ نظر ايندا. مجازي حسن جي تعريف کي بالاخر حقيقت ڏانهن موڙڻ جو بهترين مثال شاعر دوس محمد جي بيتن ۾ ملي ٿو جن مان هڪ مثال طور هيٺ ڏجي ٿو.

سپ ڪنهن ويل سڄڻ جي جوت ڪري جلوا
لالي تنهن لال سين ڪانہ اڇي ٻي ڪا
سپيريان جي سونهن کي سورج ڪن ثنا
صورت سون جهڪائيو محبوبن جي ماه[1]
منهنجا دلبر، "دوس محمد" چئي، آهن برق ڪنا بي با[2]
روح اڇي ريلو ڪيو تنهن ڏي عشق منجهان ارواح
سو شان شفاعت اڳرو مير محمد شاهہ (صلعم)
تنهن نافع جي نگاه، منهنجو من مهتاب ڪيو.

---

[1] ماه = ماء = آب = حسن جي آب تاب.

[2] بي با = بي بها.

باب ٽيون

جلال ڪتي: سنڌي سينگار شاعري جو سرواڻ

سوانح: اسان مٿي چٽي آيا آهيون تہ حضرت جلال پهريون استاد شاعر هو جنهن پنهنجي انوکي تخيل ۽ جادو بياني سان 'سنڌي سينگار شاعري' کي اوج تي پهچايو ۽ سنڌي شاعري جي دائري ۾ ان کي هڪ مستقل فن جي حيثيت ڏني. افسوس جو هن باڪمال شاعر – درويش جي سوانح توڙي ڪلام تي وقت جي هڪ وڏي عرصي پنهنجو لٽ وجهي ڇڏيو آهي.

جلال جي جاءِ سڪونت بابت لس بيلي ۽ ساڪري (ٺٽي ضلعي) جي اڪثر موجوده سگهڙن جي متفقہ راءِ آهي تہ هو ٺٽي ضلعي جو هو. منجهانئن ڪن خاص معتبر راوين جي خيال ۾ هو تعلقي ميرپورساڪري جي قديم ڳوٺ 'گروڙا' جو ويٺل هو. ٻئي طرف دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي سگهڙن جي متفقہ راءِ آهي تہ جلال دادو ضلعي جو رهاڪو هو. منجهانئن اڪثر جي راءِ آهي تہ هو دادو تعلقي جي ڳوٺ 'موندر' جو ويٺل هو ۽ ڪن جو خيال تہ هو جوهي تعلقي ۾ 'ڏگهہ بالا' جو رهاڪو هو. هيٺين دليلن جي بناء تي هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ جلال غالباً دادو ضلعي جي ڳوٺ موندر[1] جو رهاڪو هو.

پهريون تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سپہ سالار شاهہ بهاري جهنجهڻ ۽ قلات جي امير عبدالله خان بروهي جي جنگ بابت جلال ۽ جمن چارڻ هڪ ٻئي کي آمهون سامهون بيت چيا آهن.[2] ميان نور محمد جي گاديءَ جو شهر خدا آباد هو جيڪو دادو تعلقي ۾ واقع آهي. جمن چارڻ جا مٽ ۽ مائٽ عزيز

---

[1] هي جهونو ڳوٺ. دادو شهر کان اٽڪل 6 - 7 ميل ڪن اتر. موجوده دادو ڪئنال جي ويجهو اوڀر طرف واقع آهي.

[2] ڏسو اسان جو مضمون "سنڌ جا سگهڙ" قسط – 2 رسالہ "نئين زندگي" ماه فيبروري 1953ع. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب "جنگناما". سنڌي ادبي بورڊ. حيدرآباد سنڌ. 1404هہ (1984ع). صفحا 61 - 65

بہ دادو ۾ سيوهڻ تعلقن ۾ رهندڙ هئا. ۽ خود شاهہ بهارو بہ لاڙڪاڻي جو ويٺل هو جتي سندس مقبرو موجود آهي. انهيءَ ڪري جلال جي سڪونت بہ دادو ضلعي ۾ زياده قرين قياس نظر اچي ٿي. بيو تہ جلال جو هڪ بيت حضرت مخدوم بلاول رحہ جي مدح ۾ ملي ٿو جنهن ۾ چيو اٿس تہ:

"بلاولي بحرين مان جن پيتا جودي جام"

جڏهن تہ حضرت مخدوم بلاول رحہ جي درگاهہ شهر دادو کان ٦ ميل کن اتر طرف قديم شهر 'باغبان' ۾ آهي جيڪا ڳوٺ "موندر" کي بہ ايتروئي ويجهي آهي. انهيءَ ڪري جلال جي حضرت مخدوم بلاول سان هي عقيدت پڻ موندر ۾ سندس جاءِ سڪونت هجڻ جي تائيد ڪري ٿي. ٿيون تہ دادو تعلقي ۾ هي روايت عام آهي تہ جلال، 'پير ترهي'[1] جي مقام ۾ دفن ٿيل آهي، جو دادو شهر کان 7 ميل کن اتر ۾ ڳوٺ موندر کان اٽڪل ميل ڏيڍ اتر — اولهہ، موجوده دادو ڪئنال جي لڳو لڳ الهندي طرف واقع آهي. "پير ترهي" جي سجاده نشين قريشي پيرن، بين عام ماڻهن، ۽ خاص طرح اتي جي هڪ عمر رسيده شخص فاضل فقير شيخ توڙي پر واري 'ملڪن' جي ڳوٺ جي پيڙي سگهڙ سليمان فقير ملڪ 1955ع ڌاري سندس عمر 80 ورهيہ کن) متفقہ طور خبر ڪئي تہ: "اسان وڏن کان ٻڌندا ٿا اچون تہ جلال موندر جو ويٺل هو ۽ سندس قبر پير ترهي تي آهي جيڪا اسان ننڍي هوندي صحيح سلامت بيٺل ڏٺي هئي ۽ ماڻهو اچي ختمو پڙهندا هئا. البت درويش پير ترهي جي نالي سببان خود جلال جي شهرت ڪانہ ٿي. هن وقت سندس قبر واري جاءِ تي فقط هڪ پٿر جو نشان باقي آهي" 01 هہ. اسان سرزمين تي روبرو وڃي ڏٺو تہ اهو نشان پير ترهي جي مقبري جي آڏو وڏي صحن ۾ ڏکڻ — اوير طرف بيٺل وڻن جي هيٺ هڪ جهوني ٻير جي وڻ جي پاڙ ۾ آهي. جيتوڻيڪ سواءِ هڪ پٿر جي نشان جي بيو ڪوبہ ڪتبو موجود ڪونهي، تہ بہ هي مقامي روايت ڪافي وزندار آهي.

جلال جي حياتيءَ واري عرصي جي باري ۾ سبتا پڪا اهڃاڻ موجود آهن. جلال ۽ جمن چارڻ جيڪي بيت هڪ ٻئي کي سوال جواب ۾ چيا آهن تن جو تعلق انهيءَ جنگ سان آهي جيڪا ميان نور محمد ڪلهوڙي جي

---

[1] مقامي ... موجب پير جو اصل نالو "ابو طره" آهي.

لشڪر ۾ مير عبدالله خان قلات جي واليءَ جي وچ ۾ لڳي جنهن ۾ مير عبدالله خان شهيد ٿي ويو. ميان نور محمد طرفان شاهه بهارو جهنجهڻ سپهه سالار هو جنهن جي تعريف ڪندي جلال پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو ته:

"بازي بهارو، شاه ڪٽي ويو شير ڪون"

اها جنگ سنه 1145هه (1731ع) ۾ لڳي[1] ۽ ان بابت چيل بيتن مان ظاهر آهي ته جلال ان وقت بالڪل پختو مشق شاعر هو. جمن چارڻ به پنهنجي وقت جو چوٽيءَ جو شاعر هو جنهن جلال جي بيتن جو جواب ڏنو[2]. انهيءَ مان ظاهر آهي ته جمن ۽ جلال هڪ ٻئي جا ساٿياري ۽ همعصر هئا. درويش جمن چارڻ سنه 1151هه (1739ع) ۾ وفات ڪئي. يعني ته شاهه عبداللطيف کان چوڏهن سال ڪن اڳ گذاريائين. انهيءَ لحاظ سان چئي سگهجي ٿو ته جمن توڙي جلال ٻئي شاهه صاحب جا معاصر هئا. جلال به غالباً 1150 – 1160هه واري ڏهاڪي ۾ وفات ڪئي.

جلال جي قبر، مقام پير ترهو

لڳ دادو ڪئنال، تعلقو دادو.

---

[1] مرزا قليچ بيگ: تاريخ سنڌ (انگريزي)، ڪراچي 1952ع، جلد 2 صفحو 147.

[2] ڏسو "بيلاين جا ٻول" ص ص 93 – 95: رسالا "نئين زندگي" ماه فيبروري 1953ع ۾ ڏنل مضمون "سنڌ جا سگهڙ": لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب "جنگناما"، صفحا 47 – 49

جلال جي زندگيءَ جي حالات جو پورو پتو پئجي نہ سگهيو آهي. سندس باري ۾ روايتون مشهور آهن تہ هو پنهنجو موروثي ڌنڌو ڪندو هو۽ ڪپڙا ڌوئيندو هو. پنهنجن بيتن ۾ 'ڪتي' توڙي 'رنگريز' جو تخلص آندو اٿس: يعني تہ دڪان تي ڪپڙن رڱڻ جو ڪم بہ ڪندو هو جو ڪن بيتن ۾ خاص طرح 'دڪان' جو نالو وري وري آندو اٿس. جئن تہ:

"دوڙي ون۽ دڪان تي، ڪه پڇ ڪاريگر"

--

"دوڙي ون۽ دڪان تي، هٿ پڌي ڪر حال"

--

"دل اجار دڪان تي، ديک وچي داناء"

'مير جت' قبيلي جا ماڻهو آسپاس رهندڙ هئا جن سان جلال جي تمام گهڻي پريت هئي. پنهنجي هڪ بيت ۾ انهن نيڪ، سادن ۽ مارو ماڻهن کي ساراهيو اٿس تہ:

جت بلوچان بابڙا، آهن حِلمي هتوڪا
ڪنڌيين رهن ڪانهلا هي بَر جا بَتوڪا
بوريا بافڻ جن جو، رکڻ داٽا دلوڪا
ڪتون ڏائن ڪنج جون، پائن پتوڪا
ڏاچيون چارن ڏيهہ جون، ڪن تڙن تي توڪا
گهگهيرين گهر ڇائيا، سي جسماني جوڪا
آهن آريءَ چام جا، اديون آتوڪا
پنهونءَ ڪي پرتل ٿيا هي گنگا گڪوڪا
جي اهڙا آلوڪا، تن جتيم جيء جلال چئي.*

جتن سان جلال جي والهانہ محبت هئي پر ڪن ائين هلايو تہ جلال جتڻين مان ڪنهن تي عاشق آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي جڏهن ڪاڻ تي ڪپڙا ڌوئڻ ٿو وڃي تہ هميشہ جتن جي ڪڙين واري طرف منهن ڪري ويهي ٿو ڪپڙا ستي. حقيقت ۾ جلال تي نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو عشق

---

* دادو ضلعي جي سگهڙن ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي روايتن موجب.

غالب هو ۽ انهيءَ ڪري هميشہ الهندي منهن ڪري بيهي ڪپڙا ڌئندو هو. هڪ پيري جڏهن جلال بيٺي ڪپڙا سٽيا تہ ڪو سگهڙ دوست وٽس آيو ۽ کيس ڪلهي تي هٿ هڻي چيائين تہ 'جلال! جت ڪٿي!'[1] جلال سندس اشارو سمجهي ويو سو جواب ۾ هيٺيون بيت چيائين، جنهن ۾ پاڻ مرادو جتٽين ماين جي تعريف ڪيائين تہ:

پيهي ڏس پکن ۾ اٽئي سون چڙيون
آريٽيون اگڻ تي، ڪڍن انگ اڙيون
رئي رتيون، رنگريز چٽي، تن پوتيون نينهن نڙيون
پاٽي پرن پتوه جان، اچن گام گڙيون
گهگهيريون گمڻ ۾ آهن ڳم ڳڙيون
مهر اٽن منهن تي، پر مهر مامڙيون
هو ٽئي ڪيچ ڪڙيون، هو ٽئي جت جلال چئي[2].

ائين چئي ان سگهڙ کي ٻانهن مان جهلي الهندي طرف اشارو ڪيائين تہ سندس نظر ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي روضي جي صورت اڀري آئي. هڪ روايت موجب[3] جلال کي نبي صلي الله عليه وآله وسلم خواب ۾ آيو ۽ انهيءَ حيرت ۾ حيران رهيو جو اک کلي پيس. انهيءَ حالت جو اظهار هن طرح ڪيائين تہ:

ويهي جان ويچار ڪيم، تان 'ڪٿي' ڳالهہ ڪري
ساٽڪ منهنجي من پيو جنهن سوا ڪانہ سري

حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سڪ پوءِ مٿس غلبو ڪيو جو نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي ثنا ۽ تعريف ۾ بيت چيائين ۽ آخر عمر تائين انهيءَ محبت ۾ مدهوش رهيو.

---

[1] 'پير ترهي' جي مجاور فاضل فقير شيخ جي روايت موجب شهر موندر جي درويش ۽ شاعر محسن شاهہ کيس چيو هو تہ "تون تہ رڳو جتٽين تي عاشق آهين." محسن شاهہ ۽ دلبر شاهہ جو مقام شهر موندر جي اتر طرف لڳولڳ آهي.

[2] فاضل فقير شيخ. نبي بخش خان لنڊ. فضل چانڊيي، ملي احمد ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي روايتن مطابق پيتيل. اختلافي پڙهٽيون ناقص آهن ۽ انهيءَ ڪري ڇڏيون ويون آهن.

[3] راوي بابو پٽ مگيلڌو پالاري وينل سري، ڪوهستان، جنهن سان 17 مارچ 1951ع تي ڪراچي صدر ۾ ڪچهري ڪندي قلمبند ڪئي وئي.

اديب، سالڪ ۽ سگهڙن جو سرتاج شاعر:

جلال پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر هو پر سندس ڪلام جو ڪو لکيل ذخيرو هن وقت تائين دستياب نہ ٿيو آهي: جيڪي ڪجهہ موجود آهي، سو سچاڻ سگهڙن جي سيني بہ سيني سانديل روايتن ذريعي مليو آهي. ان ٿوري، مگر نهايت قيمتي منظوم ذخيري جي مطالعي مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ جلال پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو شاعر، سگهڙ، اديب ۽ سالڪ هو. سگهڙپائي ۽ هنرمندي سان هنر، ڏهس نامي ۽ سينگار جهڙين صنفن ۾ لغت جي جڙاء ۽ سهڻن لفظن جي سٽاء سان جڻ ماڻڪ ۽ موتي منظوم ڪيائين. هڪ اعليٰ اديب وانگر مختلف منظوم صنفن ۾ گفتي ۽ معنيٰ جي ملوڪت واري اعليٰ چاڻ پيدا ڪيائين. سرتيي ۽ سالڪ جي حيثيت ۾ چڱن جي صحبت جو سبق ڏنائين، ۽ پڻ اعليٰ سلوڪ واري سطح تي، مجاز ۽ حقيقت جي لحاظ سان وقتي سونهن ۽ دائمي حسن واري فرق کي نروار ڪيائين.

جلال سنڌي زبان جو پهريون وڏي ۾ وڏو اديب هو جيڪو سنڌي شعري ادب جي دائري ۾ هر فن موليٰ هو ۽ سرائيڪي ۾ بہ سهڻو شعر چيائين. گفتي جي سگهڙپائي ۽ ملوڪت ۾ بي مثال هو. هن سنڌي بيت ۾ اسلوب بيان توڙي موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ سان هڪ تخليقي ڪارنامو سرانجام ڏنو: هڪ تہ گفتي جي ملوڪت سان گڏ دانائي ۽ حڪمت کي بيتن جو هڪ خاص موضوع بنايائين، ٻيو تہ صنعت تجنيس جي فني استعمال سان سنڌي بيت ۾ 'هنر' جي صنف کي مڪمل صورت ۾ چمڪايائين. ٿيون تہ بيتن ۾ ”سنڌي سينگار شاعري“ کي بيان توڙي معنيٰ جي لحاظ سان اهڙي تہ اوج تي پهچايائين جو اها ”هندي سينگار رس“ شاعري جي نقالي بدران هڪ مستقل موضوع بنجي وئي.

جلال، شاهہ عبداللطيف رحہ جو وڏو معاصر هو. هن موضوع توڙي اسلوب بيان جي لحاظ سان سنڌي نظم جي دائري کي وسيع ڪيو. جلال موندر ۾ رهندڙ هو ۽ مخدوم بلاول سان عقيدت جي ڪري اتي درگاهہ تي ويندڙ هو. موندر ۽ دادو واري انهيءَ تر ۾ جتي ڪلهوڙن جي گادي جو شهر خدا آباد هو شاهہ عبداللطيف جو اچڻ وڃڻ گهٽ پئي ٿيو. انهيءَ ڪري جلال کي حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ بابت ڪا چاڻ ڪانہ هئي. انهيءَ

ڪري جلال جي ڪلام ۾ اهڙو ڪو اهڃاڻ موجود ڪونهي جو چئجي تہ شاهہ عبداللطيف رحہ جو متس ڪو اثر هو. ڪنهن حد تائين جلال جي واٽ حضرت شاهہ صاحب کان الڳ هئي، ۽ انهيءَ ۾ نہ فقط هو پنهنجو مٽ پاڻ هو پر ٻين سيني جو اڳواڻ هو.

جلال جي شعر شاعري جا موضوع:

جلال جي شعر شاعري جو سڄو ذخيرو سلامت نہ رهيو آهي، انهيءَ ڪري ان جي جملي جنسن ۽ خصوصيتن جو صحيح اندازو نٿو لڳائي سگهجي. جيئن تہ جلال وڏو شاعر آهي ۽ سنڌي علم ادب ۾ سندس خاص مقام آهي، انهيءَ ڪري هن وقت تائين دستياب ٿيل سندس شعر جي ذخيري جي وچور ۽ ويچار ڪي اسان هتي ضروري سمجهون ٿا.

ڪافيون: ڪن روايتن مان ڇڙ اهڙو گمان نڪري ٿو تہ شايد جلال پنهنجي اوائلي دور ۾ ڪي ڪافيون جوڙيون. 'پير ترهي' جي مجاور فاضل فقير اسان کي خاطري سان چيو تہ "هي (هيٺين) ڪافي جلال ڪٿي جي آهي ۽ اسان جا وڏا اهو ڪلام چوندا هئا:"

دل بہ وئي دلبر بہ ويو ڪيئن سهان مان سور ٿئي
خواه مارين خواه جيارين، سي ڪيم منظور ٿئي

1. هڪ سڄڻ سرمو وڌئي، ٻيا وار سڀ چوڙي ڇڏيئي
خلق ساري خون ڪيئي، گهوڙا وڌئي گهل گهور ٿئي

2. خاص خدمت ۾ رهي ٿو چنڊ چوڏهين ماه حسين
در تنهنجي ٻانهيون ڏٺم، توڙي پري يا حور ٿئي

3. جوش چاڙهي ٗ جان تي، جلوو پسي ميان هي "جلال"
هاڻ ٿو وري جوش جاڳي، سي گڏيا ٻيتور ٿئي

هن ڪافي جو ٽلهہ معنيٰ توڙي بيان جي لحاظ سان سادو آهي، البت مصراعن ۾ جان آهي ۽ آخري مصرع ۾ انوکو لفظ 'ٻيتور' (جئن فاضل فقير کان ٻڌو ويو) آهي، جنهن جي معنيٰ معلوم ناهي. انوکي لغت جلال جي نظمن جي خاص خصوصيت آهي. فاضل فقير هيءَ خبر سنہ 1951ع ۾ ڪئي جڏهن سندس عمر 65 ورهيہ کن هئي: يعني تہ سندس وڏن کان هن هيءَ ڪافي سنہ 1900ع ڌاري ٻڌي هوندي ان کان سترهن سال اڳ فاضل

شاهه 'ڪافين جو ڪتاب' مرتب ڪيو جيڪو سنه 1883ع ۾ ڇپيو ان ۾ هيٺين ڪافي جلال جي نالي سان ڏنل آهي:

وٺڙم سانگ سنگهار

جيڪس ويڙهيچن آءُ وساري

1. قضا آنديس ڪوٽ ۾ لڪئي جي لغار
2. اچي عمر ڪوٽ ۾ تيس ڏراڙن ڪان ڏار
3. ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجهه هزار
4. اٿم اهڙو آسرو پرچن مان پنوهار
5. جاني ميڙ 'جلال' چئي، جنهن لئي سڪان سڀ ڇمار

ڪتاب جي مهاڳ ۾ فاضل شاهه هر هڪ شاعر جي مختصر طور سڃاڻپ ڪرائي آهي، ۽ جلال لاءِ لکي ٿو ته: "هي ذات جو ڪتي هو. هن جا قصا بيتن ۾ گهڻا جوڙيل آهن." انهيءَ جي معنيٰ سنه 1883ع کان جلال ڪتي اڳ ٿي گذريو. ٿي سگهي ٿو ته هو وڏي جلال ڪتي (جنهن جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون) جو پوٽو هجي. هلندڙ روايتن موجب وڏي حضرت جلال ڪتي جي پائرن بيتن ۾ قصا جوڙيا پر خود حضرت جلال جا جوڙيل قصا معلوم يا مشهور ناهن.

بيت: جلال جي شاعريءَ جو وڏو ذخيرو بيتن ۾ آهي، جيڪي مختلف موضوعن بابت چيل آهن. سندس اوائلي دؤر جي شاعريءَ وارا بيت غالباً اهي آهن جيڪي سنه 1144هه 1731ع) ۾ مير عبدالله خان واري جنگ بابت چيائين، ۽ جن جو جواب پوءِ جمن چارڻ ڏنو[1]. انهيءَ اوائلي دؤر ۾ شايد ڪي ڏٺ ۽ ڏور جا بيت چيائين، پر اهي اجان وڌيڪ تحقيق طلب آهن. پنهنجا گهڻا بيت سڀ سنڌي شاعريءَ جي ٽن خاص جنسن يعني 'هنر'، 'ڏهسنامي' ۽ 'سينگار' بابت چيائين. سندس اوائلي دور جي 'سينگار' وارن بيتن ۾ مجازي رنگ غائب آهي ۽ محبوب جي ظاهري حسن ۽ سوڀيا جو بيان آهي، ان کان پوءِ وارن بيتن ۾ حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سونهن صفت جو نڪتو نروار ٿيل آهي. جلال تي جڻن ئي نبي اڪرم (صلي الله عليه وآله وسلم) جي سڪ ۽ محبت جو جذبو

---

[1] ڏسو: لوڪ ادب سلسلي جو ائون ڪتاب "جنگناما"، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص ص 63 – 66.

جاري ٿيو تہ سنڌن شان ۾ بيت چيائين. نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي ساراهہ ۽ تعريف جلال جي بيتن جو خاص موضوع آهي. هڪ سالڪ ۽ داناء جي حيثيت ۾ هن پنهنجن ڪن بيتن ۾ اعليٰ اخلاقي تربيت ڏني آهي: يعني تہ نادانن کان پاڻ پلڻ ۽ دانائن سان دل لائڻ ۽ محبت ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي. انهن مختلف موضوعن تي چيل سندس بيتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

عبدالله خان جي جنگ جا بيت: اهي بيت هڪ واقعي بابت آهن، پر وڏي هنرمندي سان مثال ڏيئي چيل آهن تہ: قلات جي خان مير عبدالله خان 'جنگ جي چوپڙ راند' کيڏي ۽ 'پنءُ ٻارهن جو داءُ' لڳايو، پر جئن ڏارو ڏاريائين تئن نہ ڏريو ۽ 'پنءُ' وچي پاسيارو پيو. انهيءَ مثال سان چڻ جلال اهو اهڃاڻ ڏنو تہ مير عبدالله خان جنگ جو جهونجهار هو ۽ وڏي جنگ جوٽيائين، پر ان جنگ ۾ سندس داءُ نہ لڳو جو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو سپہ سالار بهارو شاهہ جهنجهڻ کانئس راند کٽي ويو.

مير ويٺو ميدان ۾ ڏاريائين ڏارو
جيئن ڏاريائين تئن نہ ڏريو پيو پٽون پاسارو
بازي بهارو، شاهہ کٽي ويو شير ڪوُن.

--

مير ويٺو ميدان ۾ چوپڙ چِٽائي
ڪيليا خان، کٽي چوي، ڪي ٻارهن ٻولائي
جئن ڏاريائين تئن نہ ڏريو ويو ڪڻ ڪٽائي
بازي بتلائي، شاهہ کٽي ويو شير ڪوُن.

--

ڪر تي ناهہ قلات ۾، نہ سو ميريءَ مير
ڦيٽ نہ سنائين فوج جي، جيڪس ڏيمين ڪيو دلگير
ڪين ڦري ٿيو فقير، ڪين ويو دانهين دليءَ تي*!!

قصن جا بيت: ساڪري طرف جي سگهڙن جي عام روايت موجب 'ڪتين قصا ڳايا'، يعني تہ ڪتين سگهڙن (جيڪي هن روايت موجب

* جلال اهي بيت چيا جن جو جواب جمن چارڻ ڏنو. ڏسو اسان جو مرتب ڪيل ڪتاب "جنگناما"، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص ص 63-65

جلال جا پائر يا عزيز هئا) بيتن ۾ قصا جوڙيا. جيئن تہ چتي کتي 'بانڪي بهرام' جو قصو جوڙيو. ان دور جي اعليٰ شاعر شاهہ عبداللطيف جيتوڻيڪ بيتن ۾ ڪو سچو قصو بيان ڪونہ ڪيو مگر باوجود انهيءَ جي ڪيترن ئي سرن جي بيتن کي قصن جي تاجي پيٽي ۾ اٽيو. ان دور جي اهڙن رجحانن جي ڪري، غالباً جلال پڻ قصن جا بيت چيا. ۽ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اهي بيت قصن جا آهن. مثلاً مومل ۽ پيون سهيليون:

چوڙيليون چمن ۾ ٿيون ڳينوريون ڪن گهول
ڪڙيون ڪنمالان هار هسيون، هن موتين جا مٽڪول
ٻانهوتا ٻانهن ۾، هن نڪن منجهہ ني بول
ڪؤنر چونڊن ٿيون ڪاڪ جا. ڏين جهوتا پريون جهول
گل گينور گجريون هن رام چڳي رابول
ڳونن ۾ پٽي ڳول، تہ ڪي اهڙين پارين آدمي[1].

مومل جي حسن جي تعريف (ڏهس ۽ سينگار واري اسلوب ۾):

عودگر، طائوس گر، ڪامڻ ڪٽيچ انار
ڍرپ پرپ لب لال مين، انف آمي جي ڦار
بام بَدن، دس دامنيون، ڪن درد گجقر دار
زرفت ڪهن زبان سين، چا ڪوئل جي ڪوڪار
هر ساعت سار سنپار، تنهين جي تہ تڳي هنيون[2].

مومل جنهن پنهنجي حسن ۽ سينگار سان ڪئين موهيا (يا موکي جنهن متارا موهيا):

ڇا جو گون گيسن چڙهي، ڇا گز گفر جو گون
ڇا هي هنر هنڊول جو ڇا ڪرنگ سندو قانون
مئي ۾ موهيا مون، موهيا جنگ جلال چئي[3].

سچڻ جي سڪ ۽ محبت: غالباً هن رنگ ۾ جلال گهٽائي ڪي بيت چيا پر فقط هيئيان بہ اسان تائين پهتا آهن.

---

[1] اهي بيت هيٺ ائين ڏنا ويا آهن. جيئن اسان سگهڙن کان ٻڌا.

[2] ر... حاجي عثمان کتي (جهان پور). ڪڇهري مرحوم جيوڻ خان پتافي. مير پور ماٿيلو.

[3] راوي ڪمڻ پٽ ٻيڙو فقير عالياڻي چارڻ ڦلجي. لڳ دادو ۽ سگهڙ قادر بخش چانگ لڳ خيرپور ناٿن شاهہ.

وٺئون ڪنهه ويهي، شال م وڃن سپرين
سا جدائي جلال چئي، جوراٽي جيهي
پرين پرڏيهي، شال قادر ڪنهن جام ڪري[1].

--

قريبن ڪمان، جوڙي ڪنئي جان سان
جنهن جا سخن سلوڪت جهڙا، دند اڳيئون در۔دان
تنهن سان ڪره جڳائي ڪانہ ڪا، مرزاريون ڪري زبان
هٿ جوڙي حبيب کي، پيرن تي پوجان
تہ مون سر مهربان، جاني مل جلال چئي[2].

هنر جا بيت: حضرت جلال ’هنر‘ جي فن جو باني مباني ۽ اڳواڻ هو جنهن تي ’لوڪ ادب سلسلي‘ جي اينڊڙ ڪتاب ”هنر“ تي تفصيل سان بحث ڪيو ويندو. ’هنر شاعري‘ جو بنياد ’صنعت تجنيس‘ تي ٻڌل آهي جنهن ۾ جلال ڪمال ڪري ڇڏيو. ڪانئس پوءِ ٻين سگهڙن انهي فن کي وڌايو ۽ جاري رکيو جيڪو هن وقت تائين سگهڙن جي رس رهاڻ جو هڪ خاص موضوع آهي. هيٺ مثال طور جلال جي هنر جو هڪ بيت ڏجي ٿو جيڪو ’سر مارئي‘ ۾ چيل آهي. هيءَ هنر تجنيس جي نزاڪت سان ذاتين جي جدا جدا نالن ۾ سمايل آهي[3].

جيسر مينهن جال، وسي وس **وَساڻ** ڪيا
تن ۾ طرحين **ياڳت** تور ٿيا، ساوا **سبز** سيال
ات عمرا! ماروئڙن جا **مرڪنڊ** چاريان مال
جانجهڻ پيان جهوپڙين **سامٽين** ولوڙي شال
عمر آنديئي **انوالين** چائي **بارا دستي** بال
ڪهاوڙ نہ خانن جا، ڪن **ڪليريءَ** ڪنگال
ڏيرا موڪل ڏيهہ ڏي، ٿئي **بنديجا** بحال
ڪر پيڻ **خُشڪين** پال، لڳ جبار جلال چئي.

---

[1] قلمي ڪتاب ”يوسف زليخا“ (سنڌ صوبائي ميوزيم حيدرآباد) جي حاشيي تي لکيل.
[2] ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان سڄو بيت پهتل. ڪي سٽون ڪن سگهڙن کان ٻڌل.
[3] هت هي بيت مثال خاطر آندو ويو آهي ۽ فقط هڪ سگهڙ آگيڏني شر وينل گهنڊ - رسول پور (تعلقو نري، ضلعو خيرپور) جي زباني مطابق (ڪچهہ سنواري) ڏنو ويو آهي. ”هنر جي ڪتاب“ ۾ ان کي وڌيڪ روايتن سان پيش ڪيو ويندو.

مٿين سٽن ۾ چِٽا ڪارا لفظ سڀ ذاتين جا نالا آهن. يعني: جيسر، وساڻ، پاڳت، سبز، سيال، مرڪنڊ، جانجهڻ، سامٺيا، کهاوڙ، ڪليريءِ انوال، ٻارا (ٻارا)، دستي، ڏيرا، بنديجا ۽ خشڪ. پر تجنيس جي هنر (صفت) سان انهن کي ذومعنيٰ طور آندو ويو آهي، جيئن تہ: جيسر = جي سر، جيڪي سر، جيڪي تلاءِ. وساڻ = سانوڻ جي مينهن جي وس وسان سان پريل. پاڳت = پاڳ تہ، قسمين قسمين. تور = پاچين جي جدا جدا قرن (ميها، ونگا، گدرا وغيره) جي سنهڙي مور ۽ اوپڙ. سبز = ساوا. سيال = سال = سهڻا، ساوا سالم ۽ پريل. مرڪنڊ = مرڪندي. جانجهڻ = جا جهڻ = جيڪا جهڻ ۽ لسي. سامٺين = سامٺين ۾. کهاوڙ =کهيا وڙ گهٽ ڪم، سچا لچڻ. ڪليري =قلعي ري، قلعي ۾ بند. انوالين = انن تي. ٻارا دستي =ٻالا دستي، ٻالا دستي سان، زبردستي. ڏيرا = ڏي راءِ. اي راو ڏي تون. بنديجا = بندي جاءِ، بندي جاءِ بحال ٿئي = هيءَ بنديل پنهنجي جاءِ تي بحال ٿئي (پنهنجي وطن وڃي). خشڪين = خوش ڪين = ڪنهن طرح خوش ڪر.

نصيحت، هدايت ۽ دانائيءَ جا بيت: جلال گهڻا ڪي اهڙا بيت چيا جن ۾ ڪلچڻن جاهلن جي سنگت کان پاسو ڪرڻ ۽ دانشمندن دانائن سان صحبت ڪرڻ جي ترغيب ڏنائين. هيٺئين بيت ۾ ڪلچڻي ڪلال جي سنگت سان نقصان کان آگاهہ ڪندي چوي ٿو تہ:

نادان ۽ ڪلال جي سنگت مان نقصان:*

1. ڪرتين ڪند ڪلال، سفلو سخت سمير ڪان
2. نوي نہ ند نچال ڪان، ٿو شوڪي مت شغال
3. سو طرح طبيعت تڪڙو خارج بد خصال
4. تڪبر توشو تنهن جو مئي مگ مايا مال
5. اچي جي اڪابر ڪو ٿيو ساٿس سنگ سريال
6. تہ نڪتي مؤن نادان جي ٿئيس ذهن زوال

---

* محمد هاشم مگنهار، غلام رسول گوپانگ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان مليل روايتن سان پيتيل اختلافي پڙهتيون هي آهن: 1. ڪرچين ڪند ڪلال (س). 4. تنهن جو مگ مايا ۽ مال (س). 5. اچي ڪنهن اڪابر جو ٿيو هو ورد وصال (س). 6. 'نڪتي مؤن نادان ٿئي تنهن جو ذهن زوال' (س). 7. گهر ڪري گرول تي (س). 8. توڙي هو ڳالهائي سخن صفاز (غلام رسول)، 'هن جو سخن سچو هو سال ٻر لگس جرح جلال چئي' (س)، 'هو ڪيندو سخن سچال هو وجهندس جرح جلال چئي' (س).

7. جئن گوهر گرمل تي ڪري ڦاڪون ٿئي في الحال
8. هن جو سخن سچوئي سال، پر لڳيس جرح جلال چٽي.

(1. ڪرتين = لڇڻين، عادتين. ڪند = مڏو بي اثرو. ڪلال ='لال' جو ضد، ڪچو ڪارو ڪريل، سخت دل. سفلو = ڪميڻو سمير = پٿر 2. نوي = نمي، نئڙي، هيناهين هلي. ند = ندورو. نچال = ناچال، نيچي چال، اڏنگي چال. شوڪي = ڦوڪا ڏيئي، ڏند ڏيکاري. شغال = گدڙ 4. توشو = خاص کاڌو خوراڪ، پسنديده شيءِ. مئي مڱ مايا مال = شراب، ڏن ۾ ملڪيت ۾ مڱ ۾ مست 5. اڪابر = عقلمند، سر يال = سياڻو. ورد وصال = ساٿ سنگت 6. نڪتي = انوکي ڳالهاء، ويڻ. هن جو =انهي عاقل جو. ذهن زوال ٿيڻ = حوصلو خطا ٿيڻ. 7. جئن =ائين جئن. گوهر =موتي. گرمل = پٿر جي چپ، پاهڻ. هو ڪري =عاقل ڪا سهڻي سچي ڳالهه ڪري هي = نادان. جرح ڪييس = جلهه ڪريس، حملو ڪريس، جرح ڪييس = ايذاء پهچائيس).

خردمندن دانائن سان صحبت جي ترغيب:*

(الف)

1. چست چلي مؤن چاهه، وچ خاني خردمندن جي
2. دل اجار دڪان تي تون ديک اهي داناه
3. پب گيري پؤ پيش تون وٽ اينچل ڪر ڪا آه
4. هوتِي صاحب صيقل جا ڏٽي، تا من مليون ڪن ماه
5. افلاطون عقل جا تا سياهيون لاهن شاهه
6. ڪندا پاڻ پتنگ جئن سي صدقي صدقي ساه
7. تن وٽ سنجهه صباح، جودئون ونءُ جلال چٽي.

---

* (الف) الله بخش پالاري ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي روايتن مطابق پيتيل. اختلافي پڙهٽيون هي آهن. 3. پب گيري پيش پوءِ، انچر وني ڪر آه" (س). بي پڙهٽي "آنچل وني ڪر آه" (س) 4. "صاحب ڏٽي سلوڪ جا، من ملي ڪن ماه (الله بخش) 5. "افلاطون عقل جا تا شاهيون لاهن شاهه" (عام روايت) 6. هيءُ سٽ ٻه ڪن ڪچهرين ۾ اسان ٻڌي، جيتوڻيڪ اها معني سهٽي نٿي لڳي ته جيڪي 'رهنما' آهن سي پتنگن وانگر 'رهنمائي وٺندڙ' تان پنهنجو ساه صدقو ڪن. اهو ڳڻ رهنمائي حاصل ڪندڙ کي جڳائي. مرحوم پير ڏنل شاهه (سجاده نشين ڊنڙو، تعلقو شهدادپور) جيڪو پاڻ سالڪ سگهڙ هو سو هن طرح پڙهندو هو ته:

'سر نيندا، يا سر ڏيندا، ڪندا صدقو ساه پساه'

(1. مان چاه = چاه مان، ذوق مان. خاني = گهر، اوطاق. خرد منڊن =دانائن. 2. اجار =صاف ڪر. دڪان = دانائن جو دڪان، سياڻن سالڪن جي ڪچهري ديک =ڏس. 3. پب = پير. گيري = وٺي. پب گيري = پيرين پئي. اينچل = آنچل، دامن، پلؤ. ڪر ڪا آه = دلي عرض ڪر. 4. صيقل = جنهن سان ڪٽ ۽ ڪس لاهجي. ماه = چندر (جهڙو روشن). 5. سياهيون لاهن =ڪٽ ۽ ڪس وارا مورچا لاهن).

(ب)

1. ويهي ڪر وروه، ڪو تِر قابل وٽ ۾
2. اچو ڪند ئي ان جان، تاري توتڙ توه
3. ساهيندئي سي سيڱ جان، ڏئي روغن مٿي روح
4. ان وٽ سنجهه صبُوح، جودئون ون۽ جلال چئي*.

1. وروه = دلي صحبت. ڪو تر = ڪو 'تر' جيترو ذرو وقت جو لحظو.
2. توتڙ = سارين جا تهه. تو تڙ توه = مٿان وارا مڙيئي تهه.
3. ساهڻ = ڪمان يا ٻي ڪنهن ورندڙ ڪاٺي کي تيل ڏيئي چڪڻ، سوڻ ۽ سهٽو سولو ڪرڻ. ساهيند ئي = توکي پنهنجي نظر ۽ هدايت سان نيڪ ڪندا. 4. جودئون =سعيي سان، جلدي ون۽ = وڃ).

(ج)

1. ڪو تر قابل وٽ تون ويهي ڪر وصال
2. چڏ مايا جو مامرو مڳ مست ٿئو ڪر مال
3. دوڙي ون۽ دڪان تي، هٿ ٻڌي ڪر حال
4. تہ ڪشين ڪسوٽين جي لڙهہ لڳي ٿئين لال

---

* (ب) پيارل ڪوسي، ڪاريگر محمد صديق لوهار ۽ ڊاڪٽر سنديلي کان مليل روايتن مطابق پيٽيل. اختلافي پڙهڻي: 1. (ڊاڪٽر سنديلي کي مليل روايت موجب) "ونڪا ڪر وروئہ جو ڪتر قابل هٿ ۾" (ج) الله بخش پالاري، ڊاڪٽر سنديلي جي روايتن مطابق پيٽيل. ٻيون اختلافي پڙهڻيون هي آهن. 1. ڪوتر قابل وٽ ۾ ويهي ڪر وصال' (س)؛ قطر قابل وٽ ۾ جڏهن وير ڪندين وصال (الله بخش)؛ 4. ڪسوٽيون جي ڪسوٽي جون لڙ لڳي ٿيندين لال (الله بخش)؛ 'ڪيندءِ ڪسوٽيون ڪس جون، نيٺي گڏيندءِ لال (س) 5. 'پوءِ ڏئندءِ ڏڙ پٽيءِ تي ڪندءِ ساه سينگاري سال' (الله بخش)؛ 'ڏوئيندءِ ٽر پل پن جان، ڦوه ڪندءِ في الحال' (س)؛ 'ڏوئي ڏرپٽ جان ڪري، ساه سينگارن سال' (س).

5. ڏوئي درپن جان ڪري، ساه سينگارن سال
6. ان وٽ حال في الحال، جودئون ونءُ جلال چٽئي.*

(1. ڪوتر = ڪوتل، تر جيتري ويرم. قابل = داناء. وصال = گڏجاڻي، صحبت 2. مايا جو مامرو = ڌن ميڙڻ جو حرص. مگ مست = ملڪيت جي نشي ۾ مخمور 3. دڪان =دانائن جو دڪان، سالڪن جي ڪچهري واري جاءِ. 4. تـ ڪر = تـ هوند. ڪشين =(ڪسوٽين جي) هٿڻ سان، تاثيرن سان. ڪسوٽين = پرڪا جي ”ڪسوٽين“ (اهي داناء جيڪي پرڪا جي ڪسوٽين مثل آهن تن جي پرڪا ۾ پيٽ جي تاثيرن). لڙهه لڳي = پلئه لڳي، سهاري سان. لال = رچي لال ٿئين 5. درپن = آرسي، آئينو. ساه سينگارن سال = سچي زندگي کي سهڻو ڪن. 6. جودئون = وڏي سعيي سان، تڪڙو. ونءُ = وڃ).

(د)

1. ڪو تر قابل وٽ تون ويهه وڃي هيڪر
2. پل ندوري نفس کي ڇڏ دنيا جا در
3. دوڙي ونءِ دڪان تي ڪ پيچ ڪاريگر
4. سالڪ ديڪ سلوڪ جا جن وٽ جال جنهور
5. سي نافع ساڻ نظر، ڪندءِ من ملي مهتاب جئن.

حق واري سچي واٽ ونڻ ۾ حق سچاڻڻ:*

1. سچي صراط سڃاڻ، ڇڏ وراڙي واٽ کي
2. ناطي ڪڙن نادان جي، پل پري ڪر پاڻ
3. ”لا تقنطوا من رحمة الله“ اِهو اٿي اهڃاڻ
4. حق پروڙج هانو سان، ٻيو هڏ ٻول م ڄاڻ

(د) فقير محمد هاشم مگڻهار جي اڪيلي روايت. معني صاف آهي.

* قلمي ڪتاب ”يوسف زليخا“ (سنڌ صوبائي ميوزم حيدرآباد جي ڪتبخاني ۾ محفوظ) جي حاشيي تي لکيل. ’ج‘ ۽ ’ڄ‘ اکرن کي ڪاتب ’ڄ‘ جي صورت ۾ لکيو آهي جنهن مان ظاهر آهي تـ اهي بيت 1250 هه ڌاري يا ان کان اڳ واري دور جا لکيل آهن: يعني تـ جلال جي حياتي واري دور کان پوءِ لاڳيتي ويجهي دور جا لکيل آهن.

5. تان تون ساجن ساڻ، ٿئين جاءِ نشين جلال چئي.

(1. صراط = واٽ، راهه وراڙي = ور واري، ڏنگي. 2. ناطي = سنگت، دوستي.
3. لاتقنطوا – الخ = الله تعاليٰ جي رحمت کان ناميد نه ٿيو 4. ڀول م = ڀُول نه، خيال ۾ نه آڻ 5. جائنشين ٿئين = هم نشين ٿئين، گڏ ويهڻ جهڙو ٿئين).

حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم سان محبت ۽ سندن سار اهه:

اسان مٿي سگهڙن جي روايتن کي بيان ڪري آيا آهيون ته جلال کي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان عشق هو. هن انهيءَ عشق ۽ محبت جو اظهار سڌو سنئون توڙي تمثيلن ذريعي ڪيو آهي. هن سلسلي جا هيٺيان ٽي بيت دستياب ٿيا آهن جن مان پهرئين جي پهرين سٽ ۾ اهو چاٽايو اٿس ته: جڏهن پاڻي مڇي کي ٿو ڏوئي تڏهن محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه وآله وسلم) منهنجي من کي ٿو صاف ڪري. ٻي سٽ ۾ توحيد جو اقرار آهي ته اها بهرحال اتم ۽ پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. ان بعد چئن يارن، پنجن تنن ۽ حضرت غوث اعظم سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو اٿس. ٻئي بيت ۾ سپڙ جام جي تمثيل سان حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي آمد ۽ سندن طرفان اسلام جي تعليم ۽ تبليغ جو ذڪر آهي، ۽ ٽئين بيت ۾ جام جڪري جي تمثيل سان نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي صفت ۽ سار اهه ڪيل آهي. توحيد ۽ طريقت ۽ اعليٰ اخلاقي تربيت لاءِ سنڌ جي عام قصن جي ڪردارن کي تمثيل طور آڻڻ جو سلسلو اڳاٽو شروع ٿيو. تان جو مييين شاهه عنات جي ڪلام ۾ اهو پڪي پايي تي پهتو ۽ حضرت شاهه عبداللطيف جي رسالي جي سرن ۾ رچي راس ٿيو. حضرت جلال جا اهي بيت جن ۾ لس ٻيلي جي جام 'سپڙ رونجهي' ۽ ڏکڻ – اپرنديين لاڙ جي 'جام جڪري' جي تمثيل سمايل هئي، سي حضرت شاهه عبداللطيف واري دور جي سچي شاعري ۾ نهايت ئي اعليٰ معيار وارا آهن.

(الف)

1. جڏهن ماهه ڏوئي کي مين، تڏهن مون من ڏوئي مصطفيٰ
2. "قل هوالله احدالله". جنهن منجهه زير ذري نه
3. چارئي يار چڱا چوان يڪدل ساڻ يقين
4. گهران پناهه پنجن تنن جي، ڪندا ماڙ مٿي مسڪين

5. ميران مشرب ملڪ ۾ داور ڏاڙو ڏين
6. ڪج غور سنڌو غمگين، شاهہ جيلان جلال چئي *.

(1. ماہ (عربي. ماء) = پاڻي. مين = مڇي. 2. زير = گهٽتائي. 4. ماڙ = مهر. 5. ميران مشرب = ميران جو مشرب، حضرت غوث اعظم جو طريقو ملڪ ۾ = سڄي ملڪ ۾، ملڪ ۾ مشهور. 6. شاهہ جيلان = جيلان جو شاهہ، جناب حضرت عبدالقادر جيلاني رحہ).

(ب)

1. روشن ٿي سڀ رات، جڏهن سپڙ ڄام سرجيو
2. "آيو ڏاڙو ڏين جو" پئي وائي سيڪنهن وات
3. سخي ڄام سخاوت جي ٿو پلٽ ڪري پريات
4. ڏئي ٿو جنگ، جلال چئي، ڏيهن ڪي نت ڏات
5. مير ونڊيو ميراث، ايو سواليين سڏ ڪري

(1. سپڙ ڄام = لس ٻيلي جو سخي حاڪم سپر، ڪنايي طور 'حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم'. ڏاڙو = واهرو مددگار. 5. ونڊيو = وراهيو. ميراث = ميراث، وارثن جو حصو).

(ج)

1. ڦينٽي مٽي ڦل، سونهي سر سردار جي
2. جنگ ساماڻي جکري، لٿو هيبت هلُ
3. مٽ نہ آهي ملڪ ۾ توڪ سندس ڪو تلُ
4. اڇن در عجيب جي ڪيرت وارا ڪلُ
5. جني مال نہ مل، تن ڏئي جنهنوار جلال چئي **.

---

* (الف) بچي پٽ سواربي لنگهي ۽ حاميد خان رند جي روايتن مطابق پيش ڪيل.

(ب) منشي صالح محمد ٻري جي بياض، ۽ حاجن حوالدار موندري ۽ بچي پٽ سواربي لنگهي جي روايتن سان پيش ڪيل.

** حاجي سرماڻ خان، حاميد خان رند، عالم خان ٻپر، مريد جت، فضل چانديي، بچي پٽ سواربي لنگهي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي کي مليل روايتن مطابق پيش ڪيل. اختلافي پڙهڻين مطابق:

گوهر مٿئون گل، سونهي سرتاج جي
جنگ ساماڻو جکرو، لٿو هيبت هل

(1. ڦيئنتو = شاهي شملو، پاڳاري جي پڳ. ڦل = هيرن جواهرن سان مڙهيل گول گل، سهڻو گول گل. 2. جڪرو =سخي ڄام جڪرو. 3. توڪ = ٽوڪ، ڪاب، شيءِ، ڪوب، پيو. تل = برابر، هڪجهڙو. 4. ڪيرت وارا = ساراهه ڪندڙ، انعام وٺندڙ).

ڏور:

جلال 'ڏور' جي فن جو به ماهر هو ۽ ان فن تي ڪي سهڻا بيت چيائين، پر اسان تائين نه پهتا آهن. البت هي هيٺيون بيت جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌو ويو ۽ ان جي سهڻي ٻولي ۽ اسلوب بيان مان ظاهر آهي ته جلال ڪٿي جو ئي چيل آهي. سگهڙن جي روايت موجب حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ پيري ائين مرڪيا جو سندن ڏند مبارڪ ظاهر ٿيو. جنهن جي تجلي سان اونده مان اجالو ٿي ويو. انهيءَ موضوع تي سگهڙن ڏور جا بيت چيا جيڪي اڃا تائين ڪچهرين ۾ هلندڙ آهن. جلال جو هي بيت انهيءَ موضوع تي آڳاٽي ۾ آڳاٽو آهي.[1]

سيد جو سپ درس ۾ تور نه آهي تل
اڇن در عارف جي ڪيرت ڪارڻ ڪل
جن کي ملڪيت ناهي مل، تن ڏئي
جنهنوار جلال چئي.

ٻهرين ست جون ٻيون روايتون:

'سونهي ٿو سرتاج نبي تي گوهر مٿي گل'

—

'سر سونهي سردار جي مٿان گوهر گل'

[1] هيءَ بيت پهريائين رئيس جاڙي خان مري (ڳوٺ ڄام ننڊو مري، ضلعو سانگهڙ) جي ڳوٺ، 4- مئي 1960ع تي ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ قادر بخش راڄپر کان مليو. ان بعد محترم سيد دامن علي شاهه جيلاني وٽ شهر ٽنڊو آدم ۾ ڪيل ڪچهري (14- مارچ 1972ع) ۾ سگهڙ سيفل پٽي پڙهيو. جنهن چيو ته هن آڳاٽو مشهور سگهڙ سهائي موچي کان 'ڏور' جي بيت طور ٻڌو. قادر بخش راڄپر جي روايت موجب آخري ست جي پڙهڻي ۾ شاعر اسحاق جو نالو آهي:

'ويهه تني وٽ جي، جن ايڏي جوت اسحاقَ چئي'

اسحاق نالي سان آڳاٽا به شاعر ٿي گذريا آهن. پر هت شاعريءَ جي لحاظ سان 'ايڏي جوت جلال چئي' وڌيڪ سهڻو آهي.

زيبُ زري ظاهر تي پوش منجهان پنجي
ڪاري رات ڪهان ڳئي ماه ڪڙيا متجي
ويهہ تني وٽ جي، جن ايڏي جوت جلال چئي.

اسان متي سگهڙن جون روايتون بيان ڪري آيا آهيون تہ جلال ڪي حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم سان عشق هو. هن پنهنجي بي انتها محبت ۽ عقيدت جو اظهار عام فهم بياني بيتن توڙي اعليٰ تمثيلي بيتن ۾ ڪيو. هيئيون بياني بيت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سوانح ۽ ساراهہ جو غالباً جلال جي شروعاتي شاعري جو آهي:

ڪندن رنگ قريب جو، پارس جنهن جو پار
جنهن لڳي سو سون ٿئي ترتئون ترت تيار
ڪڪر جنهن کي ڇانو ڪري، مٿئون ميگهہ ملار
هاديءَ آڻايو هنڌ تي سو جانب جيءَ جيار
ارڙهن ورهہ هڪ ليل هئي، خوب هئي ڪينڪار
ملڪ فلڪ قربان ٿيا پسي سهڻي جا سينگار
جلد ڪٽي جبّار ڪيس ڪيڏو جلوو جلال چئي[1].

جلال جي حضرت نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن لاءِ سڪ ۽ محبت بالا آخر حق ۽ حقيقت واري منزل تي پهتي، ۽ هن سنڌي سينگار شاعري جي قبلي جو رخ 'نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سينگار' طرف موڙيو. هن موضوع کي اڳتي بيان ڪيو ويندو.

جلال، سنڌي سينگار شاعري جو سرواڻ:

متي باب ٻئي هيٺ بيان تي چڪو آهي تہ تاريخي لحاظ سان سنڌ ۾ 'هندي سينگار' جي جڳهہ 'سنڌي سينگار شاعريءَ' کي رائج ڪرڻ جو سهرو حضرت جلال جي سر تي هو. هن 'سنڌي سينگار شاعري' کي پنهنجي ڳوڙهي زبان ڏني (ص 32) ۽ اهو اسلوب بيان 'سنڌي سينگار شاعري' جي هڪ امتيازي خصوصيت بنجي ويو(ص 61). ازانسواءِ حضرت جلال سينگار شاعري جي فن

---

[1] ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان مليل. هن بيت جون ڪي سٽون سادي بيان واريون آهن، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هيءُ بيت هن پوئين دور جي سگهڙ جلال پٽي جو هجي.

جي مخصوص عنوانن ۽ مضمونن، خيالات جي جدت ۽ تشبيهات جي وسعت ۾ نت نوان اضافا ڪيا جنهن ڪري نہ فقط 'سنڌي سينگار شاعري' ڪي فني لحاظ سان هڪ مستقل حيثيت حاصل ٿي پر ان کي 'هندي سينگار شاعري' تي بہ ڪنهن حد تائين فوقيت ملي (ص 49). ڳوريءَ جا سورهن ٻارهن سينگار سنڌي سوپياوان جي فطري سونهن سندس فطري ماحول ۾، محبوب جي 'جامع حسن' جي جلوه نمائي، خيالي محبوب جو لاثاني حسن ۽ جمال، توحيد ۽ تصوف جي نگاه کان 'مجازي معشوق' بدران 'حقيقي محبوب' جو تخيل – انهن مڙني پهلوئن ۽ پاندن کي جلال پنهنجن بي مثال بيتن سان چمڪايو جنهن جو تفصيلي ذڪر پڻ 'ٻئي باب' هيٺ اچي چڪو آهي. بيشڪ حضرت جلال 'سنڌي سينگار شاعري' جو سرواڻ هو. هن نہ فقط پنهنجن همعصر سگهڙن جي اڳواٽي ڪئي پر آئنده ايندڙ سگهڙن لاءِ پڻ راه روشن ڪري ڇڏي هيٺ اسان سينگار شاعري جي سلسلي ۾ جلال جي انهن بيتن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي 'باب ٻئي' هيٺ بيان نہ ٿيا آهن.

جلال جي "سينگار شاعري" جي بيتن جو سڄو ذخيرو اسان تائين نہ پهتو آهي پر پوين ٽيهن چاليهن سالن واري دور ۾ جيڪي بيت اسان کي سگهڙن جي زباني مليا آهن، تن مان اڪثر پوين ٻن اڍائن سون سالن واري ڊگهي عرصي ۾ (لکيت بدران زباني روايتن جي ڪري) اصلوڪي صحيح صورت ۾ باقي نہ رهيا آهن. سينگار شاعري ۾ جلال وڏي ۾ وڏو شاعر هو ۽ انهيءَ حيثيت ۾ سندس چيل بيتن ۾ بہ ساڳي گهٽ وڌائي ٿي آهي جيڪا ٻين وڏن شاعرن جي ڪلام ۾ ڪانئن پوءِ ٿي. ڪن 'نادانن' پنهنجا بيت جوڙي انهن ۾ جلال جو نالو وڌو[1] تہ ڪن جلال جي بيتن ۾ ڪي سٽون

---

[1] مثلا هينيون بيت ۽ ٻيا اهڙا بيت. جيڪي اسان هت شامل نہ ڪيا آهن.

شمس قمر شرماياس. پسي جلوو جمال جو
دهرن کان منهنجي پرين موتي مرجهاياس
سہ. قيصر. گج. آهو سڀ ڏورون ڏهڪاياس
ڪنوٹن ڪلڻ ڇڏي ڏنا. جڏهن چشمان چمڪاياس
ٿوري جي ٿوري نظر سان ڪوڙين قرب ڪياس
تنهن پريان جي پاس. جودئون وچ جلال چئي.

پنهنجي طرفان وڌايون. ٻين ڪن جڏهن جلال جا بيت سکيا تہ انهن جي ڳوڙهي لغت ۽ انوکي اسلوب سببان انهن کي صحيح طور سمجهي نہ سگهيا، ۽ سندن زباني جلال جي ٻي مثال بيتن جون غلط روايتون رائج ٿيون.

اسان وڏي ڪوشش ڪئي آهي تہ سينگار شاعري جي بيتن کي جدا جدا سگهڙن جي زبانين سان ڀيٽي انهن کي صحيح صورت ۾ لکون، ۽ پڻ حضرت جلال جي اعليٰ شاعري ۽ اعليٰ خيال کي مدنظر رکون تہ جيئن اهڙو ڪو غير معياري بيت سندس بيتن سان گڏجي نہ وڃي. انهيءَ اهتمام جي باوجود غلطيءَ جو امڪان ٿي سگهي ٿو حقيقت ۾ جلال جي بيتن جي صحيح پڙهڻي تڏهن معلوم ٿيندي جڏهن اهي ڪنهن آڳاٽي قلمي نسخي ذريعي دستياب ٿيندا. في الحال ڪنهن بيت جي باري ۾ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي تہ جلال جو آهي يا نہ؟ مثلا هيٺين بيتن جون پهريون ستون جلال جي ٻوليءَ واريون آهن، پر پويون ستون وزن ۾ ڍريون ۽ رواجي رنگ واريون آهن[1].

پسي آبرو عجيب جا هيسيو حسن هلال
ڦٿهين ڦٿيا ڦن ڪيترا پٽين ٿيا پئمال
دبڪن ٿيون دامنيون، پسي ڪتورين ڪمال
چقمق جهڙي چال سندن ڪيو ويجهو آهہ وصال
هن جو حسن ڪمال، جرڪيو جڳ ۾ جلال چئي.

مٿي باب ۾ئي هيٺ 'سنڌي سينگار شاعري' ۾ چيل جلال جي ستن چوندبيتن کي تفصيلي سمجهاڻين سميت ڏنو ويو آهي. هت اسان جلال جي باقي بيتن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي اسان کي هن وقت تائين دستياب ٿيا آهن. انهن بيتن کي اسان ننڍين عنوانن هيٺ ورڇي رکيو آهي تہ جيئن سينگار شاعري جي موضوع تي جلال جي بيتن جي شروعات، ۽ ان بعد، معنيٰ توڙي اسلوب جي لحاظ سان، انهن جي وڌندڙ معيار جو اندازو لڳائي سگهجي.

عام سنڌي شاعريءَ وارو رنگ: پائنجي ٿو تہ پهريائين جلال عام سنڌي شاعريءَ واري رنگ ۾ بيت چيا، ۽ پوءِ 'هندي سينگار رس' شاعري جي بيتن پران بيت چيائين. ان بعد اجان بہ اڳتي وک وڌائي 'سنڌي سينگار

---

[1] خاوند بخش ساقي سنڌڪيرت طرفان ڪنهن سگهڙ کان 25 مارچ 1959ع تي لکائي موڪليو.

شاعريءَ' جو بنياد وڌائين. هيٺيون بيت جيڪو عام سنڌي شاعري جي رنگ ۾ رچيل آهي، سو غالباً جلال جي اوائلي بيتن مان آهي[1].

ڪڙيون، ڪنجيون نٿ ساميهون، ڪنديا زلف ڪپار
جهالر، جهومڪ، جهمڪيون، ڪڙيا ڪنٺهار
در ڪنديان، در ٻچا، ٿي ڳچيءَ لوڏي هار
تائٿ، مينديا موتيين، جڙيا سان جنهوار
ٻندا، ڪتريا، ڌهريون، ٽِڪ ڦل سينڌ انار
ور، ورڙين، وينڊين، چلن، ڪيرولين ڪينڪار
الي، ڏاٽي، ايڪ داٽي، جهانجهر جهاٽيدار
ٻنڊڻ، ٻيچا، مانگهٽ، سڳيون، چوٽيءَ ڦل ڪنار[2]
جلوايون جنهنوار جون هيون لکن ساڻ لغار
سونهي نانگ تليهر جئن، چيلهه چيلاٽي ڪار[3]
چوڏهون چنڊ ناهريءَ جو ٿو ڪڙي منجهه خمار
غمين گوندر ڏار، آهن جلوي ساڻ جلال چئي[4].

هيءُ بيت پڻ عام سنڌي شاعريءَ جي اسلوب ۾ چيل آهي[5]:

نينان نور پرون پوئر سيفن ڪان بہ سر[6]
هٽي عشاقن ڪي هن گنوايو گينور
جنهن جو پڙڪو بجلي وانگي جئن اگن ڪري تؤتر
ڪندي ڪيس ڪهن جا وهيءَ ۾ ويتر
جلال چئي جوهر، ڪيئي مئي مستان ڪيا.

هيٺيون بيت جلال عام سنڌي شاعري کان اڳتي قدم وڌائي هڪ نئين رنگ ۾ چيو. 'اکيون ميگهه ملار' وارو فقرو ساڳيو اهو آهي جيڪو ان دور ۾

---

[1] روايت مرحوم سگهڙ حامد خان رند. ڪچهري اوطاق حسن علي خان بگهياڙ (6-5-56 ، 21)، تعلقو ميرپورساڪرو.
[2] بي پڙهڻي. ٻنڊڻ ٻيچا.
[3] اصل پڙهڻي 'چيلاٽي گهاءُ'.
[4] اصل پڙهڻي "پوءِ غمگين گوندر ڏار....."
[5] ڊاڪٽر سنديلي کان مليل روايت مطابق.
[6] اصل. نينان نور، برئون ابرو.

حضرت شاهه عبداللطيف پڻ پنهنجي هڪ 'وائي' ۾ آندو.

داڻ ديوانا ٿيا ڏسي ساڄن جو سينگار
مک هسي محبوب جو جڻن ڪڙي ڪنٺهار
سينو موڪرو سچٽين گلبدن گلزار
پنيا پرون پؤنر جان، اکيون ميگهه ملار
جي جوڙ اِنهيءَ جنسار، تن جياريو جي جلال چئي.

هندي سينگار شاعريءَ جي اثر هيٺ چيل شروعاتي بيت:

هندي سينگار شاعريءَ جي موضوع ۽ اسلوب کان متاثر ٿي جلال جيڪي بيت چيا تن مان ڪي ٿورا دستياب ٿيا آهن. هيٺيون بيت[1] چنڊر جي نالن بابت ڏهسنامي جي سٽاءَ ۾ چيائين جنهن جو مثال اسان مٿي صفحي 43 تي ڏيئي آيا آهيون.

ڀانو پونو پنرو چاند، چندورو چند
قمر ڪين ڪمائيو ٻاري ٻيبس بند
نوخ نشانبر نميا ٻيبس چاهه چمند
ٿاءِ ٿهرجي ٿا جِهمن، پورب، مه، مڪرند[2]
ڪير ڪيڏائي ڪنڌ، جانب ڪان جلال چئي.

[پهرين سٽ ۾ ڇهه ئي چنڊ جا نالا آهن، ٻيءَ ۾ قمر ۽ ٽينءَ ۾ 'نوخ' (پهرين تاريخ جو چنڊ) ۽ 'نشانبر' (چوڏهين جو ڪڙيل چٽو چنڊ) آهن. ٻيين چاهه چمند =ڪين ٻه محبوب جي محبت ۾ ڇڪ (چاهه) جو چمند يعني ڪمند يا بند پئجي ويو. چوٿين ۾ ٿاءِ ٿهرجي ٿا جهمن =پنهنجي جاءِ تي هيڪي ٿا جهڪن. پورب، مه (ماهه) ۽ مڪرند ٽيئي نالا چنڊ جا.]

هيٺين بيتن ۾ هندي شاعري واري رنگ ۾ محبوب جي سهڻين صفتن کي جانورن پکين ۽ ميون جي سهڻاين سان ڀيٽيائين:

ڪر ڪيلا، ڪست ڪيهر، وار اليهر ڊار
هنج هلٽي، ناسڪ ٻيني، نڪ آمي جي قار
اِهي هن اطوار، جانب جا جلال چئي.

---

[1] سگهڙ ڪريم ڏني شر جي زباني قلمبند ڪيل

[2] اصل پڙهتيون: 1. ٿاٿ ٿيٿهر ٿا جهمن. 2. ٿان ٿيٿهم ٿاجمل.

[يعني تہ سهڻي محبوب جون ڪرايون ڪيلي جي ڦري وانگر سنهيون سهڻيون، چيلهہ ڪيهر شينهن جي چيلهہ وانگر سنهي، ۽ ڪارا ڍرنڊڙ وار ڪاري واسينگ نانگ جي لهر مثل آهن.]

ڪنچن ورن ڪامڻي، چرن رتي آ چور
چمر چيهل ڪؤن اڳرا، پندا پئي پور
ٿي هٽائي حور، جلوي ساڻ جلال چئي.

[يعني سون ورني صورتوند، جنهن جا ميندي رتڙا پير، اکيون هرڻ جي اکين کان وڏيڪ سهڻيون ۽ وار ڪارا نپور. هيءَ تہ پنهنجي حسن جي جلوي سان حورن کي پئي هٽائي.]

هيئين بيت ۾ جلال پنهنجي محبوب جي جلوي کي ڏهس – نامي جي لغت ۾ چمڪايو آهي پر بيان سڄو مشابهت وارو آهي. يعني تہ محبوب جي حسن جون وصفون هنن يا هنن شين جهڙيون آهن. اهو بيان اصولي طور ساڳيو 'هندي سينگار شاعري' جي وصفن واري بيان جهڙو آهي.

وتاڦر ورون، آست چين عجيب جي
اڌر ابست ابرو اودگر، آهو عين ڏسو نہ
دس دامنيون، مين دهانا، ايءَ پپيہ پڪار ٻڏون
هي تان ساهہ سندون، نيائون جلوي ساڻ جلال چئي.

[1. وتا ڦر = سون. ورون = سندن رنگ. آست = سنهي. پياري محبوب (عجيب) جو رنگ سون ورنو ۽ چيلهہ سنهي سهڻي. 2. اڌر = چپ. 'ابست' غالباً اصل ۾ 'آست' = سنها. ابرو = پرون. اودگر = پؤنر. چپ سنها، پرون پؤنر جهڙا ڪارا ۽ سندن اکيون هرڻ جهڙيون تہ ڏسو. 3. دس = ڏند. دامني = کنوڻ. مين = مڇي. دهانا = سندن وات. پپيہ = ڪوئل يا تاڙو. سندن ڏند تجليدار کنوڻين وانگر، وات مڇيءَ مثل ننڍڙو ۽ ڳالهاءِ ڪوئل جي ڪوڪ يا تاڙي جي تنوار وانگر تہ ٻڌو.

4. جلال ٿو چوي تہ: هيءَ ساهہ تہ سندن ئي آهي جو پنهنجي هڪ جلوي ساڻ جهٽي ويا آهن.]

سهڻي محبوب جي ٻين سونهن پرين سان ٻيت: هيئين ٻن بيتن ۾ 'هندي سينگار رس شاعري' جو اثر باقي نظر اچي ٿو جو تشبيهن ذريعي محبوب

جي حسن کي ٻين سهڻين شين سان ڀيٽيو ويو آهي، يعني تہ محبوب اهڙوئي سهڻو آهي جهڙو ڪي ٻيا سهڻا آهن.

[1]

1. دلبر ديهہ بدر جان، اٽس اطلس جهڙا انگ
2. ڀوڻر ڀنڊا ڀڙ دلبر جا رڪن ڏيڍ ڏرڻ جا ڏنگ
3. مپن چپن لڪن وجهن وسهر وترا ونگ
4. ڪيس ڪبيرائي ڪونڌ ٻڏا، جٺن گهنا ڀاس چهنگ
5. ڪيفي نين پسي نرگس جان ڪو يا نين ڪرنگ
6. ريتا چپ چِيروان، مزگان خوب خدنگ
7. ڪنر ڪان قريب جا، جي سبنگ اتي هن سنگ
8. لڪ ڪيسر جي، لوڏ ڪنجل جي، ماريا مور ملنگ
9. شمس قمر قربان ٿين جي اپ م هلن امنگ
10. عاشق مثل پتنگ، سي ڪئن نہ جلن جلال چٽي.[1]

[1]. محبوب جو بدن چوڏهين جي چنڊ جهڙو ۽ سندس انگ عضوا 'اطلس' ريشمي ڪپڙي جهڙا نرم آهن. 2. سندس ڪارا گهاٽا گهنڊيدار وار اهڙي ريت هيٺ ڏرن ٿا ۽ ورن ٿا 3. جو جڻ ڪاري نانگ وارا ور وجهي، لڪن چپن ۽ وڙهڻ جا وجهہ ونن ٿا. 4. انهن ڪارن وارن وڏا ڪونڌر پهلوان ڪيرائي ٻڏا، انهن جون لهرون ائين آهن جئن ڪارن ڪڪرن م بجلي جو تجلو. 5. نرگس جهڙيون سندس ڪڪوريل اکيون ڏسي ڪرنگ (هرڻ) بہ پنهنجيون اکيون بوتيون. 6. سندس چپ لال ۽ سهڻي چير وارا آهن ۽ سندس پنبڻيون تکا تير. 7. جڻ ڪان آهن جيڪي (مارڻ لاءِ) ڪمانڻ (پرن واري) تي هميشہ چڙهيا ئي پيا آهن. 8. ڪيهر شينهن جهڙي سنهي چيلهہ ۽ هاٿيءَ جهڙي سندس سهڻي هلڻي ڪئين ملوڪ مشتاق ماري وڌا.
9. سج چنڊ جيڪي آسمان م هلندي ساري جهان کي روشن ڪن ٿا سي بہ سندس سونهن تان قربان آهن.

---

[1] سيڪل ڀني جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي کان مليل روايت موجب، هيٺيون اختلافي پڙهڻيون سان: (1) ديهہ بدن جان (سيڪل) (2) "ڀروان ڀندان ڀڙ دلبر جا ڏين ڍول ڏرن جا ڏنگ" (سيڪل) (3) ويتر وسيهر وجهن ونگ (سنڌيلو) (5) مزگان مارن ڏنگ (ٻي پڙهڻي، سيڪل) "ريتا چپ چيروان، تا ڏين مزگان ابرو انگ" (سيڪل) (7) ڪيس ڪراتي (سنڌيلو) (8) لڪ ڪيسر ڪي لوڏ ڪنجل تو ماري مور ملنگ (9) جي تا اپ م جهلن امنگ (سنڌيلو).

10. اهڙين وصفن واري محبوب تان، عاشق پروانا پلا ڪيئن نه پاڻ جلائن ۽ قربان ٿين!]

[2]

1. بانڪ بَدني، بَرقئون بهتر، در عدن ڏچن دهاني
2. رخ سرخ سرس سوهي ڪؤن، انف عجيب نجيب نشاني
3. ڪنجل چالت، چرن چِيهي پڳ، ڪچ ڪويهہ،ڪتونب ڪلاني
4. ڪئنت قريب ڪپول ڪرنقل، ليث لڪي، گل لال لباني
5. ساگر پوت سمير ڪي تان بين بَنيي وچ بَئينسر باني
6. ڪهي جلال بحال خصالت روپ رسيا ول رنگ رياني

[1. سندس بدن، ڪنوڻ کان وڌيڪ تجليدار، ۽ وات جا ڏند عدن جي درن وانگر چمڪندڙ 2. منهن جي رونق سوهي واري ڪپڙي کان وڌيڪ لال، ۽ نڪ سندس نجابت شرافت جي سونهن 3. هاٿي جهڙي سهڻي تور، پير سندس چيهي پکي جهڙا ڳاڙها (يا چيهي گاهہ تي هلڻ سان جيئن ڳاڙها ٿين) ۽ وار گهنڊيدار ڊگها ڪارا 4. سهڻي جون لتون (؟) ڪافور ۽ لونگ، چيلهہ شينهن جهڙي سنهي ۽ لبَ گلاب جهڙا لال 5. موتي (ساگر پوت) ۽ مرواريد (سميرڪي) سندس نڪ واري بولي تورڙي نٿ ۾ تجلا پيا ڏين 6. جلال ٿو چوي تہ سندس سهڻي وصف بحال آهي جو سندس تصوير (روپ) جواني واري رس پري ۽ سونهن سورج (رين) مثال آهي.]

ٻيا سڀ سندس سلامي: هينين بيت ۾ مرڪزي خيال اهو تہ ٻيا سڀ اڇي ٿا محبوب جي حسن جا سلامي ٿين:

[2] سگهڙ محمد يعقوب ابڙي موچي (ڏهرڪي) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي ڪتاب ’سينگار‘ (س) ۾ ڇپيل روايت سان ڀيٽ موجب. آخري سٽ جي ٻي روايت ”ڪهي جلال مجال خصالت روپ رسالت رنگ رباني“. جنهن ۾ رسالت ماب واري تصوير ۽ رب جي قدرت واري معنيٰ سمايل آهي. جيڪا مٿئين مجازي بيان سان نٿي ٺهڪي اچي.

[3]

1. عرق عنبر تي آل الريا پيني پين پگهر کي
2. ڦول ڦهو ڳڻ ڦئينتي ڦڙ ڦڙ، اوڊي ٿو اخضر کي
3. ٻاڻ ٻہِ – پر سل سيف دوپارا، ڪن پيا تيز خنجر کي
4. هرڻ هبين حيران ٿيا، پسي نرگس نين سحر کي
5. پٽ – چيها اچي پيش پيا، پسي لالي لال احمر کي
6. حسن حبيب اڳيان سر لڪيو چاهي شان شجر کي
7. وڄ جان ورڪيو ول وينجهر جو پڙڪي باهہ ٻيِر کي
8. او ٿو ماري مرمر کي، جانؤن جوڙ جلال چئي.

[4]

چِيهي چرن چمياس، وهيءَ ورن ورائيا
اينٽل ڪئنٽ قريب جا، غمزن هيٺ گڏياس

---

[3] سگهڙ ڪريم ڏني شر (ڪ) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي (س) کان مليل روايت سان ڀيٽيل. اختلافي پڙهڻيون هينئينءَ طرح:
(1) عرق عنبر تي ال اگ الريا (ڪ)؛ عرق عنبر تي ال اگ الريا.
(2) ڦونتي ڦڙ ڦڙ (س).
(6) حسن حبيب اڳيان لڪيو (ڪ)؛ حسن حبيب اڳيان الڪيو.
(8) ڊاڪٽر سنديلي ٻڌايو تہ هڪ سگهڙ هينئين سٽ وڌيڪ پڙهي (پر اها البت ايڏي سهڻي ناهي).
'چاهہ چمڪ تل ترنئون تمني اندو باز ٻُجر کي'.

[4] سگهڙ شيخ الله ڏني (لس بيلو)، جيئند خان بگهياڙ (ميرپورساڪرو)، حاميد خان رند (ميرپور ساڪرو)، پرئو خان گبول (چکرو)، منشي صالح محمد برو (دريجي) جي زباني قلمبند ڪيل. هيئين اختلافي روايتن سان.
(1) چيهي چرن چمياس، تي وهي ورنهہ وتايا (شيخ). چيهي چرن چمياس، ونيهر وڻ وتاڙيا (صالح). چيهي چرن چمياس، ٿي وهيئي ورن مٿائيا (جيئند خان)؛ چيهي چرن سريام، اڄ وهي ورن ڦٽ ڪيا (حاميد خان). چيهي چرن سندياس (ڊاڪٽر سنديلي کان مليل روايت). (2) اينٽر (فقط جيئند خان). گم ڪئون هيٺ گڏياس (شيخ). گمز هيٺ گڏياس (صالح محمد). غم سين هيٺ گڏياس (جيئند خان). سو مون کي گم گئون هيٺ گڏيا (حاميد خان) ڪنيزڪينٽ قريب جي غمزن هيٺ گڏياس (ڊاڪٽر سنديلي کان مليل روايت). (3) ارمائي ور ڪامٽي تنهنجي دانن تي دولياس (شيخ). هر ماهي گهر ڪامٽي تنهنجي دندن دهلياس (صالح محمد). ارماهي ورڪامٽي تنهنجي دهدن دهلياس (جيئند خان). ارمائي ورڪامٽي اڄ تنهنجا داد نہ دهليا (حاميد خان) (4) اپرن تي آياس (شيخ). اوپرن تان آياس (صالح محمد). اپرن تي آندياس (جيئند خان). اپرن تي آنديا. (5) مديهر (شيخ)، مدعيل (صالح محمد)، متيهر (جيئند خان)، منديئر (حاميد خان).

ارمائي ور ڪامٽي، تنهن جي ڏچن ڍهلياس
لبيئر لال، ڪتي چوي، اپرن تي آپاس
مٽيهر مات ڪياس، جلوي ساڻ جلال چئي.
[5]

منهن مهتاب سڄڻ جو نرگس نيڻ سندن
چشمن جا چالا ائين جئن ڪنوٽيون ٿيون ڪنون
آڳ اليهر جن ڪان ڪڪر ٽا ڪنبن
چوڏهن طبق چانڊاڻ ٿئي جي محب ڪٽي مرڪن
سڀ ٽا توهه تڳن، تنهنجي جلوي سان جلال چئي.
[6]

آهرين لهرين عين، قوس قزح ڪهڪار ۾
ڪنب، پِتافر، ڪورخون، ويا مان چورائي چين
ڪنتر ڪوٽ ڪپول جا، غنت غزالي غدين
مان مندر منهن موج ۾، جوت جمن ۾ جين
سر نايو سڀ سين، ڪن جهار جلال چئي.
[7]

منهن مهتاب سڄڻ جو چاهي روپ اگن رنگ روءِ
پگهر پيشاني پرينءَ جي خاص مچائي خوءِ
جلوي ساڻ جانب جي رجني مٿي روءِ
هڪ جلوو جانب جوءِ، بيو جلوو ناه جلال چئي.

بيا محبوب جو ڇا مت ٿيندا: هينين ٻن بيتن ۾ مرڪزي خيال اهو ته سونهن ۾ بيا سهڻي محبوب سان ڇا مت ٿيندا!

---

[5] هي بيت خاوند بخش ساجي (تعلقو ڪنڊڪوٽ) کان 28 مارچ 1950ع تي لکت ۾ پهتو.
[6] سگهڙ حامد خان رند ۽ وڏيري حاجي سانيڏاد نوري جي زباني ملمند جا اصل روايت ۾ "اهرين لعلين عين".
[7] سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان 19 جولاءِ 1984ع تي سنڌس خط ذريعي مليو.

[8]

1. ڇا جي ڪور ڪري ڪامول، هن جا چرن چڱا وڏ ڇور ڪان
2. ٿيا ماند مقابلي، هوٺن روءِ هنڊول
3. ڪوئل ڪل ڪيل ڪي، جڀهين ڪام ڪلول
4. بئينسر بِيني بَن رهي، وچ گوهر ارگول
5. خوبي جي خنڪار جي پئي ارجل منجهه الول
6. ڏک ويا سڀ ڏول، پسي جانب روءِ جلال ڇئي.

[9]

1. ڪونئر ڪرائين ڪا، پيرين رونق پِي جي!
2. خوبيءَ طير خروس جا، ڇا پڳ برابر پا
3. ارتي، آبي، عود، اگر، اگن نہ اهڙي آ
4. سنڪر سهميو ساه ۾، شير سنگيو شرما
5. منچون ميم مشاهدي، ڇِيهل ايندو ڇا
6. چِتِرڪ چين چريا ڪيا، ڪوئل ڪيل ڪما
7. پيو ڪو رنگ روا، اڳيان جانبَ روءِ جلال ڇئي!

[يعني تہ: 1. سهڻي محبوبِ (پِي) جي نرم سهڻين ڪراين جي ڪا نزاڪت آهي، ۽ سندس پيرن جي لالائيءَ جي ڪا رونق آهي!!
2. ٻانگي (خروس) قسم جي پکي (يعني مور) جي پيرن جي سهڻائيءَ (خوبيءَ پا) يعني سهڻي تور، ڪا محبوب جي قدم (پڳ) جو مٽ آهي!
3. 'آرتي' ۽ 'آبي' گل، عود ۽ اگر جي خوشبوءِ، توڙي باه (اگن) جو چمڪو ۽ لالائي — اهي مڙيئي محبوب (جي عضون ۽ اندامن جي مختلف سهڻين وصفن) جهڙيون نہ آهن. 4. سندس سهڻي تور کي ڏسي هاٿي (سنڪر) هڪ طرف ساه سڪائي هٿي ويو تہ ٻئي طرف وري سندس باريڪ ڪمر کي ڏسي شينهن شرم وچان لرزي ٿو.

---

[8] سگهڙ ملا احمد. سيفل پٽي (سندس استاد سهائي موچي کان ٻڌل) ۽ ڊاڪٽر سنديلي کان مليل روايتن سان ڀيٽيل. مختلف پڙهڻيون. (1) جئن چرن چڱا وڏ ڇور ڪوٺ (ملا احمد)، (2) ٿي بينا ماد (سيفل)، بينس ماڏ مقابلي. (3) اِس ڪوئل، اس ڪل ڪليڪي، جب هي ڪام ڪلول (س). (5) "ارجهل منجهہ الول" ۽ آخري سٽ ۾ "ڏک لٿا ها ڏول" يا "ڏک لٿا هيس ڏول" (س). "خوبيءَ جي خنڪار ۾ ٿا ارجن محب الول" (ملا احمد).

5. مچيون محبوب جي 'ميم' حرف جي گهيري جهڙي ننڍڙي وات کي ڏسڻ ۾ حيران آهن. (تہ سندس اکين جي ڏيا جي سامهون) هرڻ (چيهل) کهڙي پيش قدمي ڪندو! 6. سندس مٺي گفتار هڪ طرف چنڊول پکي (چترڪ) جو چين ۽ آرام ڦٽائي ڇڏيو آهي تہ ٻئي طرف ڪوئل ۽ چتون (ڪيل) ساڳيءَ طرح (ع. ڪما = اهڙيءَ طرح) حيران پريشان آهن. 7. جلال ٿو چوي تہ محبوب جي منهن جي سهڻي لال ڳوري رنگ سان ٻئي ڪنهن رنگ جي ڀيٽ بہ ڪا روا آهي!]

جانب وڏ جلال چئي: هيٺين بيتن ۾ جلال جو تخيل انهيءَ آخري منزل تي پهتو تہ محبوب جو حسن مڙني کان مٿي آهي، يعني "جانب وڏ جلال چئي".

[10]

عجِيبَن کان نجِيبَن جا، آهن ڪيل ڪٿر
ديهي ان جِي ڏمر ڇپايا، عرشن منجهہ اپر
پسي انگوشيون عجِيبَ جون، جهپيا سپ جوهر
لبَن لالائي لعل ڇا، ڦوڳئون وڏ ڦوڳر
ڪونئر، ڪرايون، ڪارچا، دست چڱا دلبر
پسي دند دهان ۾، ڏڪي ويا ڏوڏر[*]
اِنهيءَ کان بہ اپر، جانب وڏ جلال چئي.

هيٺيون بيت بہ سنڌي سينگار شاعري جي رنگ ۾ چيل آهي پر ان ۾ 'پدمڻي' جو لفظ آيو آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ جلال "هندي سينگار شاعري" جي عنوانن کان واقف ٿيو.

[11]

اڄ سي اڳڻ ٻهار، سانول گڏيم سپرين[1]
جاڙا پرون جانب کي ڪڪا ڪلهن وار
وڳا تِنهن واسينگ کي ريشم سان رنگدار[2]

[10] سگهڙ جيئند خان بگهياڙ (بلوچ ڪرمتي) ۽ سگهڙ حاميد خان رند جي زباني قلمبند ڪيل.

[*] ڊاڪٽر سنديلي کان پهتل روايت موجب: 'ڏڪي ويا ڏونگر'.

[11] راوي مرحوم حاجي محمد هاشم مگڻهار. وينل سال (لڳ اونگر) تعلقو ڪوٽڙي (1) بي روايت: "اڄي اڳڻ ڪئون ٻهار. اڄي سانول گڏيم سپرين" (2) بي روايت: "سونهن ريشم سان رنگدار" (3) بي روايت: "اڳ پٽولا پدمڻيءَ کي ٻيا سونهن گلبدن گينوار".

پٽ پٽولا پدمڻيءَ، سونهن گلبدن گينوار[3]
جوڙ چڱيءَ جنسار، آهن جانب وڏ جلال چئي.

هيٺئين بيت ۾ جلال پنهنجي فڪر کي 'هندي شاعري' واري روايتي رنگ کان اڳتي وڌائي نئون نڪتو نروار ڪيو ته محبوب جو حسن ۽ هن جي سونهن جهڙو ناهي بلڪ هين سيني جي سونهن کان سرس ۽ سوايو آهي:

[12]

موتيان وڏ منهنجا پرين، ڇاهي جنهنور جو جنسار[1]
املهہ ماڻڪ ان تان هيرو نيئي هار
ڇاجي جوڙ جمرود جِي ته ڪا عجيبن آچار
ڇاجي سج چنڊ ڪتيون ته ڪي دلبر جي ديدار!
ڇاجي ونڪ وجن جِي، ته ڪا ساجن جي سينگار!
پِرين اهڙا پار، سيڻئان جانب وڏ جلال چئي.[2]

هيٺئين بيت ۾ پڻ ساڳيو اهو خيال سمايل آهي ته لاثاني محبوب کان بهار جا بادل توڙي ,يا سڀ سونهن ۾ گهٽ آهن:

[13]

تِئن ڪي اَبر بَهار، جئن ڪنول ڪيس قريبَ جا[1]
اليهر جان التي پيا، ڊريا بَدن ڊار[2]

---

[12] مرحوم منشي صالح محمد ٻري جي ٻندي تان اتاريل. روايت مرحوم سردار اميد علي خان پوتاڻي (دريجي، لس ٻيلو)، ڪڇهري شهر ڪراچي. ۽ روايت سگهڙ بابو پالاري (1) ٻي پڙهڻي: "سونئون وڏ سپرين، ڇا هي جنهور جو جنسار" (2) ٻي پڙهڻي: "اهڙا ساجن جا سينگار، آهن سيني ڪون جانب وڏ جلال چئي."

[13] هيءُ بيت بلڪل نئون ناهي، ڇاڪاڻ ته ان جون سٽون اهي ساڳيون آهن. جيڪي مٿي صفحي 63 تي ڏنل بيت ۾ اچي چڪيون آهن. ڪن سگهڙن جي روايت ۾ هن بيت ۽ مٿئين ڏنل بيت نمبر 2 جون ڪي سٽون پاڻ ۾ گڏيل آهن. ٻين سگهڙن وٽ ٻين وڌيڪ سٽن سان هڪ يڪو ڊگهو بيت آهي، جيئن صفحي 63 تي ڏنو ويو آهي. هتي هي بيت جيئن ڏنو ويو آهي. تئن خاص طرح سگهڙ جاڙي خان مري ۽ مريد جت جي روايتن مطابق آهي. جنهن ۾ پهرين سٽ وڌيڪ معنيٰ خيز آهي. ڪن ٻين سگهڙن (حاجي سائينداد شورو، بابو پالاري، حاميد خان رند، محمد امين خان پوتاڻي، سردار اميد علي خان پوتاڻي ۽ منشي صالح محمد ٻروا) به جدا جدا روايتن سان اهي بيت ننڍا يا وڏا ڪري پڙهيا.

سرو ڪان سوڍا پرين، مک موتين ڪان موچار
هنجهہ ڏسي لوڏ لڪي ويا، ٿيا گنير گرفتار[3]
ڇيڏي شمس شعاع ويو گڏجي منجهہ غبار
سٽي ٻولي باجهہ پيري، ڪري ڪوئل نہ ڪوڪار
سڄڻ منجهہ سنسار، جانب وڏ جلال ڇئي.

تڪا تليور تين نہ:

هيئيان ٻہ بيت سگهڙن وٽ جلال جي نالي سان مشهور آهن. جيتوڻيڪ جدا جدا سگهڙن وٽ انهن جي پڙهڻين ۾ فرق آهي. انهن بيتن جي رواني ۽ سريلا قافيا ٻين شاعرن لاءِ نمونو بنيا ۽ انهن پڻ هنن بيتن پران بيت چيا. خاص طرح ڏاتي ڪتي، خدر (خضر) ڪتي، گلاب، قادر بخش، عارف شاهہ ۽ ٻين محمد جلال جي انهن بيتن جي پران بيت چيا جن جو ذڪر انهن شاعرن جي نالي هيٺ ايندو.

[14]

تڪا تليور تين نہ، وڏ آهوئان عين عجيب جا[1]
جهڙي ڪڪور قريب جي، تهڙي ڪاتي پسان ڪين[2]
جوهر جڙين جان تي، منهن موتين مڙهين مين[3]

---

[1] هيءُ بيت سگهڙن وٽ ذرا مختلف روايتن سان هلندڙ آهي پر سينهي جي چوڻ موجب جلال جو جيل آهي. سنہ 1949ع ۾ اسان پهريائين ميرپور ساڪري جي سگهڙ حامد خان رند کان ٻڌو. پوءِ مرحوم سيد نجف علي شاهہ ڇپر جي سگهڙ الله بخش پالاري جي زباني لکي موڪليو. ڊاڪٽر سنديلي کي پڻ مختلف روايتن سان مليو جيڪو هن قلمبند ڪري موڪليو. آخر ۾ ٻہ سال اڳ سگهڙ دوست محمد عباسي جي زباني (بسيرو، تعلقو فيض گنج ۾ ڪيل ڪچهري ۾) قلمبند ڪيو ويو. اسان انهن جملي پڙهڻين ۽ پڻ ڊاڪٽر سنديلي جي قلمبند ڪيل روايت (س) کي پيٽي مٿين پڙهڻي قائم ڪئي آهي. ٻيون پڙهيون:

1. تڪا تليهر تين: تِڪا تليهر تيئن، تفنگ تليهر تيئن، هن اهو عين عجيب جا، جڻن آهو عين عجيب جا
2. ڪڪور ڪيس قريب جا تهڙا ڪاتي پسان ڪين
3. منهن موتين ڪان مين
4. اهڙا آهن امين، جاني وڏ جلال ڇئي،
اهڙي سارڻ اذين، منهنجا جاني وڏ جلال ڇئي.
اهڙي سرت سڄين، مون ڪان هنيو هوت ڪسي وئا.

سي فهميدا فڪر سين تا نيهن سان نرمل نين[4]
سٽي ٻولي ٻاجهه پرين جي، ڪوئل ڪيچي ڪين
اهڙي سونهن سندين، جياريو جيءَ جلال چئي.[5]

[تڪا = تير، پنبڻين وارا. تليور = تلوار پرون جي گولائي واري 2. ڪڪور = ڳورائي. 3. منهن موتين مڙهين مين = منهن ۾ موتين ۽ ميناڪاري واري سونهن (ٻولي ۽ نٽ جي؟). فڪر = ناز نزاڪت واري چال. نين = ڪنيو وڃن، مارين.]

[15]

تڳي تليهر تِين نہ، جئن ڪيس بَنيا هن ڪامٽي[1]
سروقد سوڏا پرين، آهن حورن کان بہ حسين
ان جو پلڪ پرين ڪان اڳرو جلوو وڏ جبين[2]
سسي سسيهر سسيو بدر نمائي بِين[3]
اڇي ساجن سر زمين، جيءُ جيار جلال چئي.

[تڳي = ڪاري ٻات اونداهي. تليهر = ڪارو نانگ ڪيس = وار 2. جبين = نراڙ پيشاني 3. سسيهر = چنڊ. سسيو = لرزيو. بدر = چوڏهين جو چنڊ. بين = بيني، نڪ. نمايو = جهڪايو.]

هن باب جي خاتمي کان اڳ اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ جينوٽيڪ چاليهن سالن کن جي وڏي عرصي ۾ جلال جا ڪافي بيت سنڌ توڙي سنڌ سان لاڳو علائقن مان وڏي تلاش کان پوءِ هٿ ڪيا ويا آهن، تنهن هوندي بہ هن سرواڻ سگهڙ جي بي بها بيتن جو سچو ذخيرو دستياب نہ ٿيو آهي. جلال جا بيت سندس وقت کان وٺي ايترو تہ مقبول پيا جو هنڌين ماڳين هلي ويا.

[15] حامد خان رند (ساڪرو)، پِرئي خان گبول (چڪرو، ڪراچي) ۽ حاجي محمد هاشم مگڻهار (سال) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پڙ ٻين سان پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون:

(1) ترنگ تليهر تين نہ، تڪا تليهر تيئن

(2) سسي سسيهر وچ ۾، بدن بنايس بين.

(3) 'آءُ نون ساجن سر زمين. جيءَ جيار جلال چئي' 'ساجن سر زمين. جودئون اڇي جلال جئي' 'جي اڇن ساجن سر زمين. تہ آءُ بادل باغ بنائيان'

راقم کي هڪ طرف اهي بيت لس ٻيلي جي شهر اٿل ۾ مليا ته ٻئي طرف ٿر جي شهر مٺي ۾، ٽئين طرف 'ناڙي' ۾ مليا ته چوٿين طرف 'روهي' ۾. پر اڃان به کي بيت، پري ڪن اهڙن ماڳن تي، ڪن سڄاڻ سگهڙن وٽ سيني به سيني محفوظ رهيا آهن. جو حيرت ٿئي ٿي ته جلال جا بيت ڪيترو نه مقبول پيا ۽ مشهور ٿيا. تازو خير پور ضلعي جي 'ناري' واري علائقي ۾ اسي ورهين جي سڄاڻ سگهڙ توهر فقير پنيري [1] جلال جا ٻه بيت ٻڌايا جيڪي اڳ اسان بودن فقير پنيري کان ٻڌا هئا. انهن مان هيٺيون بيت عام سنڌي شاعري جي 'ڊگهي وزن واري سٽاء' ۾ چيل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اها 'ڊگهي وزن واري سٽاء' جلال ئي ايجاد ڪئي جنهن تي پوءِ ٻين ڪن مشهور شاعرن (لونگ، عيدن شاهه، شيخ ابراهيم، ڪريمداد، هوت خان، عالم خان لنڊ ۽ ٻين بيت چيا [2]. جلال اهو بيت سسئي بابت چيو ۽ پوءِ ٻين شاعرن پڻ سندس وات وٺي ساڳئي موضوع تي 'ڊگهي وزن' وارا بيت چيا. هيٺ اهو بيت ائين ئي ڏيون ٿا جئين سگهڙ توهر فقير ۽ بودن فقير پڙهيو ۽ ظاهر آهي ته اصل ۾ جلال جئن اهو بيت چيو هوندو سو وڌيڪ صحيح هوندو:

چاڻ سڄاڻ، سباڻ سڏاڻ، وڏيئي ڏنگ ڏاڻ وهاڻ وهاري
تيري خصلت، ميري مصلت، مٺي محبت پهت پنهونءَ پياري
يار ستار، تڳان تنهنجي تار، محب منٺار، ايندم مهار موچاري
سي ڪوهه اندوهه، پسان رڻ روهه، تڳان تنهنجي توهه،
پرين من موهه، ايندم سڄاڻ سنياري

اٿ اوٺار ڏيکار ڏاتار، مون کي مختار سندم سردار سهيون ست ساري
سهوءَ م سير، ويا تنهن وير، ڏيئي مون ڏير ڪنيير ميير قطاري
منجهه م سيج، پڇي رڻ ريج، ڏونگر ڏس ڏيج، هليو هل هيج
پنهل پٽيءَ پياري

---

[1] توهر فقير پنيرو، ڳوٺ عالادي پنيرو، سومريجي مڪان. جنهن کي تازو 13 تاريخ فيبروري 1986ع تي. قائم فقير پنيري جي دعوت تي. ناري ۾ ("سوراه" وٽان نارو نهي 25 ميل کن اوپر طرف) وجي ملياسون. بودن فقير سان 3 ـ مارچ 1944ع تي چونڊڪي ۾ ڪچهري ٿي هئي.

[2] عيدن شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي بيتن لاءِ ڏسو "ٻيلاين جا ٻول" ٻيو ڇاپو صفحا 102 ـ 104.

اوات ڪنوات لنوات ويا جنهن وات انهن عجيب نجيب نهاري
لڳ لاڳ سهاڳ، لڳن ڪي ڀاڳ، ونهيان سي واڳ
ورائيندم واري
دوست دلبر، رهين رهبر، اچي انور، ڪرڪا مهر تہ ماڙ موچاري
ڪهي جلال، ڪري رب پال، اهي تمر حال، ڪيان خوش خيال،
اچي تار منجهون شال تاري

جلال پنهنجي هيٺئين بيت ۾ مينهن جي مانداڻ ۾ محبوب جي منهن تي موتين مثل مينهن – ڦڙين، سجڻ جي سونهن ڏسي ڪنوٽين جو هيڪي پوئتي هٽڻ ۽ ٻين تشبيهن جو ذڪر آندو آهي. هن بيت جي اسلوب مان ائين لڳي ٿو تہ سينگار شاعري جو هيءُ بيت پڻ جلال جي شروعاتي بيتن مان آهي:

برسيو برسن، ورسيو ورسن، متي مالها موتيئڙن
دور چمڪيون دامنيون، پسي ڏت ڏندن
پپيهل پئي ’پي پي‘ ڪري، مان مهر مون تي ڪن
اڀريو ماه ابر مان، پسي پير پرن
قمر، ڪتيون، تارا تجلا، شمس شعاع نہ ڪن
پسي بام بدن ڪرني ڪنول پيا ڪسڪن
پسي جوڙ جلال چئي، گنير گس نہ ڪن
بجليون منجهہ بحرن، سڪيون سڪن پاڻ ۾.

جلال جو سرائيڪي ۾ چيل هيٺيون بيت سگهڙ مرحوم نبي بخش خان لنڊ کان آڳاٽو مليو پر اهو هن وقت ڪاغذن مان دستياب ٿيو آهي:

گهنڊ نهين اسرار حقاني جس وچ چمڪي نور چمن دا
جان جمشيدي جام جنهور دا، جان يا ياقوت يمن دا
جان وت ڪل آئيني ٻڌس ڏي ڪر پردا پن دا
جڳ ”جلال“ ڪري تدبيران تان محرم ڪرن من دا.

باب چوٿون

جلال جي وقت جا ٻيا شاعر

جلال غالبا حضرت شاهه عبداللطيف کان عمر ۾ وڏو هو ۽ شاهه صاحب کان اڳ وفات ڪيائين. ٻيا سنڌس همعصر شاعر جيڪي جلال سان صحبتي هئا يا جن جلال کي ڏٺو ۽ پوءِ سندس 'سينگار شاعري' کان متاثر ٿي جن سينگار جا بيت چيا، سي اندازا 1130 - 1170 هه واري دؤر ۾ ٿي گذريا. مگر يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ جلال جا اهي همعصر شاعر ڪهڙا هئا. ساڪري ۽ لس ٻيلي جي سگهڙن جي بيانن موجب جلال وارا پاڻ ۾ ست پائر هئا ۽ ست ئي سگهڙ شاعر هئا. انهن ۾ خالو خضر، ڏاتو شامل آهن جن جا بيت اسان کي مليا آهن. ٻولي ۽ بيان جي سٽاءَ مان پائنجي ٿو تہ ملان خوشحال ڪتي جنهن پنهنجو نالو 'ڪتي' توڙي 'ملان' ڪري آندو آهي سو بہ ان وقت جو هو. ٻي هڪ روايت موجب صدرالدين چارڻ ۽ سليمان چارڻ ٻئي جلال جي وقت جا هئا. گلاب چارڻ ۽ جان محمد (جانو) بہ ان دور ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. بهرحال هي محض هڪ اندازو آهي جيڪو مليل مواد جي مطالعي جي آڌار تي قائم ڪيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي سگهڙ جلال کان پوءِ واري دؤر جا هجن جيئن مٿي صفحي 30 تي ڄاڻايو ويو آهي. هڪ بيت اسان کي ديني جو مليو آهي جنهن بابت هڪ قلمي ڪتاب ۾ ڏنل مواد مان معلوم ٿيو تہ هو 'ميان جو فقير' هو ۽ غالبا جلال جي وقت ۾ يا ٿورو پوءِ ٿي گذريو. هن مختصر وضاحت بعد هيٺ اسان انهن شاعرن ۽ سنڌن چيل سينگار جي بيتن جو ذڪر ڪنداسون.

خالو (ڪتي)

ساڪري جي سگهڙن جي روايت موجب خالو ڪتي هو ۽ جلال جو ڀاءُ هو. خالو جو فقط هڪ هينئون بيت ساڪري ۽ لس ٻيلي جي سگهڙن وٽ هلندو آيو آهي جنهن جي آخري سٽ مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو سنڌ جو شاعر هو. لس ٻيلي جي سگهڙ شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ هيءُ بيت هيئين طرح لکيل مليو:

ددست آون، دنک دکاون پدارئون اٽنگ
انبر آگيا بجليان چمڪن، گرج گگر گن اٽنگ

اڙبنگ صمدئي جنگ جت، بڙ بُوند رهي جڙ سنگ
ٺمر ڪنبسر ڪهنا خالو روپ ڪليا سپ رنگ
چاه چچر چ چنگ، پپيهو پڪاري پيہ ڪي.

ساڪري جي داناء سگهڙ مرحوم حاجي سرماڻ خان بگهياڙ (ڪرمتي) اهو بيت هيئنئيءَ طرح پڙهيو:

دڏست آون، ڏنڪ دڪاون، پون پڏار اننگ
اتنگ، اڙنگ، بڙ بوند رهي جل سنگ
بجليان چمڪيان، اي گن گگن گن گنگ
ٺمر ڪوبسر ڪهنا خالو روپ ڪليا سپ رنگ
چاهه چتر چهه چنگ، تيئن پپيهو پڪاري پيءَ ڪي.

ساڪري جي سگهڙ حاميد خان رند هيءُ بيت هن طرح پڙهيو:

دن سن آون، دنڪ دڪاون، پون پڏار اڙنگ
اتم بُوند بلي جس سنگ.
انبر آگم، بجليان چمڪي، گن گگن ڪر گنگ
ڪ ڪربسر، ڪهتا ڪالو روپ ڪليا سپ رنگ
چاه چچر سبن چنگ، تيئن پپيهي پريت پيءَ سين.

ساڪري جي سگهڙ موسي منڌير هيءُ بيت تن ستن سان هيئنءَ طرح پڙهيو:

از خود آون، ڏنڪ دڪاون، پون پدار اڙنگ
ڪهنا خالو روپ، ڪليا سپ رنگ
جت بادل بسن بنيا، سارنگ ات سونگ.

هن بيت جي ٻي هڪ روايت هيئنءَ طرح ملي:

دڏست آوت ڏنگ دڪاوي، پون پڏار اتنگ
آگم انبر چمڪي بجلي گرج گرج گن گنگ
برسن بني جون بن چلي مئنگل سارنگ سجان سمنگ
اونڪهه اڙت پونگر پونگ، گيند رهي جل سنگ
ڪره ڪويسر ڪهه تان خالو روپ ڪليا سپ رنگ
چاهه چتر چرچنگ، پپيئا پڪارن پيءَ ڪي.

خدر (خضر) کٽي

لس ٻيلي جي سگهڙ ڪريمداد ٻري چيو ته: 'خدر کٽي هو. پوءِ نه ڄاڻان جلال وارن مان يا ٻيو.' ميرپور ساڪري جي سگهڙن (حاجي سرماڻ، جيئند خان، علي محمد بگهياڙ ۽ حاميد رند) جي روايتن موجب خضر، جلال جو ڀاءُ هو ۽ پاڻ ۾ جملي ست ڀائر هئا.

سگهڙ ڪريمداد چيو ته: خدر جو هڪ بيت تنهن جي آخري سٽ جيڪا مون کي ياد آهي سا هيءَ آهي ته:

جن سچي ساک سچار، تن خوش ڪيو من خدر چئي

خضر جا هن وقت تائين ٻه بيت دستياب ٿيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

[1]

جب گوري گهنا ڪري، نورا ڇينئون ڇين(1)
ڪامڻ ڪنول، ڪويل ڦر، دهنئون دڇن ٻشين(2)
ڇا ماکي، ڇا مصري، جهڙو ميٺ منجهين(3)
سٽي سخن ثناء جو ڪوئل ڪڇي ڪين(4)
ڪنجن خوب 'خضر' چئي، ڪن ماٺ مرگهه لب مين
جي اهڙي حسن حسين، تن ماهه مشابت ناهه ڪا.(5)

[2]

چلي چوري جي ڇين، گينور ڇا گت ڪٽي
لک لٽيائين لهس سين، [جلوي جوت جبين]
تنهن چارو ناهه چتن جو ڪ ڪ ڪوئل ڪين
جٿن هسي سونهن حسين، تٿن هس ڳلي ۾ حور جي.

---

[1] راقم کي محمد يعقوب برڙيءِ سيفل پٽي ۽ محمد بخش چانڊيي جي زباني مليل روايتن. ۽ ٻڻ راقم کي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي کي سگهڙ بگٽي شر جي مليل روايت موجب پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: (1) نهرئون شيني شين؛ نهرا ڇينئون ڇين (2) ڪامل ڪنول ... دڇن دڇين. (3) جهڙ مکڻ منائي ۾ تهڙو ميٺ منجهين (4) پسي سخن صنم جو ڪڇيو ڪوئل ڪين؛ پسي سخن سخنات سنات جو (5) تن کي ماهه مطابق ڇا ڪندو. تن ماهه مشابهت ڇا ڪندو.

[2] حاميد خان رند ۽ ساڪري جي ٻين سگهڙن جي زباني قلمبند ڪيل.

[3]

صاحب صورت جا سردار، تو ڪيئن سينڌ سجن سرڪي؟
هي جي خنجر نين "خضر" چئي، تيز تِکا ترڪي
سي تان ٻاهر ٻڙڪي ڪين پيا، ويا جِيءُ اندر جرڪي
مون پِي دانهن اِچِي در ڪي، ٻئي در دانهن نہ سپرين!

ڏاتو ڪنڀي

ساڪري جي ڪن سگهڙن جي بيان موجب ڏاتو جلال جو پاءُ هو. ڪن جي خيال ۾ هو جلال جي عزازت مان هو. ڏاتي، ميين شاهہ عنايت جي بيت جي آخري فقري کي مدنظر رکي پنهنجي هيٺين بيت ۾ حسين محبوبہ جي حسن جي تعريف کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪيو تہ[*] :

1. وسي مينهن پسائيا، ان جا منهن ۾ مرگهہ تہ مين
2. سبزه لتاڙڻ هليون، ڪري بجليون برسڻ ٻين
3. منهن تہ مرگهين سهڻو ٻي چيلهہ چيلاتي چِيين
4. عين عجب، پڳ پالتو، گم گام برو بر گين
5. ان جي گن گهرائيءِ سين، اچن ڪئيسر ڪين

---

[3] محمد يعقوب برڙي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: پهرين سٽ: پونر سينگار ايار نہ جاني تو ڪيئن - الخ. آخري سٽ: ٻئي در تي نا سپرين.

[*] حاميد خان ۽ بنگل خان مروئي بلوچ ڪرمتي جي زباني قلمبند ڪيل 4. "عين اکيون، پڳ پالتو، ٻيا گن گام بروبر گين" 5. ر، "... اچن ڪيس ڪپي نہ".

هي بيت هن ساڳي روايت سان مٿي صفحي 70 تي اچي چڪو آهي. هن بيت جي هيٺين روايت هڪ قلمي قرطاس (لکيل اندازا 1350 ڌاري) ۾ ملي. ان ۾ 4 سِٽ بهتر آهي.

وسي مينهن پسائيا اج مرگهت مينت ميم
عين ادگر پڳ پالتو آهن گام برابر گيم
سيني اوپر شير بنيا دورنگي گل بسين
جنهن جو ورن وساڙي جهڙو چيلاتي جئن چين
ماکي مصري کان منا اهڙي ميٺ منجهين
ڏسڻ سان ڏاتو چوي تا دک ڪٽيو سک ڏين
اهڙي حسن حسين، جنهن سان ماه مشابه نہ ٿئي.

6. سيني گڏيا شير دو رنگي گل رشين
7. سي ڏسڻ سين، ڏاتو چئي، تا ڏک کسيو سک ڏين
8. جي اهڙي حسن حسين، تن ماه مشابهت ناه ڪا.

[يعني تہ 1. مينهن جي بوندن، ان محبوبہ جي منهن ۾ جي 'مرگهہ' (= هرڻ = اکيون) ۽ 'مين' (=مڇي يعني ننڍڙو وات مڇيءَ جهڙو) آهن، تن کي آلو ڪيو. 2. (جڏهن اها صورتوند ٻاهر نڪتي تہ سندس حسن جي سلامي خاطر بي انتها خوشيءَ مان) ڪنوڻيون بہ ساڻ سينگار سان چوڌطرف ساون ميدانن مٿان تجلا ڪري هلڻ لڳيون. 3. ان سهڻي سڄڻ جو رخ، سهڻين اکين جي لحاظ سان، هرڻن (مرگهن) جو همسر آهي ۽ سندس سنهي چيلهہ چيلاتي جي چيلهہ (چين) جهڙي سنهي آهي. 4. سندس اکيون عجب سهڻيون، ۽ پير اهڙا تہ پوشيدا آهن جو ٻيو ڪوبہ سندس نازڪ خرامي (گم = هلڻ، گام = قدم يا وک) سان برابري ڪري نٿو سگهي. 5. سندس گهري گلابي رنگ (گن = گون = رنگ) سان ڪئيسر جي ڇا مجال آهي جو مقابلو ڪري سگهي. 6. سندس سيني ۾ کير جا بہ سرچشما (يعني پستان) ڄڻ بہ گوئنتا گل آهن. 7. اهي سهڻا محبوب، ڏاتو ٿو چوي تہ، پنهنجي هڪ نظر سان سيئي ڏک ميٽي سکن سان بدلائي ٿا ڇڏين. 8. اهڙن سونهن ڀرين سڄڻن سان چنڊ جي ڇا مجال جو مشابهت جي ميدان ۾ بيهي سگهي.]

ملان (خوشحال؟) ڪتي

باب ٻئي هيٺ، جلال جو سورهن –ٻارهن سينگارن جي موضوع تي هڪ مثالي بيت ڏيئي آيا آهيون جنهن جي شروعات هندي محاوري موجب "جب گوري گهنا ڪري" جي لفظن سان ٿيل آهي. هن موضوع تي جلال ٻيا بيت بہ چيا هوندا ۽ اهو پڻ ممڪن آهي تہ ڪن ٻين سگهڙن اهڙن بيتن ۾ جلال جو نالو وڌو هجي.[1] هينيان ٽي بيت انهيءَ ساڳئي موضوع وارا آهن ۽ ڪن سگهڙن جلال جا

[1] "جب گوري گهنا ڪري" واري عنوان کان الڳ، ٻئي هڪ عنوان "جب ڳئي ڳانا ڪهي" (= جڏهن مينهن واري گوڙ پنهنجي گونج سان نغمان ڳائي) تي بہ ڪي بيت چيا، جن مان هينيون بيت اسان سگهڙ الله بخش پالاريءَ کان ٽنڊي جهانيان ۾ مرحوم نجف علي شاهہ طرفان ڪرايل ڪچهريءَ ۾ ٻڌو ۽ پوءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان پڻ لڳ ڀڳ ساڳي روايت سان پهتو. پر اهو معني توڙي وزن ۾ ناقص آهي. جلال اصل ۾ تہ ڪو سهڻو بيت چيو، پر پوءِ اهو ڪنهن جي غلط زباني ذريعي ٻڏرو ٿيو. اهو پڻ ممڪن آهي تہ ٻئي ڪنهن اهو بيت چيو ۽ جلال جو نالو وڌو. جئن ڪن ٻين وڏن شاعرن جي نالي پڻ بيت هلايا ويا.

ڪري پڙهيا. پر انهن ۾ جلال جي نالي بدران فقط ’ڪتي‘ جو نالو آيل آهي. ڏهرڪي جي پير مرد ۽ سڄاڻ سگهڙ محمد يعقوب (ابڙو) موچي چيو ته اسان وڏن کان ٻڌو ته اهي بيت ’ملان ڪتي‘ جا چيل آهن. اسلوب جي لحاظ سان پڻ انهن بيتن ۾ جلال جي بيتن واري بيان جي ڳوڙهائي بدران سلاست ۽ رواني آهي.

[1]

جڏ ڳوري ڳهٽا ڪري، ريزا پرهي راس
ڪنجل، هنجهه ڪنبي وٺا، ٿهل پسي توراس
ٻِرون سي پنوراه جان سونهن خوب سنداس
منهنجو خيال، ڪتي چوي، پيو تنهين جي پاس
تنهن پاٻوهي پاتاس، پسو پيچ پريان ڪي.

[2]

جڏ ڳوري ڳهٽا ڪري، گهري پاس گگن
ڪرن موٽ ڪويل ڦر، سر سالون سوسن
ڏنو ڪيس، ڪتي چوي، جورو ايءُ جوڀن
ميان منهنجي من، ڪئا نينهن تنهين جي نجهرا.

[3]

جب ڳوري ڳهٽا ڪري سر سالون سوسن[1]
ڪندت قول قريب جا، سڀ دٻايا دوسن
ماه متيئي مات ٿيو گهڙيو اوٽ گگن
ڏنو ڪيس، ڪتي چوي، جورو ايءُ جوڀن
مان ترڻ اندر تن، ڪيا نينهن پِريان جي نجهرا.

---

1. جب ڳئي ڳانا ڪهي بادل منجهه برساس
2. ڪنگ مروڙي چڪور ڪي، پيچي جلفڪاس
3. چلهن تان چڙهي، اپرن تي آياس
4. چؤ چؤ تار چڱا ها، پنبڻين منجهه پوتاس
5. گوهر شفيهر گهوٽ ڪي لکين لئون لڳاس
6. ڪن ڪنجن ڪتما بينن تي برسياس
7. مرگهه مليهر مات ٿياس، جلوي ساڻ جلال چئي.

اصل پڙهڻين موجب: 1. جهب ڳئي 2. جلفڪار 5. لکين لين لڳاس 6. ڪن ڪنجيهر ختمان.

[2] سگهڙ محمد يعقوب ابڙي موچي (ڏهرڪي) جي زباني قلمبند ڪيل 1. اصل. سر سائو سوسن.

[4]

جب ڳوري گهٽا ڪري، کهلايون ڪيسن
داڙر رپ روان ٿئي، رهسي ڪين رهن
مدو مينا مات ٿيون ڌهن پسي دوستن
خوشيؤن ڪيس، ڪتي چوي، پيا ڪنگو ڪور ڪرن
منهنجي اندر من، ڪيا نينهن پِريان جِي نجهرا.

هيٺيون بيت نهايت ئي ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ ڪڪرن ۽ قوس قزح جي تشبيهات سان شروع ڪيل آهي تہ:

[5]

1. وڏ تليهر طرحان، ڪڪر ڪيس قريب جا
2. تڳي، تهاري، تاس – رپ ڪؤن واڏو ڪيس ڪران

---

[4] محمد يعقوب ٻرڙو (تعلقو ٺل)، ٻيڙي فقير ڪنيار ۽ آگيڏني شر (تعلقو ميرواهہ) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل.

[5] لڇمڻ ٻنيري، محمد يعقوب ابڙي موچي ۽ نور محمد شباڻي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل. انين مصرع ۾ اڪثر سگهڙن جي پڙهڻي: ڏني ڪين ڪتي چوي، ڪن جي پڙهڻي. ڏني ڪين خوشحال چئي. غالباً ملان ڪتيءَ جو نالو خوشحال هو. سگهڙسچل شر هيءُ بيت فقط چئن سٽن سان هينئن طرح چيو:

طبل طريئن طرحان. جنہ ڪؤن ڪٿر ڪيس قريب جا
چمر چيهل، ناس ڪڪيهل. هندوي هٽ رتان
اصل ڪيس ڪتي چوي، ڏني صورت جا سبحان
چٽا چرن چندان، سرني سپ نوائيا.

ڪن سگهڙن وٽ ملان ڪتي جي هن بيت ۽ سگهڙ ڪوريءَ جي چيل بيت جون ڪي سٽون مٽ سٽ ٿيل آهن. اسان هر بيت جون سٽون جدا ڪري رکيون آهن. لڇمڻ ٻنيري جي پڙهڻيءَ ۾ آخري ٽي سٽون هينئنءَ طرح آهن:

ديهہ سسو گج روپٽي، لبين لاک وران
هن جا ميم مراتبن جهڙا، تن اندر تهريان
تن جي ڪيهي ڳالهہ ڪريان، جن ريهيو روح رموز سان.

ست وار ٻيون پڙهڻيون: 1. ترنگ تلهير طرحان، ڪڪر ڪيس قريب جا. 3. مشتنگ ماه مڙهيو مون ديکيو. مستي ماه مون ويکيا، پؤنر پلي کان پان. 5. دهن مين ملان چوي سگهڙ سرت سنديان. 9. خدا بخش حجام هي بيت صدرالدين جو ڪري پڙهيو هن طرح: هن سيئي سينگاريان، پر هو آهن سوايا صدر الدين چئي.

3. مستڪ ماه مڙو مان ڏيکيو ان جو ڀال ڀلو ڪڻ ڀان
4. چمر ڇيهل، ناس ڪکيهل، هنڊوي هوٺ ردان
5. دهن 'ميم'، ملان چوي، صاحب سرت سجان
6. ار انارئون اڳرا، ڪنگوءَ ڪر ڪران
7. سؤ ڪيور ڪل ڪڪر، ديهه تنگوءَ تجلان
8. ڏني ڪيس، ڪتي خوشحال چئي، صورت سا سبحان
9. چيهان چرن چڱان، سرني سڀ سسائيا.

[يعني تہ: 1۔ پياري محبوب جي ڏگهن گهنڊيدار وارن (ترنگ) جا تجلا ڪنوٽين (تليهر = هڪ سنهو ڏگهو نانگ = اصطلاحا 'ٻڪرار ڪنوڻ') وارا آهن، ۽ اهي ڪارا وار (ڪيس) ڪارن بادلن مثل آهن. 2۔ سهڻي سڄڻ جون اکيون ۽ ان جي مٿان ڪمان مثل ڀرون واري منظر سان اندلٺ جي مقابلي جي جاءِ ئي نہ آهي. 3۔ [شايد مطلب تہ] چنڊ (ماه) ۽ مينهن وساڙو جيت (مڙو) ٻنهي کي مون مست ڏٺو بلڪ ان سهڻي محبوب جي چهري جو تجلو تہ سج (ڀان = بان = بانا = سج) کان بہ سوايو آهي. 4۔ سندس سهڻيون اکيون (چمر) هرڻ (ڇيهل) جهڙيون، نڪ (ناس) طوطي (ڪيل) جهڙو (ع. ڪ = مثل. يا ڪ = ڪر = چڙ تہ)، ۽ سندن لب (هوٺ = هونٺ) مينهن وساڙي (هنڊوو) جيت مثل لال رتل آهن (ردان). 5. انهيءَ سهڻي سڄڻ جو وات، ملان ٿو چوي تہ، حرف 'ميم' جي ننڍڙي گول گهيري جهڙو آهي. 6. ارهہ ڏاڙهون (انارئون) کان وڌيڪ ۽ سندن سنهيون نازڪ ڪرايون ڪنگوءَ جهڙيون لال ۽ سنهيون آهن. 7. (هن مصرع جي پهرئين اڌ جي صحيح روايت ۽ معنيٰ اجا تحقيق طلب آهي). سندن بدن (ديهه) سون ورنو آهي، (تنگو = بلوچڪي ۾ ٽنگو = سون) 8. خوشحال ٿو چوي تہ اهڙي سهڻي صورت کين خالق طرفان ذات ڏنل آهي. 9. سندن ڳورا پير (چرن) چيهي ڳاه (جي رس جي لالائيءَ) کان ڪثر، بلڪ اجا بہ اهڙا لال تہ آهن جو انهن کي ڏسي لال 'سرني' گل بہ شرم وچان ڪومائجي سڪي ويا.]

صدر الدين چارڻ

دادو ضلعي جي مشهور چارڻ قبيلي مان هو. سندس چيل مدح مشهور آهي. سينگار شاعري جا سندس هيٺيان ٻه بيت دستياب ٿيا آهن جن جي پڙهڻ سان پڙهندڙن کي محسوس ٿيندو ته هن شاعر جي شاعري جو رنگ ڍنگ سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جهڙو آهي. هن جا ٻه بيت هتي ڏجن ٿا جي هيٺ ڏجن ٿا، انهن جي پوري پوءِ ٻين شاعرن ٻه بيت چيا جيڪي اڳتي ايندا.

[1]

ريون ناهن راس، بَرگ ناه برابري
نوي – تر نمي پيا، آهو هرڻ اڳياس
ترسي تت طائوس ويا، جت ڳهرن ڳاتر ڳياس
وَنئون آ وتري گهٽو لالائي ته لباس
نائِي نامر نيڪ ٿيا جزي نه جوڙ جڳياس
سيئي سينگاراس، آهن سوايا صدرالدين چئي.

[2]

پڳ پاريهر پدمٽي، ديهه دامنيين دوراس
اڳ اليهر اوپسر، مک مرمر موچاراس
ترني جان تجلو ڪري، پيا پِريان جي پاس
سيئي سينگاراس، ٿيا سوايا صدرالدين چئي.

سليمان چارڻ

سليمان چارڻ ڦلجي لڳ ويٺل چارڻن جي عزازت مان هو ۽ فتح پور (تعلقو دادو) جو ويٺل هو. صدرالدين ۽ سليمان ساڳئي وقت جا هئا ۽ جلال جا همعصر هئا. سليمان پنهنجو هيٺيون بيت، قافيي جي لحاظ سان جلال جي بيت ("تمهر روپ ترنگ — الخ") پران چيو جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جي تعريف

[1] سگهڙ خدا بخش حجام جي زباني قلمبند ڪيل. هن بيت جي قافيين مثال بين قافين وارا ڪي بيت جدا جدا سگهڙن وٽ صدرالدين سائينداد. محبوب ۽ الهداد جي نالي ٻڌا ويا. اسان انهن ۾ ساڳيون گڏيل سٽون جدا ڪري ورچيون آهن.
[2] دادو جي چارڻن جي بياض تان ورتل.

ڪرڻ بعد آخر ۾ هي نئون نڪتو نروار ڪيائين تہ ان جي سهڻي سجڻ جي صورت خود سارنگ جي سونهن کي بہ سسائي گهٽ ڪري ڇڏيو آهي[1]:

[1]

1. تليهر ترنگ، ايي جهاڙي جهاڙ پر
2. ان جا ورن وساڙان وترا، الده جهڙس انگ
3. ڪنگو ڪونر ڪرائيون، پِرون پؤنر پونگ
4. قيصر لڪي ڪامڻي، ڪيا نيچا نيڻ ڪرنگ
5. تنهنجو جلوو جوين روپ ڏسي ماه گهڙيو سر گنگ
6. سيڻن، سليمان چئي، سايا سارنگ
7. وجون منجهہ سنگ، ڪنبي پيئيون ڪڪرين.

[يعني تہ: 1. اها سهڻي محبوبہ جنهن جا وار (ترنگ) ڏگهن ڪارن نانگن (تليهر) مثل آهن، سا هڪ وڻ (جهاڙ) جي پرسان بيٺي نهاري رهي آهي (ايي جهاڙي). 2. سندس ڇهري جو لال رنگ (ورن) مينهن وساڙي ڪان بہ لالائيءَ ۾ وڌيڪ آهي، ۽ سندس نازڪ عضوا ۽ اندام (انگ) مکڻ (الده) جهڙا ڪونئرا ۽ نرم آهن. 3. سندس لال رنگ تي مائل ڪرايون ڪنگؤ جهڙيون، ۽ پرون پونئرن ۽ ڪارن نانگن (پونگ) جهڙا ڪارا نيور آهن. 4. ان محبوبہ (ڪامڻي) جي باريڪ ڪمر شينهن جي لڪدار چيلهہ جهڙي (قيصر = شينهن. لڪ = چيلهہ) آهي، ۽ (پنهنجن سهڻين اکين سان) هن هرڻ (ڪرنگ) جي اکين کي بہ شرمائي هيٺ ڪيو آهي. 5. سندس جوانيءَ

---

[1] سليمان فقير ملڪ. گابر خان چانديي. مرحوم عطا حسين شاهہ موسوي (روهڙي) وٽ لکيل روايت ۽ محترم سنديلي کان لکيت ۾ پهتل روايتن سان پيٽيل. بيون پڙهڻيون هن طرح:

1. بيني جهاڙي جهاڙ پر 2. تنهن جو ورن وساڙان اڳرو الخ: جنهن جا ورن وساڙي وترا الخ. 4. ڪيهر لڪي: ڪيسان لچي ڪامڻي، نيچا نيڻ ڪهنگ: قيصر لڪي ڪامڻي، نيچا نيڻ ڪرنگ. 5. زمري زينت زيب سين، ماه گهڙيو ۾ گنگ. تنهنجو جذبو جوين روپ جئن مهو گڏيا سر گنگ. جوت پسي جگرات جي ماه گهڙيو سر گنگ. 6. سيڻان (يا سيڻئون) سليمان چئي، ڪر سنواريا سارنگ: سهمايا سارنگ. 7. هن مصرع جي پڙهڻي غور طلب آهي جو روايتون مختلف آهن: 1. جڏ پينا منجهہ مهنگ، تڏ وجون وسڻ آئيون. 2. مڪر منجهہ مينگ، واري ونيون وجڙيون. متئو ڪري مهنگ، وجون وسڻ آئيون.

جي حسن جي جلوي کي ڏسي، چنڊ ڪڪرن هيٺ لڪي ويو. ٻي پڙهٽي "ماه ڪڙيو سر گنگ" تہ سندس سونهن اهڙي جو چڙ چنڊ درياء (گنگ) جي مٿان ايري بيٺو آهي. 6. سليمان ٿو چوي تہ، اهڙن سهڻن سڄڻن (پنهنجي گوناگون حسن سان) سارنگن جي سهسين رنگ سونهن کي ٻہ گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. 7. سندس حسن جي جلوي جي تاب کان بيتاب ٿي وڃون پڻ آسمان (مهنگ) ۾ ڪنبندي ڪنبندي ڪڪرن ۾ گم ٿي ويون.]

سليمان سندس هيئين ٻن نهايت ئي فصيح ۽ سهڻن بيتن مان پهرئين ۾ ٻين مشابهت رکندڙ شين کي سهڻي محبوب کان گهٽ ڪيو آهي، ۽ ٻئي ۾ خاص طرح ياقوتن جواهرن کي هيچ ۽ هيٺ ڪري ڄاڻايو آهي.

[2]

1. جبهين گام گلال، ساجن ڪٽي سبيل مان
2. هاٿي هنجهہ حيران ٿيا، دم تهين در حال
3. ائنگي ڪان عجيب جو آ قابو ڪر ڪمال
4. لئون لئون سينڌ صفا گهٽو لب لاڪيءَ ڪان وڌ لال
5. اهو عينن کي ڏسي، پيو ڪرمش منجهہ ڪنگال
6. رو، ڪنچن، ماه، ڪنگوورن، ناهن جوڙ جمال
7. آهہ ڪارو اودي تڳي، تہ ڪي مُوءَ مثال
8. قد قامت کهڙا پرين، صنوبر ڪان وڌ سال
9. تن جي نامہ نهال، ڪئو هيءُ سر سليمان چئي.

[1. جڏهين اهو سهڻو پنهنجن پيرن سان واٽ تي وک کڻي ٿو 2. تہ هاٿي ان وقت حيران ٿين ٿا 3. ائنگي ڪان = مور ڪان. ڪر = ڳچي 5. ر. 'آهو ادب ان جي پيو ڪرمش منجهہ ڪنگال' 6. رو = سج. ڪنچن = سون. ماه = چنڊ. ڪنگو ورن = ڪنگوءِ وارو ڳاڙهو رنگ. ر. '... وڌ جانب سر جمال' 7. اهہ ڪارو = ڪارو نانگ. اودي تڳي = ڪاري اونداهي رات. موءِ = وار.]

[3]

1. هو جو پيتمر سر پگهار، تنهن ياقوتن کي ياف ڪئو
2. رنگي رخسارن تي، احمر ٿيا اِظهار
3. آءُ جوين جا جوهري، تون نرتئون ڪر نهار
4. طرح تماشو تان ڏس، ويهي تون وينجهار

5. هڪ اڳ ساڄن سان سينگار، ٻي وڏي جوت جڙاؤ ڪي.

[1. هو جو سهڻي محبوب جي منهن مٿان (ذرا ذرا) پگهر نظر اچي ٿو تنهن ياقوتن جي چمڪ کي جهڪو ڪري ڇڏيو آهي (ياف ڪئو = زاف. ڪيو = ضعيف ڪيو.]

گلاب چارڻ

گلاب پڻ دادو جي چارڻن جي قبيلي مان هو ۽ سندس هيٺئين بيت جي ٻوليءَ مان پائنجي ٿو تہ غالباً جلال جي وقت جو هو.

اِند۔رپ چِيني چين، ڪئنچن رنگ قريب جو(1)
اِنتَل پيري پيروان، اس وه راه ڪلين(2)
ال چنور، چالي چڳر، طرح طوطل بين
زئي ڪنجن، ڪيس ڪر، سہ ڳر، سرو حسين
گنوريا هن گلاب چئي، آ هيءَ ٻي صفت سنڌين
اِهڙا محب مهين، جن ريهيو روح رموز سان.*

ديڻ**

ديڻ غالباً روحل واري دور ۾ يا اڃان بہ ڪجهہ اڳ ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي گذريو. هو ميان جي فقيرن مان هڪ درويش هو ۽ سندس سرائيڪي ڪلام مان پڻ هڪ بہ بيت ملن ٿا. هيٺئين بيت ۾ محبوب جي حسن جي تعريف سان گڏ ٻيا گفتا وڏي معنيٰ وارا آهن:

چمون جيئن چاٽيان، نيڪ نوازڻ، جيهڙا
دل اندر ديڻ چوي، جواهري جاران
وحدت ئي واتان، ڪرهہ سکيائي ڪانڪا.(1)

جانو چارڻ جنهن جا گلن جي سينگار ۾ ڇيل بيت مٿي باب ٻئي (صفحي 72 – 73) هيٺ اچي چڪا آهن، سو بہ غالباً جلال واري هن ساڳئي دور جو هو.

---

* سگهڙ سائين رکيي ڪاڪيپوٽي جي زباني قلمبند ڪيل. پڻ الهداد چغتائي، ڪرم باغ لاڙڪاڻي کان پهتل روايت ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي سگهڙ خدا بخش حجام جي زباني قلمبند ڪيل روايت سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون 1. اڌ رپ .... ڪئنچل 2. استل پيري پير مان اس پهہ ڪر قديم (سائين رکيو). استل پيري پيروان اس وهہ راڪلين (الهداد).

** صحيح غالباً 'دينر' (ابڙن جي پاڙي جو نالو شاعر پنهنجي نالي بدران قبيلي يا ذات جو نالو ڏنو آهي).

باب پنجون

جلال کان پوءِ وارو لاڳيتو دور

هيءُ دور 12 صدي هجري(18 – صدي عيسوي) جي پوئين اڌ ۽ 13 – صدي هجري جي پهرين پنجويهن سالن وارو دور آهي: يعني تہ ڪلهوڙن جو آخري دور ۽ ٽالپور اميرن جو اوائلي دور آهي جنهن ۾ جلال جو لڳايل 'سينگار شاعري' وارو سلو وڏي وڻ ٿيو. شروع ۾ سينگار شاعري جي ڪچهري جو خاص ماڳ مرڪز جلال جو پنهنجو علائقو مونڌر هو جتان اهو ذوق موجوده دادو ضلعي واري ايراضي تائين وڌيو ۽ پوءِ سڄي سنڌ تائين عام ٿي ويو.

هن دور ۾ 'سينگار شاعري' جو سرواڻ ڪبير شاهہ هو جيڪو 'سن' (دادو ضلعي ۾) ۾ جائو نپنو ۽ وڏو ٿيو جنهنڪري جلال جي شاعري ۽ سگهڙپائي جو مٿس وڏو اثر پيو. ڪبير شاهہ پوءِ لس ٻيلي هليو ويو جتي سندس اڳواٽي هيٺ 'سينگار شاعري' جو سلسلو شروع ٿيو. سنڌ ۾ خاص طرح دادو لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور واري ايراضي تي جلال جو وڏو اثر پيو جتي وڏو صابر موچي، لونگ، يوسف ڪٽي، ڪنيار ۽ شير خان هن دور جا وڏا شاعر ٿيا.

هن دور جي سيني شاعرن جا نالا اسان تائين نہ پهتا آهن. موجوده وقت ۾ اسان جيڪو مواد ڪن وڏي عمر جي سگهڙن وٽان سهيڙيو آهي تنهن ۾ ڪيترن ئي شاعرن جا بيت ملن ٿا، پر انهن آڳاٽن شاعرن جا نہ تہ ماڳ مڪان پوريءَ طرح معلوم آهن، تہ نہ وري انهن جي سوانح يا سندن وفات جا سن سال معروف آهن. خاطري سان چئي نٿو سگهجي تہ هن دور ۾ ڪهڙا شاعر اڳ ۾ ۽ ڪهڙا پوءِ ٿيا. ڪن سگهڙن ائين بہ ٻڌايو تہ هن دور هيٺ ڄاڻايل شاعرن مان ڪي (مثلاً صابر موچي) خود جلال واري وقت ۾ موجود هئا. اسان انهن شاعرن بابت مليل روايتن ۽ سندن بيتن جي ٻولي ۽ سٽاء کي سامهون رکندي اهو اندازو لڳايو آهي تہ اهي غالباً جلال کان پوءِ 1150 – 1225هہ واري دور ۾ ٿي گذريا. هيٺ اسان انهيءَ اندازي موجب، هرهڪ شاعر بابت مليل احوال ۽ سندن بيتن جو ذڪر ڪنداسون.

ڪبير شاهه

ڪبير شاهه بن احمد شاهه سنڌ جي مٽياري ساداتن جي 'ميان پوٽہ' شاخ مان 'ڳاڙهيا' پاڙي مان هو. ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي 1771 -- 1786ع ڌاري هو لس ٻيلي ويو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ ويجي شهر اٿل لڳ رهيو. سندس سوانح ۽ شاعري بابت تفصيلي بيان اسان ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' ۾ ڏنو آهي.[1] 'ڳوري جي سورهن ۽ ٻارهن سينگارن' بابت هيٺ ڏنل سندس ٻه ريون بيت جيڪو حضرت جلال جي بيت جي پيران چيل آهي سو 'سنڌي سينگار شاعري' جو شاهڪار آهي. ان سان لاڳيتا ٻيا ٻہ بيت بہ ساڳئي موضوع 'ڳوري جا ڳهڻا' تي هڪ نئين رنگ ۾ رچيل آهن جن ۾ تشبيهن جي وسعت سمايل آهي. آخري ٻہ بيت 'محبوب جي حسن' بابت آهن. سوپياوان عورت کي ميگهہ ملار جي ماحول ۾ ڪبير شاهہ پنهنجي جنهن بيت ۾ چمڪايو آهي سو مٿي باب ٻئي هيٺ (ص 61) بيان تي چڪو آهي.

[1]

جب ڳوري ڳهڻا ڪري، نو ست نرمل نار،
'اٿ' رکي اغماز سين، ٻيا چڱا چنچل 'چار'،
مهندان محبوبن جي، 'چلٽت' آه چِہ ڪار
'اڏٽت' اولي سين پٽا پري پِريان ڪؤن پار
'ڦول' ڦڪا ڪيا سجڻين، 'ڦل' ڦاٽي ٿيا ڦار
اهي سپ نظر ساڻ نڪار ڪئا ڪامڻ ڪبير شاهہ چئي.

[2]

جب ڳوري ڳهڻا ڪري، سيلا سر سنگين
ڪيل، برق قربان ٿئا، مٿان بَئنسر بِين

---

[1] ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول'، ٻيو ڇاپو، حيدرآباد سنڌ 1390هہ 1970ع، باب اٺون ۽ باب ٻارهون.

[1] اولي پٽا = وجي لڪا.

[2] سيلا = سر جا ڪپڙا روا. سنگين = سهڻا ـ وڻندڙ. ڪيل = طوطو. برق = ڪنوڻ. بئنسر = نٿ. بين = ٻيني = نڪ. ڪنچن = سون. بيضا = چاندي سيس = چنڊ. سسيهر = پونئر (؟). سسئا = گهٽ ٿيا ـ لرزي ٿيا. مرگهہ = هرڻ. مين = مڇي. دادر دوبين پلائيون = ڏيڏر کي پنهنجون وڏيون اکيون ... سنگ شينهن. چين = چيلهہ. مهين = سهڻا ـ لاثاني.

ڪنچن، بيضا ڪم ٿيا، ديکي جلوه جبين
سس سسيهر سسيا، پيا مرگهه ملحظي مين
دادر دوبين پلائيون، سنگ صدقي تان چين
ڏاران عشق نہ ڏار ٿيا ہولي ہولن ہي نہ
اهڙا محب مهين، منهنجا ڪامل ڪبير شاهہ چئي.

[3]

جب ڳوري ڳهٽا ڪري، زيور ذاتيون ذات
ڪر ويس وڳا واسينگ ڪيا بادل ۾ برسات
پنگم روءِ پريان جو جلوو وڏ جبات
ڪنجل، هنجهہ ڪنبي ويا، مڙي ڪري مصلات
سرو سلامي سڄٽين، ٿيا نميو نمن نخلات
ديهي پسي ڏم ڇپي، ٿِي ورسي منجهہ ولات
شمس قمر صورت سان، ٿئي محبوبن ڪئا مات
مور ڪنٺ مک مين جڻن، سچ سونهن سقلات
ڏُوڏَر ڏچن دهان ۾، لب لالي لاک لغات
پسي اَنفُ عجيب جو سئيءَ لڳي سڪرات
نواڙو تنهن نرمل کي، پوڄي ٿو پريات
ڪوئل، ڪبير شاهہ چئي، چپ ڪي وائي وات
حورون هنڌ لڄائيون، گهور تنهين جي گهات
تنهن فهميدي فرحات، دلبر ڏنيم دل کي.

--

[3] ڪر = چرخ. پنگم = مينهن وساڙو جيت. جبات = جبهة پيشاني. ڪنجل = هاٿي. مصلات = مصلحات = مصلحت – صلاح. نخلات = کجيون (جيڪي سنيون سڌيون آهن). ديهي = بدن. ڏم = وڄ. ورسي = پتڪي يا سڪي. مور ڪنٺ = مور مثل ڳچي. مک مين = مڃي جهڙو ننڍڙو وات. سچ = اره. ببا. سقلات = سهڻي ڪپڙي جو قسم (جنهن جي چولي اندران اره جي سونهن ڏانهن اشارو). ڏوڏر = موتي. ڏچن = ڏند. دهان = دهن = وات. لغات = لغايت = زياده ۾ زياده (لالائي). انف = نڪ نواڙو = پريات جو چمڪندڙ وهائو تارو.

لبن لالي لال، ڪا جا سرخي سڄڻين
پسندي آڌر عجيب جا ٽٽڙو گم گلال
ڪنول نين قريب جا، ڏسڻ صورت سال
ٿا نوازين نگاه سين مهر پريا متوال
جن ڳالهاڻ لاءِ ڳلين ۾ تي سهسين ڪيم سوال
سي اڄ مرڪيا مهر منجهؤن خوش تي خوب خيال
اتم ٻنڌ عجيب پرين، هيءُ هنئڙي حال حوال:
مٿي قرب ڪنگال، ڪج ڪو ڪبير شاهه چئي.

--

چرن چراغ پرينءَ جا، لاڪيءَ رنگ لبيس
سوها رنگ سڄڻين، پونا ڪسرا ڪيس
ڪرنگا قولن تي ٿيا، لڳي لڪ تان صدقو ليث
ڳؤنگ نه آوي ٺور ترندي، ڪيلن ڪي ڪاويش
ٻرين بر ڦتا ڪيا، ڪن ڪيسريا وس ويس
دس نه ٻئي ڪنهن ديس، اهڙا قريب ڪبير شاهه چئي.(1)

وڏو

وڏويا وڏن غالباً جلال واري دور جو هو جو هيٺ ڏنل پهريون بيت ”هندي شاعري“ واري اسلوب ۾ رچيو اٿس*:

جب مجن ڪرو تب مگسا نگسي، ترني تاب
حجاب ڪيا

---

* راقم کي محمد يعقوب برڙي ۽ عبدالحڪيم وڪيي جي زباني مليل، ۽ ڊاڪٽر سنديلي کان پهتل روايت سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. جب مجن ڪري 2. ڪرن پئه ڪئنچن، ڪرن ته ڪئنچن: ماه ملار ڪيا 3. حيران حليم ڪيا 4. لب لال پسون. ڊاڪٽر سنديلي کي مليل روايت موجب:

جب مجن ڪرو تب مگسو نگسي، ترني تاب حجاب ڪيا
سنگ سيل سسو ٻد بامن کي، لب لال پسي هنج هور
حليم حيران هئا
ڪر پئه ڪنچن، ڪب پئه ڪوئل، مک پئه ميگهه ملار ٿيا
چرن ته چيهي ويک وڏن ٿئي، سنگ سجن ڪي تاهل پنئي،
نرمل نوٹ لگاء ليا

ڪر پئر ڪئنچن، ڪب پَرِ ڪوئل، مک پئہ
ميگھہ ملار ٿيا
سيل، سسو سنگ ساجن ڪي، هنج هور حليم
حيران هوا
بِبْ بانرئي، لب لال پسو تب بانورئي
بَرجم بيا
سين سجن ڪي تاهل بَنئي، ٿامر ٿوٽ نڳاو ڳيا
چرن جو چيهي ويک وڏن چٽي، دوست درنگ دہاء ليا

[1. مجن ڪرو = جڏهن سهڻا محبوب وهنجن ٿا. تب = تڏهن. مگسا نگسي (؟). ترني = ڪنوڻ 2. ڪر = ڪرائي، هٿ. ڪئنچن = سون (سون سندس هٿن ڪراين ۾ سونهي). ڪب = آواز (ڪوئل وانگر). مک = منهن (محبوب جو چڻ ميگهہ ملار آهي) 3. سيل (سرو)، سسو (چنڊر)، سنگ (شينهن) ۽ هنجهہ — اهي چارئي محبوب جي سهڻين وصفن آڏو حيران آهن 4. هن سٽ جي پڙهڻي صَحيح نہ آهي. مجموعي طرح سان مطلب تہ ڳاڙها مينهن وساڙا بہ سهڻي محبوب جي لال لبن کي ڏسي بانوريا ۽ چريا ٿيا 5. سين = ڏند. تاهل = موتي. ٿامر ٿوٽ نڳا و ڳيا = ٿوٽي ۽ ٿامر گل بہ نڳجي ويا 6. چيهو پکي پرين جا ڳاڙها پير ڏسي حيران ٿيو ۽ سهڻي سجڻ بيا سڀ رنگ دہائي ڇڏيا.]

بَني ماگهہ بناو سان مک سر محبوبن(1)
پسي ڪچ قريب جا، ڇڏيو تليهر تجلن(2)
ڏسي بِرجم بانوريا لالي لال لبن(3)
سيہ، سسيهر، مور، هنجهہ سڀ سهمايا سيڻن(4)
رجِل پنهنجي راءِ سان جنهن جانب جاءِ ڪڻن(5)
وسون تت وڏو چوي، ڇڏيو لوڏ لڪن(6)
اهڙن عجيبن، ساه سوگهو ڪيو سيم جان(7)*

* جاڙي خان مري، قادر بخش راڄپر، ملو احمد، لڇمڻ پنيري، گابر خان چانديي ۽ لال بخش موچي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پڻ ڊاڪٽر سنديلي جي ڏنل پڙهڻي (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. بنيا ميگهہ بناو سان 2. اهڙا ڪيس قريب جا تليهر تجلن. سي ڪي ڪچ قريب جا تليهر تجلن 3. 'برنجن بانوريا پسي لالائي لبن' ڏسي برجم بانوريا. برجا وتن بانوريا، 4. سيہ سسيهر هور هنجهہ 7. 'اهڙن عجيبن، ساه ويڙهيو آ سيم جان'.

[1. محبوب جي منهن آڏو سر سامهون سينڌ عجب صورت سان بنيل آهي (جو جڻ رنگين انڊلٺ، کنوڻين جي تجلي ۽ ڪڪرن جي ڪاراڻ وارو سمان آهي) 2. محبوب جي ڪارن وارن جا ورن ڏسي ڏکهي سنهي ڪاري نانگ (اصطلاحا ٻڪرار کنوڻ جا ور وڪڙ) پنهنجا تجلا چڏي ڏنا 4. ڳاڙها سهڻا مينهن وساڙا (برجمر) محبوب جا لال لب ڏسي موڪا ٿيا وتن 5. محبوبن (پنهنجي سهڻي ڳچي، ڪارن وارن ۽ سهڻي ٽور سان) ڪونج، نانگ ڪارا، مور ۽ هنجهه لرزائي ڇڏيا 6. اهي سهڻا جاني جڏهن پنهنجي خود خيال پير (رجل) ٽا ڪڻن ۽ گهمن تہ اتي وڏو ٿو چوي تہ هاٿي (وسو) بہ پنهنجي سهڻي هلٽي (لوڏ) ڇڏي وجي ٿا لڪن. 7. اهڙن سهڻن محبوبن منهنجو ساه وڻ ويڙهي وانگر ويڙهي قابو ڪيو آهي].

لونگ

لونگ پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ شاعر هو. سندس هيٺيون نصيحت جو بيت سندس دانائي تي شاهد آهي.

جي ٽِئين قابِلُ، ڪم عقل ڪان مجلس ڇڏ مٿي
تو سان سفلو ساڻ نہ ٿئي، ڪنهين ويل وٿي
وڃج وينجهارن وٽِ، صحبت ڪاڻ سٽي
لاهييندءِ غم ”لونگ“ چئي، ڪامل دک ڪٿي
ڏيندءِ پل پٿي، صاحب سرت سماء جا.

لونگ غالباً نل – شڪارپور- ڳڙهي ياسين واري علائقي جو هو جو راقم کي لونگ جا بيت اڪثر ان طرف جي سگهڙن کان مليا.[1]

---

[1] اهي بيت نل جي طرف جي سگهڙن لال بخش موچي ۽ سيفل پٽي. ۽ ڳوٺ ڪاڪيپوٽن جي سائين رکيي ڪاڪيپوٽي کان مليا. ڊاڪٽر سنديلي کي بہ ڪاڪيپوٽن جي سگهڙن کان مليا. البت ڊاڪٽر سنديلي لکي موڪليو تہ بيت نمبر (2) لونگ- بيون پڙهڻيون

مرڪڻ سان محبوب جي کنوڻيون تان نہ ڪِنون
وينجهر پيا وتجن. آڏو عقل عجيب جي.

(5) کيس ڪنهن قلمي نسخي تان مليو.

[1][1]

ڪيل گلين، ڪت ڪسيري، پونه پيشي پور(1)
آهو ارڳ، انار، سهه، ميگهه، مين، ست، هور
لرزيا ڪل ئي لونگ چئي، پسي زينت زور
ڦن، پاريور، پارڌو ماند ڪيا منڍ مور(2)
جئن چاندي ڪڍ چڪور، تئن مون من تانگهي تن گهٽو(3).

[2]

ترنگ تليهر، سنبل سنهڙا، جانبَ تي جرڪن
واڙيون ولڙا، چلڙا چلڙا، چِٽڪيو پيا چِٽڪن
مرگهه وڃِي مشتاق ٿيا، پسي پونريون بادامن
گل گلابِي، گوهر اتِڙي، چا لالي لال لبَن!
ڪتِيون ڪنبَن ٿِيون ڪڪرين، پسي منداٽو محبن
مرڪن منجهه ملهار جي تہ ڪنوٽيون ڪين ڪنون
پونم پرين پٽِ ۾، اتِ چاسينگ نا چِمڪن
پوپٽڙا، سهه پٽ چيها، ناهن آنگ عجِيبَن
لڳن ڪيئن نہ لونگ چئي، ڪنجَل ۾ قدمن
وينجهر ٿا وتِجن، آڏو عقل عجِيبَن جي.

[3]

ار اناران اپڙيا، ور وار وجهيو واسينگ
ڪچ ڪتوريون ڪارڙا، تِيا شمع جا شاهينگ
لرجهائي لب لالن ڪي، ڇهه چمڪائن چاسينگ
شمس قمر چا آهن ڪتِيون روءِ مثان راسينگ
جي واجهائي ورُوينگ، تہ لتِن ليث ”لونگ“ چئي.

[4]

الده، عنبر، انگڪر اولي، پلرُ ڪيو پينن
ڪونجر ڪجلي ڪامٽي وتي ناز پري نينن

---

[1] بيون پڙهڻيون: (1) گج ڪيسري، ڪج ڪيسري (2) پب پاريور پدمٽي مانڊ ڪيا (3) تئن من طامع تن ڏي گهٽو.

بَرق بدن بَخمل کان کنوٽيون ڪين ڪنون
طاق طلائي ترنا تي، ڪيئن ٽانڊاٽا ٽِمڪڻ(1)
مِين دَهنُ ميمَ تي، جي لال آذر لپٽن
وڪاري وَسُونءَ جان، سرخاب سهي قدمن
لڄئون لڪيو لونگ چٽي اِند وجي اِدمن
پونر پيا پٽڪن، وينگيس سنڌي ويس تي.

[5]

چور چنبن ۾ مشڪ مليا، سي وينگس ونيو وار ونگين
ورن چنبيلي چڪران چوٽي، جڙيو تي جنسار جبين
تليهر ترسن تان تڪيرا، ڳهه ڳل هوتن هار حسين
شفت شگوفہ شهه ڏين شهلا، ريٽيرا رخسار رنگين
شمس قمر شب روز سجڻ جي تجلي ۾ تڪرار ڪرين
عدن کان اڳرا مک ۾ موتي ماريو مفت ملهار مهين
پونر بوءِ لاءِ، بَسني بدن تي، اج ڏئي تا للڪار لنگهين
گامون گام گنير چا گهمندو لونگ چٽي نہ لاءُ لهين
اج غور ڪري غمگين، اجايل ڪي آب ڏي

صابر موچي

سگهڙ مرحوم نبي بخش خان لنڊ (ڳوٺ ڪمال خان لنڊ، تعلقو جوهي) چيو تہ: اسان ائين ٻڌو تہ جلال، صابر ۽ محسن شاهہ ساڳئي وقت جا هئا. ٻي هڪ روايت موجب صابر ڪنهن غرض لاءِ دائود پوٽي حاڪم (شڪارپور يا ڏيرا اوڙجو) وٽ ويو هو. پر غالباً صابر جي حياتي جو وڏو حصو ٽالپور اميرن جي دور ۾ گذريو. درويشي حال وارو هو.

ڊاڪٽر سنديلي ڪتاب 'سنڌ جو سينگار' ۾ لکيو آهي تہ: ڪريم بخش موچي (ڪاڪيپوٽا — تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو سکر) ٻڌايو تہ "ڏاڏو اسان جي خاندان مان آهي: ليڪن، اها خبر نہ اٿم تہ ڪهڙي وقت جو آهي. ايترو بہ چيائين تہ وڏا چوندا هئا تہ مديجيءَ جي آس پاس ۾ رهندو هو." ليڪن حسين ديدڙ جي قلمي نسخي (1271هہ ۾ لکيل) مان معلوم ٿو ٿئي تہ صابر موچي شڪارپور جو ويٺل هو. 01هہ

صابر پنهنجي وقت ۾ 'سينگار شاعري' جو وڏو شاعر هو ۽ هيٺين بيت مان ظاهر آهي تہ هن پهريائين 'هندي سينگار رس' شاعري جي اسلوب ۾ اهو بيت چيو. هن بيت ۾ هڪ سگهڙ جي روايت موجب 'صابر' بدران 'صابن' نالو آيل آهي 'صابن' بہ ناري جي طرف هڪ وڏو سگهڙ ٿي گذريو آهي. ٻئي سگهڙ هيءَ بيت 'صابر' جي بدران 'ساجن' جي نالي سان پڙهيو. البت گهڻن سگهڙن جي روايتن ۾ نالو متفقہ طور 'صابر' آهي.*

1. گهونگهٽ اوٽ دراه چلي، شب شام گهٽا تہ بہ ترنا ترني
2. گت پِيل جمي ڪٽ ڪيسرڪي، دونينان تي هر نا هرني
3. ڦن پيٺ بَنودو ايم ڪندت بَينت بَرنا بَرني
4. ڪيبَڪ، ڪوئل، ناس ڪڪيهل، مورلنوي تا سرنا سرني
5. رخ رابيل ڪنول ڳل تيو رن، مک ڪاجل دي ارنا ارني
6. صابر مان گمان ڪهي، ڪلاند پاس ڏير ڏرنا ڏرني

[1. سهڻو صورتوند منهن ڍڪي گهونگهٽ ڪري ناز مان هلي، تہ رات جي اونده جي باوجود ڪنوڻ وارا تجلا آهن. 2. هاٿي واري رفتار وانگر قدم جمائي هلي، ۽ چيلهہ ڪيهر شينهن وانگر سنهي تہ سندس بہ اکيون سهڻيون هرڻن واريون آهن. 3. سگهڙن جي ٻڌايل معنيٰ موجب ڦن = واسينگ نانگ، پيٺ = هاٿي. ٻئي سگهڙ چيو تہ پيٺ = چنڊ (؟) 4. ڊيل (ڪبڪ) وانگر سهڻي هلڻي، ڪوئل واري مٺي ڪوڪ طوطي وارو سهڻو نڪ، مورجي مٺي لات (اهي سڀ وصفون محبوب جون). 5. منهن رابيل گل جهڙو سهڻو رخسار

---

* فضل چانڊيي، خدا بخش حجام ۽ لال بخش موچي جي زباني قلمبند ڪيل. ۽ پڻ ڊاڪٽر سنڌيلي کي خدا بخش حجام ۽ محمد صديق الڪاٽي جي زباني مليل روايتن سان ڀيٽيل. ٻيون اختلافي پڙهڻيون هن طرح: 1. شب شام گهٽي، شب شام گهٽيون. 2. گت فيل جمع، ڪٽ بيل جمع. دونينان ڪي، دونينا لڇيو. 3. 'گد فيل گماگر ڪيهر هين لڏيو هرنا هرني'. پيٺ دوئو. ايم ڪندڪ بينڪ، ڪنول بي رت بي برنا برني. 4. ايم ڪويم ناس ڪڪيهل، جي ڪب ڪوئل ناس ڪڪيهل، لا سبَڪي ڪبَ ڪوئل. مورلوي ٿو، مور ڍري تہ بہ. 5. ڪنول سگنل جي تيون مک لاجل. ڪنول سنگ نلجي مک لاڄل دي، سنگنل جي مک راڄل دي، ڪل ڪول سگل مور لڇيو ارنا ارني. 6. آکي صابر مان گمان ڪهو ڪلا تند پاس ڏير ڏان ڏرنا ڏرني. ڪهي صابر مان گمان ڪلا لند پاس ڏير ڏان ڏرنا ڏرني. اي صابن مان گمان ڪلادن پڳ ڏير ڏرتا ڏري.

ڪنول جي گل جهڙا سهڻا رنگين، منهن سرمائي اکين وارو سهڻو ڏسي ڇا ڏسجي! 6. هن سٽ جون مختلف پڙهڻيون آهن ۽ معنيٰ بہ مبهم آهي.]

سگهڙ لال بخش موچي چيو تہ: سندس وڏو ڏاڏو هوت موچي وڏو سگهڙ هو سو چوندو هو تہ صابر هن بيت ۾ 'مومل' جي حسن جي تعريف ڪئي آهي. چيائين تہ پيٽ = هاٿي، ڪٽ بيل = ڏاند جي پيشاني جيڪا سهڻي ويڪري ٿئي، راڇل = اڇو گل، ۽ 'سنگ نل' بہ هڪ گل آهي. صابر جا هيٺيان ٽي بيت مجازي رنگ واري 'سينگار' ۾ چيل آهن.

(1)

ٿهري ڙي ٿهري، هن جو ڳُوڙهہ ڳرن ڪون اڳرو
سر پنيي صابر چئي، آ بلنديئون هي باري
ڪامڻ ڳچي ڪونج جي، آهو اکياري
ڏوڏر ڏند تهين جا، جيئڻ آفا ۾ واري
هيءَ مهري موچاري، هن ڪئون هاٿي هلڻ سکيا.

(2)

نڪي ڪامڻ ڪام، نڪي اره انبوريا
سر پنيي صابر چوي، وجهي گنير گام(1)
ڍهون تنهين جون ڊام، ٿي ماريون ماريءَ جان وجهي(2)

(3)

نڪي تاره تاءِ، نڪي اره انبوريا
سر ننگي صابر چئي، آهي آڏت جي اهاءِ
ڪلي ڪيفي سا، ٿي بہ – پارا ٻاڻ هٽي.

صابر جا هيٺيان بيت نهايت ئي سهڻي انداز ۾ چيل آهن.

---

(1) محمد يعقوب (ابڙي) موچي جي زباني قلمبند ڪيل. ٻي روايت: آ بلنديئون هيءَ بحري

(2) خدا بخش حجم ۽ لال بخش حملاڻي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون 1. سرننگي. 2. ڍهيون تنهن جا دام، ماريو مارين ڪيترا. ڍهون تنهين جون دام، ٿو ماريون ماريءَ جان وجهي.

(3) خدا بخش حجم جي زباني قلمبند ڪيل. اصل آخري سٽ ۾: بہ پيرا ٻاڻ هٽي.

(1)

مک پسي محبوبَ جو قمر ڪڇي ٿو ڪين
ڪتونب ڪيس قريبَ جا، وڌ تليهر تِين نہ
گتِ ڪٿن گنير ڪرن، چِيتو پسي چِين
اهڙا محب مهين، مليا هن "موچي" چئي.

(2)

جهڙا گل گلابَ جا، انهان وڌ اعليٰ پِرين
پسي مين دهن دوست جو مجرو ڪيو مهتاب
ڪيسن ساڻ قريبَ جي، چا ڪارنهن پچندي ڪاف
ڪن پيا ويس وڏاند را، "صابر" چئي سر صاف
زلف اڳتون زاف، اچي ڪونہ عجيب جي.

(4)

آبرو قوس سياه سجڻ جا، لبَ لالائي لس
وار وسيهر وَڌ ورڪن پيا، سرڪن سيني سس
ڪيف ڪڪوريا عين عجب، مک جهور جڙيو جس
بِين بَني نٿ نازڪ نوري، سون ڳچي، سهہ هس
ليٿ لڪي اتِ لوڏ ڪنجل، ات ڪوئل چا ڪهندس
بازو بيحد، تابُ ترن ۾ عطر عنبر نس نس
پؤنر بِکياري واس ونڻ لئي واجهہ وجهي ڪن وس
چرن چيهي تنهن چينچل جا، جنهن چين چڪايو چس
چِندا آ چوڏس، سنسار سڄي ۾ صابر چئي.

يوسف

يوسف ڪٽي جهؤنگل تعلقي ٽُل جو ويٺل هو. وڏيري ايوب خان ٻـرڙي جي ڏينهن ۾ هو. ايوب خان پاڻ سگهڙ سالڪ هـو ۽ اسان ڪي سندس بيت اڪثر ڏهرڪي، تل ۽ ڪاڪيپوٽن جي سگهڙن وٽان مليا. هن دور جي

شاعرن مان شير خان، يوسف، هوندن خاص طرح جلال جي ”جب گوري گهنا ڪري“ واري موضوع تي بيت چيا. انهيءَ سلسلي جا گهڻي ۾ گهڻا بيت[*] يوسف جا آهن جيڪي هن پوئين دور جي سگهڙن وٽ عام مشهور آهن.[**]

(1)

جب گوري گهنا ڪري، سالون سر سامان
’ڏه ڏون‘ ڏسجن ڏينهن ۾، ’نو ست‘ نال نشان
’چلٽت‘ چال چريا ڪيا، ’آڏٽت‘ ۾ ارمان
’ڦَل‘ ’ڦَل‘ ڦور ڦٽي ڪئي، روءِ پسي رويان
تنهن جي قد برابر ڪانہ يقينا يوسف چوي،

(2)

جب گوري گهنا ڪري، زيور ذاتيون ذات
جِهينگن جهالارن ۾ چم چپي ڪي چات
مون ڪي طلب تنهين جي تات، يقينا يوسف چوي،

يوسف جي هيٺئين بيت ۾ آخري فقرو ”تي ماريون ماريءَ جان ڦري“ ساڳيو صابر جي بيت وارو آهي.

---

[*] حاجي محمد هاشم مگڻهار جي روايت سان پيٽيل. بيون روايتون:
2. ڏهہ ڏون ڏيهاڙي ڪري ڪامڻ ساڻ ڦواز
4. سي آهُو مِين مشاهدي ٿي تاهُو ڪن تواض
7. جي اهڙي دور دراز، تن جياريو جيءَ جلال چئي.

[**] اسان کي اهي بيت خصوصا ڏهرڪي جي سگهڙ محمد يعقوب (ابڙي) موچي، ٺل لڳ ميرپور برڙي جي سگهڙ محمد يعقوب برڙي ۽ سيفل پٽي، ۽ ڪاڪيپوٽن جي خدا بخش حجم ۽ سائين رکيي ڪاڪيپوٽي کان مليا. ڊاڪٽر سنديلي بہ ’ڳوري جي ڳهڻن‘ وارا بہ بيت (3) ۽ (4) ”سنڌ جو سينگار“ (ص 44) ۾ آندا آهن.

(3)

ليث ڪٽِي گج گام، ديھہ سسو سھہ جان ڳلو؛
... ... تي سون رپي سر جام
پھہ – رپ ڪؤن پرلو ڪسيو بانو زينت بام
پانو پلڙي جان جھلي، آھوءَ جان آگام
پريون پارئون سونھن جي سھميو ڪن سلام
ھڪ جلوي ساڻ يوسف چٽي، قمر دہائي ڪام
وجھي دونينان ڪا دام، تي ماريون ماريءَ جان ڦري.

(4)

ڪرن موٽ، ڪويل ڦر، مک منڊن ميگھہ مقام
چرن چگھا وڏ چيھي ڪان، گت گنير جي گام
نينھن پريان جي نام، سرني ساو سسائيا.

(5)

ڪرن موٽ، ڪويل ڦر، مک منڊن گنير گام
دھہ، سسو ڪنير ڪٽِي، لب لالي لاک وران

---

(3) نور محمد شنباڻي، سيفل پٽي، سائين رکيي ڪاڪيپوتي ۽ لال بخش موچي جي زباني قلمبند ڪيل. ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙھڻيون: 2. ھن سٽ جو پھريون اڌ سگھڙ کي ياد نہ آيو. 4. ھن سٽ جي پڙھڻي ۽ معنيٰ مبھم آھي. 6. سگھڙن جي زباني پڙھڻي موجب "ھڪ يلوي ساڻ يوسف چٽي". سن 1350ھ ۾ لکيل روايت موجب:

ليث ڪٽي گج گام، ديھي سوسن سھہ ڳلو
پورب ڪؤن پرتو ڪٽيو بام زينت بام
جلوي ساڻ جوسب چٽي تي قمر دہائي ڪام
تس دو نينن منجھہ دام، ساٽي بحري باريءَ جان ڦري

ٻي ھڪ روايت موجب آخري سٽ:

'ڪيس نينھن پريان جي نام، سرني ساوس ساہ سسائيا'.

(4) قادر بخش راڄپر جي روايت موجب، اصل پڙھڻي ۾ پھرين سٽ بعد ٽي ٻيون سٽون جيڪي ملان خوشحال ڪٽي جي بيت جون آھن، جيڪو مٿي صفحي 125 تي اچي چڪو آھي.

(5) ھيءُ بيت سگھڙن وٽ بنان نالي ھلندڙ آھي، پر ان جي اسلوب بيان مان ائين لڳي ٿو تہ يوسف .. ٰي آھي.

مک منصب مين مراتبي، کهڙي ڳالهہ ڪريان
تن اندر تهريان، تنهن هوت وٺي واريو هنيون.

شير خان*

شير خان چانڊيو پنهنجي وقت جو وڏو سياڻو سگهڙ هو. هو دادو-لاڙڪاڻي طرف جو هو. "جب ڳوري ڳهٽا ڪري" واري موضوع تي سندس ڇيل هيٺيان بيت مشهور آهن:

جب ڳوري ڳهٽا ڪري، اونها ارگ اگمر
قمر ڇپائي ڪامٽي، ڪر باني سان بيگمر
اعو عين عجيب جا، ڇا چمر برابر چمر
سهج پريان جي سمر، منهنجو سوجهي سور صفا ڪيو.
(2)

جبپ ڳوري گهٽا ڪري، سر سنها سالور
هرڻ، سسو سهہ، سارنگ، سبپ گهايائين منجهہ گهور
ماريو مسڪينن جا، پئي چين ڪري چڪچور
وہ جوين جا پور، جنهن درد دکايمر دوست جو.
[(2) چمر ڇپي = شمر ڇپي، شمع لڪي (3) چمر برابر چمر =شمر برابر، شمع آڏو شمع. سمر = سچو سهٽو (4) ٻي پڙهٽي:
جب گوري گهنا ڪري، سر سائو ساڏور
هرڻ، سسو سيهہ، سارنگ تب گهائي تي سان گهور
جوين جي ٿي پور، ناہ آرام اکين ڪي]

* شير خان: (1) اونها ارگ اگمر = اصطلاحا 'ڪارا ڏگها وار' (؟). ڪر = ڇڻ. باني = وزن = رنگ: يعني پنهنجي چهري جي سهٽي رونق سان قمر کي بہ جهڪو ڪري (يا) باني = بهاني: يعني تہ اها ڳوري ڪارا ڏگها وار ڇوڙي، انهيءَ بهاني سان پنهنجو چنڊ جهڙو منهن لڪائي ٿي. ڇا چمر برابر چمر = شمر (چمر) يعني شمع سندس چشمن (چمر) سان ڪهڙي برابري ڪندي!

(2) سر سنهاسالور = سر تي سنهيون سالون يا دوشالا. سسو = سسوو = چنڊ. سهہ = ڪونج. سارنگ = مينگهہ وارا وڄن جا تجلا. ڪارا ڪڪر، رنگين انڊلٺون، سهٽيون سبز ساوڪون. چين = آرام.

(3)

جب ڳوري ڳهڻا ڪري، سر سالون سو ڪو
شارق پيي شير خان چئي، تاب جهلي ٿو ڪو
چوري چروڪو ڪيئين چئنچل روح چڪورجان.

(4)

جب ڳوري ڳهڻا ڪري، سر سالون سوئي
ڪريا پون قريب اڳيئون ملڪ وجهن موهي
لٽڪي لئي اوئي، چئنچل روح چڪور جئن.

هوندن

هوندن بہ غالباً هن دور جو هو جو "جب ڳوري ڳهڻا ڪري" جي موضوع تي هيٺيون بيت چيو اٿس*.

جب ڳوري ڳهڻا ڪري 'ڪارهن پنج' پر هاڻ
'نو' رکي سا ناز سان، ڪئو تيلو 'ٽن' تڪاڻ
پسي ڪيس قريب جا ڪتين چڏي ڪاراڻ
هنجهہ، گنير، هوندن چوي، ٽڻا هلڻ پسي حيران
لوڏ مقابل لهن چا انهيءَ جا اهڃاڻ
سورج چنڊ شرمائيا، سونهن تنهين جي ساڻ
جڏ پرين نڪتا پاڻ، تڏ حورون هنڌ لڄائيون.

مراد فقير زنگيجو

مراد پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. ڪنڊڙي جي درويش روحل جو عزيز هو. سنہ 1211هہ ۾ وفات ڪيائين.

---

(3) شارق = سج. چوري چروڪو = درد دکائي. چئنچل = اصطلاحا. سهڻا نازڪ محبوب!

(4) هيءَ بيت وڏي ٻڌ سڌ واري وڏي عمر جي سگهڙ محمد يعقوب (ابڙي) موچي کان جولاءِ 1961ع تي ڏهرڪي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مليو. پر البت روايت پوري پڪي ناهي.

* ڪارهن پنج = يارهن + پنج = سورهن. پرهاڻ = پوشاڪون سينگار نو = ٽي = ٻارهن. ڪيس = وار. ڪتين چڏي ڪاراڻ = ڪارا نانگ بہ شرم کان جن زرد ٿي ويا.

سانوڪ ڇِيتڪ ڪيسري چلي تہ گنير گام
پاتيون اچن پاڻ ۾ دو نينن جا دام
پريون اچي پاڻهي اِت سوين ڪن سلام
ساہ تني جي سام، منهنجو موهيو من مراد ڇٽي.*

مگڻهار

مگڻهار بہ غالباً هن دور جو شاعر هو. سندس هيٺئين بيت جي ٻوڙهي ٻولي مان اهڙو گمان نڪري ٿو.

1. ڏڏ ست ٻينسر بين ۾ پرون پؤنر پونگ
2. ڪيس تمارا ڪامٽي واسينگ وجهن ونگ
3. موهي متارن ڪي ماري ڪن ملنگ
4. تنهن جي نينهن نسنگ، موهيو مگڻهار ڪي**.

ڪنيار

سگهڙ محمد نواز جوٽيجي (ويٺل ميرو خان) چيو تہ ڪنير ٺل طرف جو ويٺل هو. هن دور جي وڏن شاعرن مان هو. سندس بيت اڪثر دادو ضلعي جي سگهڙن کان مليا، ۽ سگهڙ ميان نبي بخش خان لنڊ چيو تہ ڪنيار توڙي مانجهي ڏکڻ ٻئي دادو واري علائقي جا هئا. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ميان نبي بخش خان لنڊ کان ٻڌو تہ شايد ڪنيار بوبڪن جي طرف جو هو.

(1)

ڪنول قول ڪامٽي، ڪيس ڪڪر ڪارا
پيئڻ خاطر پنيگ جي وس ڪيا وسڪارا

---

* تاريخ 4۔ مئي 1960ع تي مرحوم جاڙي خان مري جي ڳوٺ (تعلقو سانگهڙ). سگهڙ نور محمد شنباٽي جي زباني قلمبند ڪيل.

** خاقل ٻرڙي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. بني بئينسر بين ۾ پونءِ پونگ. 2. وجهن تا ور ونگ. 3. آهو عين عجيب جا ماري ڪن ملنگ. 4. موهيو مگڻهار ڇٽي.

(1) نبي بخش خان لنڊ، محمد بخش چانديي ۽ محمد خان لغاري (قصبو) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ "سنڌ جو سينگار" ۾ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: (1) خيل ۾ خورشيد ٿيو. (2) مکڻ موچارا.

پلڪان پلپل پدمڻي، ابرو سيف سنهارا
نين تہ نرگس نازنين، وجهن دام دپارا
سيب ذقن، لبَ لاڪيڻا، دهن مين دلارا
مشڪي تہ مُک مان ٿين چاسينگن چمڪارا
ڪنگوءَ ڪر ڪونجر جو هن قمرئون قرارا
خورشيد ڏسي خِجِل ٿيو تڪن ٿا تارا(1)
قريبن آڏو "ڪنيار" چئي، چا ڪوئل ڪوڪارا
مڪڻان موچارا، آهن انگ عجيبن جا(2).

(2)

ڪن ڪنجن، بانا بڙچون، منهن مثل تہ ماها
لالي لبَن لال سان، ساجن ساڻ صلاحا
ڪنول ڪيس قريبَ جا، ورن وسايو واها
تڳيءَ ۾ تجلو ٿئي، جيئن چَڇينگرَ چاها
اِيندي اڄ عجيب پِرين ڪئي نرتئون نگاها
ٿي سرهائي ساها، لتِي ڪس "ڪنيار" چئي(1).

(3)

پڳ پدمڻي پليوري، ٿي هنجن حال هلي(1)
رنگ رين جو روپ سان، ڪيو مانو منڌ ملي(2)
پسي اوجر عجيب جو چوٽين ڪانہ چلي
سهہ پسي سوز ٿيا، تو ڏسيو ڳل ڳري(3)

---

(2) محمد بخش چانديي، محمد خان لغاري، محمد يعقوب برڙي جي زباني قلمبند ڪيل، ۽ پڻ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: (1) ٿيو سرهو ساها، ٿيا سرها ساها.

(3) محمد بخش چانديي، محمد يعقوب برڙي ۽ ٻيڙي ڪنيار جي زباني قلمبند ڪيل، ۽ پڻ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. ٿي هيرون پاس هلي، هيرن پاس هلي. 2. رنگ رپن جي روپ سان ٿي مانو منڌ ملي. 3. ٿي ڳجهہ اندر ڳري. 4. پپن گهاء پري، وڃي اليهر اولي ٿيا. 4. پپن ڪَنڌَ مان.

ڪنهن ويا "ڪنيار" چئي، آهو عرض ڪري
پپن، ڪون پري، وڃي آليهر اولي ٿيا[4].

(4)

ترني لوئي تل، سر ڪنڌ ۾ سرها ڪيا[1]
لوڏ ڪنجل جي ڪم ٿي، چال پسي چينچل
مورن مرڪڻ چڏيو ڪا جا پيڙن ڪل[2]
ڪوڪ ڪوئل جي ڪم ٿي، ڪوماڻا ڪ بڪل[3]
قريبن "ڪنيار" چئي، درس دکايا دل[4]
تنهين ماڳ مهل، ٿي سرهائي ساه ڪي[5].

(5)

چر چندن چهري گُني، ڪيس ڪڪر جي ڪام
پس پيا پر ڳر ڪري، ار ڳر جهڙا عام
قريبن "ڪنيار" چئي، درس دپايا دام
سرنگهه يچي پيا مام، لڪون ليٺ لباس چئي.

(6)

چٽي مانگ محبن چوٽو سر ڪنڌ ۾ سچليو
پيني پپن پاند پسي، دهشت جان دهليو

---

[4] رحيم بخش موچي، محمد يعقوب برڙي، دوست محمد عباسي، خاقل برڙي ۽ بيڙي ڪنيار جي زباني قلمبند ڪيل، ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. ترني مکي تل، ترني موکي تل، ترني ماري تل. 2. موٽڻ چڏيو. 3. ڳل سهه جو نا لڳي. 4. دوست پسايا دل. 5. انهيءَ ماڳ.

[5] نبي بخش خان لنڊ، رحيم بخش موچي، محمد يعقوب برڙي، خاقل برڙي ۽ بيڙي ڪنيار جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پڻ ڊاڪٽر سنديلي جي (رئيس نبي بخش خان لنڊ، خدا بخش حجام، محمد صديق الڪائي جي زباني) لکيت ۾ آندل روايت (س) سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: 1. چر چندر چهري گهٽي. 2. ارڳري جهڙي عام. 3. درس دمايا دام. 4. لڪون ليٺ لباس جي، لڪنون ليٺ لڄاو جي.

[6] ڊاڪٽر سنديلي جي قلمبند ڪيل روايت موجب.

پرون پونرن واسيا، واجهه وجهن ورلو
ڪلور ڪرمش ڪوئل لئي، پيس پرين جو پرلو
منهن تي لال موهيڙا موهن مشڪن ۾ مچلو
دگنا دام دلبر جا وجهن ڪونڌر ۾ ڪچلو
سج چنڊ سهٽو سپرين، هو تارن ۾ تجلو
قدمن منجهه "ڪنيار" چئي، ڪيئن گام ڪٽي گجلو
سر ساه ٽِئي سرلو جي واجهائين ور ڪٽي.

انڙ

انڙ جي بيتن جي ٻولي ۽ سٽاءَ مان ظاهر آهي تہ هو بہ هن دور جو وڏو شاعر هو. آخري بيت جڻ متي صفحي 130 تي ڏنل 'دينڻ' جي بيت جي پران چيل آهي جنهن مان ظاهر آهي تہ انڙ بہ آڳاٽو شاعر ٿي گذريو آهي. هي بيت اسان کي ميرپور ٻرڙي، ڪنڌڪوٽ ۽ ڪاڪيپوٽن جي سگهڙن وٽان مليا جنهن مان پانئجي ٿو تہ انڙ بہ ان طرف جو شاعر هو.

[1]

پب پاريور پدمٽي، مک منڌر گنير گام
ٽڳي، تهائي، تاس رپ، ٿن واڌو ڪئونت گدام
هنن جا اَنگ انڙ چئي، هن طرح برابر تام
مون پريان جي مام، ور پائي ورتو هنيان.

[2]

ونگيائين نہ وارن کي ٽا هيٺ ڪرن هر هر
تليهرئون تڪڙا ڪن وهنجڻ تي ور ور
جنهور جڙيس جان تي، مٿ نہ ٽيو مر مر
ڳوڙهائي ڳلن جي آهي بخمل کان بهتر
ابرو ايراني عجب وڏ چيهل کان بہ چٻر
بينيءَ جي بناو کان طوطيءَ ويو تڪبر

---

[1] محمد يعقوب ٻرڙي ۽ سيفل ٻني جي زباني قلمبند ڪيل.
[2] ڪنڌڪوٽ مان غلام نبي کان پهتل.

گفتگو ٻڌي گجريءَ جو ڪئي ڪوئل بس ڪوڪر
انهن ڪان بہ اپر، احسان وڌ انڙ چئي.

[تليهر = ڪاري نانگ جو قسم. ور ور = رنگ، رنگ ڪڍڻ. جهور = هيرن لعلن ڏانهن اشارو. مرمر = سنگ مرمر جو پٿر. ڳوڙهائي = زور ڳاڙهاڻ. ڇيهل = اشارو هرڻ ڏانهن. بيني = نڪ. بناو = ناهہ. تڪبر = وڏائي.]

(3)

اونهر ڪئون اونها پرين، آ جيءُ جني سان جال
نہ هرنو* هيسي تن جو اٿن وڌ آهو ڪئون اقبال
ميڃ نہ موافق سپرين، هن لاڪئون چڱا لال
انهن جي انڙ چوي، ڪج صفت سوائي سال
تنهن ماڪيءَ ڇا مجال، جو ميٺ پريان جي مٺ ٽئي.

(4)

ڄمون جئن چاٽيان، آهن نيڪ نواڙي جهڙا
خوب ڪنجن، ڏچ دامنيون، لطيفي لاتيان
ان جي عينن جو انڙ چئي مون ڪي ڏسڻ جي ڏاتيان
توجهہ جي تاتيان، ڪره ٽيائي ڪينڪي.

ڪيچي

اونهر ڪئون اونها پرين جيءَ جنهين سان جال
هستي ناه حساب ۾ چلڻ چيتي چال
ڇا رابيل چنبيل ڇا ڪرني گل گلال
ڇا لالائي لاڪ جي، ڇا چٺنچل جو هي چال

---

(3) سگهڙ مرحوم ملان جانڻ ولد ملان ربڏنو ڪٽي سومرو وينل خانپور (لڳ شڪارپور) جي زباني قلمبند ڪيل. ۽ پڻ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي روايت (س) سان پيٽيل.

* هرنو = هاٿيءَ جو ٻچو. هيسي = جوسي، جوڙ جيس. عالي دماغ سڄڻ سمجهہ ۾ سياٽپ ۾ سمنڊ کان بہ اونها آهن.

(4) خدا بخش حجام جي زباني قلمبند ڪيل.

ڪونهي ٻيو ڪيچي چئي، هي جاني جو ٿي جمال
بلنديءَ جو بحال، آهي صاحب تنهنجي سگهہ جو.

نوناري

وره ري وٽي، ڏره ري ڏارياس
گت ڪسي وئي گج ڪؤن، لڪين ليث لٽياس
نٽئينين، نوناري چئي، اڪيين مرگهہ مٺاس
پارڙِي پنبٽين سان، ڪي ساتِي سيڙاياس
آهي پرين جي پاراس، هيءَ منڊ نہ ماڙهن جهڙي!!

پنجو

پنجو غالباً دادو جي طرف جو هو جو سندس بيت اسان کي ان طرف جي سگهڙن کان مليا.[*] بيتن جي ٻولي ۽ سٽاءُ بہ آڳاٽي دور واري آهي، البت روايت جي غلطي سببان يا انوکي لغات جي ڪري ڪي سٽون سمجهڻ ۾ ڏکيون آهن.

ڇيهي پير چٽاس، ڪنگوءَ ورن ڪرائيون
ٽاج ٽتِيهر ٽا جِهمن، دونهينءَ دست رتاس
انگوشا عجب جا جنهوارين جڙياس
پؤنرا پوءِ پڇي ويا، سي ابرن نہ آياس
ختيهل ختمل خنت سا پيشانيءَ پلٽياس
سنبل کان سهٽاس، پسو ڪيس 'پنجو' چوي
نور اعليٰ نيهن جا مٿان روءِ روياس.

— —

ترنگ تيلاتنگ رهيا، ڇا ڇچو ڇا ڇيهل
مرگهہ ماڳين ماند ٿيا، ڇڏي ڪاڻ ڪنجل
ڪرمش منجهہ قريب ڪيا، ڪٽي اربيلا ارجل
در دلبر آيا دل، پوندا پيش پنجو چوي[1].

---

[*] خاص طرح ٻئي بيت 'لڏاڻ' جي سگهڙ محمد بخش چانڊيي کان مليا جنهن پنهنجي پيءُ مريد خان چانڊيي کان ٻڌا جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ ۽ شاعر هو.

ڪوري

آبرو ابرُ عجيب جا قوس تہ حاجت ڪانہ
ڏيهہ سسو ڪنير ڪتِي، لبين لاک وران
مرواريد مات ٿيا ڏسي ڏهر سندان
ابر اناران ايريا، طبل ٻڌي طرحان
دهن ميم مراتبي کھڙي ڏت ڏنان
ڪيسن تي، ڪوري چوي، آهن صورت جا سبحان
چِيهان چرن چڱان، سرني سپ سائيا.*

حليم

چيين پئونر پِرن، هن آهو عين عجِيب جا
جهڙي صورت سج جِي، تهڙي پيشاني پِرين
جهڙا گل گلابَ جا، تهڙا آنگ عجِيبَن
جهڙا تارا اُڀ ۾، تهڙي ڏک ڏندن
محبوبَ جي ملڻ لئي، ماڳَ جهليا ملڪن
لٽو هور "حليم" چئي، جڏ پاٻوهيو پِرين
سي مرُ عجِيب آچن، جن لاءِ ويٺِي واٽ نهاريان.

وسند

جِئن اِندلٺِ اڀ مون ايري، تنهن کان پيير وڏو پِرون
موتِي ڏند محبوبَ جا، سون نہ ثاني تن
چوان چوڙٽو چنڊ کون، منهن تہ محبوبَن
سونهن تہ سپيرين، ڏني والي پاڻ "وسند" چئي.

---

[1] دلدار فقير مستوئي جي زباني، ڪنڊڙي لڳ علي شير جاگيراڻي وٽ ڪيل ڪچهري ۾ 25_ جون 1966ع تي قلمبند ڪيل.

* سگهڙ مريد جت، لعل بخش حملاڻي ۽ عبدالرحمان مهيسر جي زباني قلمبند ڪيل، ۽ پڻ راقم ۽ ڊاڪٽر سنديلي کي بگتي شر ۽ خدا بخش حجام کان مليل. سيني روايتن کي پيتي اهو متن قائم ڪيو ويو آهي.

ملان

سگهڙن وٽ 'ملان ڪتي' نالو چاتل آهي ۽ هيءَ بيت شايد انهيءَ 'ملان ڪتي' جو ٻيا ٻئي ڪنهن ملان جو آهي.

هڪ پاڻ ٻہ حسن حسين، ٻيو هس سونهي ڳل هوت جي
جنهن خجل ڪيو خورشيد کي، جلوي ساڻ جبين
دهن مين "ملان" چئي، چيٽي جهڙي چين
ٻئيهي تہ پرين جي، ڪتي دعوي ڪين
ٽڙي تيڙن جان ٻيهي، ٻينسر بانو ٻين
زنخ عجب زيب سين، صوف طراوت سين نہ
سي "مولئ" ميل آمين، جن آئي مون احسان ٿئي.

جمال

هيءَ بيت جلال جي "جانب وڏ جلال چئي" واري خيال موافق چيل آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان 'جمال' بہ اڳ جو شاعر آهي.

هنجهن هلڻ سکيو هوتن کان هيڪر
ڪوئل ڪين ڪمائيو ٻوليءَ ۾ ٻيهر
ڏسي ڪرنگ ڪري پيا، عينن جا اوجر
راهل رمي روه ڏي، وهہ تيس ويچر
پسي دند دهاني دلبر جا، ڏڪي ويا ڏوڏر
چرن برابر چور نہ آئي، پڳ وڏ پاريهر
ملڪ فلڪ قربان ٿيا، ٻڌي سهڻي جا سينگر
انهيءَ ڪان بہ اپر، منهنجا جانب وڏ جمال چئي.*

هيئيون بيت جمال جو مرحوم نبي بخش خان لنڊ (جوهي) پڙهيو:
بخت پريا خوش تخت اتي هر وقت هميشہ رهندا سيتا سروچ
عجب ننگر وچ

* سگهڙ خدا بخش حجام جي زباني ڊاڪٽر سنديلي کي مليو. راهل. رائل = ڪونج.
حليم: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لکيت ۾ آندل روايت (س) مطابق. وسند: عبدالرحمان مهيسر جي زباني روايت ۾ (س) سان پيتيل.

سر ٻَئنڪان دستار ٻڌي پر جاما حسن امر وچ
پيا نذر وچ
لڙڪيان دي چمڪار ڪنون جيوين بجلي ٻَهي امر وچ
اوٽ انبر وچ
چشم ڪنون شرمندي آهو يچ لڪي وچ بر وچ
خوف اندر وچ
پئنچان پهچ ڪِرن ساتيري، ڪنگڻ سونهي ڪر وچ
جڙيا هنر وچ
زلف سياه وراڏي وِسهَر، مارن ڏنگ جگر وچ
پريي زهر وچ
صدقؤن ٻٽي بوراق عجب دي، جيوين تردي مين بحر وچ
آپ خضر وچ
صدق ٿيون سئين حوريان پريان جيوين يوسف ملڪ مصر وچ
ملڪ فقر وچ
داني ديک ديواني هويي هن نہ هوش خبر وچ
غرق صبر وچ
هاٿي مست مَهاوت دلبر ده ده ڪري شهر وچ
پيل ننگر وچ
ٿِيءَ 'جمال' شهيد جو پهتيئين دلبر دي دفتر وچ
پرهووين امر وچ

انهن شاعرن کان سواءِ جن جا نالا معلوم آهن، ٻيا بہ ڪي گني شاعر هن دور ۾ (يا اڳئين دور ۾) ٿي گذريا. چاڪاڻ جو سگهڙن جي زباني، اسان کي اهڙا بيت بہ ٻڌا جن ۾ شاعرن جا نالا ڏنل ناهن. مثلاً: سگهڙ ڪمڻ چارڻ هيٺيون بيت پڙهيو جيڪو گلن جي سينگار ۾ رچيل آهي ۽ ڪنهن سگهڙ جانو چارڻ جي بيتن کان متاثر ٿي چيو آهي.*

---

* ڪمڻ چارڻ (قلجي جي مشهور چارڻ قبيلي مان) هيءُ بيت سگهڙ قادر بخش چانگ جي ڳوٺ 'لڏان' (لڳ خيرپور ناٿن شاهہ) ۾ 4 - جولاءِ 1954ع تي ڪيل ڪچهري ۾ پڙهيو. سگهڙ جانو چارڻ جي بيتن لاءِ ڏسو متي باب ٻيو صفحا 72 - 73

صورت منهن محبوب جو جامي جم ڪياس
چا هوندو گل ڪيتڪي، چاهي طرح تپاس
چاهي گل گلاب جو چاهي گل گلاس
چا موهن، چا موتيو چا رابيلو راس
انهي جي اخلاص، هي من مستانو ڪيو.

هينيان ۾ بنا نالي بيت اسان جدا جدا سگهڙن کان ٻڌا جن مان پهرئين بابت ڪن سگهڙن چيو تہ اهو جلال جو چيل آهي. انهيءَ ساڳئي اسلوب ۽ ساڳئي قافيي تي چيل جلال جا ٻہ بيت مٿي 113 – 114 صفحن تي اچي چڪا آهن:

[1]

گت گنير، پڳ پليهر، ڪٽ ڪيهر، ڪچ رين(1)
ڪٺر ڪيس قريب جا ٽا سرس سونهن کان سين(2)
رم چيهل رائو ٽيا پسي چِيٽو چِين(3)
منهن مک م جبين، آهن آڻ جهل عين عجيب جا(4)

هينيون بيت انهيءَ ساڳئي نوع ۾ چيل آهي جنهن ۾ يوسف ڪتي جا بيت چيل آهن جيڪي مٿي اچي چڪا آهن.

[2]

گت گنير، پڳ پاريهر، سيهہ ڳچي، ڪٽ گام
اريند انار اودگر . ڪوئل لات لسان
تنهن جي نينهن ني رولي هئي، مومل منجهہ مڪان
جنهن کي سونهن ڏني سبحان، تنهن سان ماه مقابل چا لڳي.

---

[1] هيءُ بيت ميان محمد امين پوتاٽي جي زباني قلمبند ڪيو ويو. ميان محمد امين چيو تہ اسان جلال جو ٻڌو آهي. سگهڙ نور محمد شنباٽي هن بيت جي پهرئين سٽ، هڪ ٻئي بيت سان گڏي هيٺينءَ طرح پڙهي:

"گت گنير، پڳ پاريهر، سيهہ ڳچي، ڪٽ ڪيسري، ڪچ رين"

ٻيون پڙهڻيون: '1. ڪئنٽ ڪليهر ڪج رون'. 2. ٽيا سرس سوهن کان سين'. 3. اصل ائين. 4. 'منهن مڪبر چپ بين'.

[2] نور محمد شنباٽي جي زباني نقل ڪيل ۽ پڻ اندازا 1350هہ جي لکيل هڪ ڪاغذ تان قلمبند ڪيل: 1. اصل لفظ آخر ۾ "ڪٽ ڪسيري، ڪچ رين" جيڪي ٻئي بيت جا آهن. 2 ٻي پڙهڻي، 'اريند انار ابرو'. 3 ٻہ جدا پڙهڻيون: 'تنهنجي نينهن نرولي ڪئي هئي مومل منجهہ مڪان' ۽ 'تنهنجي نينهن نيرولي ڪئي هئي مون من منجهہ مقام'. 4. ٻي پڙهڻي: ماه مقابلو چا ڪري

باب ڇهون

ٽالپور اميرن وارو دور

جلال کان پوءِ وارو دور 12 صدي هجري جي آخر. يعني ڪلهوڙن جي دور جو آخري ۽ ٽالپور اميرن جو بالڪل اوائلي دور هو جنهن تي پوئين باب پنجين ۾ روشني وڌي وئي آهي. ان دور ۾ سينگار شاعري جو ذوق جلال جي پنهنجي مرڪزي علائقي يعني دادو واري علائقي کان ٻاهر وڌيو. ان بعد 13 صدي هجري (19 صدي) ۾ ٽالپور اميرن واري دور ۾ سينگار شاعري جو ذوق سڄي سنڌ ۾ توڙي ان سان لاڳيتي لس ٻيلي واري علائقي ۾ عام ٿي ويو. سياسي طور جيتوڻيڪ سنه 1259هه (1843ع) ۾ سنڌ تي انگريزن غاصبانه قبضو ڪيو مگر ان کان اڳ پنهنجي ملڪي آزادي واري دور ۾ جيڪو ادبي ذوق وڌيو هو سو سگهڙپائي توڙي شعر ۽ ادب جي شعبن ۾، پنهنجي اصلي بنيادن تي انگريزن جي اوائلي دور ۾ پاڻ وڌندو رهيو. تان جو انگريزن جي اجنبي تعليمي ۽ نظرياتي غلبي سنڌ جي آزادي واري دور جي ادبي توڙي هنري تخليقن کي ختم ڪري ڇڏيو.

هن 13 ـ صدي واري دور ۾ ملڪ جي هر ڀاڱي ۾ ڪيترائي شاعر ساماڻا جن 'سينگار شاعري' جي مختلف موضوعن تي بيت چيا. هنن اهي بيت جيتوڻيڪ جلال ۽ ان بعد ٻين شاعرن جي بيتن کان متاثر ٿي چيا، مگر ان هوندي به سينگار جي موضوع کي چڱي ڪاميابي سان نباهيائون. اڳين جي ڀيٽ ۾، هن دور جي سگهڙ شاعرن جي ٻولي لغت يا معنيٰ جي لحاظ سان ايتري ڳوڙهي نه رهي، بلڪ وڌيڪ سليس ۽ سولي ٿي. عالم خان لنڊ، چاڪر خان، شاهه محمد ديڏڙ راڄڻ شاهه، مينهن وسايو مڱڻهار ۽ دوس محمد هن دور جا وڏا شاعر هئا. جن جا بيت اسلوب توڙي معنيٰ جي لحاظ سان نهايت ئي دلپذير آهن.

اڳين دورن وانگر، هن دور جي شاعرن مان به گهڻن جون سوانح ۽ سندن سن سال معلوم ناهن. انهيءَ ڪري تاريخي سلسلي مطابق سندن ذڪر اچي

نٿو سگهجي. انهن سيني بابت اهو چوڻ مشڪل آهي تہ ڪهڙا اڳ يا ڪهڙا پوءِ ٿيا. اسان هن باب هيٺ سندن ذڪر جدا جدا خِطن ۽ پاڱن جي لحاظ سان هيٺينءَ طرح ڪنداسون:

(الف) دادو – لاڙڪاڻي طرف جا شاعر

(ب) اتر ۽ ناري طرف جا شاعر

(ج) وچولي واري پاڱي جا شاعر

(د) لس ٻيلي جا شاعر

(هہ) ساڪري ۽ ملير جا شاعر

(و) ڪوهستان جا شاعر

انهن پاڱن جي سيني شاعرن جو ڳن سلامت نہ رهيو آهي: فقط ڪن ٿورن شاعرن جا نالا ۽ سندن بيت اسان تائين پهتا آهن. باوجود انهيءَ جي سڄن سارن ڇهن مختلف پاڱن ۽ خِطن جي شاعرن جي نالن ۽ سندن بيتن جو زباني روايتن ذريعي هن وقت تائين سلامت رهڻ ڏيکاري ٿو تہ هن دور ۾ 'سنڌي سينگار شاعري' جو موضوع سنڌ توڙي لس ٻيلي ۾ عام مقبول رهيو.

(الف) دادو- لاڙڪاڻي طرف جا شاعر

دادو _ لاڙڪاڻي واري پاڱي ۾ سينگار شاعري جو ذوق مسلسل طور هلندو آيو ۽ هن دور ۾ بہ گهٽائي ڪي شاعر ٿي گذريا جن مان هيٺين جا چيل بيت اسان کي دستياب ٿي سگهيا آهن: عالم خان لنڊ، ٻيڙو چانڊيو، مانجهي ڊڪڻ، قادر بخش مري، نواز جمال، شاهہ محمد ديدڙ غلام محمد ڪتي، باقي شاهہ، چاڪر خان رستماڻي، عارف شاهہ مريد خان چانڊيو ۽ ڪي ٻيا. جيڪي بيت هٿ آيا آهن تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ انهن مان گهڻا سڀ هن دور جا وڏا شاعر هئا، پيو تہ جئن تہ هن دور ۾ سرائيڪي ۾ شعر چوڻ جو رواج وڌيو تئن 'حسن ۽ سينگار' جي موضوع تي پڻ سرائيڪي ۾ سهڻا بيت چيا ويا.

جلال جي وقت ۾ سندس ڳوٺ موندر سگهڙپائي جي رس رهاڻ جو مرڪز هو. 13 صدي ۾ ٽالپور اميرن واري دور ۾ انهيءَ رس رهاڻ جو مرڪز ڦري موجوده جوهي تعلقي طرف ٿيو جتي عالم خان لنڊ ۽ چاڪر خان

رستماڻي سگهڙپائي جو بنياد پختو ڪيو. ولي محمد لغاري، بهاول لغاري، حاجي ڪنڌو رستماڻي، حاجي موندر کوسو ميوو موچي لڏان جو سيوو خان جمالي 1880 – 1350ع واري دور ۾ اتي جي ڪچهرين جا مور هئا. سگهڙ شاعر قادر بخش مري ويٺل ڳوٺ ميرڻ ڪوٽ (قصبي لڳ) ۽ مانجهي ڏکڻ، قصبي لڳ حاصل خان لغاري جي ڳوٺ جو ويٺل، بہ انهيءَ دور جا هئا. ان کان پوءِ جا وڏا سگهڙ جيڪي اتي ٿي گذريا، تن ۾ محمد خان لغاري (قصبي جو)، مريد خان چانڊيو، نبي بخش خان لنڊ (ڳوٺ ڪمال خان لنڊ)، فضل چانڊيو (ڳوٺ غلام چانڊيو) ۽ ٻيا جن سان 1954 – 1958ع وارن سالن ۾ راقم جون پڻ ڪچهريون ٿيون.

عالم خان لنڊ

عالم خان ولد گنهور خان، لنڊ بلوچ، پاڙو گنهوراڻي، جوهي شهر لڳ (ڪوه کن اوپر طرف) ڳوٺ 'ٻُني' جو ويٺل هو. سنڌي توڙي سرائڪي جو وڏو شاعر هو ۽ رزم توڙي بزم وارن ٻنهي رخن تي شعر چيائين. جنگجو جوانن لاءِ چلتي ۽ چالي جا نظم چيائين، تہ ٻئي طرف محبوب جي حسن ۽ سينگار بابت سهڻا بيت چيائين. سگهڙ مرحوم ميان نبي بخش خان لنڊ جي روايت موجب اندازا سنہ 1850ع ڌاري هڪ سؤ کن ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

دستياب ٿيل مواد مان معلوم ٿئي ٿو تہ عالم خان مختلف موضوعن تي سهڻا بيت چيا. چلتي ۽ چالي وارا سندس بيت اسان ڪتاب 'جنگناما' ۾ مثال طور آندا آهن[1]. سندس هيٺيون بيت 'حڪمت ۽ دانائي' جي موضوع تي چيل آهي:

گوهر گفتا جن جا، نڪتا نافع تن
لاهن ٿا لحظي ۾ مرچا متئون من
تون بہ وٺان تن، وٺي اچ اوجر عالم خان چئي.

---

[1] 'جنگناما' لوڪ ادب سلسلي جو اٺون ڪتاب. سنڌي ادبي بورڊ، 1404هہ 1984ع مقدمو صفحا 75 – 74

جلال جو بيت هو تہ[1]:

گهنڊ نهين اسرار حقاني جس وچ چمڪي نور چمن دا

عالم خان انهيءَ جي پيران بيت چيو تہ[2]:

گهنڊ نهين اسرار حقاني، جس وچ مک دلبر دا
اولي وچ ڪري الولان هيبت شاهہ بحر دا
هر جنس وچ رهي هميشان، هي گهڙيندڙ گهر دا
اين گهنڊ جاني خاوند خود 'عالم' شڪراني ڪردا

محبوب جي حسن ۽ سينگار بابت عالم خان بيت چيا تہ:

(1)

ڪالي ڪيس تليهر تکي، ابرو قوس ڪمانا
مزگان تير تہ ٻين بچيئنديان جوڙڪي جند نشانا
هرڻ حيران هروشي ڳڌي، ٿئي ڏٺي ديد ديوانا[3]
چلدي چال چلي نهين چئنچل، هستي ٿيا حيرانا[4]
صورت ڏيک سسيا وچ سورج، قمر ٿيا قربانا
عالم خان مليا متوالا — وه جي!_ هر ويلي شڪرانا.

(2)

بال ٻِشيهر، بانو پونري، ماٽن مشڪ مدام
جهل ڪر، هل ڪر، ماه متون، ول وينس
پهن پا دام
نين ڪمل هن ڪيف ڪشي، وچ عشق
غضب اغمام
لب لاڪيٽي، مشڪ لجاٽي ماٽي هن ماتام
موتِي موڙهي، ڳوڙهي ڳل، هن احمر انگڙي عام

---

[1] ڏسو مٿي صفحو.
[2] هي پڙهڻي بيت جي اصل پڙهڻي مطابق پوري ناهي.
[3] هروشي = روزانو.
[4] هستي = هاٿي.

هرڪي هي ول وينگس دي، پب هن اور حمام
گج ڪبڪ تين هرني ڪون اعجاز ڪري اقدام
هور هٿاوي حسن وڪا ڪر، بَدر نہ پانوي بام
تنهن تجمل نال تمام، "لنڊ" جيهي لک لوڙه سٽيي.

چاڪر خان رستماڻي

چاڪر خان پٽ غلام حسين خان رستماڻي بلوچ، ڳوٺ ڇني (تعلقي جوهي، ضلعي دادو) جو ويٺل هو ۽ پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس ۽ رئيس هو. وڏي گن وارو هو. ڪيئي پروليون، پهاڪا بيت وغيره سندس نالي سان مشهور آهن. حڪمت بہ ڪندو هو. سگهڙ شاعر ڪوڙو فقير ميراثي سندس خاص صحبتي هو. چاڪر خان آخري عمر ۾ نابين ٿي پيو پر تہ بہ وٽس هميشہ ڪچهري لڳل هوندي هئي. نوي سالن جي وڏي عمر ۾ سنہ 1904ع ۾ وفات ڪيائين. سينگار شاعري ۾ سندس هيٺيون بيت جلال جي انهيءَ بيت جي پيران چيل آهي جيڪو مٿي باب ٽئين هيٺ صفحي 106 تي (عرق عنبر تي – الخ) اچي چڪو آهي.*

ڪارا ڪيس ڪٿوري جهڙا، ارمايائون عنبر ڪي
تار زلف جي، مار مرن ٿا، عجب لڳو ازدر ڪي
جلوي جوت جبين جي جهلڪي، ڪيائون قيد قمر ڪي
مرگهہ ٿيا نہ مقابِل يارو، نسنگ اِچي نٿرڪي
ابرو قوس ڪماني ڪيئن ٿا مارن مرغ بَشر ڪي
مزگان تير سنباهي بيٺا، جنگ فرنگ فجر ڪي

---

* نصبي جي سگهڙ محمد خان لغاري، عمر هڪ سؤ کن ورهيہ جڏهن 23_ جنوري 1958ع تي ...س ڪچهري ٿي، چيائين تہ: عالم خان ۽ چاڪر خان اسان کان اڳ ئي گذريا. انهيءَ ڪري ...البا چاڪر خان اڳ 19_ صدي ۾ وفات ڪئي.

ٻيون پڙهڻيون: ڪارا ڪيس ڪٿوريون جهڙا. 'مزگان صفون سنباهي بيٺا جيئن جنگ فرنگ فجر ڪي'.
خوشڪان سنگ مرمر ڪي. ڊاڪٽر سنديلي ڪي مليل روايت ۾ آخري سٽ کان اڳ ۾ هيٺين سٽ:
'ڪمر ڏسي ڪيهر ڪنبي ويا، جئن پسن يعقوب پسر ڪي'

انف ٽيو منقار مثل، تو شرمائي شهپر کي
لهسيا لعل بَدخشان مرجان، عجبُ لڳو احمر کي
در دندان رماني داڻا، سهمائن سنگ مرمر کي
چاهه زنخ ڪنعاني هويا، موهيئين شاهه مصر کي
پِستان بوءِ بهاري بِيڻا، عجبُ انار عطر کي
قد تئون سرو صنوبر صدقي، چاهي شان شجر کي
اي "چاڪر"! پنهنجو حال اچِي ڪر پيش علي اڪبر کي.

غلام محمد ڪٽي

ڪن روايتن موجب غلام محمد ڪٽي جلال جي ڪٽنب مان هو. سندس چيل "نانگ جو قصو" مشهور آهي.

جهڙا قوس قريب پرينءَ جا، تهڙا ٻئي جا ڪين ميان
زلف مسلسل عنبر سارا، مار سيه مشڪين ميان
پيشاني تي پاڪ پرين جي، پگهر مثل پروين ميان
احمر عارض، انور گلگون، نازڪ جيئن نسرين ميان
لعلن کئون لب لال رنگيني، رشڪ شڪر شيرين ميان
موتين کئون وڌ ڏند مصفا، سهڻا در يمين ميان
انگ اندام عجيب سندا هن صاف صفا سيمين ميان
خلعت خاصي بَر تن زيبا، ظاهر زر زرين ميان
جهڙس ڪونهي ٻيو تان جڳ ۾، ظاهر روءِ زمين ميان
وهه وهه وصف عجيب جي ڏاران، ٻولي ڄاڻان ٻي نه ميان
بيت بنايو غلام محمد، طرز انهين تخمين ميان
الله ڪندم آمين ميان، مان ملان تنهن دلبر سان.

ٻيڙو چانڊيو

جوهي ۾ مرحوم نبي بخش خان ٻڌايو ته ٻيڙو چانڊيو اتر جو هو جنهن جي معنيٰ ته لاڙڪاڻي ضلعي جو هو. هڪ سگهڙ چيو ته 'ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو' سندس نالي سان سڏجي. ٻئي سگهڙ چيو ته ٻيڙي بلوچڪي ۾ به سينگار چيا هئا، ۽ سندس هيٺيون بيت 'ليليٰ' جي حسن ۽ سينگار بابت ٻڌايائين.

چنڊي عشق چانڊيو چئي ڏرتي ڦشت لگار
ليليٰ ۽ مجني جو ٻڌو هي آچار
ڊندان جنهن جي دهن ۾ جوڙ پريون جنسار
عين تہ آهو ڪؤن پلي منهن پيشاني پار
صورت جنهن جي سقري هئي ناز پري سا نار
اصل هن البيلي کي تن نہ هي ڪا تار
وار تہ واسينگن جان چوڙيون ڊاري ڊار
زلفيون هيس زور پريون هٿ ڪن ڪاريهر ڪار
اهي ڏسي اسرار مجنون مستو مست ٿيو.

پيڙي جو هيٺيون چيل سينگار جو بيت دادو جي سگهڙن جي ڪچهري ۾ عام مقبول هو تہ:

سرو قدارا دلبر ميڏا، حسن تڪا تلوار ڪنون
بخت وندان نون بخرا مليا، صورت دي سردار ڪنون
منهن مهتابؤن سؤ ياڱي پلا، گذر پلا گلزار ڪنون
خوبي خوب حسين هميشہ، وڌ پريان دي پار ڪنون
حوران ڦرن حيران هميشہ، دهشت دعويدار ڪنون
خوش ٻولڻ نون ڪنوڻ هميشہ، تات مني تڪرار ڪنون
پان پلا پؤ نال گذاري، صورت دي سردار ڪنون
ماه ملحظا مور نہ چوڙي، چشمان دي چمڪار ڪنون
ابرو عين عجائب ڪيوي، سال سجي جِنسار ڪنون
سهسين ساز آواز تماشي، گڙد ٿيون گفتار ڪنون
صحت ثابوت، سيو تن تازا، آجا ڪل آزار ڪنون
ڪالي ڪيس تليهر تڪي، ڏور ڏرئي ڏهڪار ڪنون
”پِيڙا“ ٻاجهہ منگي هر ويلي، ڪلمي دي تہ قرار ڪنون.

مانجهي ٻڪڻ

سگهڙ مانجهي ٻڪڻ، تعلقي جوهي جي ڳوٺ قصبي لڳ، حاصل خان لغاري جي ڳوٺ جو وينل هو ۽ سؤ کن سال اڳ ٿي گذريو.[1]

---

[1] رئيس مينهين خان جمالي (تنبو رحيم خان، تعلقو جوهي)، محمد خان لغاري (ڳوٺ قصبو، تعلقو جوهي) ۽ نبي بخش خان لند جي زباني نقل ڪيل ۽ پيتيل

وه وه ويس، ابر تو ڪيس، لپيٽيا سيس، چوان آديس
سنبل سم ڪارا
تهنجي تار، تہ ڪيف ڪنار، چاٽان شہ مار، زلف زيبدار
پرن هيڪارا
ممولامين، طرح ۾ تِين نہ آهو غمگين، ساٽن سنگين، تہ جاءِ نشين
ڪن نظارا
انف اننگ، تهين ڪي ہنگ، تہ خوب ختنگ، مچاوي جنگ
پرين تو پارا
ڪنيا تو چم، تہ لاٿئي غم ....
تائب ٿيا تارا
سنڌي تو لات، ....
مانجهي ڏاڪاڻ، پارس پاهاڻ، گهري ٿو ڏاڻ، تہ پاڻ سراڻ، لهي ڪاراڻ،
ٿيوي چٽڪارا.

نواز

نواز پنهنجي هيٺين ننڍي مگر مؤثر بيت ۾ هاٿي (ڪنجل)، شينهن (قيصر)، مور (طائوس)، هرڻ (مرگهہ) تورڙي سج (آفتاب) ڪي محبوب جي حسن جي پيٽ ۾ هيچ ڪري ڄاڻايو تہ:

ڪنجل قيصر ڪنبئا، ٿيا طائوس ترڪ
نيٽن ڪان نواز چئي، چڏيو مرگهہ مرڪ
آفتاب عرق، ڪئو محسن منهن محبوب جي.

نور محمد

نور محمد جو هيٺيون بيت جوهي جي سگهڙ مرحوم نبي بخش خان لنڊ ڪان مليو ۽ پانئجي ٿو تہ نور محمد دادو طرف جو شاعر هو. ٻي هڪ روايت موجب اهو بيت ڪاماري شريف جي پير نور محمد جو آهي.

مست اکيان محبوب ميڏي ديان مڻ واليان مخمور ڏوهين
قامت سرو مقدس ابرو دائم خوش دستور ڏوهين
دست سخاوت، داد دهش ڪر، مؤج گهنن مسرور ڏوهين

جاءِ گلاب پگهر دي گهت ٿئي باس ڪنون پرپور ڏوهين
ڪرن سلام سڪندر دارا آءِ مثل مزدور ڏوهين
دم دم چمدي خاڪ قدم خاقان اتين فغفور ڏوهين
نور محمد نبي علي دي حاصل ڏيک حضور ڏوهين.

شاهہ محمد ديدڙ

شاهہ محمد، ڳوٺ ديدڙ (تعلقي قنبر، ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ سنہ 1249ھ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي خميس رات، رمضان مهيني جي 16 تاريخ سنہ 1309ھ ۾ وفات ڪيائين. پاڻ عالم ۽ اديب هو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. حمل خان لغاري جو همعصر هو ۽ حمل خان جي ڪلام جو مٿس اثر هو. حمل خان توڙي لطف علي جي بيتن جي پيران سهڻا بيت چيائين. سرائڪي ۾ سندس چيل سنگار بہ نهايت سهڻا آهن.

[1]

سندر سجني، سينڌ سٿي، ڪيتا سر کنڊ هي
سينگار ميان
زلف سياه سسيهر اٿ هي پؤنر سندي
پٽڪار ميان
ڪنول قهاري، ڪيف ڪجل هن اکيان
ميگهہ ملار ميان
سرخ تِڪا، لب لالي، ڏند هن موتِيان جڙي
مهار ميان
قد صنوبر، سرو سهڻي دا، ماڪي هي
لب لار ميان
ليث لڪيٽي، لاڏ لڏي، بازو بَند بَنيي
زريدار ميان
پير پٺونٽڙي پاليهر دي، چاسينگر
چِمڪار ميان
مور، ڪبڪ، هنج، وارڻ ونگي، راٺل دي
رفتار ميان

ڪوئل وردا ول نا ولي، سڻ گوهر دي گفتار ميان
اختر، اِند، ابُر اڳئي پس جانب دا جِنسار ميان
دم ”ديدڙ“ ڪنون دلدار ميان، شل جدا نہ جالي جڳ وچ.

[2]

چوڙ زلف، دل بَند ڪيتي، ڪج ڪيس ڪڪر سرننگي
ڦردي پؤنر، ڦساون ڦَن ڪون وينس و سيهر ونگي
ڪالي ابرو قوس ڪمانين، نينان نظر تفنگي
خمري خوۃ خنجر ڪون جلدي آ هڻ جانب جنگي
جال مهر تي، خال ذقن تي، تال ڪنون دل تنگي
هسلي هس هلال حبِيبان، بَينسر بِيني منگي
مک مندري، آڳ مهرو دا ڪيا اِند رپ احمر رنگي
ڪتِي روشن ڪؤن ڪهي، دل ٻهڪ ٻتيهي ٻنگي
ڪبڪ قدم وچ ڪمي رهہ ڳئي، توڙي ڪڙي دنگي
چيلهہ چتر هي چيتا چريا، چرني چِيهي چنگي
ٿئي ”ديدڙ“ نال درنگي، دلبر دي ديدار ڪنون.

[3]

مهر اتين مهتاب رهن، مشتاق صنم دي روۃ اتي
سنبَل وينس وسيهر وهسن، مشڪ معطر موۃ اتي
پئونسٽِ ڦوڙ ڦساوي ڦندان، گوش گره گيسوۃ اتي
سرو سمن، صد خِجل صنوبر، قد دي صفت سوۃ اتي
لک لقمان افلاطون ڦردي، ڪيوي صنم دي خوۃ اتي
بُلبل پؤنر بيراڳي ڦردي، باس بَدن دي بُوۃ اتي
خِجل ڪبڪ طائوس رهن جان جانب ڦلدا جوۃ اتي
”شاهہ محمد“ شالا هووين، ڪلب پِريان دي ڪوۃ اتي.

فقير عبدالرحمان چانڊيو

نواب غيبي خان جي جاگير تعلقي قنبر ۾ رهندڙ هو ۽ شاهه محمد ديدڙ جو همعصر ۽ صحبتي هو.

کول نقاب جو نڪتا جاني، ڪيتس قيد قمر ڪون
سورج گم گگن وچ هويا، ڪالي ويک ڪڪر ڪون
آتش عزم چوڙيا هن اولي، بدر لڄايا برقون
ڦهڪ ٿئي فانوسي خالي، ڏيک اٿان انور ڪون
منهن مهتاب مثي منور دا، سهمايس سوجهر ڪون
سون سوهي وت سونهن چوڙي، ڌهه ڌهل پيا دلبر ڪون
سرس سجڻ وت سائين ٿاهيا، اتڪ نهين اڏگر ڪون
ڌهه پيا گر ڪر ڪول قدم تي، گام نهين گجر ڪون
عبدالرحمان عجيب ميڏي دي، پسند صفت پرور ڪون.

صيفل ساڪاٽي

صيفل ساڪاٽي چانڊيو ڳوٺ پير صالح شاهه تعلقي واره ضلعي لاڙڪاڻي جو ويٺل هو[1].

سرو قدي تنهن سهڻي سونهن، صورت تي سينگار ڏوهين
آهو عين عجيبان دي، وه نور اتين انوار ڏوهين
ترڪش تير تي مزگان والي، تيز تبر تڪرار ڏوهين
آڻ ڦساون عشق دي انگڙي، شاهه گدا تابعدار ڏوهين
زلفان دي زنجير گهتن، هن حريف، حڪمدار ڏوهين
ول ويڙهه ٻهن واسينگان وانگي، گنج مٿي سي مار ڏوهين
هڪڙي ڪاون، ٻئي بچاون، ول مارڻ ڪاڻ تيار ڏوهين
منبر لڳي، دل بند تيوي، ڏيون ڦوڪ فراق ڦٽدار ڏوهين
در دنداني دلبر دي هن، موتي مٽيادار ڏوهين
رخسار ڏوهين محبوب ميڏي دي مصحف دي اطوار ڏوهين
صيفل ساري سمجهه حقيقت، احد احمد اسرار ڏوهين.

---

[1] ماستر فتح محمد کان پهتل روايت موجب.

عارف شاهه

شاهه پنجي جي سيد ملوڪ شاهه جي زباني آهي تہ سيد عارف شاهه بخاري، شاهه پنجي، تعلقي دادو جو ويٺل هو. سيد ملوڪ شاهه چيو تہ هو سندن ڏاڏو هو*.

(1)

ترنگ تليهر تِين نہ، وڏ سورج ڪان سهٽا پِرين
ڪِيو ڪٽڻ خمار مان، متي نين نگين
سهه ڳِچِي، ڪت ڪيسري، اهڙي روءِ رِبين
ان جا "عارف شاهه" چئي، ايڏا آڏر آمين
ذوقي سر زمين، مون گهر سڄڻ آئيا.

(2)

سحر ويل، صنم ڪي سجاڳ پسي، قمر اختر ويا ڏرندا
پونر پِندا، وجهن ڪر ۾ ڦندا، وچ پوي وچ وندا
ڪنديون ڪندا، ميڙن جندا، ديهه ٻَڪي جيئڻ چندا
نين سياهي، نرگس جان، جهانءِ وڏيءَ سان جهوندا
ٿا ڪيپ ڪنجن تي خوب چڙهن، جڻ عين اٿس مي ڪوندا
گتِ گوهر ڪي ڪنجل ڪيري، مور ويا پڻ مرندا
اهو عين عجِيب پسي، رڻ روهن ۾ ويا رڙندا
شمع چڏي پروانا آيا، پڻ پونر متِس ويا پِرندا
سحابَ سياه سڄڻ سرسيءَ لئي، آيا ڪوثر مان ڪهندا
جِي گهٽائي جهرندا، جن اکيين ڏنو "عارف شاهه" چئي.

* ڊاڪٽر سنديلي ڪان پهتل روايت موجب.

(1) سگهڙ مريد جت (ڏوڪري)، ميان محمد امين پوتاڻي (دريجي) ۽ عبدالرحمان مهيسر جي زباني روايتن ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيل متن (بيت) سان پيٽيل. ٻيون پڙهڻيون: آهن سورج ڪان سهٽا پرين. ڪٽي نيڻ خمار مان.

(2) ۽

ا

هر ون هور حسين هرن، ڪن عنبر سين اشنان ميان
ائنگون اخضر پوش پرين، گل ڪين ٽيو يڪسان ميان
سحر ۾ ساجن، ڪوئل ڪوڪي ڪرون ڪ ڪهڪار ميان
ڪنول ڪنولي ڪونڌر ڪجلي، اڏر لال رمان ميان
سنبل سيسونگر سرتن سورج، رو رابيل دندان ميان
اره اسونگر، ڪونگر ڪيلا، هسلي حسن حيران ميان
هونٺ گلابي، رجل حناون، سيب ٽيو زنخدان ميان
پوپٽ پنري پيٺ پرين، گٽ گنير گوگو ران ميان
دو نينان ڪي ميخان ميان، اڳ عارف تو اڏ ري.

سيد باقي شاهہ

باقي شاهہ جو هيٺيون بيت مرحوم نبي بخش خان لنڊ جي زبان جو هي ۾ قلمبند ڪيو ويو ۽ غالبا هو دادو واري پاسي جو شاعر هو.

رخ دلبر، مهتاب ملائڪ، يا خورشيد فجر دا
ڪيا سهماوي مشتاقان ڪون، يوسف ملڪ مصر دا
تنگ دهن وچ دند رهن، ڳل حلقا ٻول بئنسر دا
ڪاڪل مار افشار ڪرن، جيوين سنگ ترِياق عطر دا
اي ميان "باقي شاهہ"، ڏتا پڙ بالم پڙڪا حسن مهر دا.

حاجي عبدالقادر صديقي

حاجي عبدالقادر صديقي پاٽ جو ويٺل هو ۽ سنہ 1889ع ۾ حال حيات هو. عربي فارسي پڙهيل هو. ڪلام، مولود ۽ قافيون جوڙيائين. سندس هيٺيون بيت سينگار شاعري جي موضوع تي چيل آهي.

مت نہ منهنجي محبوب جو، توڙي سوين ڪن سينگار
جاڙا پرون جانب جا، ڪاڪل ڪنڌيدار
اکيون ڪجل ري ڪاريون، چپ چاشنيدار

ا باڪمر سنڌيلي جي قلمبند ڪيل روايت موجب سکڻ جي پڙهڻي اينترو صحيح ۽ سهڻي ناهي

ڳچي مثال ڪونج جي، ٻيا واڌو سندس وار
پير آهنس پدمڙا، منجهه جتيءَ جرڪيدار
عبدالقادر اهڙي يار جو تون گولو تي گذار
ساري سڀ ڄمار رهه دربان ان جي در تي.

مريد خان چانڊيو*

مريد خان پٽ ڪرمعلي خان چانڊيو پاڙو طاهر ڪوٽي باغائي، ويٺل لڏان، تعلقو جوهي پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ هو. سؤ سالن کان مٿي عمر ۾ سنه 1956ع ڌاري وفات ڪيائين.

مونکي واهه وڻن، سهج ٻه تنهنجا سانوري
ڪاري ڪاريهر جان وڏا ونگ وارن
پنيا وار پِرن تي جاڙا ٿا جڙن
اکيون ڪيف ڪڪوريون آليون عجيبن
چِلڪي پيشي چپ تي سرخي سؤ پيرن
موتي ڏند پريانءِ جا جڙيا جنسارن
هئو هس ڳچيءَ ۾ دهري ني دوسن
بازو بند بنائيا سي ٽيلي ساڻ ٽيلن
منڊي مون محبوب جي ڏاڍي ٽِنڊ ٽِڪن
اره انار عجيب جا جت گوشا ڪيا گلن
ليٺ پينگي؟ لڪ ڏسي جت لرزيا لوءِ وچن[1]
پاريهر پيرن تي پيا ڪڪڙا ڪيرت ڪن
هنجهه هستي حيران ٿيا پيو مونجهارو مورن
پرور وجهه پِرين، مون ڏي ماڙ مريد چئي.

سگهڙ مريد خان هيٺيون سينگار جو نظم 'هندي' جي اسلوب ۾ چيو ته:

ڪرون بسم الله جو ساجن چليا
ڪليئي ڪيس ڪالي ڪاريهر ڪريا

---

* راوي فضل چانڊيو ڪڇهري بهاولپور بنگلو تعلقو جوهي 7 ـ جولاءِ 1958ع.

[1] ٻي روايت "ليٺان پيني لڪ تي جت لرزيا لوءِ وچن"

ڏي پؤنرا پنواتي پٽي تي پيا
ڏني عين آهو چيهل وچ چپيا
اڳون انف طوطا کيل هي ڪجا
روشن رخ تيرا منڊر مست ٿيا
ڪرن کيل ڪنوٽان آسمانا شعا
سڀوجهي سڄڻ ميل هر ٻُن هوا
لبن لال لالي هندوا هنيا
اڳون ڪرڪيلا جهونا تي جهريا
ڏني ڏند موتيين ڪيتي جرجا
پسي ڪنڌ ڪونجين ٿيان عرشين اڏا
سيني ڪا سلامي ڪو تجمل هوا
ڪليي گل گؤنتي وچ باغين بنا
ڏني چِين چيتا ڳيا پٽ لڪا
پاريهر پکي آ پيران تي پيا
چڙي چار چٺنچل گنير نا گڙيا
رکون حب تيري سخي مرتضيٰ
مهر ڪر مريد تي مشڪل ڪشا
سيئي رنگ عجائب جنهنور جڙيا.

موهن فقير

موهن فقير، ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ سنه 1848ع ڌاري ڄائو. پنهنجي مرشد شاهه نصيرالدين نقشبندي نوشهرائي جي نظر سان رچي ريٽو ٿيو. سنه 1223هه/1905ع ۾ سيوهڻ ۾ گذاريائين ۽ سندس سماڌي عاقل جي ڳوٺ ۾ آهي. ڪلامن ۾ پنهنجو نالو موهن، هومن، منهو توڙي مهنو جي صورتن ۾ آندائين.

(1)

محبت مٺي محبوبن جي، ڪوڙي آهي ڪين
راحت منهنجي روح ۾ صحبت آءِ سندين

هتي تت هندول ويا پسي لعل لبين
’هومن‘ هن حسين، مين موتيءَ کؤن سونهٽا.

(2)

مين موتين کان سونهٽا، لب لاليءَ کان لعل
برق بصر جي ناهه برابر مٿيل موءِ مثال
طوطي انف نہ تهڙو سرو سئوءَ کان سال
مين تہ مک نہ اهڙو منہ ماهہ تہ ناهہ مجال
ڪيسر ڪت نہ ڪار ۾ گت نہ گنير چال
مصري مٺ نہ مانگهہ جو وحدت وڏ وصال
تنهنجي خوض خيال، ’مهنو‘ مرداري ڪيو.

پنجڻ

’پنجڻ‘ غالباً ساڳيو سگهڙ ’پنجو‘ آهي جنهن جو بيت مٿي باب پنجين هيٺ صفحي 153 تي اچي چڪو آهي. هن بيت جي لغات وڏيڪ غور طلب آهي[1].

ڏڌ دنير، پگ پاريور، عجب اورن اور
نس چوهر ۾ چيڪن گهٽو چس چاسينگر چور
ممون منڌر قيل ڪوئل، ڇاجي هرڻ هور
ڪؤنت قوست، ڦن پسارت، تل نہ تهين طور
اوه آڌت، پِهہ بِنگي، آ هيءَ قريبن ڪور
سمڪ مٺ نہ محبوب جو تي سمڪي منجهہ نهور
ماڳ چڏي ويا مور، ويا وري پاريور ”پنجڻ“ چئي.

شاعر غير معلوم

شاعر غالباً دادو طرف جوءِ جلال واري دور جو هو جو سندس بيت جو اسلوب ان آڳاٽي دور وارو آهي[2].

---

[1] هيءَ بيت وڏي سڄاڻ سگهڙ بگٽي شر جي زباني قلمبند ڪيو ويو.

[2] وڏي سگهڙ بگٽي شر جي زباني قلمبند ڪيل 2. اصل ’وتني‘ جنهن ڪي ’وت ني‘ توڙي ’وتٽي‘ پڙهي سگهجي ٿو. اصل ڍارياس. 2. اصل لتاياس 3. اصل. پانڌي پنبٽين سان. ساٿي سيڙاياس.

1. ورهه ري وتّي ڏره ري ڏاراس
2. گت ڪسي وئي گج ڪئون، لکين ليٺ لٽياس
3. پار ڏي پنبڻين سان، ساٿِي سيڙاياس
4. پرين جي پاراس، هيءَ منڊ نہ ماڙهن جهڙي

1. شايد معنيٰ تہ: فراق ڪان سواءِ بہ هو (مستي مخموري ۾) پئي ڦري (وتّي = هلندي وتي) 2. هاٿيءَ ڪون بہ هلڻ جي لوڏ ڪسي وئي، ۽ پنهنجي سنهي چيلهہ سان شينهن کي بہ هيسي هيٺ ڪري ڇڏيائين. 3. پنهنجن پنبڻين جي تير سان هو هڪدم نشان ڪري ڇڏي، جنهنڪري شڪاري (پارڌي) ۽ ستيندڙ ساٿڙيا اجايو پيا سيڙجن. 4. سندس پار پرين وارا آهن، ۽ سونهن ۾ هيءَ منڊ ڪا عام ماڻهن مثال (ڪانهي).

مٿين شاعرن ڪان سواءِ جن مان گهڻن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن، لاڙڪاڻي ۽ اتر طرف ڪي بيا بہ سگهڙ شاعر ٿيا جن جا بيت اسان ڪچهرين ۾ ٻڌا. مثلاً هيٺيان بيت اتان جي سگهڙن پڙهيا جنهن مان پائنجي ٿو تہ انهن بيتن جا شاعر پڻ ان طرف جا هئا.

پب پاريهر، گت گنير، عجب جاني جو
سهہ ڳچي، ڪٽ ڪيسري، ساجن منهنجو سو
سٽي لات لطيف جي ڪوئل ڪين ڪچيو
بنا تن ريءَ تو ناهي آرام اکين کي.[1]

--

ڪنگوءَ جيها سڄڻان، ڪار ڪنگوءَ جي ڪن
ڪرڪن ڪئيل پکي جان، لات لطيف لنون
آهيني ڪؤن اڳرا، وڃن جهڙي ون
ٺهريا گهمن ٿان تي، لڳ نہ لڏي تن
زمين پئي زاريون ڪيون، مان تي مان اچن
مان کي موهيو تن، جن موهيڙا منهن تي.[2]

---

[1] محمد عمر چني. ڳوٺ بهمڻ تعلقو رتوديرو جي زباني 12 - جولاءِ 1980ع تي قلمبند ڪيل.

[2] ۽ (3) اهي ٻئي بيت سگهڙ سچل شر. سنجر پور لڳ محمد آباد (تعلقو صادق آباد) ۾ مرحوم پير مبارڪ شاهہ صاحب وٽ 6 - اپريل 1965ع تي ڪيل ڪچهري ۾ پڙهيا.

سنهبا ماڻهو سهڻا لهُڪڻ جان لهڪن
چيلهه سنهي منهن موڪرا ڪڙي کهنبي ون
جتي اوجر پوش جئن آندي اُستادن
هيئڙون لامون لاڪ جون، مٿي ڏوڻر تلن
مان کي موهيو تن، جن لال موهيڙا منهن تي [2]

منهن مهتاب سجڻ جي تان قمر ٿيو قربان
پسي عين عجيب جا، مرگهه ٿيا مستان
مزگن ڪان محبوبن جي، وڃون منجهه وجدان
مت نه پانيان ڏندن جي، موتي ۽ مرجان
قوس قزح چا لڳي، آبرو سيف ڪمان
سرو ڪري قدمين پيو، ڏسي قامت قربان
ڪبڪ هلڻ ڪان ڪنبي وئي، هاٿي ٿيا حيران
دل ۾ گهاء گهڻا ڪيا، پلڪن جي پيڪان
ڪوڙين ٿيا قربان، محبت متوالا اڇي [1]

(ب) اُتر ۽ ناري طرف جا شاعر

دادو - لاڙڪاڻي واري طرف کان 'سينگار شاعري' جو ذوق اڳتي اتر طرف مديجي، ڳڙهي ياسين، شڪارپور، نل طرف وڌيو ۽ غالبا پوءِ اتان ئي روهڙي ڊويزن واري علائقي ۽ ناري طرف وڌيو. صابر موچي، صادق ڪتي ۽ صادق ميربحر غالباً پهريان وڏا سگهڙ هئا جن اتر طرف هن ذوق کي وڌايو. هڪ روايت موجب صابر موچي 'سنگرار' جي ڳوٺ جو هو جيڪو مديجي جي هينان بيلي ۾ 'آدمجي' لڳ هو ۽ جيڪو پوءِ درياء پائي ويو [2]. بيءَ

---

1. هي بيت لوڪ ادب جي ڪارڪن خاوند بخش ساقي (ضلعو سکر) لکي موڪليو.
2. زباني ڪريم بخش موچي، ڳوٺ ڪاڪيپوتا، تعلقو ڳڙهي ياسين.

روايت موجب، شاعر ڪنيار 'نَل' طرف جو هو[1]. ڏتو رنگريز (ڪتي) شايد شڪارپور جو هو. ڳڙهي ياسين تعلقي جو ڳوٺ ڪاڪيپوٽا گهڻي وقت تائين سگهڙپائي جي رهاڻ جو مرڪز رهيو. صابر کان پوءِ ملان هوت موچي هتان جي سگهڙن جي سنگت جو سرواڻ هو. جنهن اندازا 1900ع ڌاري وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. الله بخش ڪاڪيپوٽو ۽ وڏيرو شادي خان، ملان هوت جا ساٿياري هئا. انهن کان پوءِ ميان علي شاهه، يار محمد ڪاڪيپوٽو نريل شاهه، محمد رمضان ڪاڪيپوٽو ۽ محمد سچل ڪاڪيپوٽو هن سنگت جا ساٿياري هئا. محمد سچل ڪاڪيپوٽو ڏور، ڏهس، سينگار جو قابل هو. هن پوئين ويجهي دور ۾ خدا بخش حجام، ڪريم بخش موچي (ملان هوت جو پاٽئيو)، امير شاهه، غلام فريد ڪاڪيپوٽو لال بخش موچي، سائين رکيو ڪاڪيپوٽو ۽ واليڏنو فقير حجام هتان جا چڱا ڀلا سگهڙ هئا. خدا بخش حجام کي اڳين سگهڙن کان مليل سينگار جا گهڻا بيت ياد هئا. راقم جون انهن سگهڙن سان رهاڻيون ٿيون.

شڪارپور ۽ ان سان لڳ خانپور ۾ ڪتي سگهڙ هئا. جن مان هن پوئين دور جي وڏي سگهڙ ملان جانڻ سان اسان جي ڪچهري ٿي. نل طرف در محمد خان چانڊيو ۽ ميرپور برڙي ۾ سهايو 'ڪفش دوز' (موچي) وڏا سگهڙ ٿيا. عبدو ۾ بهاول مهر وٽ ڏور جي وڏي ڪچهري هئي. ميرپور برڙي ۽ نل طرف هن پوئين دور ۾ محمد يعقوب برڙو سيفل پني[*] (حال حيات)، گابر خان چانڊيو رحيم بخش موچي (مرحوم سهائي جو پٽ) خاقل برڙو وڏي سرت وارا سگهڙ هئا جن سان اسان جون ڪچهريون ٿيون.

شڪارپور - نل واري پاسي کان پوءِ روهڙي ۽ ناري طرف ڪچهريءَ جو ذوق وڌيو. روهڙي شهر ۾ هوت موچي وٽ چڱي ڪچهري ٿيندي هئي. روهڙي کان اڳتي ميرپورماٿيلي - اوباوڙي طرف شرن سگهڙن ۽ دبر جي جاگيراڻين ۾ ۽ ناري طرف پنيرن ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌيو. بهادر علي شاهه سنگرار وارو وڏيون ڪچهريون ڪرائيندو هو. هن پوئين ويجهي دور ۾،

---

[1] راوي سگهڙ محمد نواز جوڻيجو. ميرو خان.

[*] سيفل پني جي روايت: ڏڏ سنچل سه جان ڳلو اعبي عين.

سگهڙ صابر شر (ويڙهل پيروتو)، محمد يعقوب (ابڙي) موچي (ڏهرڪي) سان راقم جون ڪچهريون ٿيون. اهي ٻئي وڏا سگهڙ ۽ وڏي سرت سمجهه وارا هئا جو ڪين اڳين سگهڙن جو گهڻو ڳن ياد هو. ڀنڀرن ۾ 'سينگار شاعري' جو شاعر بودو ڀنڀرو ۽ صابل ڀنڀرو (ڀاڙو ڏيڻ) اڳ ٿي گذريا. لالو فقير ڀنڀرو 'ٻڪاراهو' جو وڏو سگهڙ هو. هن پوئين ويجهي دور ۾ راقم جون بودن فقير ڀنڀري ۽ لڇمڻ ڀنڀري سان ڪچهريون ٿيون جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا سگهڙ هئا. هن وقت ٿوهر فقير ڀنڀرو 'سومريجي' جو هڪ سڃاڻ سگهڙ آهي[1]. ڀنڀرن سگهڙن جو ڳن، ناري جي سگهڙ نور محمد شنباڻي (حال حيات) ۽ هدايت علي فقير رڏ (حال حيات) هٿ ڪيو جن سان اسان جون اڄان تائين ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون.

ڏتـــو

ڏتـو غالبـاً شـڪارپور جـو ڪتـي هـو ۽ تـالپورن جـي دور ۾ ٿـي گـذريو. پنهنجي ڌنڌي جي لحاظ سان پنهنجو نـالو "رنگريـز" ڪـري بـہ آڻينـدو هـو. سندس هڪ بيت جي سٽ ۾ چيائين تہ:

هو امر ساڻ امان، رحم ٿيو "رنگريز" چئي.

هڪ ڪچهري ۾ (جيڪا غالباً پير مبارڪ شاهہ مرحوم وٽ، محمد آباد، تعلقي صادق آباد ۾ ٿي)، گينـدو نـالي سگهڙ، ڏتـي ڪتـي جـو هـڪ بيت پڙهيو جنهن جي آخري سٽ هئي تہ:

سڀ عاشق جو اطوار، اهڙي ڏس ڏتو چوي.

سندس هينئين سينگار جو بيت اسان کي سگهڙ ملان جانڻ (ولـد مـلان ربڏنو ڪٽي سومرو ويڙهل خانپور) کان مليو*.

ماه مٿئون محبوب جي، تون ادب سان ٿي آءُ
تو ڀي چنڊ چانڊوڻي ڪئي، پر هٿ ٿئي سائينءَ شم شعاءُ

---

[1] قائم فقير ڀنڀري (ويڙهل لڳ سوراه) جي قرب سان هڪ ڪچهري 13- فيبروري 1986ع تي ناري ڪان پريان 'سومريجي' ۾ ڳوٺ عالادي ڀنڀري ۾ ٿي. جنهن ۾ ٿوهر فقير ڀنڀري، جلال جا ڪي نوان بيت ٻڌايا.

* جنهن سان خانپور ۾ 24- اپريل 1955ع تي ڪچهري ٿي.

متان لنجي وجي لڙ ۾، ڏسي تابش تاءُ
اچي پئو تون پيش پرين جي، چتڪي وانگي واءُ
ڪل ساجن جو سهجاءِ، آ اهڙيءَ ڏس ڏتو چوي.

سهايو (ڪلهوڙو) موچي*

ميرپور برڙي، تعلقي ٺل جو ويٺل هو. ذات جو ڪلهوڙو هو پر موچڪو ڪم ڪندو هو. صابر موچي جي سلسلي جو آخري وڏو سگهڙ هو. سنه 1956ع ڌاري سؤ کن ورهين جي وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين. بيتن ۾ پنهنجو نالو 'ڪفش ـ وز' (= موچي) ڪري آندائين.

پب پاريور پرينءَ جا، چلي گنير گام
آهو عين عجيب جا، ابرو ايراني صمصام
تنهن سان ڪوئل ڪچي ڪينڪي، تي جهڪي ڪري زبان
جنهن جي گفتار مئون گوهر نڪون مشڪ عطر عنبران
تنهن جي منهن ماه مقابلو ڇا ڪندو الماس نه مٽ دندان
بين چتون جي ڇا لڳي، ناهي مٽ رنگ ڪئنچل ڪام
اهڙي سهڻي ساجن ساڻ، هجان ڪول "ڪفش دوز" چئي.

اڳڻ فقير

اڳڻ فقير جا هيٺيان ٽي بيت هڪ اڳ جي لکيل پني تان اتاريا بيت سڪ ۽ محبت وارا آهن پر اسلوب سينگار وارو آهي.

ظالم زلف سڄڻ جا هن ڪارا ڪيس ڪڪر
تنهن چوڙي چڏيا هن شان ڪون تڙ تي تِليهر
منهن سونهن محبوب جي وار انبوه عنبر
چنبڙيو چندن کي پون، جيئن ڪريون ڪاريهر
ڪندم پروش پاڻهين منهنجو حال ڏسي هيڪر
ڪي ڪني جي آڌر، آئون 'اڳڻ' آڌر ان جي.

سگهڙ محمد يعقوب برڙي، عاقل برڙي ۽ سيفل پٽي (ميرپور برڙو، تعلقو ٺل) جي زباني قلمبند ڪيل.
صمصام = تلوار. بين = نڪ. ڪئنچل = سون. ڪول = گڏ.

سدا ساجن سهڻو جنهن جا ٻه ٻه نيڻ ٻرن
وڄن وانگي ويس ڪيا هن انهيءَ جي اکين
پيتو آب حيات آ تن محبن جي مژگن
بيشڪ دل بهار ڪئي تن نازڪ جي نيڻن
اڇيو عجيبن جا، ٿا پلپل پور پون
سڄڻ ساڻ هجن، شل 'اگڙ' اهڙا سپرين.

--

اکيون پرين تنهنجون ٽيون ٻاڻ هڻن ٻيئي
ڪجل ري ڪاريون اهي ٽيون ڪيرائن ڪيئي
ابرو ۽ مژگن جا هن تير تکا سيئي
سي سالڪ سيني ۾ جهلين، هن اهل اوهيئي
"اگڙ" اڳيئي، سي ڪجليون ٽرن ڪينڪي.

وسائو

وسائو غالباً ميرپورماٿيلي – اباوڙي طرف جو هو جتان جي سگهڙ جي زباني هي بيت قلمبند ڪيو ويو[1].

1. تر هل تليهر، ڪڪر ڪيس قريب جا
2. سنهه چوں مڪير منهن، ڪٿر ڪنگوء ڪئون ڪر
3. اونهر ڪئون اونهان پرين، وتن پيي ون ٿر
4. سي وسن "وسائو" چئي، منهنجي دل اندر دلبر
5. موليٰ مسافر، ميل تہ مانداڻي لهي.

رمضان

رمضان (غالباً چانديو) بيگاري لڳ تعلقي ٿل جو وينل هو. سندس هيئيون بيت ان طرف ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيو ويو. هن بيت جي لغت غور طلب آهي[1].

---

[1] سگهڙ بگٽي شر جي زباني قلمبند ڪيل 1. اصل. 'تر هن تليهر' جيڪو 'طرح نہ تليهر' پڙهي سگهجي ٿو 2. اصل ائين 3. اصل ائين.

لوڏ ڪنجل، ڪٽ ڪيسري، ٿن اوتر نوف نتر
اونور ڪان اونها، پرين، هن • سہ ڱلو ڪٽ سر
سرنگھان سال پرين جي، ڪرڪن ڪوئل ڪر
چنجڻيان ٿِئو چانجوهو، چمڪي منجھ چَچرِ[2]
پَريون پِريان جي پر، رتيون نا رمضان چئي.

(ج) درياءَ جي اوپر طرف خيرپور ڪان هيٺ لاڙ تائين سگھڙ

هن وڏي وسيع علائقي ۾ 'سينگار شاعري' جي ڪن ٿورن شاعرن جو احوال دستياب ٿي سگھيو آهي. هن وقت تائين مليل مواد جي آڌار تي چئي سگھجي ٿو تہ خيرپور رياست وارو پاڱو ئي 'سينگار شاعري' جي رس رهاڻ جو مکيہ مرڪز هو. غالباً ميرپور ماٿيلي – اباوڙي طرف جي شر بلوچن سگھڙن ڪان رياست ۾ نري – ميرواهہ جي شر قبيلي جي سڄاڻ سگھڙن وٽ سينگار شاعري جو ذوق پيدا ٿيو. رسول پور (گھنبا) ۾ محمد فقير، صديق فقير ٻيا درويش ۽ سگھڙ ساماڻا جن ڪان پوءِ سندن پوين وٽ هيءَ گن هلندو آيو. صديق فقير جو پٽ محبوب 'سينگار شاعري' جو وڏي ذهن وارو سگھڙ شاعر هو. انهيءَ دور جو ٻيو وڏو شاعر حمل خان لغاري هو جيڪو پڻ پهريائين خيرپور رياست ۾ رهندو هو. هيٺ ڏنل سندس بيتن مان معلوم ٿيندو تہ 'سينگار شاعري' ۾ پڻ هو نهايت بلند پايي جو شاعر هو. هيٺ لاڙ ۾ 'سينگار شاعري' جي ڪچهري جو وڏو چاڻو بگٽي شر هو جيڪو مٺان اتر مان لڏي اچي جهول جي شهر (تعلقو سنجھورو) ۾ ويٺو هو. ڪيس گھڻو گن ياد هو پر ساڻس ڪي وڏا ذهين سگھڙ صحبتي نہ ٿيا، ۽ انهيءَ ڪري اتي 'سينگار شاعري' جو ذوق ايترو ڪونہ وڌيو. لاڙ جي حاجي طاهر گراٽي، دريا خان، الياس، مهدي ۽ نصير جا بيت اسان کي دستياب ٿيا پر انهن جي جنس البت نسبتاً سادي آهي.

---

[1] سگھڙ گابر خان چانڊيي جي زباني، مرحوم در محمد خان اڌي وٽ محمد پور ۾ 25- ڊسمبر ١٩٥٩ع تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيو ويو. نوف = ٻين شاعر 'نيف' آندو آهي. اونور = ٻين 'اونهر' آندو آهي. ڪٽ سر = ٻي پڙهڻي: ڪٽ سر. رتيون = ٻي پڙهڻي: رئيون.

[2] رهہ چنجڻيان چانجوهو ٿيو چمڪيو منجھ چچر.

محمد

محمد پنهنجي دور جو وڏو سگهڙ شاعر هو. سندس بيت اسان کي، ماتيلي – اباوڙي ۽ رسول پور (گهنڊ، خيرپور رياست) جي سگهڙن توڙي جهول جي وڏي سگهڙ بگٽي شر کان مليا.

(1)

هيءَ جا جلي جول، تنهن هستيءَ کي حيران ڪيو
عقل اڪابر سڄڻا، هاٺو پهرن هول
سيهه ڳچي، ڪٽ ڪيسري، ٻار ڪري جئن ٻول
ڳوڙها اتس ڳلن تي، چؤنرا پاس چنبول
تنهن محبوب جي، محمد چئي، ڳوٺ ڪيان سپ ڳول
دوست پرين در ڪول، من واجهائين وري ڪٽي.

(2)

زنگي زلف دراز ٿيا، ڪارنهه ڪرون ڪور
سر ڪنڌان سرها سڄڻ، عود عنبر کان اور
مجگن سنڌي مامري، شهلا وجهن شور
جنگ فرنگ فجر جو عاشق پرون پور
مکڻ منهن ملوڪ جو ڪنگوءَ ون ڪڪور
پيڻ گل پاسيرو ٿيو پسي زينت زور
ڪنني ڪونج قريب جي، ڦولن وڏ ڦڳور
طرح نہ ملي طوطي کي، بيني پاس بنور
شڪم شيشو شمشاد جو پوپٽ ون پتور
سينو صاف سڄڻ جو هينان هلي هور
ڇهي چيلهه وري پيو ٿيو ليث لگور
هيرا لعل هٿن ۾ تريون تارن طور

---

[1] جهول جي سگهڙ بگٽي شر، رسول پور (گهنڊ) جي سگهڙ آگيڏني شر، گلڻ جلباڻي، ڏهرڪي جي سگهڙ محمد يعقوب (ابڙي) موچي جي زباني قلمبند ڪيل. آخري سٽ جي ٻي پڙهڻي: 'اي دوست پرين در ڪول، تہ من واجهائي ور ڪٽي'، من واجهائن وري ڪري.

هيٺ ڪبوتر قدمن ۾ مٿان گهمن مور
مشتاق ٿيا محمد چئي، مٿان چنڊ چڪور
ڪڪرن منجهه ڪنگور، ڇپي وئي ڇاتيءَ ڪان.

[سگهڙ جي ڪيل معنيٰ موجب: زنگي = ڪارا. ڪرون = ڀئونر. سرڪنڊ = چندن. مجگن = پنبڻين. شهلا = گل جو قسم. ڀور = ٽڪرا ٽڪرا (عاشق ٿين ٿا). ڪنگو = لئي جي وڻ جو ڳاڙهو ٻور. ڪنني = ڳچي. بيني = نڪ. بنور = بناوت، سهڻائي. پتور = سنهڙو. هور = سج. هيئان هلي = هيٺاهون هلي، نمي هلي. ڇهي = ڇڻڪي = ڏسي. ليٿ = شينهن. لگور، لغور = هيسيل، هٽايل. ڪنگور، ڪڪور = ڳاڙهاڻ، وڄ، ڪنوڻ]

(3)

ڪاڪل قريبن جو ڪڪر ڪارونيار
چشمن جا چالا ائين جيئن ترني تجليدار
ڏندن ڏيکاء عجيب جو موتين ڳوپ قطار
رخ ڪان ملي روشني، چئو قبلو چوڏار
ملڪن ۾ محمد چوي، آهي سونهن پريو سردار
اِهو ڪامل قربدار، من ڪٽي ڪري ڪرم ڪوڙي تي.[*]

(4)

ميخان منجهان مئي محب ڏئي تو مست ڪري مرگهن
موتي، مرجان، مين مٿان هي ميڻ ڪري ملنگن
سئرخ سجڻ، سهه سرس سسي، لڪ ليٿ پسي تہ لڪن
پيير پٽونئڙا پدمٽي، مٿ گني چا گورن
هنج، مور، چشم چڪور، قاتا فيل قندن
پِنڊ پونر بِشيهر، سنبَل سنهڙا، ليٽن لال بَدن
التِي ڏيئي اجهيا البيلا، جهٽيا چاس چندن

---

[*] ٻي پڙهڻي: ڪٽي ڪري قول ڪوڙي تي.

(4) سگهڙ جتوئي شر (تعلقو ميرواهہ) ۽ عبدالرحمان مهيسر جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکت ۾ روايت (س) سان ڀيٽيل.

قرب ڪري ڪڄ ڪيسن ڪي، ٻوءِ پيتِ پئي پونرن
جئن ٻَدر پر ڪڪرن، تئن رخ موءِ اڳيان محمد چئي.

(5)

دامر وجهن دل، دل ۾ دلبَر، ابُروُ شاب شهل
ارگ اوچا ڪڇهين قربَئون ڪن اليهر آب اٿل
اپسر آڳا پسرن پِريان، موتي موءِ مڳل
سر ڪنڊ سرهي ساه سبائي، ٻُوءِ بَدن بَخمل
پوپٽ ون اڳاٽ پريان، گتِ مست ڪري مئندل
ورن وهيءَ جا سون وران، رهيون ڪتِيون ڪن قبل
خورشيد خِجل ۾، محمد چئي: ڪن مينگهه ملهارون مل
ٿيا ڪلئي قلبَ ڪتِيل، ماه مثل محبوب پسي.

محبوب شر

محبوب پٽ صديق فقير شر وينل رسولپور (گهنڊ)، تعلقو ميرواهه، ضلعو خيرپور. ٽالپور اميرن جي دور ۾ ٿي گذريو. صديق فقير بہ وڏو سگهڙ شاعر هو. پنهنجن بيتن ۾ سينگار جو معنوي رخ نبي (صلي الله عليه وآله وسلم) جي سونهن صفت ڏانهن موڙيائين.

(1)

دامنيون دَل دلبر جون هن روپ اگن رنگ روءِ
پيئب جي پڙلاو جي هس مڙئي خصلت موءِ
قمر شمس قريب ڪي ڪڙا دست ٻڌيو در دوءِ
طرح تنهين طائوسن جي مٿي خوبي خشيت خوءِ

---

[5] سگهڙ جتوئي شر (تعلقو ميرواهه) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي لکيت ۾ روايت (س) سان پيتيل.

[1] _ (2). جتوئي شر (ميرواهه ضلعو خيرپور) ۽ عبدالحڪيم وڪيي (صادق آباد) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيتيل.

اندر هنئڙي هوءِ، اٿم محمد (صلعم) جي محبوب چئي.

(2)

پڳ پاريور پدمني، دل دامنيون دوراس
آل، اليهر اور سر، مک مرور موچاراس
پانيان ڪٿر ڪريم ڏونڻ جٿن چمن ۾ جلواس
لاڏئون لاڏ پريي سندا، چيئن جٿن چمڪاس
ترسي تِت طائوس وٺا ڳرهڻ ڳاٽ سنداس
اجان هيج هئاس، وڏ محمد (صلعم) جا محبوب چئي.

حمل خان لغاري

حمل خان ولد رحيم خان لغاري، سنه 1225هه 1809ع) ڌاري ڄائو. سندس وڏا اصل خيرپور رياست جا رهاڪو هئا. پر پاڻ پوءِ لڏي اچي ڳوٺ مير خان لغاري، لڳ تعلقي سڪرنڊ، ضلعي نوابشاهه ۾ رهيو. کيس چڱي تعليم ۽ تربيت ملي هئي ۽ پاڻ به پڙهائي ڪندو هو. وڏو شاعر سگهڙ ۽ سياڻو هو ۽ وقت جا خاندان کيس عزت جي نگاهه سان ڏسند اهئا. لواري وارن بزرگن جو مريد هو. وڏيءَ عمر ۾ 2 صفر 1296هه 1878ع) ۾ وفات ڪيائين.

حمل خان نه فقط وڏو سگهڙ شاعر هو پر حقيقي معنيٰ ۾ 'شاعر' هو جنهن سهڻي ٻولي سهڻي سٽاء سان آندي ۽ نازڪ خيالي جا نوان رنگ نروار ڪيا. پنهنجي سرائڪي ٻولي ۾ محبوب جي صفاتي حسن جي تعريف ڪندي، سندس منهن ۽ پيشاني، ٻن سهڻين اکين ۽ ڪارن وارن جي وصف ۾ مثالي بيت چيائين جن جي پيران نور محمد، شاهه محمد ديدڙ ۽ ٻين بيت چيا[*]. اهڙن بيتن کان سواءِ خاص 'سينگار شاعري' جي رنگ ۾ هن هيٺيان بيت چيا جيڪي سهڻي سٽاءِ ۽ سهڻي معنيٰ جي لحاظ سان معياري آهن ۽ جن مان اها تصديق ٿئي ٿي ته بيشڪ ان دور ۾ حمل خان 'سينگار شاعري' جو سدا ملوڪ شاعر هو.

---

[*] اهي بيت اسان "ڪليات حمل" (ڇاپو ٻهريون. سنڌي ادبي بورڊ. 1953ع. مقدمو صفحا (38-43) ۾ آندا آهن.

[الف]

1ـ رڏان رجني جيهون، چم چيهل ڪئون وڏ[1]
2ـ انف[2] اننگ ڪئون اڳرو، روءِ رين ڪيو رد
3ـ ڪيسر[3]، ڪسنب، ڪنگوءَ ويتر خوب پريان جا خد
4ـ دچن[4] دلبر جا پسي، وڃي در پيا منجهه دڏ
5ـ چهرو چمڪيو چِيءَ[5] چپي، ڪيو زيبُ ذهب کي زد
6ـ جوزا جانبَ کي پسي، ٿيو عشق منجهارئون اڏ[6]

7ـ ڪيو منجهه خمار سدائين، محبُ پِرين ريءَ مَدَ[7]
8ـ تور پسڻ کي مور هليا، ٿيو سنڪر کي ٿي سڏ[8]
9ـ "حمل" چئي هتِ حد، بيشڪ ناه بيان کي.

---

[1] رڏان (هندي) = زلف، وار. رجني (هندي) = ڪاري رات. جيهون = جهڙيون. چم (بلوچڪي) = چشم. اکيون. چيهل = چيهل (هندي) = هرڻ.

[2] انف (عربي) = نڪ. اننگ = طوطو. روءِ (فارسي) = منهن. رين (هندي) = آفتاب – سج. روءِ رين ڪيو رد = دلبر جي رخ، سج کي بہ شهہ ڏيئي ڇڏي.

[3] ڪيسر = هڪ ٻوٽي جي گلن جا خوشبودار وار. ڪسنب (هندي) = ڪنهبو. ڪنگو = هڪ ٻوٽي جو ڳاڙهو رنگ. خد (فارسي) = رخسار – ڳل. ويتر خوب پريان جا خد = سڄڻ جا رخسار انهن مڙني کان وڌيڪ لال آهن.

[4] دچن (هندي) = ڏند. درُ (عربي) = اڇا موتي. دڏ = سمنڊ.

[5] چِيءَ = چِيهہ (هندي) = وچ – ڪنوڻ. زيب (فارسي) = سونهن. ذهب (عربي) = سون. زد ڪرڻ = جهڪو ڪرڻ – گهٽ ڪرڻ.

[6] جوزا (عربي) = هڪ نهايت چمڪندڙ ستارو. ڪيو = خماريو – مخمور – نشي ۾ مست. خمار (فارسي) = نشو – مستي.

[7] مد (هندي) = منڌ – شراب.

[8] سنڪر = هاٿي.

(3) بي ٺانگ= بنا ٺانگي. مانگ= ننيد. ٻهان= گمان. بربانگ= ابرو. مزگان= پنبڻيون. (4) رين= نت. ملي توٺبوءَ= توٺبوءَ پريل آهي. (5) ڳنگور= برح. ڳنگور= ڳباب وچ ڳي بہ تلائي چڙي اگن ڳون آب ديا= آڳ ڳي بہ بيزي ڙنائين. (6) تين ڳي چين= پيشانيءَ تو نحث.

[ب]

1 ـ زلف ڪي نانگ، ڏنگن ٻيءِ سانگ[1]، موهيا من مانگ،
تهان ٻُربانگ، تہ مزگان تِير تمهارا

2 ـ رين ڪي[2] روءِ، سدا خوشخوءِ، ملي خوشبوءِ،
همہ هرسوءِ، هويا هبڪارا

3 ـ تجلي تاب، موهيا مهتاب، ڪنگور[3] ڪباب،
آگن ڪون آب، ديا انوارا

4 ـ جبِين[4] ڪي چِين، دئگِي غمگين، موهِي مسڪين،
وساري دين، دنيا عقبي را

5 ـ ادگر عين، سجن دن رين، چلاوي چين،[5]
سڻاوي سين، دري پر دارا

6 ـ ڪيل ڪي ناس، گهني خوش واس، سياوي ساس،[6]
ڪري [نا] قياس، بلوچ بِچارا!

7 ـ جواهر دند، لب، گلقند، دهان خوش خند،
ڪريگا بَند، همہ هوشيارا

8 ـ زنخ ڪا زيب، سهاوي سيب، سجن بي عيب،[7]
اپايا غيب، غمين غمخوارا

9 ـ ترڻ ڪا طور، ديکا هي مور، گيا چپ چور،[8]
جِيون چل چور، گهني ڪو چارا

10 ـ صدر دل صاف، لطيفي لاف، نهان تنگ ناف،[9]
تِرا ڪوه ڪاف، پڙا پڙلارا

---

[5] ادگر = هرڻ. ادگر عين = هرڻ جي اک مثل. چلاوي چين = آرام کسي وجي. سناوي سين. الخ = دارا جهڙو بادشاهہ بہ دروازي تي پيو صدائون ڪري.

[6] سياوي ساس = ساه کي سيبائي.

[7] زنخ = ڪاڏي سهاوي سيب = صوف کي بہ سونهي.

[8] اصل. ترنڊي ڪا طور.

[9] صدر = سينو. لطيفي = سنهي – نازڪ – پاڪيزه. لاف = پيٽ. نهان = تنگ. ناف = دن سوڙهو ۽ اڻ لکو. ترا ڪوه ڪاف پڙا پڙلارا = تنهنجي (حسن جي) هاڪ (پڙلاءُ) ڪوه ڪاف جبل ۾ پئجي وئي.

11_ ڪنير ڪي ڪٽ، گھنيٖ دل جھٽ، پِنگي منهن مٽ،[1]
مٽي مين لٽ، هوئي گمگارا

12_ رخش گلفام، نبّوت نام، تريٖ نمنام،
گنير گت گام، چليٖ گنيارا[2]

13_ نبِي ڪا نور، هويا مشهور، ٿيا دک دور،
ڪئا مسرور ملڪ مختارا

14_ شفيع ڪي شان، اوپر فرقان، مڪا رحمان،
ٿيا قربان جملہ جڳ سارا

15_ حمل دن رات، نبي ڪي نعات، پڙهو صلوات،
بہ ڪلمہ بات ٿيسي ڇٽڪارا[3]

ٻڍو بالادي

ٻڍو بالادي ضلعي خيرپور ۾ ڳوٺ 'جلالاڻين' جو ويٺل هو. سگهڙ هو ۽ ڳجهارتن جو بہ ملوڪ هو. سنہ 1900ع ڌاري نوي – پنجانوي سالن جي وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس هيٺيون بيت مشهور آهي*.

پرين پاڻ پسائيو دريءَ منجهان درسن
اتي اوفنگ اسهيا، کهلايو ڪالن
چٽا خاطر چين جي، پڳا پئي وچن
جيئن اِشرنگ آسمان ۾، تيئن سينو سپيرين
گهرائي گلن ڪان وڏ لالائي لبن
موتي ڏند محبوب جا جنهنور جان جرڪن
ڏسي هلڻ حبيب جو مات لڳي مورن
گت گنير گار تي، ڪا جا چال چلن

[1] ڪنير = شينهن. ڪٽ = چيلهہ. پنگي (ڪذا) = پڳي؟

[2] نمنام = نازنت سان. گنير گت = هاٿي جهڙي. گام = وک – ٽور. گنيارا = گن وارو.

[3] ٿيسي = ٿيندو.

* الله ڏني کورکاڻي ۽ نور محمد شنباڻي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيتيل. اختلافي پڙهڻيون: بي سٽ 'ڏسي انف اسيا.' آخري سٽ 'اهڙن عجيبن. منهنجو ساهہ سوگهو ڪيو سيم جان.'

ٻڏي دل ٻيڙو چئي، منهنجو تن ٻـ نيو تن
مولئي محب ملن، جيڪي ربي راند ڪٽي ويا.
[سـگهڙن جي ڄاڻ موجب: اتي اونـگ اسـهيا: حسـن جـا جلـوا اٿيـا. ڪهلايـو ڪـالن = رات جي ڪـاراڻ گـم ٿـي. چٽـا = چيتـا شـينهن. چـين = چيلهہ. اشرنگ = انڊلٺ]

حاجي طاهر گراٽو

حاجي طاهر گراٽو ڳوٺ ارباب ڀائيخان تپو سال ضلعي ٺٽي جو رهـنـڙ هو. سنہ 1956ع ڌاري وفات ڪيائين.

خواب ڏٺو هوم ننڊ ۾ جهڙو وڄ ورن
عين تنهن عجيب جا، چانڊوڻا چمڪن
قابو ٿيون قرب سين، ڪهڪيون ڪين ڪڇن
پايو پيچ پرت جا ٿيون ور ور ونگ وجهن
گهايئون گهاءِ عشق جي، مرڪي محِبوبن
جِتِ پنڌ ناهي پيچرو اتي ٿيون اٽڪن
حبيبن لئي حاجي طاهر چئي، چٽڪيو چاڪ چِڪن
پرچي مليون پاڻ ۾ اڳيان عجيبن،
مون کي اِن اکين، آهن سوين سور چکائيا*.

دريا خان

دريا خان نہ معلوم ڪٿان جو هـو. سـنـدس هـي بيت سنجهوري، ضـلعي سانگهڙ جي هڪ سگهڙ کان مليو[1].

هٿن [منجهہ] هٿيار سيني سڪيلا سپرين
نرڙ تي نور ٻري، نڪ ڏگهو تلوار
ڀرون سچي سيڱ جئن، عين گلولا گلزار
دو – نالي جئن دور وڙهن، نور ٻيئي نروار
لبن لڱيون لاليون، ڏند وڏا وينجهار

* هي بيت خود حاجي طاهر جي زباني. 'سال' (تعلقي ڪوٽڙي ضلعي ٺٽي) ۾ سگهڙ فقير محمد هاشم مڱڻهار جي ڳوٺ ۾ 5_ جولاءِ 1949ع تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيو ويو.

[1] لونگ فقير جوکيي (وينڊ متهلو تعلقو سنجهورو) جي زباني سنہ 1964ع ۾ قلمبند ڪيو ويو.

ڪڏ ڪاڏيءَ جي سهڻي، اڇي پئي الغار
ڪن ڪياڙي پاپڙيون، چوٽي کي چوڏار
مٿي تي محبوب جي ور واٽوڙا وار
پوش پوشاڪي پٽ جي، ڀيو هيري ڳچيءَ هار
ارهہ تي عجيب جي آهن گل ٻيٺا گلزار
چيلهہ سنهي چيتاٽي، بدن ٻت بهار
آڱريون ٻرنس سون جئن، مڙهيون ميناڪار
ڪڙي تي خاوند ڏنيس ڪا لولي جي للڪار
ماريو وچن مام سان درسن جي ديدار
دريا خان چئي ديدار، ڇو نہ ڪجن اهڙن عجيبن جا.

الياس

الياس بابت معلوم نہ ٿي سگهيو تہ ڪٿان جو وينل هو پر غالباً لاڙ طرف جو هو. ’ساندن‘ مان ڪو سندس پيار وارو ماڻهو هو جنهن ڏانهن هن بيت جي پهرين سٽ ۾ اشارو آهي. الياس پنهنجي سجڻ جي صفاتي سونهن بيان ڪئي آهي، پر آخري سٽن مان ظاهر آهي تہ بيت وڏي سڪ مان چيل آهي.*

’ساند‘ بہ منهنجي ساه کي، ميخون هنيون مل[1]
پنبڻ لنگهي پار پيا، سامهان رکي سل
رئان رڙان ريهون ڪريان، اندر تئيم اجل
اکيون انبرون ڪنديرون، برسات ڪئي بادل[2]
سهڻسيون مهارو سجڻين، موتي جيئن منزل
گل زنگي، گل صنوبري ڪنهنبي گل ڪليل
سنهي چيلهہ سجڻ جي، لڪولڪ لڙيل

---

* وڏيرو محمد سومار جاڙو، لڳ ٽنڊوباگو، تنهن جي زباني سنہ 1960ع ڌاري يا ان کان اڳ اتي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيل.

[1] مل = زنجير جي چوٽين کي ڳنڍيندڙ ڇلو.

[2] ڪنديرون = ڪيرون.

موتي آهن مهري ۾، ڳوڙها سڀ ڳُتل
ايندوسئين ارمڻ سامهڻون، موڪيءَ جيئن مثل[3]
وه پيندس وٽئين، مجني جيئن مهل
سهڻا انگ الياس چئي، ڏئون سان سڀ ڏکيل
پرين گذارج پل، تہ من سورن کي سنڌو پوي

مهدي

ستي ڏنم سهڻو جانب جو جنسار
محب اگڻ مون آئيو سرس ڪري سينگار
صورت سڦري يار جي احسن هئي اظهار
روشن رخ پرين جو هو موتي مٽيا دار
چپ پرين جا چين هئا، نازڪ نڪ نروار
ڏندن ڏيکاري ڏني، چڻ درن جو ديدار
غبغب گوهر جان هئو هو تن حلقي دار
عجب ڳل عجيب جا ها طور وڏي تڪرار
آهو ڪئون وڌ عين عجيبن بِلڪل ها بسيار
نرگس نين پرين جا ڏور ڏين ڏهڪار
پِنبٽيون پرين سنديون، چڻ سيف سندا ستڪار
ابرو عجيبن چوان، ڪمانون تہ ٿهار
اِن ابرن جي محراب ۾ الاهي اسرار
پيشاني پرين سندي، چڻ چوڏهين چنڊ چمڪار
زلف زنجيرن جهڙا خالص هئا خمدار
ڪيس ڪرڻ لاءِ ٿهري مشفق جا موچار
ڪاڪل دلڙي قيد ڪئي، هٽي مون هيڪار
عجب آواز عجيبن جو حليو حشمتدار
لب پرين جا لعل هئا، شڪر ريز شمار
مور مثل محبوب جي، ٽور سندو ٽِلڪار

[3] اصل ائين.

نازڪ سندو ناز عجائب، مشتاقن مدار
عجب اندام عجيب جا ظاهر زينتدار
تِن سندي تعريف هت، مون پڇي ڪين پچار
واڏو ڪئون ويچار، ”مهدي“ وصفون محب جون.

نصير

معلوم نہ ٿي سگهيو تہ نصير ڪٿي جو هو. غالباً هن پوئين ويجهي دور ۾ ٿي گذريو.

مارڻ لي مشتاق جي سهڻي ڪيو سينگار
قدقامت سهڻي اڳيئون ٿيو شمشاد شڪار
ڇهري زلف سڄڻ جي جڻ بادل چڙهيو بار
ڏنگ هٽي ڏينهن رات جو نانگ وانگيان نروار
منهن جو شعاع شمس جان تاب رکي تڪرار
ابرو تکي ترار جان، يا خنجر خون خوار
وچ ڀرن جي خال آ، ظاهر زهر دار
اکيون عين عجيب جون ماري ڪن مردار
پنبڻيون پل ئي نہ رهن، چوڪ ڏين چوڏار
نڪ تنهين نرمل جو الف آهي اسرار
لب ڳاڙها لعلن جان منهن مين مثل منار
ڏندن تي ڏاتر رکيو موتين سندو مدار
چاه زنخ ۾ غرق ٿيو، عاشق بي اختيار
سوهو ويس سڄڻ ڪري ڪسيو صبر قرار
نٿ بولو نڪ ۾ سونهي، ڳل موتين جو هار
ڪنن منجھ قريب جي، پنڙن رکيو پيار
نسبين ڪيئي تسبيحون چنيون، ڏس جهالر جو جنسار
وه وه دهري دوست جي، ڏس دستين جو ديدار
ميناڪاري منديون، مارن منهڙيون مار
ڪڙن دل ڪڙي چڏي، وه گنگهرن جو گهڻڪار
مارڻ لئي مشتاق جي، ٿيا تعويذ تيار

صفت ڪندين تون ڪيتري شاعر ڪري شمار
بس ڪر هاڻي بيت کان نہ عاشق ڪر اظهار
سو اهڙو ڪري سينگار آيو نصير ناز سان.

(د) لس ٻيلي جا شاعر

لس ٻيلي ۾ ڪبير شاھ ’سينگا شاعري‘ جو اڳواڻ هو جنهن جو ذڪر مٿي باب پنجين هيٺ اچي چڪو آهي. هو ’جلال کان پوءِ واري لاڳيتي دور‘ ۾ سنڌ توڙي ٻيلي ۾ ’سينگار شاعري‘ جو سرواڻ هو ۽ جئن تہ هو جلال واري علائقي (موندر – دادو) سان لاڳو علائقي (سن – سيوهڻ) جو هو انهيءَ ڪري جلال جي شروع ڪيل ’سينگار شاعري‘ جو مٿس وڏو اثر پيو ۽ انهيءَ فن ۾ ڪبير شاھ پنهنجي دور ۾ اڳواڻ شاعر ٿيو. ڪبير شاھ جي شاعري اوج تي هئي جو هو لس ٻيلي ۾ ويو جتي جي وڏي شاعر شيخ ابراهيم سان سندس ڏيٺ ٿي ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کي آمهان سامهان بيت چيا ۽ ٻنهي جو هڪ ٻئي تي اثر پيو. پر ان کان اڳ لس ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم جو پيءُ شيخ حمر وڏو شاعر ٿي گذريو هو جنهن ’عام سنڌي شاعري‘ واري اسلوب ۾ سهڻي سچڻ جي سونهن ۽ صفت ۾ بيت چيا (جن جو ذڪر هيٺ ايندو شيخ حمر خود پاڻ درويش هو پر اصل کان وني هيءُ هڪ ديندار ۽ فاقيرو گهر هو: يعني تہ هو ذات جا شيخ ڪين هئا پر ’شيخي‘ سندن فاقيرو لقب هو.

حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل شيخ ابراهيم, پنهنجي درويشي ۽ دينداري جي جلوي ۾, پنهنجي هڪ بيت ۾ مجازي سونهن جو رخ حضرت مُحمّد صلي الله عليه وآله وسلم جي حقيقي سونهن ۽ صفت ڏانهن موڙيو. جيتوڻيڪ جلال ئي انهي معنوي موڙ جو پهريون علمبردار هو پر لس ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم پهريائين اهڙو سهڻو معنوي بيت چيو جو ان جو فوري اثر ڪبير شاھ تي پيو. جنهن شيخ جي چيل بيت جي پران پنهنجو بيت چيو. اڳتي هلي اهو اثر ڪوهستان جي برک شاعر دوس محمد تي پيو جنهن هن معنيٰ ۾ نهايت ئي سهڻا ۽ معياري بيت چيا.

لس ٻيلي جي سيني شاعرن جو ذڪر ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ ۾ اچي چڪو آهي, پر ’سينگار شاعري‘ جي موضوع جي تڪميل خاطر هت سندن بيتن کي بيان ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو.

شيخ حمر

شيخ حمر پٽ شيخ ابراهيم، لس ٻيلي جي، ڪڙياٽي شيخن' جي درويش گهراڻي مان هو. ٻيلي جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو حضرت شاھ عبداللطيف جو ننڍو همعصر هو. محبوب جي سونهن ۽ سينگار بابت سندس هيٺيان بيت نج 'سنڌي شاعري' واري رنگ ۾ رچيل آهن*.

(1)

ميم ملاقت سڄڻين جيم ملاقت جن
ميم ملاقت سڄڻين، وحدت وائي تن
تن جا پرون پؤنر ورنا، امل اکڙين
گهڙي هٿِ حمر چئي مونکي سنڌي طمع تن
آءُ نہ جوڳي سڄڻين جتيءَ نہ جوڙ سندن
نظر نماڻيءَ تي ڪلي مان ڪڻن
مان مون سين ڪن، ڪا صلح جي سپرين.

(2)

من ملاقت سپرين آهن محب منهنجي من
راتو ڏينهان روح ۾ تا اچيو گهٽ گهڙن
اهل انهي پار جي چڏيا تان نہ چن[1]
سونهن سڄائين اڳري، آهي ويتر ڪان وڃن[2]
اهڙو آب اکين ۾، جنهنور جيئن جهرڪن
جر ٿر ڏيا جهپيا، ڪا جا پيان ڪن
منهنجا صورت پريا سپرين، تا منهن لڳيو مرڪن
موتي ڪونہ مٽ ٿيو سنڌيءَ ڏتِ ڏندن

---

* شيخ حمر جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول". ٻيو ڇاپو. 1390ھ 1970ع. باب نائون. صفحا 273 289

[1] چن = ٿين (يعني چڏيا نٿا ٿين).

[2] سڄائين = سج کان ئي

پير پٽائي ڪونئرا، جيئن تجلو ڪيو تارن
عجب جهڙيون آڱريون، تو تمي نور نهن
سرهو ڳالهاءِ سڄڻين، تا ڪتوري ڪلن
تن ڪي پريون پسڻ آئيون، تيون وڃ پيو واجهن
حورون حيرت ۾ پيون، پسي سونهن سندين
عجب انهي ڳالهه جو ڪيو مجرو ملوڪن
عبُوسائين اڳرو، آهي پنيو پير پرن
سنهي ليڪ سيني تان، تي سونهي سپيرين
ڏريو نڪ نراڙ ۾ تا چتونءَ ڇهنب چون
پيشاني پرين، تِنهن ٻيو مڙوئي مات ڪيو.

شيخ ابراهيم

شيخ ابراهيم پٽ شيخ حمر، لس ٻيلي جي ڄام مير خان اول 1776 – 1818ع) جي دور حڪومت ۾ تي گذريو. سندس ڪري ئي لس ٻيلي جي شاعري کي شهرت ملي. ڄام مير خان اول وٽ سندس وڏو قدر هو[1].

شيخ ابراهيم پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو ۽ عام سنڌي شاعري جي رنگ ۾ مختلف موضوعن تي سهڻا بيت چيائين. ’مومل – راڻي جي قصي‘ ۾ مومل جي حسن جي تعريف ۾ هيئيون دلپذير بيت ’سينگار شاعري‘ واري رنگ ۾ چيائين.

سوڍي رنگ سرنگ، گجر گن گيان ۾
سونهن سسيهل اڳري، ادرلهه جهڙس انگ
سا ههڙي حال [حسن سان تي ڀڳڻ هٽي ٻنگ]
اتهين گل چڏيو گلرنگ، اڇيو پون پئونر پنيلجو.

سڄڻ جي سڪ ۽ سونهن ۾ هيٺيان بيت وڏيڪ عام فهم اسلوب ۾ چيائين:

[1] شيخ ابراهيم جي تنفصيلي احوال ۽ سندس هيٺ ڏنل بيتن لاءِ ڏسو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول". ڇاپو ٻيو، 1390هه 1970ع، باب ڏهون، صفحا 390 320

ستي ڏٺم سپرين اندر خواب خمار
جان جاڳان تان جيڪي ٿيو عجبُ پريان پار
طلاءِ تلن نہ تن سين، ربي ڪان رنگدار
جهڙي صورت اعليٰ سڄڻين، تهڙي مورت نہ مروار
نہ سا جوت جمرود جي، نہ سي هيرا هار
در مک دک دعوتِي، دوس پرين دلدار
بِره ڪٺ براهم چئي، وحدتي وينجهار
مون وس محب نہ اچڻا، تون جانب ميڙ جبار
وساريان نہ وسرن، دم نہ دليان ڏار
من مٺي محبوب جي، خوش طبع خنڪار
جيئن سا بوند بهار، تيئن وسن تا وجود ۾.

—

اوچا عين عجيب جا طرحين جيئن تارا
جلوو جوت جواهر گهڻو نيڻن نظارا
مک موتي محبوب جا، امل اکين اظهارا
طول طوطي بيني براهم چئي ڪيس پرون ڪارا
سيبن بَهوت سرير ۾ تن جا تنوارا
خوب دندان دهن ۾ اچا آپارا
پئي پلپل پچارا، دوس پيهي در آئيو.

ڪبير شاهہ هيٺيون بيت شيخ ابراهيم جي بيت جي پران چيو تہ:

موتيان وڏ منهنجا پرين چا هي جنهور جو جنسار
امل ماڻڪ ان تان هيرا نيئي هار
چا هي جوڙ يلي جمرود جي تہ ڪا عجيبن آچار
چا هي وٽڪ وجن جي دلبر جي ديدار
چا هي سج چنڊ تارا ڪتيون ساجن جي سينگار

ڇا هي ڪٽڪت ڪوئل ڪونچ جي هن جي تاب تنوار
هاٿي هنج حيران ٿيا ڏرڪڻ سنڌي ڏار
ڪائو ڪچ، ڪبير شاهہ چوي، تنهن سين گڏجي ڪيم گذار
تون پرج پارس پار، جنهن سان سيهو لڳي سون ٿيو.

شيخ ابراهيم پنهنجي هيٺئين بيت ۾ ’مجازي سونهن ۽ سينگار‘ جو رخ حضرت نبي ڪريم (صلي الله عليه وآله وسلم) جي سونهن ۽ صفت ڏانهن موڙيو.

من موهن منهنجا پرين آهن حورن کئون بہ حسين ميان
سسن سال صنوبر سيد اڳيان، سينو سيني برابر سين نہ ميان
ملڪ ڏسيو مشتاق ٿين، ان جي روشن روءِ رنگين ميان
تان جي پائن ـپريون، زيور زريون، ڪرمش ڪريون
تان بہ ان جي ڪؤنش برابر ڪين ميان
هر دو جهانان هار هميشہ، نرمل نور نگين ميان
رين انڌيري، جلوه ديون، سرسي سونهن سندين ميان
براهم چوي بيگ بهادر، اعليٰ قدر قرين ميان
نجم ستاره ماه مقابل، شمسئون شاهہ شبين ميان
ايڏي صورت سرت سہاجها، معاني مهر مبين ميان
شاهہ شفاعت، احمد عاصين، ڪندو صراط ويل سرين ميان[1]
وير ولايت، قرب قريبان، محبت ميٺ منجهين ميان
جنت معليٰ جاءِ جني جي، اهڙي جوت جبين ميان
هو سدائين ارواح ۾، تون چو پرتئون پيهہ پچين ميان[2]
جن جي اهڙي جوڙي صاحب سونهن سنگين ميان،
تنهن سين پيو ڪي برابر ڪين ٿئي.[3]

سرين: سولاني، آساني
پرتئون: پري کان، پيهہ: پڻ، پرين: دوست
سنگين: سهڻي

ڪبير شاهه چيو تہ:

جهڙا عين عجيب جا آهن تهڙا ڪنهن جا ڪين ميان
ڪر ڪئينس، پئونر پرون، چيلهه چيتو جئن چين ميان[1]
چاهي جوڙ پلي جمرود جي، [جو] عجيبن سان اچين ميان[2]
چا هي چوڏهينءَ چنڊ چڱو تان پيي ان سين جڙندو ائين نہ ميان
چا ماڪي، چا مصري، ڪا مٺ نہ ميٺ منجهين ميان
اڪقر ڪنان انگ عجيبن، ڪئنرا گهٽو ڪزين ميان[3]
عقل اڪابر، وير وچا جا، پارس چو نہ پڇين ميان
سي قابل، ڪبير شاهه چوي، ٿا داڙون ڏڙين دين ميان
جن جي اهڙي هردم سونهن حسين ميان، تنهن هيو رنگي سڀ راس ڪيو.

ولي محمد رونجهو

ولي محمد رونجهو، لس ٻيلي جي مشهور شاعر شيخ ابراهيم جو شاگرد هو ۽ پنهنجي استاد شيخ ابراهيم جي پيران ڏڳها بيت چيائين. سنہ 1850ع ڌاري وفات ڪيائين. هيٺيون بيت پاڻ چيائين پر ان ۾ نالو پنهنجي پاءُ گنج بخش جو وڌائين*.

سونهٽا ماڻ سندان، سونهٽي ڳچي ويان
اڪيون آريئل سونهٽيون، خاشي گج رتان
نظر پالير نانگ ڪٽي، اهڙيءَ طرح طولان
چيلهه تہ آهن چِتي جيئن، پرين جهڙا پالان
جئن ڪنڌ ڪوئل ڪونج ڪٽي، ايئن عجب ڳاٽ ڳچيان
سجان چندان سونهٽا، نڪا جوت جِهڙيان
پائي پادر پير ۾ کهڙو عرض ڪريان
سي لائي لئون لڪي ويا، ويڳاڻا وٺامر
سي هر دم دوس هنئين ۾، ويرم ڪين وساريان

---

[1] ڪئينس = وار.

[2] جمرود = زمرد (جمع)

[3] اڪقر = اڪ جو قر جنهن جا وارڙا نهايت نرم ۽ نازڪ ٿيندا آهن.

* ولي محمد جي احوال ۽ سندس هينين بيت لاءِ ڏسو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول". ڇاپو ٻيو، سال 1390هه/1970ع، صفحو 411.

ڏھ ڏھ پيرا ڏينھن ۾ سچو ڏينھن ساريان
ڪچان پچان ڪينڪي، پسيو پٽ سندان
"گنج بخش" چئي گھران، جي اگڻ ايندا سپرين.

مگيو براديو

مگيو پٽ ربڏنو پاڙو صفراڻي، ذات براديو ليارِي کان چار ميل ڏکڻ اولھ طرف "ريلون" جو ويٺل ھو. لس ٻيلي جي مشھور شاعر احمد شاھ جو ھمعصر ھو. سندس پاءُ محراب بہ شاعر ھو. چاليھن ورھين جي عمر ۾ اوڻھين صدي جي آخر ڌاري وفات ڪيائين. مگيي گھڻا بيت چيا جن مان ھيئيون محبوب جي حسن ۽ سينگار واري رنگ ۾ چيائين[1].

ٻُل ٻُلين، سر سونھٽا، پس جانب جو جنسار
آھوءَ کان اڳرا پرين، موتين ۾ مڻ — تار
سون انيءَ تان صدقو امل پڻ اگوار
مورن لاتيون ماٺ ڪيون، سچاٽي سينگار
ڪوئل ڪوڪ ڳجھي ڪئي جڏ نرمل تيو نروار
آءَ پڻ گھوريو گھوريان پاڻ پرينءَ تان جيڏيون جيءَ چمار
ملندم محب مگيو چئي، منھنجا نيڻين ٺرندم نار
سوين ھون ھزار، پڻ ڪونھي مٽ محبوب جو.

نم مگڻھار

نم پٽ ڪنڊو مگڻھار لس ٻيلي جي شھر اٿل جي مگڻھارن جي قبيلي مان ھو ۽ ڄام مير خان ثاني (1883 - 1888ع) ۽ ڄام عالي (1888 - 1896ع) جو درباري شاعر ھو[*].

دوس اساڏا دلبر دلدا، جنھن ڏنھن سک سچائي،
عجب اھائي

---

[1] مگيي جي احوال ۽ سندس چيل بيتن لاءِ ڏسو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول". ڇاپو ٻيو. 1390ھ 1970ع صفحو 433.

[*] سگھڙ شاعر نم جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول". ڇاپو ٻيو. 1390ھ 1970ع صفحا 319 - 401.

ترنگ تليهر واسنگ وانگر، ور ڪيون ويڙهه وڏائي،
عجب اهائي
هار سينگار اتاهين سرخي جوڙ چڱي جوڙائي،
عجب اهائي
ابرو بد ڪڪول قريبان، مزگان تير عطائي،
عجب اهائي
ڪرنگها نين ڪجل دي ڪاني، سرمان چشم صفائي،
عجب اهائي
گوش گلابي گل بنيا ات جنهنور جوڙ نہ آئي،
عجب اهائي
چاترڪ چين ڦتو ڪيو تنهن منجهہ رهي نہ ڪاڪت ڪائي،
عجب اهائي
تنهن نائي نيف نياز نوت سين، جلوه جوت جهپائي،
عجب اهائي
پان چپائي لال لباتو سهڻا نقش سياهي،
عجب اهائي
ڪئونش قدم دي زينت زريان، بيحد خوب بنائي،
عجب اهائي
تنهن هنج هلڻ حيران ڪيا، ات ڪنجل لوڏ لڪائي،
عجب اهائي
ديکي ڏچن دهنئون دهليا، ڏوڏر ڏت نہ سائي،
عجب اهائي
شمس قمر ٻئي شرمايا، پسي لائق جي لالائي،
عجب اهائي
نجم ستاره برگ بيهي ويو سسئي سونهن سسائي،
عجب اهائي
پهہ – رپ پازي پيہ سندو، تنهن روءَ چڏي روشنائي،
عجب اهائي

سونهن سگهه سرسي ساجن ۾ سا رازق پاڻ رڪائي،
عجب اهائي
جِهڙس ڪونهي جڳ ۾ بيو ڪو خاوند قسم خدائي،
عجب اهائي
ميمئون نون نوازيو نافع مڱي مهر مداحي،
عجب اهائي.

نمر هيٺيون بيت قصي واري رنگ ۾ چيو:

گنوري ڪي غزال ڪان آهي چاهه چڱو چشمن
آب اني جو اڳرو جلوو چا جنورن
هيرا، موتي، ماڻڪيون، موڪ مشاهدا ڪن
سا سوڍي سرس سهاڳ ۾ تي سونهي وچ سرتين
ٽيس بخت پتار جو تيلانهن ويٺي وچاڻن
اچي مڙيو ان ڪي، پڳين سر پون
نال تنهينجي، ”نمر“ چئي، اوءِ تان نہ اچن
بيون جي سرسيون هون سون، تہ بہ هي نيئي
ڪمائي قبولئي.

مينهن فقير مڱڻهار

لس بيلي جي اٿل شهر جي شاعر نمر فقير واري قبيلي مان هو. هن پوءِ 'اٿل' مان لڏي اچي 'وندر' ڪي وسايو ۽ 1910ع ۾ وفات ڪيائين[1].

سونهڻا سونهڻا سپرين، سونهڻا قدم سنداءِ
سونهڻا عين عجيب جا، ڳل مک موتين موچاراءِ
سونهڻا ڏند ڏاڙهون ڪؤن اڳرا، جئن عاج ڪري اجلا
جئن چمڪي چنڊ چمن ۾، منهنجي صاحب صورت سا
مينهن چوي، محبوب پرين آهن سڀ پر سونهارا
جنهن ڏونهه ارواح جا آرا، سو موليٰ مون ڪي ميڙئين.

[1] مينهن فقير جي احوال ۽ هيٺئين بيت لاءِ ڏسو ڪتاب "بيلاين جا بول". ڇاپو بيو. 1390هہ 1970ع. باب چوڏهون. صفحا 393 ـ 414.

شيخ سائينداد

شيخ خاندان جي پوين شاعرن مان شيخ سائينداد مڙني ۾ مٿاهون هو. شيخ سائينداد وڏو سگهڙ هو ۽ وٽس بيتن، ڳجهارتن هنر، سينگار ڏهس نامي، منظوم روايتن ۽ ڪهنن قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪمي ڪانه هئي. اهو سڄو گن ڪيس ياد هو ۽ لس ٻيلي جي ادب تي وڏو احسان ڪيائين جو انهي سڄي خزاني کي هڪ ڪتاب ۾ قلمبند ڪري ڇڏيائين.

سنه 1910ع ڌاري يا ڪجهه اڳ وفات ڪيائين. شيخ سائينداد هڪ بيت پنهنجي پٽ غلام حسين جي نالي سان چيو جنهن ۾ هن محبوب جي حسن جي بهار وارو منظر گلن جي حوالي سان چٽيو ۽ ڄاڻايو ته توڙي ڪٿي هزار گل هجن ته به سهڻي محبوب جي سونهن سان ويهون ڀاڱو وار به نه لڳن. اهو بيت مٿي باب ٻئي هيٺ (صفحي 74 تي) اچي چڪو آهي. ٻيا بيت سگهڙ سائينداد جي نالي وارا اسان کي اتر سنڌ جي سگهڙن وٽان مليا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا. جيئن ته سائينداد جي نالي سان ٻيو ڪو سگهڙ اسان کي معلوم نه ٿي سگهيو آهي انهيءَ ڪري ياننجي ٿو ته اهي شيخ سائينداد جا چيل آهن. ڪن بيتن جو اسلوب بيان ساڳيو هيئنين بيت وارو آهي ۽ پڻ ان ۾ 'ٻيلي جي ٻولي' جو عڪس نمايان آهي.

چست مٿا چينچل پرين، چمن مٿا چوڏار ميان
ماکيان مصريان مٿا پائيان، ٻي سنڌي کل مٿي ڪينڪار ميان
مينا لڳ محبوب جا آهين وڏ ادرله ڪئون اپار ميان
برق ڀي اتهين تي ڏٺا، ساجن جا سينگار ميان
سيهل پاڻ شرمائيا، پسي دوست جا ديدار ميان
ڪوئل ڪپيهل لانت لڪائي سٽي گويائي گفتار ميان
سي مٿا سونهٽا محب پرين، مورت مٿا موچار ميان
مٿا چشم چڪور جيئن شال مون سين هون هيڪاندا هيڪار ميان
وسرنم ڪين وجود مان، سي جانب ميڙ جبار ميان
ملنم صيقل ڏٺي سائينداد چئي، ته نيٽين نمنم نار ميان
ٻيا جي هون هزار ميان، تان پڻ ڪونهي مٽ محبوب جو.

عين ادگن مک ماه جيئن، اهڙيءَ صورت سونهن سندياءِ
آئون اپر عاجز آهيان، تنهنجي دلبر ڏيکڻ لاءِ
وسرن ڪين وجود مان، جي ڪامل قول ڪياءِ
تنهنجا چمن بَهوت چڱا، جيئن چِيہ ڪري چمڪاء
دوست تنهنجي ديدار جي، مون کي عجب اڪنڊ آه
سنگين پرين سائينداد چئي، توتان صدقي صدقي ساه
ملِي ماڪيءَ ساء، تنهنجي سونهن ڏسڻ ۾ سپرين.

پب پاريور پدني هرني حال هلي
اڱيئون اوجر ان جي، چِنوڻ ڪين چلي
رنگ رين جو روپ سان ڪيو مانو منڌ ملي
جيئن وڏو پِيٽ پناه ۾ پيو پان پلي
وجون وسڻ آئيون، ڪري ميگهہ ملي
انهيءَ پال پلي، ڪيو سپاهي سائينداد چئي*.

منجهہ بنايون بِين، وجهي موتي پرت پِريت جا
هن جا سهنگر ساجن سهڻا، آهن هوت حسين
چيون چاسينگر جهڙيون، ڏوڏر ڏند سندين
بَانوريو بَنراج ويو، چينڪ لايو چين
آهن هس مک لال حسين، سيين پرين سائينداد چئي**.

— —

* محمد يعقوب برڙي ۽ سائين رکيي ڪاڪيپوٽي جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل. ٻيون روايتون
1 پب پاريهر . هرن حال هلي 2 چيهن ڪين چلي 4 'پيتائين پلنگ پناء تي وڏو پيٽ پلي'
5 ٿيس پلي ڏاند پلي. سيين پرين سائينداد چئي'.

** گابر خان چانڊيي جي زباني قلمبند ڪيل. ان سان لاڳيتو ٻيو هينيون بيت چيائين جيڪو چوٽي ۽ معنيٰ ۾ ڪچو آهي. جن ساڳئي مٿين بيت جي سٽن مان ڪنهن سگهڙ ٻيون سٽون جوڙيون آهن:

ترنگ تليهر تين نہ هن جهينگن نين عجيب جا
چپ چايون. هو ڪرنگ نهاريو ڪين
رڙهي راه روان ٿيا. پسي چِتا چين
آهن هس مک لال حسين. سيين پرين سائينداد چئي

پٻ پاريھر پدمڻي، دل دامنيون دوراس(1)
جنھن جي ونئون وتري گھڻي، آھي لالائي تہ لباس(2)
پريون پريان پاراس، آھن سپاھي سائينداد چئي*.

---

1. جلوو جوڙ جبين، اگن ناھي اھڙي
2. جنھن ڪيو بانوريو ٻنراو کي، چيٽو لائي چين
3. اڳ اليھر اچ سرا، بين ڪڪيھل بين
4. چپ چوريو چال چلن پيا کھنگ نھارن ڪين
5. پسي اوگو اوجر تن جا، ترھل کي جا تين
6. ھٺ مک لال حسين، آھن سوايا سائينداد چئي**.

[1. جبين = پيشاني. اگن = آگ، باھ 2. ٻي پڙھڻي: 'ٻنراج کي چانڪ لائي چين'. ٻنراو ٻنراج = جھنگ جو بادشاھ، شينھن. چيٽڪ لائي = ڳڻتي لائي، فڪر مند ڪري 3. اڳ = وار. بين = نڪ. ڪڪيھل = طوطو 4. چپ = تجلي. ڪھنگ = سھڻو پکي. 5. بگتي شر اھا سٽ ائين ئي چئي، جنھن جي معنيٰ غور طلب آھي.]

(ھ) ساڪري - ملير جا سگھڙ

ميرپورساڪري ۽ ملير طرف 'سينگار شاعري' جو ذوق لس ٻيلي جي سگھڙن وٽان آيو. ھتي خاص طرح شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جا بيت نھايت مقبول پيا. ملير جي ڄامن مان خود ڄام ٻجار شاعر ھو جنھن کان پوءِ ڄام مراد علي وڏو سرتيو سگھڙ ۽ داناء شاعر ٿيو. کانئس پوءِ سندس پٽ ڄام مھر علي ۽ سندس پوٽو غلام الله (ولد صالح محمد ولد مراد علي) سگھڙ شاعر

---

* سائين رکيي ڪاڪيپوتي، گابر خان چانديي، محمد يعقوب ٻرڙي، خاڻل ٻرڙي جي زباني روايتن سان ڀيٽيل. انھن سڀني سگھڙن وٽ ھن بيت ۾ نالو سائينداد جو. 1. دس دامني دوراس: دل دامنيون دوراس 2. طائوسي ترسي ويا، حيرت منجھ ھياس 3..... لاتيون لاليون لال لباس.

** سگھڙ بگتي شر ۽ خدا بخش حجام جي زباني قلمبند ڪيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي کي مليل روايت سان ڀيٽيل.

ٿيا. ساڳئي وقت جوکين جي ’پنڊ‘ پاڙي مان قيصر خان وڏو سگهڙ شاعر ٿيو. ڄام مراد علي جي وقت ۾ چڱو جت وڏو شاعر هو جيڪو اصل ويٺل ڪڇ ۾ هو پر ڄاتي جي ملڪن جتن وٽ ايندڙ ويندڙ هو. ڄام مراد علي سينگار جي رنگ ۾ هڪ سهڻو بيت چيو جنهن جي جواب ۾ وري چڱي جت بيت چيو. اميرن ٽالپورن جي پوئين دور ۾ ساڪري طرف سيد راڄڻ شاهه وڏو شاعر ساماڻو جنهن سينگار شاعري جي رنگ ۾ سهڻا بيت چيا. سندس صحبت جي اثر هيٺ ڄام مهر علي، سندس پاءُ دوست علي، سندن پاڻتيي غلام الله ۽ قيصر خان پنڊ ملير طرف سينگار شاعري جي ذوق کي وڌايو.

سگهڙن جي سطح تي خاص طرح ساڪري جي ڪرمتين جي بگهياڙن جي پاڙي مان وڏا سڄاڻ سگهڙ ساماڻا، ۽ جيئن ته بگهاڙين جو لس بيلي سان لاڳاپو هو[1] انهي ڪري شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جي مارڪي کي ساڪري – ملير طرف مشهور ڪيائون ۽ مارڪي محفل جي ذوق کي وڌايائون. ان دور جو وڏي ۾ وڏو سگهڙ ڪالا خان بگهياڙ هو ۽ شاعرن ۾ اڳواڻ راڄڻ شاهه هو جنهن سان دورو ڪرمتي ۽ اسماعيل ڪاتيار ساٿياري هئا. ان بعد جن بگهياڙن سگهڙن ساڪري ۾ ملير طرف سگهڙپائي جي مارڪي کي وڌايو تن ۾ حاجي خان، خليفو محمد صديق ۽ الله بخش وڏا ڄاڻو هئا. ويندي هن پوئين ويجهي دور ۾ 1955ع تائين، ساڪري ۾ جن وڏن سگهڙن مارڪا ۽ رس رهاڻيون قائم رکيون، تن ۾ حاجي سرماڻ خان، جيئند خان، ۽ حاجي علي محمد خان بگهياڙ وڏا لائق هئا. انهن کان سواءِ ڪيئا خان پٺوئو حاميد خان رند (ويٺل ڪڪرانڊ تعلقو ميرپور ساڪرو) پرئو خان گبول (ويٺل چڪرو ڪراچي) سڄاڻ سگهڙ هئا. انهن مان خاص طرح حاجي سرماڻ خان بگهياڙ ۽ حاميد خان رند وٽ ’سينگار شاعري‘ جو گهڻو گن هو. ساڪري ۾ هن وقت حاجي محمد سوڍو (ولد حاجي سرماڻ خان) پنهنجي وقت جو وڏو سڄاڻ سگهڙ آهي، جنهن سان راقم جون محفلون ۽ مارڪا هلندڙ آهن. حسن علي خان به سرتيو سمجهو ۽ مارڪي جهڙو آهي.

---

[1] سندن وڏو ڏاڏو ’آدم پير‘ ڪارڙي لڳ مدفون آهي. جتي آڳاٽي وقت کان وني ساليانو ميلو ۽ خير خيرات لاءِ ويندا هئا.

ڄام مراد علي جوکيو

ڄام مراد علي جيڪو وڏو سڄاڻ سگهڙ ۽ داناء شاعر هو سو وڏي ڄام بجار جو پوٽو يا پڙ پوٽو هو[1]. شاعر چڱو جت جيڪو مير فتح علي خان جي وقت ۾ ٿيو) ۽ ڄام مراد علي ساڳئي وقت ۾ هئا. هيٺيون بيت (جنهن ۾ هڪ هندي بيت واري معنيٰ سمايل آهي سو) ڄام مراد علي جي سچي سڪ ۽ محبت توڙي سندس اعليٰ شاعرانہ لياقت تي شاهد آهي.

وڏي وڏي وٽراه، آڻ ڪوڙين قلم جوڙيان
ڏرتي ڏر ڪاغذ ڪري لکان لالڻ لاءِ
مس جو مراد علي چئي سمنڊر پاڻي پاءِ
تہ بہ ساجن ڳڻ سنداءِ آڻ قلم چاڙهيان ڪيترا.

ڄام مراد علي، ڪبير شاهہ ۽ شيخ ابراهيم ساڳئي وقت جا هئا پر ڄام مراد علي ننڍو هو. سينگار شاعري جو سلسلو لس ٻيلي مان هليو ۽ ملير ۽ ساڪري جي شاعرن ۽ سگهڙن وٽ پهتو جن ۾ سيني ڪان پهريائين غالباً ڄام مراد علي سينگار جا بيت چيا. انهيءَ سلسلي ۾ سندس هڪ بيت جنهن جو ذڪر مٿي باب ٻئي هيٺ 58 – 59 صفحن تي تفصيل سان اچي چڪو آهي، سو هڪ لحاظ سان 'سنڌي سينگار شاعري' جو شاهڪار آهي. سانوڻ جي مند ۾، کنوڻين ۽ ڪڪرن جي تشبيهہ سان، سهڻي محبوب جي سونهن بابت سندس هيٺيون بيت پڻ نهايت سهڻو آهي.

وڄون عين عجيب جا، ڪارا بادل ڪيس
سانوڻ منهن محبوبَ جو نور نديون نت نيس

---

[1] انگريزن جي دور جي رڪارڊ (جاگيرن جو ڪتاب. 1888ع) موجب 'مراد علي پٽ مهر علي پٽ بجار' ڄاڻايل آهي. موجوده ڄام مراد علي صاحب طرفان ماستر محمد حسن جوکيي جي موڪليل شجري موجب 'ڄام مراد علي پٽ ڄام بجار' ڄاڻايل آهي. ڄام بجار، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي وقت (1762 – 1772ع) ۾ پڪو جوان هو. هڪ سؤ سال کن پوءِ سنہ 1259هہ/1843ع ۾ سندس پيڙهي مان ڄام مهر علي نوجوان هو: يعني تہ انهن هڪ سؤ سالن جي عرصي ۾ فقط ٻہ پيڙهيون (ڄام بجار ۽ پوءِ ڄام مراد علي) نہ پر شايد چار پيڙهيون ٿيون هجن. هن طرح جو: ڄام بجار، سندس پٽ مراد علي پهريون، سندس پٽ مهر علي، جنهن جو پٽ ڄام مراد علي ٻيو. جنهن جو پٽ ڄام مهر علي جيڪو انگريزن جي سنڌ تي قبضي وقت نوجوان هو ۽ سندس گهڻي عمر پوءِ انگريزن واري دور ۾ گذري. ڄام مراد علي ٻيو شاعر هو جنهن جو پٽ ڄام مهر علي توڙي پوٽو غلام الله بہ شاعر ٿيا.

شام رنگئون رنگ بادليا، ڪن ڪئيسريا وس ويس[1]
ڪوئل، پپيهل، آهو گينور محب مڃايا ميس[2]
تن محبن جي، مراد علي چئي، منهنجي روح وٺي تي ريس
لالن جي لبيس، حورون جهڙپ جهپي نيون.[*]

چڱو ڄـ

چڱو ڄت پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس هو ۽ پڻ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. ڪڇ ۾ ابڙاسي واري علائقي ۾ 'سنڌيارا' تلاءَ تي رهندڙ هو. مير فتح علي خان ٽالپور جي دور ۾ ڄتن ۽ چانگن جي وچ ۾ "چاٽي واري جنگ" لڳي جنهن ۾ چڱو پاڻ وڙهيو هو[3]. 12 صدي هجري جي آخر (18 صدي عيسوي جي پڇاڙي) ڌاري ٿي گذريو. جوکين جي ڄام مرادعلي ۽ سندس وچ ۾ بيتن جي ڏي وٺ ٿي. ڄام مرادعلي سانوڻ جي مند ۾ سوپياوان زال جي فطري سونهن بابت پنهنجو مشهور بيت چيو ۽ غالبا وقت جي بين شاعرن ڪان بہ اهڙي بيت جي گهر ڪيائين جنهن جي جواب ۾ چڱي هيٺيون بيت چوائي موڪليو.

سارنگ نين سڄٽين، جهڙ جيئن اگمياس
اپ قمر، ڪيس ڪڪر، اوڍڻ ڪيسرياس
سبزه لتاڙي آئي تنهن جا پرتئون پير رتاس
منهن ۾ مينهن ڦڙين جا مينڌين موڙ ڳتاس
آڏو تنهن عجيب جا پرون بين بنياس
چمڪي وچ چڱو چئي، اهڙي سونهن سندياس
سڻ جوکيا جواب جت جو انهي اهڃاڻاس[4]
ڳچي ڳات ڏناس، اچي ڪامڻ گڏي ڪانڌ کي.

---

[1] ر: "شيام رنگيون رنگ بادليا الخ"

[2] ر: 'ڪوئل، ڪپيهل، آهو گينور محب ڪيا تي ميس'.

[*] شيخ غلام حسين ولد شيخ سائينداد جي لکيت ۾ آندل روايت موجب.

[3] 'چاٽي واري جنگ' بابت چڱي پاڻ بيت چيا. ڏسو لوڪ ادب جو ڪتاب "جنگ ناما" (سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع)، صفحا 302 – 308.

[4] سڻ جوکيا = ٻڌ ڄام مرادعلي جوکيا.

راڄن شاهه

سيد راڄ محمد شاهه عرف راڄن شاهه بن نور محمد شاهه بخاري، غالباً 18 صديءَ جي آخر ڌاري ڄائو. سندس مستقل سڪونت ميرپورساڪري جي ڳوٺ 'ماتي' ۾ هئي، جنهن جا پڊ هن وقت لڏيا واهه جي ڏاڪڻي ڪپ تي (تعلقي ميرپورساڪري ضلعي ٺٽي ۾) موجود آهن. انهي ڪري مقامي طور هو "راڄن شاهه ماتائي" جي نالي سان مشهور ٿيو. راڄن شاهه هڪ سخي مرد ۽ ڪچهرين جو مور هو. محبت ۽ مجاز جو ماريل ۽ مجازي شاعري جو علمبردار هو. سندس شاعري جي هاڪ لس ٻيلي وڃي پهتي. ڄام مير خان قاصد موڪلي کيس گهرايو ۽ هن اتي ٻيلي جي شاعرن سان ڪچهريون ڪيون. راڄن شاهه جي صحبت جو اثر ملير جي ڄامن مان ڄام مهر علي، ڄام غلام الله توڙي قيصر خان ٻنڊ تي پيو جن پڻ سهڻا بيت چيا.

ڄام مهر علي ۽ راڄن شاهه ٻئي همعصر ۽ ٽالپورن اميرن جي آخري دور جا وطن دوست ۽ وڏي عزت وارا اڳواڻ هئا. جن کي انگريزن جيل ۾ وڌو ۽ وڏيون تڪليفون ڏنيون. راڄن شاهه خلاف 31_ آگسٽ 1849ع تائين پڇائون ٿينديون رهيون. غالباً ان کان پوءِ ڪجهه عرصي بعد وفات ڪيائين. سندس قبر سندن وڏي بزرگ سيد بايزيد بخاري جي قبرستان ۾ آهي، جيڪو ٺٽي ضلعي ۾ گجي ۽ گهاري جي وچ ڌاري ٿهيمن جي ڳوٺ جي ڏکڻ طرف (ڪراچي ڏانهن پاٽي نيندڙ نئين چئنل جي اترئين ڪپ لڳ) آهي.

راڄن شاهه، گوريءَ جي سورهن ٻارهن سينگارن واري معنيٰ ۾ هيٺيون بيت چيو جيڪو ان موضوع تي غالباً آخرين سهڻو بيت هو. جيڪو سنڌ جي هڪ وڏي شاعر چيو:

جب گوري گهنا ڪري، 'سولهن' هار حسين
'ده دو' دائم درس رکي، جلويدار جبين
'چلنت' چور چڪي ٿيا، هرڻ هنيا هستين
'اڏنت' اولي ۾ رهيا، ڪچي ڪوئل ڪين
ديهيءَ کان ان ڌم ڇپي، ڪي بَس موتيين تجلي مين
ڇڏي ڦور 'ڦول' ڦڪا ٿيا، ٻيئا ڦلَ ڦلِي نہ
جي هر جاء اهل هنر جا ٿا چوٽا عاقل چِين
آئي تصوير طرح نہ تني کي، ٿيا غم انهيءَ غمگين

ڪئين سي ناتر ناز نهوڙيا، ٿيا تختئون تالابين
هردم حڪم حبِيبَ اڳيون، ڪا ناهي جاءِ نگين
ٻيو ساڻن جوڙيان ڪونہ ڪو ظاهر سر زمين
مرڪي لوٽيئون لوڏ سين، موهي مون مسڪين
روح ۾، راڃن شاهہ چئي، آهي سچِي سڪ سنڌين
عشقون امل امين، هينئڙو ڪنئونم ڪسي ويا*.

هينئون بيت راڃن شاهہ عام سنڌي شاعري واري اسلوب ۾ چيو ۽ نهايت ئي سهڻو چيو.

منهنجي دلبر جي ديدار خجل ڪيو خورشيد کي
خورشيد ڏسي خِجل پيو منهنجي دلبر جو ديدار
ڪوڪب قمر قريب جا، دائم عرض گذار
حورن حال حجاب ڪان ڪي جاءِ پسند پيراز
پَرِيَنِ از خود پاڻ تي ڪٽي حاج رکي هموار
ڪم نزاڪت ناز جي، ڪيا ناظر سڀ نثار
جي سڄو نهارن سپرين ڪڏهين ڪنهين وار
تہ لوڪ مڙئي لبريز ٿيئي، هزدهون هزده هزار
جي مرڪن محب مهر منجهان، ڪن نرمي روءِ نکار
تہ مردا جِين جهان جا، نہ جئرا مرن ڄمار
ڪاڪت بار جبار جي لڳي ارض سماء کي عار
جلوي ساڻ جبين جي ڪن روشن ڪئڻ رخسار
تہ ڪڏهن چمڪي ڪانہ ڪا، بجلي بدل بهار
جي رکن ڪيس ڪلهن تي ڪٽي يڪي قدم يڪ وار
تہ ويسي چلت چلڻ ڪئون افتاد پون اڳوار
ڪينچن تي ٻُوڪن جو جڏ جانب ڪيو جنسار
تڏ خورشيد ڏسي خِجل ٿيو منهنجي دلبر جو ديدار

---

* حامد خان رند جي زباني قلمبند ڪيو ويو ۽ پڻ ساڪري جي ٻين سگهڙن جي پڙهڻين سان پيٽيو ويو. هن ڪان هينيون بيت داناء سگهڙ حاجي سرمان خان بگهياڙ ۽ سگهڙ حامد خان رند جي زباني قلمبند ڪيو ويو.

سورهن ٻارهن ڪئون سرس هئا منهنجي سهڻل کي سينگار
مشڪ عطر کي مات ڪيو پرين جي تہ پگهار
عالم سڀ آباد ٿيو ٿيا ٿر بر باغ بهار
ايڏي دوست دماغ سين آهن ياور منهنجا يار
مون کي مهڻا تن جا آجِڪا، آءُ تڳان تني جي تار
روح منجهہ، راڃن شاهہ چوي، آ گوهر جي گفتار
ان جِي سار سنڀار منهنجي نينهن اندر ڪيا نجهرا.

غلام الله جوکيو

غلام الله پٽ صالح محمد پٽ چام مراد علي، ملير ساڪري جي وڏن شاعرن مان هو. هينئين بيت شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جي بيتن جي پيران چيائين.

جهڙا انف ابرو عين عجيب جا، تهڙا ڪنهن جا ڪين ميان
زلف مسلسل مشڪ ۽ عنبر، مار سيہ مسڪين ميان
پيشاني تي پاڪ پِريان جي، پگهر مثل پروين ميان
احمر عارض انور گلگون، نازڪ جيئن نسرين ميان
لالن ڪؤن لب لعل رنگيني، رشڪ شڪر شيرين ميان [1]
موتين ڪئون وڌ دم دم دندان، سهڻا در سيمين ميان
انگ اندام عجيبن جا سڀ صاف صفا سيمين ميان
خلعت خاصي بر تن زيبا، زينت زور زرين ميان
جهڙس ڪونهي جڳ سڄي ۾، ظاهر روءِ زمين ميان
وه وه وصف عجيب جي ڏاران، ٻولي ڄاڻان ٻي نہ ميان
بيت بنايو غلام الله طرز عجب تخمين ميان
الله ڪندو آمين ميان، مانَ ملان محبوب کي.

سگهڙ حامد خان جي روايت موجب، غلام الله هينئين بيت جلال ڪتي جي بيت "جئن هي ابر بهار - الخ." کان متاثر ٿي چيو:

جلوو وڌ جانب جو آهي قمر ڪئون بہ ڪثر
ڪڪر برسيا قريب تي، ڪيو تجلو تليهر

---

[1] اصل. 'ليلن ڪؤن وڌ لعل رنگيسي رشڪ شڪر شيرين ميان'

مرگهہ شرمايا مين سين، عين دهن پسي دلبر
لتڪيا هندول لب ڏسي اعليٰ سرخ اڳر
مک ٻري محبوب جو سوايان سينگر
سيءِ ڳچي ساڄن سنڌيءِ ڪيلا سنڌس ڪر
گهلا چلت غلام الله چئي، ڪينٺ سنڌي ڪيهر
ديهي تِنهن جي ڏم ڇپايا، ٿيا ڪوڙا منجهہ ڪڪر
پارس پرين پرو، زوڌئون رسج ضعيف ڪي.

هيٺيون بيت عام سنڌي شاعري واري رنگ ۾ راڃن شاهہ جي بيت جي پيران ڇپائين:

سپني منجهہ سوار ستي ڏٺم سپرين
تہ ڪنهبو ويس خوب گهٽو متي سر منتار
ڪنڊلا ڪيس قريب جا، واسينگ پينا وار
هندول وتن حيران ٿيو سرخيءَ لبن سچار
سي غم – گذار غلام الله چئي، ايڏي سين اختيار
مون ڪي سنهن ستار تہ ڪونهي مٽ محبوب جو[1].

قيصر خان پنڌ

قيصر خان هيٺيون بيت راڃن شاهہ واري بيت کان متاثر ٿي چيو. پيبت ۾ سنڌس شعر جي جنس البت سادي آهي:

جيئن سي اين بهار شام وقت سرخيءَ جا
تهڙو دستور دوست جو اوچو ويس اپار
وسيهر وار سهٽا گهٽو تليهر ڪئون تڪرار
چشمن اهڙي چين ڪئي، جيئن ڪنوڻ ڪري خنڪار
لالائي سان لبن جي تي ڪنهنبي ماريا ڪار
ڇاتِي پسي چڪن ٿيو سج چوان سردار
تِنهن ماه ڪي مشتاق ڪيو ساڄن جي سينگار

---

[1] حاميد خان رند (ساڪرو)، مرحوم محمد امين پوتاڻي (دريجي) ۽ سردار اميد علي خان پوتاڻي جي زباني. ۽ منشي صالح محمد ٻري جي بنديءَ ۾ لکيت واري روايت سان پيٽيل. سوار = سهڻي وار، ڇڳي وار ۽ وفتہ. پينا = نانگ جهڙا. هندول = ڳاڙهو جيت مينهن وساڙو.

چست وچي چالاڪي سان، تہ اچي نہ ڪنجل ڪار
سچڻ سپچِي سراءِ مان، نڪري ٿيا نروار
ڪر انبر منجهان اوس ٿيو، جيئن بجلي ڪري بهار
تِنهن جي قدم قدم تان ”قيصر خان“ چوي، مان صدق آهيان سؤ وار
منهنجي پِرين اهڙا پار، جيئن ليل منجهان پريات ٿيئي*.

ملار لاشاري

ملار لاشاري، ڳوٺ ڏيٽي بچايو ديهہ گگهي (ميرپورساڪري کان ڏيڍ ميل اوڀر طرف) جو ويٺل هو. مختلف روايتن موجب سنہ 1920ع ڌاري وفات ڪيائين. ساڪري جي سگهڙ مراد علي لاشاري جيڪو ستر ڪن سالن جي عمر ۾ سنہ 1958ع ۾ گذاري ويو تنهن جوانيءَ ۾ ملار کي ڏٺو هو.**

(1)

پورب ۾ پدمڻيون گونئريءَ چال چلن
هٿين، پيرين، آڱرين، نيڻين نينهن رکن
مور آڪيرو محبتي، اِها پر پکيئڙن
ڪونج تواري، روھہ سنياري، ڪري آھہ مٿي عرشن
تاڙي تنوار اها اپڪار، منداتن مينهن
سچڻ آيا مون نہ وساريا، ڪهڙيءَ محب ملن
اهڙين اهيڃاڻن، ٿي مليس محب ملار چئي.

---

* ميان محمد امين (دريجي) ۽ سردار اميد علي خان پوتاڻي (دريجي) جي زباني ۽ منشي صالح محمد ٻري جي بنديءَ تي قلمبند ٿيل روايت مطابق پيش ٿيل.

** زباني محمد حسن لاشاري، ميرپورساڪرو. هينيون بيت محمد پور ضلعي جيڪب آباد ۾ مرحوم در محمد خان اڊي وٽ رکيل ڪچهري (25- ڊسمبر 1959ع) ۾ سگهڙ گابر خان چانڊيي ٻڌايو پر اهو بيت غالبا ملار جاگيراڻي جو.

جانب جهڙو جڳ ۾ آءُ ڏسان ڪونہ ٻيو
پِيتيون ڪيف قلوب ۾، وتي خان ڪيو
اوجر تنهن عجيب جو ٻري لاٽ ڏيو
ماڙيءَ منجهہ ملوڪ اچي پائيندم ليو
مٿي ساھہ سيو، معافي ٿيندم ملار چئي.

(2)

جِئَن پتر گل بَنن، تِئَن سهڻا ٻَگل سجڻين
جِئَن کهنبو رنگ ڪلي پوي، تهڙي لالائي لبَن
جِئَن سهڻا موتي سپ ۾، تهڙي ڏت ڏندن
نڪ تہ نيڻ وچ ۾، چِتونءَ چهنبَ چون
جي منهن واري مرڪن، سي ملنم محبَ ملار چئي.

الهداد ڪرمتي

الهداد ساڪري جي ڪرمتي سردار ملڪ ٻبر جو پٽ هو. پنهنجي وقت جو داناءُ سگهڙ هو. ٽالپور اميرن جي دور ۾ گذريو.

(1)

مون اڄ هڪ ڏٺو جو آدمي، جوڙ چڱي جنسار
ويتر واسينگن اڳرو، ڪٿر ڪيسين ڪار
ان جا عين اباڏا، ڪن نہ ٽالا، جهڙپ هڻن جهونجهار
ڪنجن پريا ڪيهہ انهيءَ جا، ٻرگهہ سارنگ ميگهہ ملار
ڏسي سنوني سڄڻين سڪيا، ڏک ڏسي ڏو ڏار
آءُ ڪريان قربان بدن قريب جي، رخ زينت تي زنهار
ڪئينچن تي بوڪن جو جڏ جانب ڪيو جنسار

---

(2) سگهڙ حاميد خان رند (ساڪرو) ۽ حاجي محمد هاشم مڱڻهار (سال) جي زباني قلمبند ڪيو ويو ۽ پيٽيو ويو. ٻئي ڪنهن گهٽ چاڻ واري، ملار جي هن بيت جو هيئينءَ طرح نقل ڪيو تہ:

جيئن سي پتر پن، تيئن سهڻا ٻَگل پِرين
منهن ملوڪ محبوب جو، چڱيءَ پت چون
اکيون تنهن عجيب جون ٽيون ڪجل ريءَ ڪهن
لڪ نشاني وچ ۾ چتونءِ چنهب چون
جئن سي موتي سپ ۾، اها ڏت ڏندن
پير ڪٽي تي پدمڙا، سنهي ٻر ٻانهن
ڪنهبي جيئن ڪڙي پيا، ڪئي لالائي لڱن
مولي محب ملن، سدا سهڻا سپرين.

(1) سگهڙ حاميد خان رند جي زباني قلمبند ڪيل.

ڪنئون چڱيءَ ڪنڪار، منهنجو هنيون هوت ڪسي ويا.
ڏند ڏوڏر دس دامنيون، پور پرون پئونراس
منهن موچارو ماهه ڪئون، گنير ڳت ڳراس
ترميزن ڪئون تڪڙي، اچي چِين چوانس
نوڪر انهي نانس، آهيان الهداد چئي*.

بلوچ

بلوچ غالباً ساڳيو شاعر 'نوت بلوچ' جيڪو لس ٻيلي طرف جو هو. سندس هينيون بيت پڻ لس ٻيلي طرفان شيخ غلام حسين (ولد شيخ سائينداد) جي لکيل روايت ذريعي دستياب ٿيو. سندس هي بيت مٿي باب ٻئي هيٺ (صفحي 59 تي معنيٰ سميت) اچي چڪو آهي.، پر ان کي هت وڌيڪ روايتن سان ڀيٽي رکيو ويو آهي.

سرس سدا سارنگ جئن ڪنڌين ڪئونر ڪياس(1)
مک هي محبوب جو جيئن ڪنٺهار ڪڙياس
عشق پيچ انگن تي، موتي منهن ڳتاس
هيرا جوهر منهن ۾، لبين لال لڳاس(2)
هلڪو هار هڪيءَ تي، بئينسر بين ٻٽياس
گڏي ڪامڻ ڪانڌ کي، ڪئيسريا ڪيڍياس
برسي بوند بلوچ چئي پرون تت پناس
جيلا واڙي وچ وڏياس، تيلا ڪچوئا ڪئونر پسائيا(3)**.

---

* محمد يعقوب برڙي ۽ خاقل برڙي جي زباني قلمبند ڪيل. مختلف پڙهٽيون: 1. اوڏ پنوريان ٻياس 2. گت گرانس 3. ترميرن ڪؤن تکي تنهن جي اچي چين چوانس.

** حاميد خان رند، ماڻڪ خان لغاري (جنهن سگهڙ الله ڏني ماڇي وينل لڳ ڏنبي، ٽنڊو محمد خان کان ٻڌو) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ منشي صالح محمد ٻري جي بندي ۾ لکيل روايت سان ڀيٽيل. ٻيون پڙهٽيون: 1. سندا سرس سارنگ جيئن ڪنڌن ڪؤنر ڪياس 2. سنهان موتي منهن ۾ لبن لال لڳتاس 3. وٿاڻ وچ ڏنياس، لار لئيندي وچڙا.

موسو منڌير لاشاري

موسو لاشاري، هيٺ پاڙو موساڻي ۽ مٽي منڌير. ڳوٺ دريا خان منڌير (ڳاڙهي کان ٻه ميل اوپر طرف) تعلقي ميرپورساڪري جو ويٺل هو. سنه 1880ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس هيٺيون بيت ساڪري جي سگهڙن وٽ عام مقبول رهيو[*].

صورت سونهن سپرين کي جوڙ چڱي جنسار
ڪنون موتي ملوڪ کي جي ڏنس ڏند ڏاتار
نڪ نراڙان اڳرو طوطي جي تلڪار
هرڻ اکيون حبيب جون، تکا جني تار
ٻنيا پِرون پئونر جان، واڌو سندس وار
هلڻ چلڻ حبيب جو ڪر ڍرڪڻ ڍيلن ڍار
خلق ٻولي خوب وٽي، چڱي مور چينگهار
اپر آواز سيباٽا، ڪر ڪاهل ڪونج تنوار
فراقي فڪر سين، ڪر ڪوئل کي ڪٽڪار
سي سجڻ آيا سامهين، ڪارايل جئن ڪار
سي ورن واسينگ ڪينڪي محب مٺا موچار
اکين وراڪا وچ جيئن، آگم ڪيا اپار
ڪيئن وهامن راتيون، بنا دوستن ڏار
من ۾ مٺيا محبوب جا، وڇونئڙن ويچار
گن ٻڌائين گنگهرا، ٻي جانجهر سان جنسار
پيرن منجهه پدمٽي جي، ڪڙيون ڪرف دار
چلين ورٽين چمڪو لايو ڪيرولين ڪينڪار
چٽڪن نورا چٽاٽ ڪيو جانب کي جنسار
منڊيون، مهريون، منگليون، ٿهيون ڪري ٿاهار[1]
ڪپ، واڍولا، ڪتريا، بازو بند بهار

---

[*] مراد علي خان لاشاري. حاميد خان رند ۽ ملان پنهنجي منڌير جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل.

[1] مراد علي خان: مينا ڪاري منڊيون هيون آڳرين اپار.

ايڪ داڻي عجيب ڪي، چمڪي تي چوڌار
آلي، تڪڙو، ڏاندڙي، بولين جي پلڪار
نٿ ويندو نڪ ۾ قلڙي قيريدار
تندن ابتا تار، ہندئين لتڪين لار
ڪر، در، ڪوڪيون، ڪڙيا ڪنٺهار
لاتئين ڏيدي، لاتئين جهمتي، لاتئين لئون لغار
پوپٽ پاتائين پنڙا، جهاہا ۽ جهالار
هلڪو هار هڪيءَ تي، طوقن جي تلڪار[1]
ڪنڌ تي ڪڪور ڪنمال جي، ڪيا تجلا تائيتن ٿهار
پر مچلا تنهن ملوڪ کي ٿا سونهن سڀ سينگار
ساڳوتِيون سڳين ۾ چوتين ڦل چوڌار
جِسيءِ جڙين جانب ڪي آهن شلو بند شمار
وڏائين ہانهن رکيون ہانهن ۾ ہيو اٽن والڙين ساڻ واپار
لڪون تنهن لعلڻ ڪي، آهن زيب ظهار
سڀ بنيون ساجن ڪي، گوڪون غم گذار[2]
ڏيديون جهمتيون ڏيک سين لائي لنءُ لغار
پاپڪنڙيون پاہوهيون، ہيا ڪڙيا ڪنٺهار
ڏمڙي تِڪڙي ڏهسئي، ہيا آهن مينڍي ڦل اپار
پوتِي هئي پريت سان، مڙهي مانگهه مٽيهار
ڪنڊيو ڏاڻ قميص جو آهي تندن ابتو تار
ڪٽن ٿا خوشيءَ مان ڪي بي غم ايڏا بار
ايڏا جن اختيار، سي آهن محب پرين موسو چئي.[3]

---

[1] ملان پنيو: هلڪا هار هس ڳچيءِ ۾ پر تؤنڪن توار.

[2] مراد علي خان: سونهن ٿيون ساجن ڪي، گوڪون گم گذار.

[3] ملان پنيو: اهڙي سان اختيار، مون ڪي گڏيا محب موسو چئي.

(و) ڪوهستان ۽ ڪاڇي جا شاعر

ڪوهستان – ڪاڇي وارو علائقو ٽن ڀاڱن يعني دادو ضلعي، لس ٻيلي ۽ ملير – ساڪري وارن علائقن جي وچ تي آهي. انهي علائقي ۾ به سگهڙ شاعر ساماڻا جن ’سينگار شاعري‘ ۾ بيت چيا پر انهن بابت پوري معلومات ملي نه سگهي آهي. دوس محمد (دوست محمد) راڏو ڪرمتي ’دريجي – ڪنراڇ‘ واري پاسي جو ۽ مينهن وسايو مڱڻهار ’تونگ‘ جو ٻئي خاص ڪوهستان (دادو لس ٻيلي ۽ ڪراچي ضلعن جي وچ وارو جابلو علائقو) جا هئا. ڪاڇي جي جوهي واري ڀاڱي جي ڪن شاعرن جو ذڪر ”دادو – لاڙڪاڻي طرف جي شاعرن“ جي عنوان هيٺ اڳي چڪو آهي. سگهڙ شاعر قادر بخش به انهيءَ طرف جو هو جنهن جو بيان رهجي ويو هو ۽ اهو هاڻي هن عنوان هيٺ ڏجي ٿو ته جيئن ’ڪاڇي‘ جو ذڪر اچي وڃي. ٻيو ته ڪن نامعلوم شاعرن جا چيل سينگار جا ساڳيا بيت دادو لس ٻيلي توڙي ساڪري – ملير جي سگهڙن کان ٻڌا ويا جن مان گمان نڪري ٿو ته شايد اهي ڪاڇي – ڪوهستان جي وچ واري علائقي جا هئا.

قادر بخش

سگهڙ قادر بخش مري، جوهي تعلقي جي ڳوٺ ميرڻ ڪوٽ جو وينل هو. پنهنجي وقت جي وڏن شاعرن مان هو ۽ سندس بيت اسان اتر توڙي لاڙ جي سگهڙن کان ٻڌا[*]. سندس هينيان ٽي بيت اڪثر لاڙ ۾ ’سال‘ ۽ ’ساڪري‘ جي سگهڙن وٽ عام مقبول رهيا. اهي جلال جي بيتن جي پران چيل آهن جن جو ذڪر مٿي (صفحن 112 – 114 تي) اچي چڪو آهي.

(1)

تفنگ تليهر تِين نه، جِيئن عين اٽانگا ڪامٽي
ٿهي بيگ بَنيئل جي، واسينگ جي وصِبِين
هيءَ لاله چا لبيس ڪندي، محب اڳيان مسڪين

---

[*] محمد خان لغاري (عمر هڪ سؤ کن ورهيه 23_ جنوري 1958ع تي جڏهن ساٿس قصبي ۾ ڪچهري ٿي چيو ته قادر بخش مري هو ۽ قصبي (تعلقي جوهي، ضلع دادو) کان اڌ ميل کن اتر طرف ”ميرڻ ڪوٽ“ جو وينل هو.

[1] سگهڙ حامد خان رند جي زباني قلمبند ڪيل.

ڏيھيءَ ٿھنجي ڏم ڇپايا، ڇيلھ ڇيلاٽي ڇِين
اھڙي، سرت سجين، مون ڪان ھنيون ھوت ونئي ويا.

(2)

تڪا تليھر تين نہ، جٺن آھو نين عجيب جا
ماريس انھيءَ مامري، جو وٽن ويئيس ڪين
منئي ٻولي ٻاجھ پرين جي ڪوئل چاٽي ڪين
انھيءَ سرت سجين، ھينئڙو ھوت ڪٽي ويا.

(3)

تليھر ري نہ ترٽا، جن جي منھن منجھ مين فمين
ڳڻ ڳورائي ان جي، ڪاف برابر ڪين
سونھن سورج ڪنئون اڳري، ڪنڌ ڪوئل درھ دين
ابَرنين، پڳ پالٽو ڇيلھ سنھي سر ڇين
منيس ڪندا مامرو آئون وٽن ويئيس ڪين
اھڙيءَ سرت سجين، منھنجا آھن قريب قادر بخش ڇئي.

--

لوڏي لاڏ پريون، ٻئي ڪنيائين ٻانھڙيون
ڪامڻ جون، قادو ڇئي، آھن اڪيون آب پريون
وتي واسينگن جان، وھ سان وات پريون
پسي اوش ان جا، وڇون ات وريون
سورج سج سلام ڪري، ڏرتيءَ نرڙ ڏريون
پاسي منجھ پريون، عرض ڇونديون آئيون[*].

دوس محمد راڏو

دوس محمد راڏو ڪرمتي، ڪوھستان جي دريجي - ڪنراچ واري علائقي جو وڏو سگھڙ شاعر ھو[**]. ھو سنڌي سينگار شاعريءَ جي نسبتا

---

(2) سگھڙ حاجي محمد ھاشم مڱڻھار (سال، تعلقو ڪوٽڙي) جي زباني قلمبند ڪيو ويو.

(3) ساڪري جي سگھڙن حامد خان رند ۽ ٻنگل خان مروئي (ڪرمتي) جي زباني قلمبند ڪيل ۽ پيٽيل.

[*] سگھڙ محمد يعقوب ابڙي موچي جي زباني اباوڙي ۾ قلمبند ڪيو ويو.

[**] مرحوم ميان محمد امين پوتاٽي ٻڌايو تہ دوس محمد ڪنراچ طرف جو ھو ۽ سؤ ڪن سال اڳ ٿي گذريو.

پوئين گروه جي شاعرن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سينگار شاعريءَ جي اصطلاحن ۽ محاورن جي پوري ڄاڻ ۽ زبان تي ملڪي سببان هن نه فقط سينگار شاعريءَ جي عنوانن کي نهايت ئي سهڻي نموني ۾ نباهيو مگر هن مشڪل فن ۾ هن جملي ٻين شاعرن کان ڏکهي ۾ ڏگها بيت چيا.

(1)

ترنيءَ کان تجلو ٻلو بٽينسر باني بين
آڌر چور عجيب جا، مک مثالي مين(2)
چين هٽي چنهبائي وٺو پوءِ کهنگ نهاربو ڪين(3)
اِن پر دلبر، دوسو چٽي، آ منهنجو ڪم منجهين
ڏند موتي چپ چين، وڏ آهوئون عين عجيب جا*.

اندرپ چيني چين، ناهي ڪٺنچل مٽ قريب جي
اس پهه پيري پيروان، اِس پهه قز قزين
ال چنور، چالي چگر، طرح طوطل بين
زوئن ڪنجن ڪيس ڪن، سر ڳهه سرک سندين
اِهڙي محب مهين، ريهو روح رموز سين.(3)

تڳي ۾ تجلا ڏٺي، جٽن چمڪي چاسينگر
آهو عين عجيب جا، هن اونداهيءَ اوجر

---

* هيءُ بيت جدا جدا سگهڙن وٽ ذرا فرق فير سان هلندڙ آهي. متين پڙهٽي سگهڙ ڄاڙي خان مري، حاميد خان رند، محمد امين پوتاڻي، الله بخش پالاري ۽ ڪنهن هڪ ٻئي سگهڙ جي زباني روايتن سان ٻيٽي قائم ڪئي وئي آهي. ٻيون پڙهٽيون: (1) اصل پڙهٽي = مک مسايل مين (3) چين هٽي چنهباتي ويون سو تہ کهنگ نهارئين ڪين.

(2) سگهڙ سيفل پٽي (جنهن پنهنجي استاد سهائي موچي کان ٻڌو) جي زباني. ڪڇهري اوطاق دامن شاه جيلاني ٺل ۾ تاريخ 14 _ مارچ 1972ع تي قلمبند ڪيو ويو.

(3) قادر بخش راڄپر، لڇمڻ ينيري، رحيم بخش ڪفش دوز ۽ نور محمد شنباڻي ۽ سيفل پٽي جي زباني قلمبند ڪيل. ۽ پڻ مرحوم عطا حسين شاهہ موسوي وٽ لکيل ۽ ڊاڪٽر سنديلي جي ڏنل پڙهٽي (س) سان ٻيٽيل. هيءُ بيت متين سگهڙن وٽان اڪثر ٽن، چئن يا پنجن سٽن جي صورت ۾ هلندڙ هو پر (س) واري هيٺين سٽ ڪانہ هئي:

پس پجو پر جو اصل کان انچر

ماه اڇي مشتاق ٿيو تاءَ چڙهي تڪبر
اڳتئون آريءَ ڄام جي ڄاهي شمس قمر
واري وتافر ساڄن تئون صدقي ڪيان.

[تڳي = اونداهي. ڄاسينگر = ٽانڊانو. وتافر = ڪنوڻ (جو تجلو) يا سون (جو سهڻو رنگ)]

هيٺين بيتن ۾ دوس محمد 'سينگار شاعريءَ' جي اڪثر مروج تشبيهن جو جائزو وٺي، مڙني مشابهہ شين کان محبوب جي حسن کي بلند ۽ بالاتر ثابت ڪيو آهي.

(1)

1ـ سونهن سخاوت شان، سڀ ڳڻ لائق سپرين
2ـ چِيهان چرن چڱان گهٽو پاريور پڳ پا نہ
3ـ سڄڻ سوڙا سرو ڪاڻ، ڪيهر ڪٽ ڪسلان
4ـ ڪنجل هنجهہ ڪنبڻي ويا، چال برابر چان نہ
5ـ ديهي ان جي ڏمر ڇپائي شمس قمر شمعدان

---

[1] 2. چيهان = چيهي پکي جي پيرن جي لالائي کان، يا چيهي گاه جي ڳاڙهي رس کان. چرن = پير. پاريو ريڳ پا نہ = ڪبوتر جا لال پير يا ڪبوتر جي سهڻي تور وارا قدم (پڳ) محبوب جي سهڻن قدم جي برابر نہ آهن (پا نہ). 3. ڪيهر ڪٽ ڪسلان = محبوب جي باريڪ ڪمر جي مقابلي ۾ ڪيهر شينهن جي چيلهہ (ڪٽ) سست (ڪسلان) يعني گهٽ آهي. 4. ڪنجل = هاٿي. چان نہ = آءٌ چوان نہ. 5. ديهي = محبوب جو لال سهڻو بدن. ڏمر ڇپائي – الخ = وڃن کي جهڪو ڪري ۽ پڻ شمس قمر ۽ شمعدان کي. 6. ڪمر = گهٽ. ڪنچن =سون. اگن = آگ. 7. الڊهان انگ عجائب اڳرا = محبوب جا عضوا ۽ اندام (انگ) مکڻ کان (الڊهان) وڌيڪ نرم ۽ نازڪ آهن. 8. ڪيلان = ڪيلي جي ڦري کان. ڏٺا دست ديا جي دان = مهرباني ۽ نوازش واري خيرات سندس هٿن کي ڏوتو ۽ چمڪايو آهي. 9. قائم ڪر = نروار ڏکهي ڳچي. ويا ائنگي جا اوسان = مور جون مڙيئي وصفون ختم ٿي ويون. 10. لسان = زبان 11. رمان = ڏاڙهون. 12. محبوب جي وات (دهن) ۾ جي سهڻا اڇا ڏند (ڏچن) آهن تن هيرن توڙي موتين (ڏوڏر) کي حيرت ۾ وڌو. 13. سال سپين پرين = سيني وصفين سهڻا. 15. هندوا = مينهن وساڙا جيتہ 16. چيهون = هرڻ. چپ = اک (محبوب جي). 17. محبوب جي ڪنڌي نڪ (نيف) طوطن (ڪئونتر) کي پنهنجو تابع ڪيو آهي، ۽ محبوب جي ڪارن وارن کي ڏسي ڪارا نانگ (اليهر) پڻ حسرت وچان افسوس ۾ آهن.

6ـ ڪمر ڪنچن آڳن عجيب اڳيئون مات ٿيا مرجان
7ـ الڌهان انگ عجائب اڳرا، ريشم ڪرمچ ڪل قربان
8ـ وڏ ڪيلان ڪر ڪرائيون، ڏٺا دست ديا جي دان
9ـ ڏسي قائم ڪرُ قريب جو ويا آئنگي جا اوسان
10ـ ڪوئل، ڪونج ڪيچي نهين لفظ نہ ڪنهن لسان
11ـ لبن لالي لعل ڪان چيا رونق رنگ رمان
12ـ هيرا حيرت ۾ وڏا ڏوڏر ڏچن ڌهان
13ـ سالڪ سال سيين پرين صورت سرت سبحان
14ـ دوس منا، ”دوس محمد“ چئي، تلخ تنهين وٽ تا نہ
15ـ روءِ رمز پسي رخسارن جي، ٿيا هندوا هنڌ حيران
16ـ ڇيهون ڇپ چريا ڪيا، پؤنر پرن ٻيران
17ـ ڪٺونتر نيف نمائيا، اليهر ۾ ارمان
18ـ ساجن جي سينگار جا، اجان بيحد باب بيان
19ـ ڪا مٽ تنهنجي ڪانہ، جنس جڙي ٻي جوڙ ڪا.

(2)

1ـ ترنگهن تليهر، ابُرن پونر عرق ڪٺا
2ـ آهي نيف عجيب جو ڪنا ڪيل ڪٽر
3ـ نينن مرگهہ نمائيا، فوڳان وڏ فوڳر

(2) 1. محبوب جي ڪارن وارن (ترنگهن) ڪارن نانگن (تليهر) کي، ۽ سندس ڪارن پرن پونئرن کي شرمائي پگهر ۾ پاڻي پاڻي ڪري ڇڏيو. 2. نيف = نڪ. ڪيل = طوطو. 3. نين = اکيون. مرگهہ = هرڻ. فوڳان وڏ فوڳر = محبوب جا ڳاڙها رخسار (فوڳر) مينهن وسائڻ جيت ڪان (فوڳان) بہ وڌيڪ لال آهن. 4. ارنا ات آڌر = محبوب جا چپ (اڌر) ارني گل کان بہ لالائي ۾ گهٽ وڌيڪ (ات) آهن. 5. محبوب جي سهڻي وات (دهان) ۾ ڏندن (دند) کي ڏسندي (ديکيي)، موتي (ڏوڏر) بہ ڏري اڌ ٿي پيا. 6. انهيءَ جي ائنچر = محبوب جي مني گفتار. 7. سهان = سهہ ڪان = ڪونج ڪان. 8. ڪيلان = ڪيلي جي ڦري ڪان. 9. انگشتيون = آڱريون، منڊيون. 10. ديهي = محبوب جو بدن. ڏم چپائي = ڪنوٽين کي ختم ڪري 11. سندس سنهي چيلهہ جي باوجود ڪيهر شينهن کي محبوب جي باريڪ ڪمر (ڪٽ) ڪنبائي ڇڏيو ۽ هاٿيءَ (گنير) کي تہ پنهنجي هلڻ واري چال ئي وسري وئي. 12. چرن = پير. چوڙ = هڪ قسم جي ڳاڙهي ڪاني (يا چور = ميندي). پگ = پير. پاربور = پاريهل پکي.

4۔ لبن لعلي لعل ڪان، ارنا ات اڌر
5۔ ديکيي دند دهان ۾، ڏري پيا ڏوڏر
6۔ ڪوئل وائي ڪم ڪي انهيءَ جي ائنچر
7۔ ماڪئان مصرئان مٺا گهٽو سهان ڳات سکر
8۔ ڪيلا ان ڪر ڪرائيون، دست چڱا دلبر
9۔ پسي انگشتيون عجيب جون جهپئا سڀ جوهر
10۔ تنهنجي ديهي ڏمر چپائي عرشين منجهه اپر
11۔ قيصر ڪٺ ڪنبائيو گئي گتِ گنير
12۔ چرن چڱا وڌ چُور ڪان، پڳ ڪان پاريور
13۔ تنهن جوت ڏسي جانب جي اڇي نايو ڪنڌ قمر
14۔ صورت سپيرين جي تي آفتابان اجگر
15۔ سي ديک سجڻ، "دوس محمد" چئي، تان آهن گڏ اندر
16۔ نائي ڪنڌ نهار تون، هٺا چو دوئين در
17۔ رک سو نافع منجهه نظر، تہ منجان تو معلوم ٿئي.

(3)

1۔ ڪنجل قيصر ڪنبئا، چال چريا ڪئا چِين
2۔ ديهي ڏمر چپائي، چا ماه مشابت مين
3۔ مرگهه مٺ محبوب سان ڪوئل ڪونج ڪبِي نہ
4۔ سي دوست مٺا، "دوس محمد" چئي، سالڪ سرتِ سنگين
5۔ هلي ڏس حسين، چا شمع ٻري شمدان ۾!

---

(3) 1. ڪنجل = هاٿي. قيصر = ڪيهر شينهن. چال چريا ڪئا چين = يعني هاٿي محبوب جي سهڻي تور (چال) چريا ڪيا ۽ ڪيهر شينهن محبوب جي باريڪ ڪمر (چين) چريا ڪيا. 2. ديهي= بدن محبوب جو. ڏمر = ڪنوٽيون. مين = مڇي (جنهن جي نن‍ڍي وات جي محبوب جي اجا بہ ننيڙي وات سان ڪهڙي برابري ٿي سگهي ٿي!) 3. مرگهه = هرڻ. 4. سالڪ سرت = سمجهہ ۾ سالڪ. سنگين = نازڪ ۽ سهڻا.

(4)

ترنگ تليھر تنھن جا، مرگھ اکيون مک ماه
ياقوتي لالي لبين، ڏوڏر ڏند صفا
الده انگ عجيب جا، پئونر پِرون بَڻيا
سرو کنا سوڏا پرين کئونتر نيف نميا
سھ ڳچي، کٽ قيصري، چيھي چرن چميا
ھنجھ گنير حبيب جي، پسي لوڏ لڄئا
تنھن جي سٽي وائي سڦري کي کوئل کوڪ نہ کا
ماکئان مصرئان مٺي گھٽو صحبت سرس سوا
شان سخاوت اڳرا، 'دوسو' دل دريا
تنھن جي ديھيءَ ڏم چپائي، شمس قمر شرميا
نواڙو تنھن نرمل کي پِرھہ کري پوڄا
جنھن جا پيا ٽي پڙلا، تنھن پاتا پيچ پِران کي.

غالباً ڪوھستان – ڪاڇي جي ڪنھن ٻئي شاعر ھيٺيون بيت چيو جنھن جي جواب ۾ دوس محمد بيت چيا:

اسر ويل اٿي ڪري ڏٺم جانب جو جلوو
موھيو من محبوب تو، ڏيئي ترنيءَ جان تجلو
بِدڪ نہ بيٺي باغ ۾، چا مرگھ ٽيندا مٿ تو
پريون چپايئي چانو ۾، توسان ھاٿي چا ھلندو
جٿن بٿنسر بانو بين ۾ تٿن سون گھٽو سوھندو
شل محب اھو ملندو، جنھن کي آه حمايت حسن جي.

ھن بيت ۾ شاعر چيو ھو تہ جانب جو جلوو 'اسر ويل' ھو. انھيءَ جو جواب دوس محمد ڏنو تہ جانب جو جلوو 'اسر ويل' يا ٻئي ڪنھن خاص وقت سان محدود ڪونھي پر سھڻي سڄڻ جو حسن 'سيڪنھن ويل' ۾ ھر وقت جلوه _ نما آھي. دوس محمد ھنن بيتن ۾ مجازي رنگ واري بيان جو رخ موڙي حضرت نبي ڪريم جي حقيقي سونھن صفت ڏانھن ڪيو.

(4) عبدالرحيم وفا عباسي جي قلمي ذخيري تان ورتو ويو.

(1)

سيڪنهن ويل سجڻ جي جوت ڪري جلوا
لالي تنهين لال سين ڪاڻ اچي ٻي ڪا
سپيريان جي سونهن ڪي سورج ڪن ثنا
صورت سون جهڪائيو محبوبن جي ماه*
منهنجا دلبر، ”دوس محمد“ چئي، آهن برق ڪنا بي با**
روح اچي ريلو ڪيو تنهن ڏي عشق منجهان ارواح
سو شان شفاعت اڳرو مير محمد شاهه (صلعم)
تنهن نافع جي نگاه، منهنجو من مهتاب ڪيو.

(2)

سيڪنهن ويل سجڻ جو خاصو خوب خيال
شان سخاوت اڳرا قائم زور ڪمال
صورت، سيرت، شبيهه ۾ ڪونهي ماهه مثال
درسن ۾ ”دوس محمد“ چئي، جانب وڏ جمال
تنهن سان لڳي لالي ڪاڻ ڪا، سو لعلون ٿي وڏ لال
تنهن نظر ساڻ نهال، منهنجو من مهتاب ڪئو.

(3)

1. سيڪنهن ويل سجڻ جو اوچو ني اغماز
2. قمر، شمس قريب ڪي نيو ڪن نياز

---

* ماه = ماء = آب = حسن جي آب تاب.

** بي بها.

(3) 3. بامني = (سهڻي) عورت. 4. ڪنجل = هاٿي. قيصر = شينهن: هاٿي ۽ شينهن ٻئي عاجز ٿي ڪنبڻ لڳا – هاٿي محبوب جي سهڻي لوڏ جي ملاحظي ۾ حيران ٿيو ۽ شينهن محبوب جي باريڪ ڪمر (ڪٽ) جي مشاهدي ۾ غلطان. 5. (محبوب جي ڪارن ڊگهن وارن) ڪارن نانگن (تليهر) کي (مقابلي ۾ ميدان مان) ڪيڊي چڏيو ۽ اهي محبوب جي ڪارن ڊگهن وارن (ترنگن) آڏو تواضع (تواض) پيا ڪن، (۽ ساڳيءَ طرح) محبوب جي سهڻن پيرن پڻ پونئرن کي (شهه ڏيئي چڏي). 6. ڪرنگ = هرڻ. ڪئونتر = طوطو. ڪم پئا = گهٽ ٿيا. هن جو = ان سهڻي محبوب جو. هجاز = عجاز = اعجاز = ڪرشمو معجزو. 7. ڪنهن ڪن =ڪنهن وٽ. قواز = قواعد = حرفت ۽ هوشياري. 8. رواز = رواجي – گهٽ. 10. سوڙهي ويا = جهٽ ڏيئي جهلي ويا. 11. حرف = ’تون هي تون‘ جو حرف جنهن جو ذڪر. 12 مصرع ۾ اچي ٿو. سنيپي = سنبهي = تيار ٿي.

3. پڄي پري ٿيءُ بامني! ڏس درسن دور دراز
4. ڪنجل، قيصر ڪنبئا، ڪن لوڏان ڪٽ لحاظ
5. ترڪ تليهر پونئر پرن ڪئا، ترنگن آڏو تواض
6. ڪرنگ، ڪئونتر ڪم پئا، هن جو حوران وڏ هجاز
7. ساجن جي سينگار جو ڪنهن ڪن ڪونہ قواز
8. اڳيان دلبر، ”دوس محمد“ چئي، ايءَ سپ رنگ رواز
9. تنهن ڏسي مک محبوب جو ٿيو منهنجي من مجاز
10. دل سوڙهي ويا دم ۾، جئن سو بحري باز
11. تڏ حرف وڃيو گڏ ’هوء‘ سين، ساهہ سنيي ٿيو ساز:
12. ’تون هي‘ ’تون هي‘ تن مان آيو ايء آواز
13. ٿيو روح تنهين سين، راز جنهن پاتا پيچ پِران ڪي.

مينهن وسايو مگڻهار

مينهن وسايو مگڻهار ڪوهستان جي وسندڙ شهر تؤنگ جو وينل هو. ڪجھ پڙهيل هو. راڳ جو ڄاڻو هوءِ ستار وڄائيندو هو. ’سال‘ جي سگهڙ فقير حاجي محمد هاشم مگڻهار 1959ع ۾ عمر ستر ورهيہ ڪن) ٻڌايو تہ هن ءِ سندس ساٿي سگهڙ طاهر گراٽي ٻنهي مينهن وسائي سان ڪچهريون ڪيون هيون. غالباً 1918ع واري وڏي بيماري ۾ ريا ان کان ٿورو اڳ وفات ڪيائين.
(1)

ابر تيئن نہ اکر، جيئن ابرو نين عجيب جا
سج چنڊ ڪئون سونهن سوائي، قمر قوس ڪثر
موءِ مسلسل، عنبر سياهہ ۽ مشڪ سارا معطر
گل گلابي عارض انور، سرخيءَ ڪئون بہ سکر
سرو قداور نرمل نازڪ موم مثا دلبر

منشي محمد صالح ٻري جي قلمي ذخيري تان ورتل.

پگهر جبينان اختر اعليٰ، ڇا جڙيا جوت جنهور
سي مٺائي ۾ مينهن وسايو ڇٽي، آهن شيرئون وڌ شڪر
بخت انهن جي پر، هيو مٿ نہ لڳي محبوب جي.
(2)

آهي صورت جو سلطان، محبوب منهنجي من جو
ڏسي جوت جانب جي، شمس ٿيو شرمان
ڇا مشابت موتيءَ جي، ڇا آهي مرجان
جلوي جانب جي جهڪو ڪيو لعل بدخشان
جهڙس ڪونهي جڳ ۾ نڪو منجهہ جهان
سکر بکر ٺٽو ننگر، مڪلي نہ ملتان
نہ لس بيلي لاڙ ۾ نڪو نيستان
ترڪ، چين، فرنگي، نڪو بحرستان
نڪو هند نہ سنڌ ڪو نڪو هندستان
مشرق نہ مغرب ڪو نڪو پري پرستان
نڪو هفت زمين، نڪو هفت فلڪ آسمان
هيو پيدا نہ ڪيائين پرين جهڙو مون کي سوڳنڌ آ سبحان
تنهن لعلڻ تان لک لک ٿيان، ڪوڙئين دفعا قربان
منهنجو من مينهن وسايو ڇٽي، محبن لئي مستان
آهي ڪهڙو زين زبان، جو ڪندي صفت سڄڻ جي.
(3)

آهي صورت جو سردار، محبوب منهنجي من جو
ڏسي جوت جانب جي ٿيو شمس شرمسار
قوس ابرو ڪاڪل ڪنڍڙا، واسينگ هڪ هڪ وار

---

(2) حاجي طاهر گرائي ۽ فقير محمد هاشم مگڻهار جي روايتن سان ڀيٽيل.
(3) فقير محمد هاشم مگڻهار ۽ حاجي طاهر گرائي جي روايتن سان ڀيٽيل.

بُرج بَدر، دند دلبر، چپ چپ چشم چمڪار
لب مرڪيا لعلڻ جا، ڪر ڪڙيا ڪنٺهار
تِنهن محب مٺي منٺار، موهيو من مينهن وسايو چئي.

(4)

جهڙو پريںءَ پيشاني نور نماء، اهڙو اوجر ہيو ناه ڪو
چا شمع شعاع شمس جو، چا چنڊ چوڏهينءَ ماه
چا آتش اڳيان عجيب جي، چا گهرائي گلنماء
ڏسيو لالائي لب لال جي اچي شفق ڪي شرماء
سج چنڊ تارا ڪتيون جي جوڙ ٿين جمعاء
تہ بہ همسر هين نہ حبيب سان، مون ڪي قسم ڪريماء
تن محبن خاطر مينهن وسايو چئي، منهنجا چڪن پيا چشماه
جيڪي ارض سماء، سو سڀ سونهن ساجن جي سوجهرو.

(5)

عڪس اعليٰ، آهو عينان، تي دلبر درس ديداري
ڪڍيو ڪاڪل ڪنڍڙا تِي سنمڪ سينڌ سنواري
سا جادن سان جادو هنيو تِي مشتاقن کي ماري
قهر جِي پاوڻ ڪجل ڪاني، عاشق سر الاري
الف ايراني سرو قد ڪاني، لڳي نينهن جي نظاري
سا ڪثر ڪامڻ ڪئن نہ چوان جا قمر ڪي بہ ڪواري،
اهڙا محبوب مينهن وسايو چئي، ڏاتر شال ڏيکاري

[4] حاجي طاهر گراٽي جي روايت جنهن سان اسان 5۔ جولاءِ 1949ع تي فقير محمد هاشم مگڻهار جي اوطاق (لڳ اونگر، سال مڪان) تي ڪچهري ڪئي.

[5] هيءُ بيت حاجي محمد هاشم مگڻهار، ۵ جولاءِ 1949ع تي سندس ڳوٺ (سال، لڳ اونگر) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌايو.

اچن پرين تان عيد ٿيئي، وڃن غم سڀ گذاري
جيئن اوجر سون اوجاري، تيئن ملج پرين تان مان ٿيان.

(6)

جهڙا انف ابرو عين عجيب جا، تهڙا ڪنهن جا ڪين ميان
سج ۽ چنڊ ڪئون سونهن سوائي، جانب وڏ جبين ميان
زلف سياهي واسينگ ورتي، لب لال سرخ رنگين ميان
جهڙا در دندان نجم ستارا، تهڙا ٻيا ڪٿ ڪين ميان
بادل برسي گل قل بوندان، پگهر جانب چِين نہ ميان
گل اندامي قيمت گراني، مهري متجلين ميان
بدن باوري اطلس عجمي، تشريفي تزيين نہ ميان
مٿ پايان سنسار سڄي ۾، سنهن آ، ساجن سين نہ ميان
سخن سلوڻا سالم سپرين، مشفق محب مشڪين ميان
هر ڪنهن وائي وات پرين جي، ٻي وائي سڀ وسرين ميان
ٻنهن ملڻ نين نيپ ماٺ ٿيا، هي چم ٺندا چمگين ميان
ڇا صفت ڪريان ان ساجن جي جنهن بيحد باب برين ميان
سي معطر مينهن وسايو ڇئي، آهن مشڪ ساوا معنبرين ميان
سي مهرون محب مبين ميان، ڪندا ڦيرو فضل فقير تي.

----

(6) سردار اميد علي خان پوتاٽي جي روايت ۽ اسان جي ساٿي ميان محمد طالب لوهار جي ميان محمد امين پوتاٽي کان قلمبند ڪيل روايت سان ڀيٽيل.

باب ستون

موجوده دور: 1955ع کان 1986ع تائين

موجوده دور، سنڌ ۾ 'سينگار شاعري' جي ذوق شوق جي ٻيهر جاڳڻ وارو دور آهي. اهو دور، 1950ع بعد 'لوڪ ادب' جي ذخيري کي سهيڙڻ سان شروع ٿيو. 1946ع ۾ لس ٻيلي جي سگهڙن سان ڪچهريون ڪندي راقم کي 'سينگار شاعري' جي بي بها بيتن جو پتو پيو ۽ 1950ع بعد سنڌ جي سگهڙن وٽان پڻ سينگار جي سهڻن بيتن جو چڱو خاصو ذخيرو دستياب ٿيو. موضوع جي ادبي اهميت محسوس ڪندي، سنڌ جي سجاڻ سگهڙن جي ذوق وڌائڻ خاطر راقم هن موضوع تي هڪ تفصيلي مضمون لکيو جيڪو سنه 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي 'مهراڻ' ۾ ڇپيو. هيءَ ڇپيل مضمون پوءِ ڪن چونڊ سگهڙن کي تحفي طور ڏيئي مون کين ترغيب ڏني ته ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ پڻ سينگار جي بيتن کي 'سگهڙن جي ڪچهرين' جو هڪ خاص موضوع بنائين. اڳ سگهڙن وٽ گهڻو ڪري ڏور ۽ ڳجهارت جي ڪچهري هلندڙ هئي. راقم جي ڪوشش سان 'سگهڙن جي ڪچهري' کي وڌايو ويو ۽ هڪ نئين رنگ ڍنگ سان رچايو ويو. آجيان جي بيتن، دانائيءَ جي گفتن ۽ ٻهاڪن، ۽ سينگار جي بيتن کي ڪچهري جي هن نظام ۾ داخل ڪيو ويو. سگهڙن جي ڪچهري کي هنن نون بنيادن تي هلائڻ لاءِ، هڪ پاسي کان اتر جي چونڊ سگهڙن کي ۽ ٻئي طرف لاڙ جي چونڊ سگهڙن کي سڏي گڏي هڪ يڪي سفر ۾ جدا جدا ماڳن ۽ منزلن ۾ ڪچهرين جا منڊل مچايا ويا. اتر مان مرحوم حاجي فقير مهيسر ۽ لاڙ مان مرحوم جاڙي خان مري ۽ ٻيڙي فقير ڪنڀار اڳواٽ ڪئي. انهيءَ دور ۾ 'سينگار جا بيت' ڪچهرين ۾ هليا ۽ ڪچهرين جي نظام جو هڪ خاص جز بنجي ويا.

سنه 1956ع ۾، سينگار جي بيتن جي تلاش ۾ ان وقت جي اسان جي ساٿي (ڊاڪٽر) عبدالڪريم سنديلي صاحب جو ڪتاب "سنڌ جو سينگار" سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو جنهن ڏانهن سگهڙن جو ڌيان

ڇڪايو ويو. 1957ع ڌاري اهو ڪتاب سگهڙن تائين پهتو ۽ ڪن پوءِ ان مان ڪچهرين ۾ پڙهڻ لاءِ بيت ياد ڪيا.

مرحوم ٻيڙو فقير ڪنيار جيڪو مون کي وڏيڪ ويجهو هو ۽ گهڻو ايندڙ ويندڙ هو تنهن کي 'ڪچهرين' جي نظام ۽ انتظام جي تربيت ملي. ٻيڙو فقير وڏو ذهين هو ۽ هن صحيح معنيٰ ۾ 'شاگرد' بنجي سچي ڳالهه کي سکي سمجهي ورتو. مون کيس بالاآخر 'سينگار جي بيتن' جوڙڻ جي ترغيب ڏني ۽ هو هن دور جو پهريون سگهڙ هو جنهن سينگار جا بيت جوڙڻ شروع ڪيا. سندس اوائلي بيت البت سادا هئا، پر وڏيڪ تربيت ۽ ترغيب سان پوءِ ٻيا چڱا بيت چيائين. اتر جي سگهڙن مان مرحوم علي شير جاگيراڻي پهريون سگهڙ هو جنهن پوءِ 'سينگار جا بيت' چيا. سنه 1959ع ۾ ڳوٺ پانڌي هگوري (تعلقو شهدادپور) ۾ ٻيڙي فقير ڪنيار جي ڳوٺ رڪيل ڪچهري ۾ علي شير مرحوم کان سندس پنهنجي زباني ۽ ان بعد 1960ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي تي ڪچهري ۾[1] سگهڙ نور محمد شنباڻي جي زباني سندس چيل سينگار جا بيت راقم ٻڌا ۽ انهن جي قدر داني ڪئي.

علي شير جاگيراڻي کان پوءِ، اتر جي ٻئي سڃاڻ سگهڙ فقير هدايت علي رڏ سينگار جا بيت جوڙيا جيڪي سگهڙ نور محمد شنباڻي ياد ڪيا ۽ ڪچهرين ۾ پڙهيا. ائين سينگار جي بيتن جو ذوق شوق وڌيو ۽ ڪن ٻين سگهڙن پڻ ڪي بيت چيا. پر نوجوان سگهڙن مان، عبدالرحمن مهيسر سيني کان وڏيڪ سهڻا بيت چيا. عبدالرحمن جي بيتن جي ٻولي وڏيڪ صاف، قافيا سهڻا ۽ وزن جي تور تڪ ۾ اهي بيت پورا تريل هئا. ان بعد لاڙڪاڻي طرف سينگار جي بيتن جو ذوق شروع ٿيو. محمد مريد جت ڏوڪري جو اسان جي ڪچهرين جو هڪ سمجهو سگهڙ هو جيڪو ڀٽائي

---

[1] 'ڪانفرنس' وارن جلسن ۾ راقم جي ڪوشش سان سگهڙن جي رهاڻ البت پوءِ داخل ٿي. ان وقت سگهڙ اڃان پاڻ پنهنجي منهن پوتيون وڇائي واري تي ويهي پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪندا هئا. اتان کين سڏي پهريائين (پير شاهه نواز مرحوم ٻنڙي واري جي معرفت) هڪ مڪان ۾ تڏن تي ويهاري، ڪچهري ڪرايم ته جيئن سندن مان ۽ عزت وڌي.

صاحب جي ميلي تي توڙي دادو طرف رکيل ڪن ڪچهرين ۾ شامل هو. محمد مريد جت جي شاگردن مان فقير محمد ملوڪ عباسي سيني ۾ وڏيڪ سڄاڻ سگهڙ ساماڻو جنهن عوامي رنگ ۾ گهڻو شعر چيو ۽ سينگار جا بيت بہ چيائين. هن ڏوڪري – لاڙڪاڻي طرف سگهڙپائي جي ذوق کي وڌايو ۽ پوين ڏهن سالن وارو عرصو ان طرف فقير محمد ملوڪ جي اڳواڻيءَ وارو آهي جنهن ۾ سندس شاگردن مان هرهڪ پنهنجي ڄاڻ ۽ سمجهہ سارو سينگار جي بيتن چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن دور ۾ جيئن پهريائين لاڙ ۾ پيڙي فقير ڪنيار پوءِ اتر ۾ علي شير جاگيراڻي مرحوم ۽ پين، ۽ ان بعد لاڙڪاڻي ۾ فقير محمد ملوڪ عباسي ۽ سندس شاگردن سينگار جو ذوق وڌايو تيئن ساڳئي تاريخ وار سلسلي مطابق اسان لاڙ اتر ۽ لاڙڪاڻي جي سگهڙن ۽ سندن چيل سينگار جي بيتن جو ذڪر ڪنداسون.

لاڙ جا سگهڙ ۽ سندن بيت:

موجوده دور ۾، لاڙ طرف سينگار جي بيتن جي شروعات پيڙي فقير ڪنيار 1955ع ۾ ڪئي. پهرين ٻن چئن سالن ۾ ڪي چڱا بيت چيائين، پر پوءِ ان ذوق کي ڪونہ وڌايائين. انهيءَ ڪري لاڙ طرف، سينگار شاعري جا ڪي ٻيا سگهڙ شاعر ان وقت ڪين ساماڻا. البت ان وقت جي وڏن سگهڙن مان فقط محمد صادق ٿهيم سينگار جا ڪي بيت چيا، (جيتوڻيڪ هن بہ پين سلسلن جا بيت وڌيڪ چيا). پوين چئن پنجن سالن ۾ البت ڪن نون سگهڙن کي چاهہ جاڳيو آهي، جن سينگار جا بيت چيا آهن. انهن مان جن جا بيت اسان تائين پهتا آهن، تن کي شامل ڪيو ويو آهي.

سگهڙ پيڙو فقير ڪنيار

پيڙو فقير ڪنيار هڪ وڏو ذهين سگهڙ هو. ڏور ۽ گفتي جي ڪچهري ۾ رئيس جاڙو خان مري سندس استاد هو. 1952 – 1953ع ۾ راقم ڪيس ڪچهري ۾ ڏٺو ۽ سندس ذهانت کان متاثر ٿي ڪيس پنهنجي قرب ۾ آندو ۽ ڪيس خاص طرح ڳجهارت ۽ سينگار جي ڪچهري جي ترغيب ۽ تربيت ڏني. پيڙي فقير ڳجهارت جي ڳولڻ ۾ وڏي ڄاڻ پيدا ڪئي، ۽ سينگار جا بہ

ڪي بيت چيائين جن مان سندس هيٺيون بيت انهن اوائلي بيتن جو يادگار آهي جن جي شروعات هن دور ۾ ٿي. ڀيڙي فقير 55 سالن کان جي عمر ۾ سنہ 1977ع ۾ وفات ڪئي.

حسن ڏنو حبيب منهنجي کي قادر پاڻ ڪمال ڪري
روءِ روياني راس نہ آئي، موٽ چوان ڇا مثال ڪري
ابر اليهر عاجز ٿيا، تڳي ترنگ اڳيان نہ سا تال ڪري
ٻرون ٻلا ٿيا ٻوٺرن کان ڇا حسن اڳيان هلال ڪري
دادر ڇمر ڇپايون ادگر عين اڳيان اقبال ڪري
پسي پامس پرين جو ڇا ڪيل اڳيان تہ مقال ڪري
شفق شاهي شان وڏي ڇا رنگ بدخشان لال ڪري
در دچن دهان ۾، ٿو سندر اڳيان سوال ڪري
مک محبوب جو ميم مثل، ڇڏيئين مين مڇي کي محال ڪري
ڪوئل ڪنبائي گوهر گفتن تاڙو اڳيان ڇا تنوال ڪري
سانول ڳچي سيہ کان سهٽي مور اڳيان ڇا مجال ڪري
قد قامت ڇا سرو صنوبر ڏس خان اتي تہ خيال ڪري
بدن بي وس ڪئي برق ڇڏيائين پونم کي پائمال ڪري
دست ڇڱا منهنجي دلبر جا ويا ٻلا ٻئي سي ٻال ڪري
لڪ ليٺ جي ڇا لڳي چيلاتو ڇا چال ڪري
رجل ڏسي منهنجي رانجهن جا ويا طير سيئي ترحال ڪري
هلڻ ڏسي آهن هنس هتيا، ڇا ڪنجل ڪار ڪنگال ڪري
سي وصف سيئي ان نصف ڪيا، نہ ڪو جوڙ اڳيان تہ جمال ڪري
سالڪ سرتيا اڳ هئا، ڇا گويا هيءُ گلال ڪري[1].

هيٺيون بيت ڀيڙي فقير جي زباني قلمبند ڪيو ويو ۽ پانئجي ٿو تہ اهو سندس چيل آهي.

تيرهن پنڌرهن پاڻ ۾ جڏ درس ڪيا دلبر
ملڪ حوران مستان ٿيا، سي لاهوتي لشڪر

---

[1] گلال = ڪنير.

شارق شماع ڦِٽو ڪيو جڏ ڪيائون نيڪ نظر
گنگ جو روشن گم ٿيو ڪيائون پورا ڪي ته بَدر
سينگار جي سانوڻ جا، ويا هتِي سڀ هيڪر
چرندن پئي چيخون ڪيون، روءِ پسي رهبر
پرندا پِرين اڳيان، ڪن وينتِيون ويتر
ميوا ڦل مان چا ڳٽيان، ڪن سجدا سڀ شجر
زهب اگن ضعيف ٿيا، ڪئي جوت جهڪي جنهور
مٿ نہ پانيان محبوب جو ڪو ارض سماءَ اندر
دوست سندي ئي در، اچِي نايو ڪلني ڪنڌ
ڪنيار چئي.

سگهڙ محمد صادق ٿهيم

سگهڙ محمد صادق ولد جمال خان ٿهيم ويٺل ڳوٺ لڳ ماڻڪ ٿهيم (تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ) سنہ 1910ع ۾ ڄائو ۽ 1926ع ۾ فائينل امتحان نوشهروفيروز ۾ پاس ڪيائين، 1927ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 14 سال نوڪري ڪري استعيفيٰ ڏنائين ۽ پنهنجي زمين سرڪار مان ڪٽت ڪري انهيءَ جي سنڀال ڪيائين هن وقت سندس عمر پنجهتر سالن کان مٿي آهي ۽ سڄاڻ سگهڙن ۾ شمار آهي. شاعري ۾ سندس ٻول پڪو ۽ وزندار آهي.

(1)

سورهن سهڻن ڪان سرس سوايا سهڻل جا سينگار هئا
ڪارا ڪجلا ڪيف ڪڪوريل نرگس نيڻ خمار هئا
چلڙا چلڙا چا چوان آءٌ گيسو گهنڊيدار هئا
جاڙا پرون جانب جا جيئن ڪکر ڪارونيار هئا
ڳل تہ ڳوڙها لال گلابي رتڙا رونقدار هئا
حليو حبيبن جو هلالي چوڏس جا چمڪار هئا
بادل ۾ جيئن بجلي برسي منڙا مينگهہ ملهار هئا
عضوا عجيبن ڪيهان ڪوُنرا اجرا رڏ اپار هئا
سهٽا سنڙا سڀ ساروفين جانب جا جنسار هئا

وهه واهه ويس لبيس لڳن تي عجب رنگ اسرار هئا
هيرا موتي هنر هزارين چولي تي چمڪار هئا
چئني پلاندين چنيءَ جي سلما سون ستار هئا
ماڻڪ موتين ملهه مهانگا پرينءَ جا پيزار هئا
سهڻا سرها سپ سرهاڻين مشڪ عنبر هبڪار هئا
سامهون سهڻن سوين سڪايل عاشق ۾ انتظار هئا
ناز اندازن نينهن نهوڙيا نه ته حسن لک هزار هئا
جلوي جانب جوت جهڪا ڪيا شمس قمر شرمسار هئا
دم دم دل ڏنارڻ لاءِ مون کي دلبر جا ديدار هئا
صادق آهي سڪ سچي جن تن جا ٻيڙا پار هئا. تن جا ٻيڙا پار هئا.

پير جان محمد

پير جان محمد جنوري 1979ع ڌاري 62 سالن کن جي عمر ۾ وفات ڪئي، اميدن پريي جي مقامَ ۾ (شهر حيدرآباد) ۾ دفن ٿيل آهي.

صورت دي وچ جهاتي پا مل مک ويکيم دلبر دا
چهرا چمڪي جلوه گري ڪر جلوه دار جوهر دا
موتي ۽ مروار امل اسرار بحر ۽ بر دا
يمن تي ڪندني هيرا ڪيا ياقوت سرخ احمر دا
لب دنداني لعل بدخشان موه گهتن سنگ مرمر دا
ڪلدي ڪلدن ڪنٺهاري شبنم وقت سحر دا
تاب ڳيا ول ٽِنهن دم تجلا پونم خور اختر دا
'لا' سون لاون تير تفنگي چيرن چاڪ جگر دا
سيل اصيل واسينگ ڏنگي ڏنگ مار ڏسي وسيهر دا[1]
افسون اين سر مول نه چلدي گاروڙي گرنار تڪر دا[2]
فڪر فقيرين فيض نه هلدا گوگا دي گجرات شهر دا
اثر ته اپنا آپ ولاون جام پِلا پر ڪوثر دا

---

[1] ڏسي = ڏنگ هڻي.
[2] افسون = منڊ.

ول "پيرل" نون پيمان پِلا من نام خدا پرور دا
جلد پسا جهت "جاڻ" ڪون اي يار ديدار نظر دا.

پنهون لغاري

پنهون پٽ حاجي عثمان لغاري (ڳوٺ پنهنجو تعلقو ميرپورخاص) تخلص 'عارف'. سندس هيٺيان سينگار جا ٻه بيت هن پاڻ اسان کي ٻڌايا[*]

(1)

راسيون جيئن رين، تئن پٻ لڪيرون پرين جا
پدم پيرن جا پسي ٿا ليزم ماه لڳن
'عارف' اوجر اهڙا لکن ۾ ته لين
ڪوڙين ڪنڌ هجن، ته ٻه قدمن تان قربان ڪريان.

(2)

ونڪون سون وريون، پِنگر پاء پرين جا
سونهن سرسيون سهٽيون، تسر جيئن تريون
جانب جتيءَ ۾ جڙيون، زري سيم ذريون
جي 'عارف' سرن سريون، ته ٻه قدمن تان قربان ڪريان.

امام بخش سنجراڻي

امام بخش ولد بنگل خان ويٺل موريو خان سنجراڻي لڳ شاهپور چاڪر، عمر پنجاهه سال ڪن. هن هيٺيون سينگار جو بيت چيو آهي.

جب ڳوري ڳهٽا ڪري بئنسر بولو هس ڪڙولا هار
يارهن تن ۾ يقين سان جوڙ ڪري جنسار
پنج ٻيا ٻروچ چوي سورهن ڪري سينگار
اليهر ڪيس عاشق جا جڏهن نسنگ ٿين نروار
زيب ذهب جو زد ڪري محب متو منتار
پر جي لاڪيٽو وٽي لوڏي ته هوءِ ٿئي هيڪار

---

[*] 25- آڪٽوبر 1979ع تي ساٽس ڪيل ڪچهري ۾ اهي بيت سندس زباني قلمبند ڪيا ويا.

چا مجال مشڪ ڪٿوري جي، چا عطر عنبار
ترني ڪان وڌ تجلو رڳو دم سندو ديدار
ڏيهه سڄي ۾ ڏينهن ٿيو چئوطرف چوڌار
آفتاب ماهتاب ويا گڏجي منجهه غبار
ٿور پسڻ ڪي مور هليا ٿيا گنير گرفتار
عين اطهر نور انور خلقيو خلقڻهار
حبيباڻي حسن جو چا شاعر ڪري شمار
سهڻو منجهه سنسار آهي عجيب امام بخش چئي.

محمد شريف ڏاهري

محمد شريف ولد سچڻ ڏاهري، وينل ڳوٺ تاج محمد ڏاهري، لڳ شاهپورچاڪر، تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ. عمر پنجاهه سال، چار درجا سنڌي پڙهيل آهي.

جب ڳوري ڳهڻا ڪري موهي مشتاقن
بولا بند بينسريون اليون سر سونهن
جهالر جهومڪ ويڙه واڏوليون چيريون چمڪا ڪن
پوپٽ پنڙا نسبيون نورا ٻانهيون سدا ٻرن
ڦل ڦلڙيون پازيب پونچون چندن هار چمڪن
والا واليون ڪيوٽيون ڪوڪا ٽڪڙا وڌ ٺهڪن
ڪنمالون ڪڙيون چٽ چلا ڪنديا ڪاپارن
ايرينگ آڱوٺيون ڪنگڻ ڪرڪون لڙهيون منجهه لاڏن
تائيٽ ڊولڻ دستيون ڌريون ڀاري بازو بندن
منگر منڊيون منگليون مٽيا خوبي ڪارڪن
پيا ٻه ڪئين ڳهه ڳچيءَ ۾ هس مٽان هارن
مساڳ مسيون ڪجل ڪانيون عطر اوتجن
پٽ پوشاڪون فيشن ڦٽيون خوبي خوشبوئن
پر مٽ نه يانيان محبوب جي پٽي رڳو پيرن
پيا ٻه هزارين حسن وارا بيشڪ بر نه اچن

حورون حيرت ۾ پيون پريون پير چمن
چِيءَ ڪان وڏ چلتو هئو جوزا چا جرڪن*
پتوا ڪان تيز هئي وڏ لالائي لبن*
ابرو انف عجيب جا قوس جهڙي قسمن*
غزال گنير گت لاءِ سنڪر سڏون ڪن*
چمر وڏاري چيهل ڪان الڏه انگ سندن*
ترنگ تليهر تڪيا رجنيءَ جي روپن*
زياده زيب ذهب ڪان مروا روپ دچن*
جوهر جرڪا جان تي شعاء جيئن شولن
چيها چڪور چلي ويا مرجهايو مورن
عجب پسڻ پرينءَ جو جيئن ملاري ميگهن
اهڙي سان ارمن، اچا پيي شان وڏ شريف چوي

محمد هاشم ڪنيار

محمد هاشم ڪنيار عمر 56 سال، ڳوٺ حاجي لقمان ڪيريو لڳ شاهپورچاڪر، ضلعي سانگهڙ جو وينل آهي. سگهڙ مرحوم ساجن ڳاهو اتي سگهڙن جون ڪچهريون ڪرائيندو هو جتان ڪيس سگهڙپائي جو چاهه پيدا ٿيو.

جب ڳوري ڳهٽا ڪري ويڙهه منڊيون هروار
هٿن مينديون ننهن سرخيون سهٽا رکي سينگار
مٿي آليون، بينسر لعلون، عجب انهيءَ اسرار
ابرو اعليٰ، نرخ نرالا، ڪنن والا، چهرا چمڪيدار
دند دهن، سرخ لبن، سو سو رکن سو مار
ڪنگڻ ڪارايون، ٻانهن ٻاهيون، بازو بند بهار
هس ڪڙولا، چڪنن چولا، چانديءَ چندن هار

---

* چيءَ = ڪنوڻ. جوزا = ستارا. پتوا = مساڳ. انف = نڪ. قوس = ڪمان. غزال = هرڻ. چمر = اکيون. چيهل = هرڻ. ترنگ = وار ڪارا. تڪيا = وار ڪارا. مروا = موتي. دچن = ڏند. رجني = ڪاري رات.

قل قلڙيون، ہندا ہرن، دنگ دهريون ڪن ڏار
اهي زيور پائي زيب ڪري تہ بہ مٽ نہ منهنجي منٺار
شمس قمر شرمندا لڳن، اڳيان جرڪن ڪين جهنوار
پسي حسن حبيب جو حورون ڪائن هار
ٿي ظاهر باطن ذات صفاتي هر هنڌ پئي هاڪار
بندو ڇا بيان ڪندو سردار جو سينگار
خالق خلقڻهار، ڏنو اهو هادي اسان کي "هاشم" چئي.

خيرپور ۾ اُتر طرف جا شاعر

هن دؤر ۾ خيرپور طرف سگهڙ مرحوم علي شير جاگيراڻي سينگار جي بيتن جي شروعات ڪئي، سگهڙ هدايت علي فقير رڏ انهن کي وڌايو ۽ آخر ۾ سگهڙ عبدالرحمن مهيسر سينگار جي بيتن کي پوري وزن ۽ انداز ۾ سهڻو ڪري بيهاريو.

علي شير جاگيراڻي

علي شير ولد سرهو جاگيراڻي، اصل ويٺل دبر (تعلقو روهڙي)، پوءِ اچي ڪنڊڙي (تعلقو خيرپور) لڳ رهيو. سندس والد سرهو وڏو سگهڙ هو ۽ سندس ڏور جا چيل بيت مشهور آهن. علي شير وڏو سجاڳ سگهڙ هو. ڏور جو شاعر هو هنر جو ڄاڻو هو ۽ وڏي محبت ۽ دل وارو سگهڙ هو. 1955ع ۾ ڪنڊڙيءَ ۾ پهرين ڪچهريءَ ۾ ساڻس ملڻ ٿيو، جتي راقم 'سينگار' ڏانهن سگهڙن جو ڌيان ڇڪايو. علي شير پهريون سگهڙ هو جنهن 'سينگار' جا بيت چيا ۽ سندس ساٿي نور محمد شنباڻي اهي ياد ڪري ڪچهرين ۾ هلايا.

جب ڳوري ڳهڻا ڪري تہ شراف پيا چرڪن
صبغت الله صنم پسي پاسو ڪيو پنگمن
تهدل پيا طواف ۾ طائوس پيا تڪن
رڃني روپ رڏان سنگسار ڪيو سيفن
لوچت ڇيل ڇپائيا پيڪان تکا پلڪن
ڏسي ڏڇن دهان ۾ ڏوڏر ڏور ڏرن
ڇچور نہ چوٽ چڙهن، ادب کان "علي شير" چئي.

*

محبوب آهي منهنجو جنئن اپ ۾ ارن
ڏجراج كان وڌ ڏيهي دلبر، سر سڄو سوسن
برق جنئن بادل ۾ بيشڪ تيئن بدن
ڦوڳر ڦوڳ موهيڙا تڪما تاهل جيئن تڳن
خزمو كن ڪٽي نہ سگهي جي ڏسي خاص ڪجن
انف ڪنڊو "علي شير" چئي موهي وجهي من
آواز عجيبن سان چيا ڪوئل هٽندي ڪن
ناظرو جي نظر كان پورو رڪيس پن
جي سهڻو ڪٽي سن، تہ تامني ۾ تجلو ٿئي.

❊

ساجن سو سينگار ڪري پيزار چمي تہ پري
ڪجن ڪن، درگ دناليون، مرگهہ پون مري
ڏچن صاف دهان ۾ ڏسيو ڏوڏر پون ڏري
آڏت بيهي آڏ ڪري، جڏ ڪلي زينت زيب ذري
درسن ڪولي دري، شل ٿئي عنايت "علي سير" چئي.

❊

هدايت علي فقير رڏ

هدايت علي ولد سلطان علي رڏ، سنہ 1922ع ڏاري ڳوٺ سونهارو (تعلقي روهڙي) ۾ ڄائو. ننڍي هوندي ڇڳي تعليم حاصل ڪيائين. فقيرن جي صحبت ۾ رهيو ۽ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيائين. روهڙي جي سگهڙ هوت فقير موچي کي استاد ڪري ورتائين. سنہ 1964ع ۾، سوراه تعلقي ناري ۾ رڪيل ڪچهري ۾ ساڻس ملڻ ٿيو ۽ ان وقت کان وٺي ساڻس ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون. هدايت علي فقير سگهڙ شاعر آهي. ٿيهہ اکريون، مولود، مناجاتون، غزل، قافيون، ڏور ۽ سنڌي سرائڪي ۾ بيت چيا اٿس. فقير وڏي سجاڳ ذهن وارو آهي ۽ سينگار جا ڳچ بيت چيا اٿس جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

(1)

زلف زريدا زيب ۾ ها ڪرم پريا ڪاڪل
گلالڪ غازي گوهر جا ها موتي موڙ مثل
چِلڪن چمڪن چنڊر برابر، فائق فت فضل
جيڪي قطرا آب اِنيشغ تي، سي جوهر ساڻ جڙيل
عنبر مشڪ ڪٿوري ڇاهي، عطر ڪان افضل
پگهر پيشاني پاڪ پرين جي، مچائي محفل
ابرو اربيلي سندا ڪن تيغ مثل تجمل
ٻُروان باغ بهار ۾ پيا مور رکن منزل
پنپيا پرون پاڳ پرئي جا، پئنر ڏسيو ڪن پل
عينان ڍول عجائب جون هون نور منجهان نازل
چمان ڪوه غزال جا ها اوجر منجهه امل
دودڪ منهنجي دلبر جا ها ڪرڙا ريءَ ڪجل
نوز بـ تجلي نور نوراني، چوتيءَ سين چمڪيل
فوز وارو ڇا فڪرو ڇئجي، منوءَ جان تـ مڙيل
بجلي تنهن جي ناهہ برابر، هنڌين ماڳ هڪل
جوڙ تـ منهنجي جانب جا ها هيرا لعل لڳل
دندان در نجف جا ها سي بلوري بادل
ديم سندو هيءُ دائرو اجان ٻيا ڪي پار پنهل
ڏاهن ڇيا آهن ڏس ۾ سينگار سوين سهڻل
آئون نـ ڄاڻان ايترا ٻيا انگ اکر اڻول
مون ٻـ تي لفظ ٻروچڪا ڪيا شعر منجهان شامل
ڪندو ٻاجهون ٻاروچل، حبدارن سان هدايت علي ڇئي.

(2)

لالي لڳي نـ لبن سين، نڪو گل گلاب
نـ ملهہ سريو مستاڳ ٿيئي، تِر نـ جهلي تاب
عباسي عمر ۾ اهڙو خيال نـ ڏٺو خواب
مورهن مٽ نـ پانيان مان اناري عناب
قلم مس ڪتاب، ڇا حليو لکندو هوت جو.

(3)

ابر ڪرم عين عجيب جا ڪيا آگي آب حيات
رين رجني روشن تي ڏينهن ملي ذات
معطر مزگان محبوب جي وڏو پوش مثان پرپات
عين مهابي عجيب جي تي ملي ڪوٽن ڪي خيرات
سچ پڙهي تو سدائين تنهن سهٽي تي صلوات
نور پرئي جي نعت. تي ناري هنيانءُ هدايت علي چئي.

(4)

زلف سياه صنم دي سرهي موهيا مشڪ عنبر ڪون
ڪيس ڪنون تيا ويس عطا وهه پارس پاڪ پٽر ڪون
ابرو ڏونهين ابر ڪرامت ڏيون ڪرم ڪڪر ڪون
بروان بادل برڪت برسئي رنگ لاون بر بحر ڪون
مزگان منور ماه ڪناري ڪرني شمس قمر ڪون
چپر خاص چمان دي خاطر سونهن پئي سرور ڪون
عينان انور ڏتا اجالا تاب آفتاب اثر ڪون
چشمان چوڏس چاند چمڪن مُليا فيض فقر ڪون
لب ڪنون سپ مطلب مليا لالي لعل احمر ڪون
مشرڪ مغرب صبح مساڪون سرخي شام سحر ڪون
الله شال آباد رکيسي حسن دي پاڪ شهر ڪون
جو حق حسن هدايت علي او بات نه بيخبر ڪون
ڪامل مرشد سبق سڪايا رکو تن اندر تصور ڪون
هم دم هادي نال هميشه هوسي روز حشر ڪون
خادم خاص حسن دي پيسن جائي جام ڪوثر ڪون

عبدالرحمان مهيسر

عبدالرحمان ولد حافظ محمد صالح (ولد محمد عاقل ولد حافظ عبدالرحمن ولد حافظ خاوند ڏنو) مهيسر ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقي خيرپور ميرس ۾ جائو. قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي پيءُ وٽان حاصل ڪيائين.

هن وقت سندس عمر 40 سال آهي ۽ محنت سان ميٽرڪ امتحان پاس ڪيو اٿس. سندس سگهڙپائي جو استاد حاجي فقير مهيسر هو. هن پنهنجي ذهانت سان پهريائين ’ڏور‘ جي ڪچهري هٿ ڪئي ۽ پوءِ خاص طرح ’سينگار‘ جي سگهڙپائي ۾ گوءِ کنيائين. کيس ’سينگار‘ جو فن گهڻو ياد آهي ۽ ان ۾ هن وقت هو سيني ڪان برک آهي.

(1)

موءِ منهنجي محبوب جا وڏ وسيهر ورڪن
عينان وڏ آهوءَ کان آهن عجيبن
لبن لالائيءَ لالڻ جي لاکون کين لڳن
دندن دهاني دلبر جن سان مجال ڇا موتن
ڪوئليون بہ قربان ٿين جيڪي ٻاتو ٿيون ٻولن
لڪ پسي لالڻ جي ڪيهر پيا ڪنبن
هلڻ تي حبيب جي هاٿي پيا هرڪن
پير پنئونڙي پرين جا جيئن چاسينگر چمڪن
هجان ڪامل جي قدمن، آڏو عبدالرحمن چئي.

(2)

سونهن منهنجي ساجن جي آ سورج سوائي
مرڪي جي محبوب تہ ٿئي ترني توائي
گفتو ٻڌي گوهر جو چڏي ڪوئل ڪوڪائي
هلڻ ڏسي حبيب جو گتِ گنير گوائي
آنس کان وڏ عبدالرحمن چئي ڪيسن ڪارائي
واڪاڻ آهي وائي، سهڻي جي سنسار ۾.

(3)

ڪينٽل ڪتي، اڳ الهير، سهہ ڳچي سهڻل
پهہ رپ کان پرلو گهڻو منهنجي ناميي آ نرمل
ڪوئل ڪڇيو کين ڪي ٻڌئين گفتو گوهر گل
عين پسي عجيب جا ڪويا ڪرنگن نين ڪل
هلڻ ساڻ حبيب جي مست ٿين مينڊل
مور نہ پائيان محبوب جا ڪي تور برابر تل
اهڙي فائق جا تہ فضل، آهن عبدالرحمن تي.

(4)

قمرُ هليو ويو ڪڪرين جڏهن پيس ناميي جي نظر
وارڻ وريو ڪين ڪي رفتار ڏسي رهبر
سؤ سؤ پيرا صدقي ڪيان ورائي وتاقر
مشڪ عطر ڪي ماتِ ڪيو پرينءَ جي تہ پگهر
ڪوئل ڪوڪ چڏي ڏني گفتو ٻڌي گوهر
جهڙس جوڙيان ڪينڪي هوت جا همسر
سائين آڻي سنسار ۾ ويا مونجهارا مونجهر
ڪائنات ۾ ڪٿ، آهي منهنجو عجيب عبدالرحمن چئي.

گل بهار سومرو

گل بهار سومرو ويٺل ڳوٺ پنهنجو تعلقو خيرپور (ميرس) ضلعو خيرپور. وڏي ٿهي وارن سگهڙن مان هڪ وڏو سجاڳ سگهڙ آهي. وٽس هنر، ڏور ۽ ڳجهارت جي وڏي ڪچهري آهي. گذريل ٽيهن سالن کان وٽي اسان جون ساٽس ڪچهريون پئي ٿيون آهن. هيٺيون سينگار جو بيت سندس پنهنجي زباني قلمبند ڪيو ويو.

جانب جي جنسار جا ٽا جوڙ کهڙا جوڙن
اهي مثال محبوب جا نہ تہ ڪنهن ملڪن ۾ تہ ملن
نڪو بر بحر ۾ نہ سجهن سمونڊن
نہ اپن آسمانن ۾ نہ ظاهر زمينن
صحيح سينگار سهڻل جا ڪٿي ڪونهن
ڪل ئي قصا قران شريف ۾ آهن عجيبن
ٻي تہ خبر آ خاوند کي سهڻي جي صفتن
اڄ ڪي سراپا سهڻل جا سنڌيءَ ۾ سڄڻن
حوران ملائڪ غلمان نہ مٽ پٽي جا پيرن
عطر مشڪ عنبر ڪستوريون سي پگهر سان نہ پڄن
بتِ بخمل بادام جان، بلور جان تہ بدن
ڪارا وار ڪجل ڪان، بات ناهي پؤنئرن

جئن گولائي گلول کي پيبر سندو پروئن
اکڙيون آهوءَ هرڻ کان سهڻيون وڏ سپن
منشا ڪري من ۾ جي ڪٽي نيڻ نهارن
تہ مئا مقامن مؤن پِي جئرا تي جاڳن
"الم نجعل لہ عينين" سينگاريون سجڻن
پهريدار پنبڻيون وڏ تکيون تلوارن
چنهبان لڳن دل چور تئي گهڙيءَ ۾ گهائن
چلن چپر، وسن ڪڪر، جيئن تجلا طور تين
نڪ نسورو نور جان چتونء چهنب چون
وات مبارڪ واه واه، متي مور – مچين[1]
سنها چپ سنگين کان، لالي وڏ لالن[2]
ڏند ڏاڙهونءَ داڻ جان چانديءَ وڏ چمڪن
چوڏهن ئي طبق چانداڻ تئي، متڙا جي مرڪن
ڳل ڳاڙها ڳنول جان جئن گلاب جي تہ گلن[3]
مثالا نہ پڄن منهن سان بات ناهي بَلفن
منهن موڪرو چمڪٹو سج بہ ڪونہ سونهن
چهرو چوڏٹو چندر کان، روشن روءِ سندن
آواز ہڏي عجب جهڙو ڪبوتر ڪونہ ڪچن
مور منو مئنا پِي لاتيون ڪين لون
سنئين ڳچي سرو کان سڌي صنوبرن
سهڻيون ٻانهان سون کان ڪهوءَ وڏ ڪامن[4]
مينديءَ رتا هتڙا جيئن ريشمي رومال هجن
عاجان متي آگريون تکيون کان تيرن

---

[1] مور مچين = 'مور' مچيءَ جهڙو.

[2] سنگين = تمام سنهو نرم سهڻو مل مل جو ڪپڙو (اڳئين وقت ۾، هاڻي ان جو نقل آهي).

[3] ڳاڙها بير يا ڳاڙها پڪا. چوندا "ڳاڙهو ڳاڙهو جهڙو ڳنول" يعني تمام ڳاڙهو بيٹو ڳاڙهو.

[4] ڪهوء وڏ ڪامن = ڪهوءَ جي ڪاٺين کان وڏ.

چٽي چوڏهينءَ چنڊ کي لحظي ۾ لاهن
ننهن تہ ناز پريي جا وڏ عجب آهينن[1]
پيير پٽ پتونئڙا جئن جورايا جرڪن[2]
ڪڙيون جوهر جڙيون جئن چاسينگر چمڪن
هلڻ کي هنجهہ حيران ٿين، هاٿي پيي حرصن
جنهن گهٽي گهيسر گهمن، ٿين گلزاريون
گل بهار چوي[3].

وريام شيخ "فقير"

وريام ولد الهيار شيخ، وينل ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙو تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور، عمر تقريبا پنجيتاليهہ سال. 'سينگار' ۽ 'ڏهس' جو شاعر آهي. مرحوم حاجي فقير مهيسر جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق پرايائين. سندس چيل ڪي بيت (چوندڙ سٽن سان) هيٺ ڏجن ٿا.

(1)

جب گوري گهنا ڪري ابر نوي اٺ چار
ڪڪر ڪيس ويس لبيس بادل جان بسيار
ڪاڪل ڪنڍڙا پنڊڙا نَنڍڙا نرڙ مٿي نروار
سنبل سوسن سمن سونهن سر ساجن جا سينگار
"وريام" ونگي ڏنگي ہنگي ٿا ہاڻ هٽن ہيهار
پسي شوق مان شعار، آئي فرحت "فقير" چوي

(2)

جب گوري گهنا ڪري مرڪي سجائي مانگ
تہ چيهہ چمڪو چٽ ٿيو ترنيءَ لڳي تانگ
وڪڙ پسي وارن جا نمي پيڙا نانگ
گفتي سان گلن جي ڪا چلي پيڙي چانگ
مست مجاز مهري جي ۾ ڪن لکين مارچ لانگ

---

[1] ننهن اهڙا صاف ۽ چمڪندڙ جو انهن تي آئيني کان بہ وڌيڪ چٽو عڪس نظر اچي.

[2] پتونئڙا = مينهن وسازا.

[3] گهير = لاهي چاڙهي.

ڪن کي مليو فيض ”فقير“ چئي صورت جي ئي سانگ
”وريام“ تني وانگ، ڳولي صورت ۾ سبحان کي.

(3)

تڳي، تهاري، تامني اٺتيهين اماس
رين رجني رات ها پاتا ليل لباس
سا پنب چنيهر پري ٿي پسي عجيب الماس
مرڪ منهن جي محبوب جي نائيٿ ڪئي ناس
سائڻ لڏي سئي ٿيو روشن جڳ ئي راس
تنهن جي ورد سندا واس، وينجهار وٺن ”وريام“ چوي.

(4)

جب گوري گهنا ڪري سيلا سر سنگين
هاٿي هنجهه حيران ٿيا چيتا پسي چِين
تنگ دهن، موتين دبلي، منڊي مثل مين
لال گلابي لبن مٺان بولو سونهين بين
پن پوشاڪون گلبدن تي عجب روءِ رنگين
سيني سهڻن سٺ ۾ اهڙا سونهن امين
پيو جوڙ نہ تهي جاني سان ظاهر سر زمين
لامثالي مورت صورت مٺا محب مهين
جي اهڙي حسن حسين، تن تان فدا سر ”فقير“ چوي.

(5)

جب گوري گهنا ڪري چؤنڪا پورا چار
ہ چڪا پيا هٽي وينگس جنهين وار
تيل قليل تازا ڪري نڪري جڏهن نار
’فئشن‘ عجب ”فقير“ چوي مشڪ ’ميڪ – اپ‘ مارا
ڪنگي ڦيري، ڪيس ڪيري، ٻئي ڪاري ڪجل ڏار
ڪپڙا زيور قيمتي ڪري پلي اها بار بار
پر مٺ نہ پايان محبوب جي پٽي سندي پيزار
”وريام“ ورق وسار، ريءَ عشق عجيب جي.

محمد بخش ڪلهوڙو

محمد بخش ڪلهوڙو ولد امام بخش ڪلهوڙو ويٺل ڳوٺ مهيسر وڏا تعلقي خيرپور جو رهاڪو آهي. سندس استاد مرحوم سگهڙ حاجي فقير مهيسر هو. هن وقت سندس عمر 60 سال کن ٿيندي، قرآن پاڪ ۽ ڪجهه فارسي جي تعليم مرحوم آخوند محمد صالح مهيسر کان ورتائين.

مک مهتابان اڳرو نہ پچن هيرا هزاري
گل گلابي ڳاڙها ڳلڙا آ جانب جنساري
زلف زينتدار زوراور هن ذهب کان زرداري
چيلهہ زياده چيتي کان ٿري چيلاتو چوڏاري
ڪوئل تي "ڪلهوڙو" چوي بار پيو باري
جو بولي ٻڏي ڀهڳڻ جي ٽيس من تي مونجهاري
تنهن سهڻي جي سرداري، آهي ملڪن ۾ "محمد بخش" چئي* .

ملنگ محمد صفر

ملنگ محمد صفر ولد محبوب علي ذات ڪانهر ويٺل ڳوٺ مڪي ڪانهر لڳ پيير جو ڳوٺ تعلقي خيرپور جو رهاڪو آهي. سندس استاد سگهڙ عبدالرحمن مهيسر آهي. هن وقت سندس عمر 60 سال کن ٿيندي.

رخ روشن محبوب جو تجمل سان ٿس تابُ
آئيني کان اجرو آ منهن مثل مهتابُ
قمر وجي ڪومائجي جڏ کولي نينهن نقابُ
جي جلوو پوي جبل تي تہ اتي ٿئي آبُ
ساجن جي صورت جو ناهي حد حسابُ
ديدار تنهن دلبر جو آ صحي حج ثوابُ
اجان بيحد بابُ، آهي سهڻي جو صفر چئي.

---

* سگهڙ عبدالرحمن مهيسر 31 ـ مارچ 1986ع تي محمد بخش جي زباني قلمبند ڪري موڪليو.

ارباب علي ناريجو

ارباب علي ولد حاجي ذات ناريجو پاڙو گهرياڻي، ويٺل ڳوٺ سردار فيض محمد خان ناريجو (ہنبو) تعلقو خيرپور ضلعو خيرپور جو آهي. هن وقت سندس عمر 43 سال کن آهي. سگهڙ عبدالرحمن مهيسر جي صحبت ۾ هن سگهڙپائي جو ذوق وڌايو آهي.

گوهر ڪٽوريون گل رنگ اهي پرين سندا پار
موتي مشڪ منهن تي چشمن سان چوڌار
ابرو عين عجيب جا، ماڻڪ مٺيادار
سن صاف سهڻي جا لالن جي للڪار
ڏسي ڪيس قريب جا نانگ نہ ٿين نروار
ننگي آهي ننگدار، آسروند ارباب چئي.

غلام محمد ٻرڙو

غلام محمد ولد محمد صالح ٻرڙو ڳوٺ پير مصري تعلقو ڪوٽ ڏجي، ضلعو خيرپور، جو ويٺل هو. راوت ٻرڙو سندس استاد هو. ٿورو وقت ٿيو جو هو 40 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. چار درجا سنڌي پڙهيل هو.

سرس صيقل ڪان ساجن منهنجو رين مٺ نہ روءِ
مک وڏ مهتاب ڪان، اِند ارن اڇي نہ اوءِ
ڪاڪل ڪيس ڪڇهين ڏسي پؤنر اڇن نہ پونءِ
لب لال گلابي، مين مرجان، صحي ڳولن سوءِ
هنجهہ طائوس حبيب اڳيان پربت پيل نهارن ڪوءِ
گام ڪٽي گلڙا ڪڙن، گفتار ڪري گلبوءِ
ان خان سندي خوشبوءِ، پئي گلزاريون لائي غلام محمد چئي.

بهار ٻرڙو

بهار پٽ وزير احمد ٻرڙو ويٺل ميرپور ٻرڙو عمر 25 سال کن. سگهڙ سيفل پٽي جو شاگرد آهي جنهن کان ہڏي سگهڙپائي جو گهڻو ڳن ياد ڪيو اٿس. پنهنجا بيت چيا اٿس جن مان هيٺيون بيت بهتر صورت وارو نموني

طور قلمبند ڪيو ويو.*

الف اليهر اڳرا جڏهن ڪلهن ڪيس ڪرن
وچ عروج نزول سياهي، زيب سندو زلفن
سرنگ جهلي جئن سورج کي، تيئن نظر اونداه اچن
الماس ڪان افضل گهٽو مرجان مٿي مونڊن
ليلن اندر ليل بنائي چتا ٽا ٻـ چڏن
جئن ڪعبي غلاف ڪارو وجي ڏوري ڏيهه ڏسن
هتِ حاجي حج پڙهن، هت بره وارا بهار چئي.

حاجي منٺار علي شيخ

حاجي منٺار علي ولد همير شيخ، ويٺل شهر شڪارپور سنه 1925ع ۾ ڄائو. سگهڙ غلام حسين سومري جي صحبت ۾ سگهڙپائي، جو ذوق وڌايائين.

اڄ پڻ عجيب آيا دوست مٺا دلدار
آهو عين اتامرا پيا ڍرن اهڙي ڍار
جو ڪجل ريءَ کهن پيا ويتر ڪولي وار
ڪڪر جيئن ڪلهن تي ميگهون ميگهه ملهار
پنيا وار پروئن تي پؤنئرن جي پٽڪار
ڏوڏر ڏاڙهون ڏندڙا موتين جيئن مهار
تڳي ترني طابع ڪئي هڪ مرڪڻ سان منٺار
اچان ساجن وڏ سينگار چا شان لکان شيخ چئي.

---

* سگهڙ عبدالرحمن مهيسر کان بيت مليو.
جناب مير شاهنواز خان شاهلياڻي (جمالي) جي مهرباني سان. گهارو (ٻرڙا). تعلقو گنداوا (ناڙي، بلوچستان) ۾ 14- ڊسمبر 1985ع تي ڪچهري تي جنهن ۾ سگهڙ سيفل پٽي ۽ بهار ٻرڙو، ميرپور ٻرڙو تعلقو ٺل، کان آيا.

لاڙڪاڻي طرف جا شاعر

پوئين ويجهي دور ۾، وڏي عمر وارن سگهڙن مان الله بخش مگڻ (گهوگهارو قنبر)، محمد مريد جت (ڏوڪري) محمد نواز ميتلو (وگڻ)، محمد نواز جوڻيجو (ميرو خان) ۽ ڪن ٻين ان طرف سگهڙن جون ڪچهريون قائم رکيون. انهن وٽ خاص طرح ڏور جي ڪچهري هئي جيڪا اڳ هلندڙ هئي. البت محمد مريد جت وٽ ڪي سينگار جا بيت به هئا. راقم جڏهن ان طرف نئين سر ڪچهريون ڪرايون ته 'سينگار' جا بيت به پڙهيا ويا. سندن پڇاڙي واري وقت ۾ اللهبخش مگڻ ۽ محمد مريد جت سان راقم جو ملڻ ڪونه ٿيو پر پاڻجي ٿو ته هنن پاڻ به ڪي سينگار جا بيت چيا ۽ پڻ پنهنجن صحبتين کي سينگار چوڻ جي ترغيب ڏنائون. اهو تڏهن معلوم ٿيو جڏهن گذريل ٻن ٽن سالن ۾ محمد مريد جت جي سڄاڻ شاگرد فقير محمد ملوڪ عباسي سان جيڪو هن وقت لاڙڪاڻي طرف جو اڳواڻ ۽ وڏي سرت وارو سگهڙ آهي اسان جون ڪچهريون ٿيون. فقير محمد ملوڪ جڏهن ان طرف جي سگهڙن جا چيل سينگار جا بيت لکي موڪليا ته انهن ۾ حاجي الله بخش مگڻ ۽ محمد مريد جت جو به هڪ هڪ بيت شامل هو. جن جو ذڪر هيٺ ايندو.

هيٺ هن ڀاڱي ۾ جيڪو به مواد ڏنو ويو آهي سو فقير محمد ملوڪ عباسي کان مليو آهي. وتس ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي ۾ اسان جيڪي ڪچهريون ڪيون تن ۾ 'سينگار جي بيتن' کي خاص اهميت ڏني وئي: فقير محمد ملوڪ پنهنجا بيت به چيا پر ان کان وڌيڪ پنهنجن شاگردن کي همٿايائين جن مان محمد لقمان کوکر، قائم الدين سهتي ۽ ڪن ٻين جا بيت چڱا معياري هئا. هيٺ ڏنل مواد ۾ اهي شامل آهن پر انهن کان سواءِ گهٽ ٻين نون سگهڙن جي جنس کي به ذرا سوڌي سنواري شامل ڪيو ويو آهي[1] ته جيئن فقير محمد ملوڪ جي اڳواڻي هيٺ ان طرف سگهڙن جي جيڪا گهٽائي ٿي آهي ان جي قدرداني ٿئي.

---

[1] سواءِ ڪن ٿورن جي، جن جي جنس البت اجان سادي آهي ۽ جيڪي اميد ته اڳتي هلي پنهنجي ذوق کي وڌائيندا ۽ وڌيڪ سهڻا بيت چوندا.

سگهڙ حاجي الهہ بخش مگڻ

حاجي الهہ بخش ولد محمد علي مگڻ سنہ 1884ع ۾ ڄائو ۽ 1983ع ۾ وفات ڪيائين. اصل ڳوٺ گوگهاري جو ويٺل هو پر پوءِ اچي لاڙڪاڻو وسايائين. سگهڙ جلال پٺو سندس استاد هو. الهہ بخش وٽ خاص طرح ڏور جي گهڻي ڪچهري هئي.

بدن بخمل برفي پهري پرين پٽ
هليو شوق شڪار تي شاهي پائي چٽ
ڏر مٿي ڏڙڪو ٿيو گنير چڙيو گهٽ
هاٿيءَ چيو هرني کي هاڻي هٿئون هٽ
ببر شير ڇپي ويا ڇين صفا ٿين چٽ
ڪنجل قدم قريب لاءِ ليٽي وجهي لٽ
قمر ڪول ڪريم جي جهري آيو جهٽ
سن سورج سڌو نہ ٿيو مرڪ تهين جي مٽ
ڪڪر ڪيس ڪلهن تي واسينگن کي وٽ
داناهہ ڦرن دربار تي ڳچيءَ پايو ڳٽ
عاشق الهہ بخش چئي محب نہ مان کي مٽ
اهو فراقي فٽ، مور نہ ويندو مگڻ چئي.

سگهڙ محمد مريد جت

محمد مريد ولد جڙيل خان زهراڻي جت، ڳوٺ ڏنو واهڻ، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو ويٺل هو. حاجي الله بخش مگڻ جو صحبتي هو. 1954 – 1955ع کان وٺي حضرت شاهہ عبداللطيف جي ميلي ۾ ٻين موقعن تي سگهڙن جي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيو. 1976ع ۾ وفات ڪيائين. . ڪريءَ ۾ ڪچهرين جي اڳواٽي ڪيائين ۽ ڪيترائي سگهڙ سندس ٻالڪا ٿيا، جن مان فقير محمد ملوڪ عباسي هن وقت وڏو ڄاڻو سگهڙ آهي.

زلف زوراور زيب زنجيران ياڏر پوڏ پونگ
ادگر آهو عين عجيبان نرگس نين نسنگ
وار وسيهر ور وجهن پيا واتهڙن کي ونگ

لبڙا ماهي مين متي ها ڏوڏر ڏاڙهون ڏنگ
رنگ بہ رنگي هٿ حنا ۾ الڊهہ نرمي انگ
شير چيبي ويا چاتي ڪان چنا تازي گهوڙن تنگ
هرڻ غزالي گاهہ چڏي هو جاچن بينا جهنگ
آيا فيل فراق ۾ پيا ٽيڏي مارين ٽنگ
جان جهڄن ”جت“ چئي، مٺو مئينا منگ
سون برابر سنگ، موتي ڏند ”مريد“ چئي.

مونڻ جوڻيجو

سگهڙ مونڻ ولد ڪنڊو جوڻيجو (1905- 1965ع) ڳوٺ گلڻ واهڻ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو ويٺل هو. سگهڙ مريد زهراڻي جت جو صحبتي ۽ ٻالڪو هو.

واهہ حبيبا حسن هزاري سونهين سيد سري
دلبر جاني درشن خاطر ڪولي در دري
آهو پيش عجيب ٿيا، وين پل پري
وسو وارڻ وجهہ وٺي ٿيا برن پاس بري
فتيا فيل فراق ۾ وين ڏيل ڏري
چنڊ منور چهري تي جڏ آيا وار وري
تہ ونگ وسيهر ور ڪيڏي ويا پارڻ منجهہ ٻري
ڪونجن ڪنڌ نمائيو تي وئي ڊيل ڍري
ببر شير شڪي ٿيا پئي پيش پري
جانب جي جوڻيجو چئي ڪا اجان ڳالهہ ڳري
پئو مونڻ ماڳ مري، تہ پسين منهن محبوب جو.

فقير محمد ملوڪ عباسي

فقير محمد ملوڪ ولد محمد صالح عباسي، ويٺل ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو (تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو) هن وقت ڏوڪري - لاڙڪاڻي طرف جو وڏي ۾ وڏو سگهڙ آهي. محمد مريد زهراڻي جہ سندس استاد هو جنهن جي

صحبت ۾ سگھڙائپ جي ميدان ۾ قدم رکيائين پر پوءِ پنهنجي ذهن سان سگھڙپائي جي لياقت کي گھڻو وڌايائين. ان کان سواءِ پنهنجي قرب سان سگھڙن جي ڪچهري کي وڌايائين جو ڪيترائي جوان سندس سنگت ۽ صحبت ۾ سگھڙ ٿي ساماڻا آهن جن مان ڪن جو ذڪر هيٺ ايندو. فقير محمد ملوڪ جي محبت ۽ ملوڪت راقم کي پڻ پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ۽ گذريل ٻن سالن ۾ اسان جون فقير ۽ سندس سنگت سان سندس پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪچهريون ٿيون آهن. فقير محمد ملوڪ جو ٻول پڪو آهي ۽ سهڻا بيت چيا اٿس. سندس سينگار جا چيل ڪي بيت هيٺ جنس طور ڏجن ٿا.

(1)

صورت سيرت سڄڻين وانجھي ونجھ وٽيان
لکين لطف لائق مون تي ڪهڙا ڳڻ ڳڻيان
مالڪ تنهنجي مهر سين منهنجا ڀاڳ ڀٽيان
مبارڪ تنهن مادر کي جنهن اهڙا جام جڻيان
جا متي محب مٽيان، تنهن موهيو من ملوڪ چئي.

(2)

ابرو سيف عجيب جي ڪونڌ ڪيرايا ڪوٽ
ڪنڊو نڪ نراڙ ۾ چتونءَ ڇهنب ڇپوٽ
ليث مزار لڪي ويا چين چريا ڪيا چوٽ
مُرڪڻ سان محبوب جي ڪاڏي ڪنوٽن ڪوٽ
هينڊل چيو هرني کي تہ چئنچل ايندي چوٽ
عاشق ڪيون اوٽ، پيا پسن محب ملوڪ چئي.

(3)

راز رباني رنگ رابيلي رونق روحي رات
پٽ پٽيهر پائي پوشاڪون پوشيدي پريات
تڳي تهاري تابع ترني تاب تهين تجلات
نڪ نزاڪت نرگس نيني نوڪ نيتي نفلات
فجر فيل فراقي ڦٽيا فرنڊ ڦرن فڪرات
وسو وارڻ واه وچيئل وڻ ورائن وات

مئينڌل مڪنا مير موڙيا ’ملوڪ‘ مرگهان مات
پيا سهه سرو سڪرات، پيا ساجن سوين سٽيا.

(4)

وهوا حسن حبيب جو نہ ڏيڏن ڏنگ ڏڙيون
شمع شوق شڪار سان وڃي لڪ لڙيون
اتي اوت عنبير جي جت گهارن گهوٽ گهڙيون
اليهر وار اصيلن ڪي ٿا وڃهن ونگ وڙيون
وڃون وسڻ آئيون سي ويتر سوز سڙيون
ڪڏهن اڳيئن قريب جي ڪوٽيون ڪونہ ڪڙيون
ڪوئل ڪمريون چڏي جهمريون وتن ٻول ٻڙيون
هنج پکي حيران ٿيا ڪونجون قيد ڪڙيون
ببر شير چيپي هٽن چپر منجهہ چڙيون
پريون پسڻ آيون پر تجلي تاب تڙيون
اکيون عاشقن جون وڃي اهڙي هنڌ اڙيون
جانب جيءَ جڙيون، ’ملوڪ‘ لاتيون من ۾.

(5)

ٻئينسر بيني، لبڙا ميني، ٺهڪار ڪنگڻ ٺهہ ٺهہ
مشڪ عطر سان موءِ منور وار ڪري وهہ وهہ
سهہ ڳچي وڏ سهٽي پئي آ ڪونجن ۾ ڪهہ ڪهہ
ڪيهر ڪريا قدمن تي ڏوڙا تي ڏهہ ڏهہ
پسي گام گجر جي پئي دل اندر دهہ دهہ
ڪنجل قيصر ڪنبٽيءَ ۾ تي ڊيل ڪري ڊهہ ڊهہ
ڪوئل ڪيچي ڪينڪي جڏا ٻول ڪيئين ٻهہ ٻهہ
منو مئنا منگهہ مڙي ڪن ڦهہ پٽيءَ ڦهہ ڦهہ
بلبل باغ بري ٿيو وئي چيهن مان چهہ چهہ
پٽ پنيهر پدمڻيون ڪيا پاپيهن پهہ پهہ
مثل جي مهہ مهہ، تي ماري مير ’ملوڪ‘ چٽئي.

محمد لقمان کوکر

محمد لقمان ولد محرم علي کوکر، ڳوٺ غلام مصطفيٰ کوکر (لڳ نصير آباد، ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ سنہ 1949ع ۾ ڄائو. فقير محمد ملوک عباسي جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايائين.

(1)

اتي اوت عنبير جي جت دلبر ڪيا ديرا
سڙيل ٿل سالن جا، ٿيا جلوي سان جيرا
اجرا گل عجيب ڪيا، اڄ مهڪن پيا ميرا
ڪونجن ڪنڌ نمائيو ٿرڪيو ڏين ڦيرا
پالير پيش پرين جي ڇڏي ڳوٺ ويا ڳيرا
پنيا پرون پونگ برابر پئنور ڏين پيرا
چميا چيهن چاهہ منجهاران پٽيرين پيرا
اڳ اليهر، عجيب جا عمدا اتيرا
خود خوشئون "ڪوکر" چئي ڇڏي آهو ويا ايرا
چال پري شيرا، پئي لک ڪريا لقمان چئي.

(2)

صورت سهڻي سورنهن پارنهن انگن تي اڙڪيا
ڪڪر ڪيس ڪلهن تي، تي قول وانگي ڦڙڪيا
ادگر عين عجيب جا جڏ ڪوٽ متي ڪڙڪيا
هيندل هاٿي حملي ۾ هڪ نوڪر سان نڙڪيا
دهشت وئي سپ ديون مان، خالي ٿي کڙڪيا
چڙهن شمان شڪار تي، ڄڻ باز وڏا پڙڪيا
هرڻ هنج هراس ۾ پئي ٿر متي ٽڙڪيا
شيرن چاتي شرمائي، وڃي جبل ۾ جڙڪيا
بلبل ڪوئل ڪنڌ نمائي، ٻول ٻڏي ٻڙڪيا
اهڙي عين اشاري سان، ڏڙ سسيون ڏڙڪيا
پئي لامن ۾ لڙڪيا، لکين سر "لقمان" چئي.

(3)

منهن وڏ مهتاب کان، جوهر ويا جهڻجي
هيڏي حسن بازار ۾ ٿيا سامهون ويا سڻجي
جرڪيا جوڙ جناب جتي ات لعل ويا لٽجي
موتي ڏند محبوب جا ويا چاسينگر چٽجي
رجني رنگ چڏي ڏنو وئي مرڪڻ سان مٽجي
لٽو لعاب لبن تان ويون ڪستوريون ڪٽجي
مڻ ڪٿوريون مشڪ جا شيشا ويا چٽجي
نرگس ناز نظر سان ٻيا گوهر ويا گهٽجي
پسي قدم ڪنجل ڪيڏا هاٿي ويا هٽجي
ڪرنگا مرنگا ڪونج برابر ڪنڌ وين ڪٽجي
لکن جا "لقمان" چئي هٽ پيير ويا پٽجي
ويندڙ ڪريا وٽجي، پسي عين عجيب جا.

واڏل

موجوده دور جو ڪو شاعر جنهن جو هيئيون بيت لوڪ ادب مواد جي سلسلي ۾ ڪارڪن غلام نبي کان لاڙڪاڻي مان پهتو. بيت جي سٽاءَ سادي آهي ۽ ڪي الفاظ لغت جي لحاظ سان مبهم آهن.

عنبر عطار سينگار سجڻ چنبيلي چوٽي ڪان چيندیون
سدا گلاب سرڪنڊ سرهو ملي محبوبن ميندیون
پنئوڪن تي پليوريون پوءِ آڙين جيئن ايندیون
جهمڪا مهر جواهر جا ڪٽي ڪچڪي ۾ ڪيندیون
حور قصور ڪوڏ ڪڙيون ڪٽ پرين پڇاڙيندیون
طوبيٰ تان ڪمان ڪيسري ڪن سروقدان سيندیون
ويس لبيس 'واڏل' چئي، ات وچڙين پئين ويندیون
چم چم چر چيندیون، اپرن عرش اڏاو تي.

[سگهڙن جون ڪل گماني معنائون: چوٽي ڪان چيندیون = وارن جي چوٽي جي سينگار ڪاڻ ڪٽنديون. پئونڪن = تلاءُ. پليوريون = ڪبوتريون.

ڪڇڪي ۾ ڪيندڻيون = چرچي يا ناز ۾ ڪٽنديون. ڪٽ = نمونو. پرين = پريون. پڇاڙينديون = پاڇو وجهنديون. سينديون = سڏيون. پئين = وانگر].

قائم الدين سهتو

قائم الدين ولد عبدالرشيد سهتو وينل ڳوٺ سهتا (ديهه پليجا، تعلقو ڳڙهي ياسين، ضلعو شڪارپور) سنه 1960ع ۾ ڄائو. سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي جنهن جي صحبت ۾ هن سگهڙپائي جو ذوق وڌايو آهي. قائم الدين هيٺيان بيت 'حضرت نبي (صلي الله عليه وآله وسلم) جن جي سينگار' ۾ چيا آهن ۽ سهڻا چيا آهن.

(1)

جيئين مستي ماڪ جي خورشيد ڪري ٿوڪس
حسندار هٿي ويا تيئن روپ پِريان جي رس
گوريون گام نه ڪٽن آڏو هار پائي سي هس
چندر ڪيون چانداڻ پلي سو چمڪي پيو چوڌس
ڪڏهن نه ٿيو "قائم" چوي سونهن برابر سس
دست حنائي جانب جائي پرور ڪيا پارس
هڪڙي مرڪ حبيب جي سان مٽي اها مس
سهڻي جا سينگار چيا هن ڏاهن منجهه ڏهس
مان ڏئي نه سگهان ڏس، پرين سندي پار جا.

(2)

سونهين پيو سرتاج نبيءَ جي لائق سر لباس
حسن هوت حبيب جو هئو چندن ڪان وڌ چاس
وڌ گهرا ڪيس ڪلهن تي جيئن پونر وٺن پيا واس
جاڙا جنگي جانب جا ڪن ابرو دل اداس
جوڙ جهنواري جانيءَ سندا رينا رتل راس
مرگهان وڌ محبوب جا هئا نيڻ خماريل خاص
سي ڪهن ڪتاريون ساجن واريون ڪيفي
ڪن نه قياس

عاشق لک عليل ٿيا، ڪيا نظر نهوڙي ناس
ڪيئي ڪنجل "قائم" چوي پيا هلڻ منجهه هراس
وڃ پيارل پاس، حسن هيڪاندو گهڻو.

(3)

تاج "لولاڪ لما" دا برسر سونهيندا سرور ڪون
آوڻ نال آباد ڪيتا جانب ها جهنگ جهر ڪون
نور سجڻ دي روشن ڪيتا گلشن ها گهر گهر ڪون
حسن ڪريندا هوت ماهي دا شڪي شمس قمر ڪون
خورشيد ڪنوس خاص بچاوڻ ڪيتہ پرور
پوش ڪڪر ڪون
هل هلايا هاڪ حسن دي، پاڪ موهيا مرمر ڪون
لطفدار لعاب ڏيندا ول شاهہ شڪست شڪر ڪون
شڪي ٿي ڳيا چپ اتاهين ڪينٽل ويک قمر ڪون
ست ڏيندي ول جهٽ اتاهين عين افت ادر ڪون
نور ٿري من مور ڪريندا گرفتار گنير ڪون
پاڪ پسينا پياري دا سو موهي مشڪ عنبر ڪون
دلدار ماهي هي دان ڏيندا، حبيب خدا هر هر ڪون
"سهتي" دا سڻ سوال سجڻ ڏيسي فيض فقير فقر ڪون
قائم آ ڪي شال ڪريسي سرها قبر حشر ڪون.

غلام حسين جهتيال

غلام حسين ولد محمد لقمان جهتيال، ڳوٺ عالماڻي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو ويٺل آهي. سندس استاد فقير محمد ملوڪ عباسي آهي.

حسن رنگ حبيب جو اڄ پانهہ اٿي پس
پٽ پٽيهر پوشاڪون ٿي هيرن پائي هس
هٿ حنا ۾ لال گلابي، چندن هيري چس
بلبل ٻولي، الڏه انگڙا، جيئن بادل بوند برس
تاب هٽايو ترني جو ڪيو رات بہ راول رس
ڪارا ڪنڊڙا ڪيس ڪاريهر موءِ منور مس

ونگ پونگ پئنورن پيرا، ڪونج برابر ڪس
ڦٽيا ڦرنڊ فراق ۾ چا ادگر عين عڪس
ڪنجل ڪارڏو هنج هٽي ويا گنير چمن گس
آهو عين عجيب جا، ڏيهه ڏين ٽا ڏس
جلوي هڪ جهتيال چٽي، ڪيو اندر عشق اپس
سگهڙ سالڪ سرتيا، آ ڏاهن چاڻ ڏهس
آءٌ نہ چاٽان ايترو آ جونجهارن ڪي جس
وينجهر کهڙو وس، غلام حسين غريب جو.

ڪريم بخش بروهي

سگهڙ ڪريم بخش بروهي، ڳوٺ مدئجي لڳ فقيرپور ۾ سن 1911ع ۾ ڄائو. سگهڙائپ جا سڀ سخن ڄاڻي. هينئر پيرسن آهي، پر ڪچهريون پيو ڪري.

ڪارا ڪارا ڪيس ڪلهن تي ويٺل هيا واهہ
زلف وسيهر وڏ زوراور سهڻا سرس سياهہ
عين اويڙا عجب جهڙا ڪن ڪجل ريءَ ڪاهہ
ڪرنگهہ ڪنڌ نوائي بيهن پسي نين نگاهہ
سي درشن ڪارڻ دڳ جهلن پيا گوندر چڙيو گاهہ
اڳيائون اوجر نہ ڪيو محبوبن جي ماهہ
آئي محب منير جي وئي عرب مان اونداهہ
عرب ۾ اسلام جي ڪئي رهبر روشن راهہ
عاشق احمد چام تي ٿين پتنگ جيان پاهہ
ڪندو پال "بروهي" چوي سٽي مير مداح
تنهن ڏاهي سندي ڏاهہ، آهي ڪٿر 'ڪريم بخش' چوي.

فقير مدد علي گوپانگ

فقير مدد علي ولد مينهون خان گوپانگ سنہ 1935ع ۾ شهر قمبر ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سگهڙ محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايائين.

سهڻ ڳچي، رنگ رابيلي، پهرين پائي پٽ
سڏي سونهن سرو کي ساجن ڏني سٽ
مرڪي هڪ محبوب جي کي خان ڪيرايا ڪٽ
ڪارا وار قريب جا وس وسيهر وٽ
گنير گهٽ پرين ڪان، هنجڻ هرنا هٽ
رجني ريني ينپ برابر "مدد" ناهي مٽ
گهوٽ نهارين گهٽ، تہ ايندو گل گوپانگ چٽي.

عبدالعزيز چانڊيو

عبدالعزيز ولد مولانا رسول بخش چانڊيو ويٺل ڳوٺ حاجي حمزو خان چانڊيو تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 1940ع ۾ ڄائو. فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت ۾ پنهنجي سگهڙپائي جي ذوق کي وڌايائين.

سينڌ سنواري ساڄهر سهڻو آيو گهوٽ گهٽي
رنگ رابيلي، بوگن بيلي، ٽي پيا قول قٽي
هاٿي هرنا هيبت ڪان ڪل ويا هنج هٽي
مڪنو مهي محبت ۾، ڪئيسر چيلهہ ڪٽي
پپ پاليهر پاپيهان، ڇا ڏين پير پٽي
ليل اڇي وئي لوڏن ۾ جا مرڪڻ ساڻ مٽي
شب برابر شام جي جلوي ساڻ جهٽي
ڏاها لکن ڏهس کي مون ،ڪهڙو چاڻ چٽي
عاشق "عبدالعزيز" چٽي ويا خان ڪٽي
ساجن دل سٽي، جنهن ٻاري باهہ بلوچ چٽي.

شفيع محمد چنو

شفيع محمد ولد هادي بخش چنو ويٺل ڳوٺ محمود لڳ پنهنجا ياڻ (تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور). فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت ۾ 'سينگار' جو ذوق وڌايائين.

عطر لٽاءَ عجيب جي سان ناهي تور تريو
چلڪو پسي چاسينگر ٻارڻ منجهہ ٻريو
قمر ڪوهہ قريب جي جلوي ساڻ جهريو

مکنو هاٿي هٿڊل مٿڊل وارڻ ڪونہ وريو
وس وسيهر وارن تي اڇي سپ سريو
سورج سن سجڻ ڪان ڪڪرن منجھ ڪريو
چٿچل چانگو چور تي وڃي ٻو ٻريو
”شفن“ شير شرم ڪان چنا ڪونہ چريو
هنئڙي منجھ هريو آهي عشق عجيب جو.

ممتاز علي عباسي

ممتاز علي ولد فقير محمد ملوڪ عباسي، ويٺل ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو. عمر ويهہ سال، پنهنجي والد استاد فقير محمد ملوڪ جو شاگرد آهي.

صورت سهڻي سيد سنواري پوءِ ڪري پرواز
پائي پوشاڪون پٽ برابر اونهي رنگ انداز
سرخي ڪجلا مار مسايا رونق روحي راز
ببر ڇاتي شير برابر چرڪن پيا شهباز
ٻونٺر ڦرن پيا ٻرون تي، نازڪ بدني ناز
پدمر سس پيرن ۾ ڪن نوڙيو نانگ نياز
ادگر عين عجيب جي گهايا گهور غماز
ڪرنگا مرنگا قدمين ماريا محب مجاز
نہ بلبل ٻولي باغ ۾، ٿا ڪنڌ نمائن ڪاز
وريا منهہ وريامن جا ٻيڄي ناز نماز
پسڻ شرط پڇي ويا عاشق لک اياز
مرڪڻ ساڻ ”ممتاز“ ڪيئي جوان جهري پيا.

محمد خان جهتيال

محمد خان ولد محمد علي جهتيال، ڳوٺ خيرو جهتيال، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو عمر 36 سال. فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جو ٻالڪو آهي.

ڪٽي نيڻ خمار مان ڪيڏي سينڌ سرن
هرڻن هوش وڃائيو پڳا پاس برن
وار وسيهر سپ سسيهر ڪيڏي ونگ ورن
سنهڙا ڏند سڄڻ جا تا ڏاڙهون ڏوڏ ڏرن
مڪنا هاٿي موج چڙي پيا اڳيان ڊول ڊرن
ببر چاتي شير برابر ڏسيو ڳچ ڳرن
چيها چوز چڪورون ٽڙڪيا پاس ٽرن
اڪيون عاشقن جون نهڪيون ڪيئن نرن
مون جهڙا محمد خان چئي محبت منجهه مرن
جي آيا عشق ارن، سي جهرندا وتن جهتيال چئي.

حاجي اقبال احمد جوڻيجو

حاجي اقبال احمد ولد مونڻ خان جوڻيجو وينل ڳوٺ گلڻ واهڻ، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو. فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جو شاگرد آهي.

چاند چيهرو چنڊ برابر، لبڙا مين مثال
سڏو قد سرو جان، جلوو جوت جمال
تنهن موهي من مطيع ڪيو جر وهايم جال
ڪارن ڪرنگ ڪهي وڏا ڪجل ريءَ ڪمال
انف ڪنڊو ايلچي نرگس نين نهال
ليث مزار لڪي ويا شيرن پريو شال
گنير گام گهتائي، تيو فيل ڦڪو في الحال
"حاجي" ڪونهي حال، پسڻ ريءَ پريئن جي.

واحد بخش جوڻيجو

واحد بخش ولد محمد چتل جوڻيجو وينل ڳوٺ وليداد گابر، تعلقو رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو. عمر ست سال، فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جو صحبتي سگهڙ آهي.

صورت سونهن سڄڻ جي ڏسي ڦول ڦٽيا
ڪڪر ڪارونيار ڪري مٿي سر مٽيا

اليهر وار اتامرا ڏسي ونگ وٺيا
هلت چلت حبيب جي هاٿي هنجهه هٽيا
پچن پچرن پاڻ ۾ گنير گت گهٽيا
وڏا "واحد بخش" چئي، جانب جيءَ جهٽيا
لکيسر لٽيا، ٿيا عمر قيد عجيب لئي.

حاجي نظام الدين عالماڻي

حاجي نظام الدين "نظام" ولد لونگ خان عالماڻي، ويٺل ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو. عمر ٽيهه سال. فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جو شاگرد آهي.

صورت مورت سجڻين رنگت جنهن جي راس
سونهين يار سجڻ تي، لوئي سر لباس
ڪارا وار ڪلهن تي، جڏ ڪولي خوني خاص
ونگ وسيهر وجهه وٺي، پيا وٺن پئنورا واس
آهن عالماڻي چئي آهو لک اداس
مک منور محبوب جو چنڊ ڪان چهرو چاس
نر ڪيا سڀ ناس، هڪ نظر سان "نظام" چئي.

حاجي محمد رحيم چانڊيو

حاجي محمد رحيم ولد محبت خان چانڊيو ويٺل مورو ضلعو نوابشاهه عمر پنجاهه سال. فقير محمد ملوڪ عباسي جو صحبتي ۽ شاگرد آهي.

چا مجٽ مين مشاهدو چا چاسينگر چمڪي
هئيندل مئيندل حيرت ۾ چيهل چا چمڪي
ادگر آهو مرگهه ته مڙيئي ڏڙڪيا هڪ ڏمڪي
برق بجلي بند تي قمر ٿيا ڪم ڪي
ڪنجل ڪيس ڪنبي ويا، جانب جي جهمڪي
ڪهڙي مجال موتين ڪي، چا تانبڙو تمڪي
دلبر سان دم ڪي، رهان گڏ رحيم چئي.

عبدالله جت

عبدالله خان ولد ڪنديو خان، زهراڻي جت، ويٺل ڳوٺ ڏنو واهڻ، تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو. سندس استاد حاجي عيسي موچي جي صحبت، سگهڙپائي جو ذوق وڌايو.

نازڪ بدن ناز مان محبت ڪيو مرڪو
اپريا ڪان انبوهہ تي ٿيو سيفن جان سرڪو
پسي جلوو جانب جو پيو حيرت ۾ هرڪو
آهو پيش عجيب جي ٿيو شيرن ۾ شرڪو
جرڪيا جوڙ جناب جا ٿيو چاند ۾ چرڪو
ڪوئل قول قريب جي ڪندي ڇا ڪرڪو
اڳيان ڏول ڏري پئي بلبل ڏئي پرڪو
هاٿي هئنڊل ڪنجل ڪي پيو قڦڙن ۾ ڦرڪو
سٽي سورهيہ سيم جان وڃي چڙهي ورڪو
جنگ پسي جرڪو جلن ڪيئن نہ جت چئي.

طالب ماڇي

طالب ولد غلام محمد ماڇي، ويٺل ڳوٺ ميان وريل فقير تونيو، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو. استاد محمد مريد جت زهراڻيءَ جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايو.

جنهن جنهن ويلي دلبر جاني گوهر پري گام
گل گلابي نرگس نينا سورج ڪن سلام
وارو سيهر ترنگ تليهر درها زلفن دام
سرو سڌو سرواڻ جي قد نہ سونهين ڪام
صورت سيرت سجڻين ڏنا پرديسن پيغام
تنهن موهي من مستان ڪيو طالب طلب تمام
گهايا گهور غلام مرندا وتن ماڇي چئي.

رحيم بخش ڍهوٽ

رحيم بخش ولد حاجي ڏٽي بخش ڍهوٽ، ڳوٺ گهوگهاري (تعلقو قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو) جو ويٺل آهي. فقير محمد ملوڪ عباسي کان ڪيس

سگهڙپائي جي ورچ ملي آهي.

حسن عجائب يار ميڏي دا ٿهري ڪيس ڪمالي
جنگ جلالي
دلبر ساڏا هسدا وسدا پروان خنجر ڀالي
جنگ جلالي
مک مهتابي جوڙ جنابي ونگ وسيهر والي
جنگ جلالي
”ڏهوٽ“ ڏردا مردا ماهي! خوف اهين وچ خيالي
جنگ جلالي
ڪوئل بولي، ٻيهر پاليهر، بلبل باغ بيحالي
جنگ جلالي
ڪٽ ڪيسر دي لوڙ ڪنجل دي چست عجيبان چالي
جنگ جلالي
ڪيهي وصف ڪران من ماهه مثل دي مستومست مثالي
جنگ جلالي
رحيم بخش رهندا روح ميڏي ڪون آ ڪر باهه اڀالي
جنگ جلالي

روشن علي ڪوري

روشن علي ولد پير بخش ڪوري، ويٺل موئن جو دڙو ضلعو لاڙڪاڻو سنه 1957ع ۾ ڄائو ۽ 1977ع کان فقير محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايائين.

عجب عين عجيب جا ٽا هرڻ پسيو هرڪن
زلف زوراور زور زياده ونگ ڏسيو ورڪن
ڏند بارڪ ڏاڙهون داڻا جوهر چا جرڪن
هنجهه مور هاٿي هرنا پير پسي پرڪن
ليث مزار لڪ لڪايون ڊول اگيان ڊرڪن
راڻيون رنگ محلي کان پيون پنڊ ڏسي پرڪن
رمزن ماريون ”روشن“ چئي هو شهزاديون شرڪن
دلبر جي در ڪن، ڪيئي سلام ڪوري چئي.

الله ڏنو دايو

الهڏنو ولد احمد علي دايو ويٺل راڏڻ تعلقو ميهڙ 1946ع ۾ ڄائو. 1970ع کان فقير محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايائين.

پسي زيب زلفن جو ويا پونگ پور پڄي
رپ سسيهر راڄلا ويا مٿي صف سڄي
ترنگ تليهر تاب کان ٿيا لحظي منجهه لڄي
اليهر ور الله ڏنو چئي ويا وسيهر وڄي
ڪاريهر ڪنڌ نمايو پيا اڳيان ڏول ڏڄي
واسينگ وترا وهوا جو پيا حيرت منجهه هڄي
رين مٿي روءِ وئي ڏڙڪي ڏم ڏڄي
منهن مقابل محبوب جي وين خيال ڪڄي
پرين ساڻ پڄي، ڪو دم نہ سگهيو دايو چئي.

غلام سرور شيخ

غلام سرور ولد محمد موريل شيخ. ويٺل ڳوٺ جڪرا. سنہ 1955ع ۾ ڄائو. 1978ع کان فقير محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق وڌايائين.

مرڪ محبوبي ماهہ متائي رات وڃائي رس
پنپ اڇي وئي برڪي ۾ ليل لوڏن ۾ لس
فرنڊ فيل فراق ۾ ڪيو وسو وارڻ وس
پيرا پونئر پرون تي آئي چاسينگر ڪي چس
سرور انهي سور ۾ ڪل پڄري ٿيا پس
تنهن جانب ڪي آ جس، جنهن چيري وڌو چنڊ کي.

